

سنڌ ۾ اردو آباديءَ جو مستقبل

خاڪي جويو

پبليڪيشن

سنڌ ۾ اردو آباديءَ
جو مستقبل

خاڪي جويو

پبليڪيشن
حيدرآباد
2001ع

ساڃاهہ پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر-3

سڀ حق ۽ واسطا هٿيڪا

ڪتاب جو نالو	: سنڌ ۾ اردو آباديءَ جو مستقبل
ليکڪ	: خاڪي جويو
پبلشر	: عظيم سنڌي
ڪمپوزنگ	: راڻو ميگھواڙ، سورج ڪمپيوٽرز، حيدرآباد، سنڌ
ڇاپو	: پھريون- آڪٽوبر 2001ع
ڇپائيندڙ	: ساڃاهہ پبليڪيشن، 134- ڀٽائي ٽائون، حيدرآباد.
قيمت	: -/150 رپيا

لکپڙهہ لاءِ پتو:

ساڃاهہ پبليڪيشن، 134- ڀٽائي ٽائون، حيدرآباد، سنڌ.

فون: 0221-617812

ملڻ جو هنڌ:

مشهور بڪ اسٽال

Sindh Meen Urdu Abadee Jo Mustakibal, By: Khaki Joyo, Published By: Sanjah Publication Bhittai Town, Hyderabad, Sindh. First Edition October 2001, Price Rs. 150/-

ارپنا

تاج جويي جي نالي.

ماٺڪُ مٿُ سندومِ، اُونداهيءَ ۾ سوجهرو،
سارِيو سَڏَ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچَ ڏَئِي.
(شاهه)

فهرست

● پيش لفظ 5
1. الطاف حسين جو سنڌي دانشورن ۽ صحافين کي خطاب ۽ جاگيردارانہ نفسياتي خوف 15
2. الطاف حسين جي سنڌ دوست خط جو جواب 27
3. پاڪستان جي حڪمراني ۽ 35
4. ايم ڪيو ايم جي ڪچي ۾ سنڌ جو ورهاڱو ورهاڱو روري ۽ جو ٿو وڏو وجي 43
5. مهاجر فيڪٽر جو سياسي ۽ اقتصادي پس منظر 55
6. پاڻ کي پاڻي ۾ رهڻ گهرجي 68
7. ڪراچي ۽ تي قبضي ڪرڻ لاءِ حڪمرانن جون حرفتون 73
8. ڪراچي ڪيڏانهن پئي وڃي 79
9. ڇا حڪمران دهشتگردي ۽ کي واقعي ختم ڪرڻ گهرن ٿا؟ 85
10. سنڌي- مهاجر فساد ڪرائي وطن دوست ماڻهو مارائڻ جي سازش 91
11. سنڌ ۾ گورنر راڄ جا هوائا 102
12. جسقم، متحده اتحاد تاريخ ساز انقلابي فيصلو 105
13. سنڌ ۾ تياسن ٽنگڻ جي موسم 127
14. پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي سنڌ دشمن ۽ متحده جي سنڌ دوست ڪردار جو سوال 132
15. سنڌي شاونزم جو شڪار سنڌي صحافت 153
16. متحده، پونم ۽ اردو آبادي ۽ جو مستقبل 160
17. الطاف حسين جي سنڌ دوستي ۽ تاريخ جو ترقي پسند عمل 171
18. جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده جي گڏيل جدوجهد جي خلاف، پوسراهت جا بنيادي سبب 177
19. سنڌ کي کهڙي ۽ جمهوريت جي ضرورت آهي 187
20. سنڌي ۽ اردو آبادي ۽ جو اتحاد ۽ قومي ارتقا جي ضرورت 196

پيش لفظ

منهنجو هيءُ ڪتابُ، سنڌ جي اردو آبادي، ۽ انهن جي موجوده نمائنده جماعت متحده ۽ انهيءَ جي قيادت الطاف حسين جي سياسي ڪردار بابت سياسي ۽ تجزياتي مضمونن جو مجموعو آهي؛ جيڪي مضمون 1992ع کان 2001ع جي عرصي دوران وقت بوقت لکيا ويا آهن. مون پنهنجي هنن تجزياتي مضمونن ۽ سياسي جائزن ۾ ورائي ورائي انهيءَ حقيقت جي نشندهي ڪئي آهي، ته ايندڙ وقت ۾، سنڌ جي اردو آباديءَ جا مستقل اقتصادي مفاد ڪهڙيءَ طرح سنڌ جي قومي مفادن سان هم آهنگي اختيار ڪري رهيا آهن. مون پنهنجن انهن مضمونن ۾ اهو تجزيو به ڪيو آهي؛ ته اهائي اردو آبادي ان جون ان وقت جون نمائنده مذهبي سياسي جماعتون پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ۽ خاص ڪري بنگلاديش جي آزاديءَ کان اڳ اقتصادي مفادن جي لحاظ کان پنجاب جي مڪمل اتحادي هجڻ جي حيثيت ۾، ڪهڙيءَ طرح پنجاب وانگر ئي مڪمل طور تي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خلاف پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون رهيون هيون.

دراصل رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد قومي فڪر جي لحاظ کان نظرياتي رهبر به هو ۽ هڪ وڏو سماجي فلاسافر ۽ عظيم اقتصادياتدان به هو. هن کي جديد اقتصادي تضادن جي قانونن جي پوري آگاهي هئي. هن چاتو ٿي ته قومن، طبقن ۽ گروهن جي وچ ۾، اقتصادي مفاد ڪڏهن ۽ ڪيئن اتحاد ۽ هم آهنگيءَ جي شڪل اختيار ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ۽ ڪيئن اختلافن ۽ تضادن جي شڪل اختيار ڪندا آهن. انهيءَ لحاظ کان پاڪستان اندر پنجاب جي سامراجي ڪردار ۽ انهيءَ ۾ سنڌ جي اردو آباديءَ ۽ ان جي ان وقت نمائندگي ڪندڙ شهري سياسي پارٽين کي اقتدار ۾ ڀرپور شراڪت جي ڪري ڪين ڪيئن ۽ ڪيستائين پنجاب سامراج جو مڪمل اتحادي بنائي رکيو هو ۽ انهيءَ ڪري ئي اها اردو آبادي انهيءَ جي مفادن جون سياسي جماعتون بنگلاديش جي آزاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ ويندي سنڌ جي ڏهاڪي جي اڌ ۽ پڇاڙي تائين پاڪستاني شاونزم جو شڪار ٿي، سنڌ دشمنيءَ جو ڪردار ادا ڪنديون رهيون هيون.

پنجاب سان انهيءَ اقتصادي استعماري مفادن جي اتحاد جي پيش نظرئي سائين جي. ايم. سيد 1973ع کان اڳ جي پنهنجين سيني لکين ۾ انهن لاءِ "پنجابي پناهگير مستقل مفاد سامراج" جو اصطلاح استعمال ڪيو آهي. پر ان کان پوءِ جڏهن کان اهو "پنجابي پناهگير مستقل مفاد" جو اتحاد پنهنجو وجود وڃائي ويٺو تہ سندن لکڻين ۾ اسان کي اهو اصطلاح ڪٿي بہ نظر نٿو اچي، بلڪ ان جي جاءِ تي "سنڌ جي مستقل آباد اردو ڳالهائيندڙ آبادي" جو اصطلاح ملي ٿو. جيئن پاڻ پنهنجيءَ آخري سالگره جي الوداعي خطبي ۾ فرمايو اٿن:

"هن موقعي تي، سنڌ جي مستقل آباد اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي ايترو چوندس تہ هيءَ ڌرتي، مختلف مذهبن، نظرين، ۽ تهذيبن جو خوبصورت گلدستو رهي آهي. قدرت توهان کي پنهنجي ماتر ڀوميءَ تان ڌڪجڻ کان پوءِ هڪ اهڙي سر زمين جي گود نصيب ڪئي آهي؛ جيڪا پيار، محبت، رواداري ۽ ڀائيچاري جو مثالي مرڪز رهي آهي، ان ڪري توهان کي تاريخ جي ان سونهري موقعي جو فائدو وٺي هتي جي اصولوڪن رهاڪن سان ڪير ڪنڌ ٿي، هتي جو حصو ٿي وڃڻ گهرجي." (جي. ايم. سيد) جو آواز، ترتيب: آزاد قاضي. جي. ايم. سيد لٽريري سوسائٽي ڪراچي، خيرپور صفحہ 120-121)

۽ اڄ انهيءَ عظيم انسان جي وفات کان پوءِ سندن ڇهين ورسيءَ کان اڳ ۾، "سنڌ جي مستقل آباد اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ" جي نمائنده جماعت متحده ۽ رهبر سنڌ جي قومي فڪر جي نمائنده جماعت جيئي سنڌ قومي محاذ سنڌ جي قومي ۽ سياسي پليٽ فارم تي متحد ٿي پنجاب سامراج جي خلاف ميدان جنگ ۾ لٿل آهن. هيءَ تاريخ جو جبر آهي، يا عظيم تاريخ ساز فيصلو بہ آهي، پر سنڌ جي مستقبل جي "عظيم سنڌي قوم" جي تشڪيل جي ابتدا ٿي رهي آهي، جيڪا سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ۽ ڳوناٺي ۽ شهري آبادي جي اهڙي عظيم تر اتحاد ۽ يڪجهتيءَ سان ٿي رهي آهي، جنهن "عظيم سنڌي قوم" وٽ مستقبل ۾ شاهہ لطيف جو اهوئي وطن دوست ۽ بين الاقواميت پسند آفاقي پيغام هوندو:

سائينم سدائين ڪرين، مَٿي سنڌ سُڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

جيڪو رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي قومي فڪر ۽ بين الاقوامي پيغام ۾ هينئين ريت مرتب ٿيو آهي. (1) سنڌ هڪ ملڪ آهي. (2) سنڌي هڪ قوم آهي. (3) آزادي ان جو حق آهي. ۽ (4) آزادي ممڪن آهي ۽ (1) اتحاد

انساني (2) امن عالم (3) ترقي بني نوع آدم ۽ (4) آزاديءَ اقوام.

اهي قومي ۽ بين الاقوامي پيغام جا 8 نقطا آهن، جيڪي عالم انسانيت جي لاءِ ايڪهين صديءَ جي امن ۽ آشتيءَ، سک ۽ سلامتيءَ، پيار ۽ محبت، رواداريءَ ۽ سيڪيولرزم، جمهوريت ۽ لبرلزم سان لبريز مستقبل جي عظيم سنڌ جو عظيم پيغام آهي.

افسوس آهي تہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾، تازو متحده جي سربراهہ الطاف حسين جي سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي خطاب دوران اسان جيءَ قوم جي پڙهيل ڳڙهيل ۽ سلجهيل سنڌي دانشورن ۽ صحافين جيڪي سوال جواب ڪيا، سي گهڻي ڀاڱي جاگيردار سماجي شعور جي ترجماني ڪري رهيا هئا. مثال: جيئن ناماري دانشور انعام شيخ سوال ڪيو تہ "متحده کي پ پ سان اتحاد ڪرڻ کپي؛ ڇاڪاڻ تہ پ پ ئي سنڌين جي حقيقي نمائنده پارٽي آهي."

سچ تہ ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ مايوسي بہ ٿي تہ اسان جو دانشور اڃان تائين جاگيرداري سماجي شعور جي سنگهرن مان پنهنجي جان ڇڏائي نہ سگهيو آهي ۽ نہ جاگيردار طبقاتي مفادن جي گهيري مان نڪري سگهيو آهي. جيڪڏهن اسان جي قوم جو پڙهيل ڳڙهيل دانشور قومي شعور کان ايترو پسماندو (Backward) آهي تہ پوءِ عام ماڻهوءَ کي ڪهڙو ڏنبي سگهجي ٿو يا جيڪڏهن سنڌي ماڻهوءَ اڄ کان ٽيهہ سال اڳ قومي شعور جي يڪجهتيءَ جي نعري "جيئي سنڌ، کي ڇڏي، جاگيردار سماجي شعور جي ترجماني ڪندڙ "جيئي ڀٽو" جهڙي خانداني ۽ شخصي نعري جي پوئلڳي ڪئي تہ ان تي ڪهڙي معيار تي سگهي ٿي.

قومي شعور پنهنجي تاريخي ۽ سماجي پس منظر جي لحاظ کان جاگيردار سماجي شعور جو مخالف ٿئي ٿو. قومن ۾ جيئن جيئن قومي شعور جي هم آهنگي پيدا ٿيندي آهي، تيئن تيئن اهي جاگيردار سماجي شعور جي نفعي ڪنديون ويندڙيون آهن. قوم جو ڪو بہ باشعور ماڻهو يا دانشور هجي، اهو سنڌ جي قومي ۽ جمهوري حقن جي حاصلات ڪنهن بہ وطن دوست سياسي پارٽيءَ جي جاءِ تي ڪنهن وفاق پسند پارٽيءَ سان اتحاد ڪرڻ جي صلاح ۽ مشورو ڏي ٿو؛ تہ اهو انهيءَ جو سنڌ دوست موقف ٿي نٿو سگهي. اهو هو شعور طور ڪندو هجي يا غير شعوري طور ڪندو هجي، پر اهو سنڌ جي اجتماعي قومي مفادن وٽان ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ متحده ۽ اردو آباديءَ جي پ پ سان اتحاد ڪرڻ جي صورت ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي قومي ۽ جمهوري حقن جي بحاليءَ ۾ ڪابہ مدد ملي ڪانہ

سگهندي.

پ پ هڪ وفاق پسند پارٽيءَ جي حيثيت ۾ پنهنجي پروگرام ۽ منشور جي لحاظ کان اقتدار ۾ هجي يا اقتدار کان ٻاهر هجي، پنجاب سان سنڌ جي قومي ۽ جمهوري حقن لاءِ وڙهي ڪانه سگهندي ۽ جي نه وڙهي سگهندي ته پنجاب جي ڦرمار کان سنڌ جي مفادن جي حفاظت به ڪري ڪانه سگهندي؛ نتيجي ۾ پنجاب يا وفاق پنهنجيءَ مرضيءَ سان رضاڪارانه طور سنڌ کي جيڪي مڙئي سڙئي ۽ انڌا منڊا حق ڏيندو، پ پ انهن مان ئي حصو ڪڍي متحده ۽ اردو آباديءَ کي به ڏيندي ته سنڌي عوام کي به ڏيندي؛ جنهن جي ڪري سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ لازمي طور ڪشيدگي وڌندي ۽ اهو ئي ڪجهه پنجاب ۽ ان جو حڪمران طبقو چاهي ٿو ته سنڌ جي اندر ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ۽ ڪنهن نه ڪنهن مسئلي تي سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ تضاد ۽ ڇڪتاڻ قائم رهندي اچي ته جيئن ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ واريءَ حڪمت عمليءَ تحت سنڌ جي سامراجي ڦرمار کي جاري رکي سگهي.

اهوئي سبب آهي جو جڏهن به پ پ جي حڪومت ايندي آهي ۽ خاص ڪري جڏهن اها ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪندي آهي ته سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ ڪشيدگي گهٽجڻ جي بجاءِ وڌي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته پ پ ٻين وفاق پسند پارٽي وانگر اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پنجاب کان ڪي به حق وٺي ڪانه ڏيندي آهي ۽ نه ان جي جارحانه سامراجي ڦرمار کي ٻنجو ڏئي سگهندي آهي، پوءِ اهو پاڻي جو مسئلو هجي، معدنيات جو مسئلو هجي، نائي جو مسئلو هجي، انڪم ٽيڪس ۽ ڪسٽم جو مسئلو هجي، پنجاب اڳ وانگر سنڌ ۽ سنڌي قوم کي جيڪو اوباريل ٽڪر اڇلائي ڏيندو آهي، اهو ئي پ پ سنڌ وارن کي ڪوٽا مقرر ڪري ورهائي ڏيندي آهي.

محترمه بينظير بذات خود قبول ڪيو آهي ته، ”سنڌ صوبو وفاق کي وفاقي ٽيڪس جي حوالي سان 75 سيڪڙو ۽ قومي آمدنيءَ جي حوالي سان 80 سيڪڙو حصو ادا ڪري ٿو.“ (عبرت- 99-9-11 بينظير جي نالي سان لکيل مضمون)

ايئن به ڪونه آهي ته وفاق يا پنجاب جيڪا سنڌ جي ڦرمار ڪن ٿا، ان جي بينظير يا پ پ وارن کي خبر ڪانه آهي. پر ڇا هي ته اهي سنڌ جي انهيءَ ڦرمار کي پنهنجي اقتدار جي حاصلات جي بليڪ ميل لاءِ استعمال ڪن ٿا. پر ڪا به

جدوجهد بہ ٿا ڪن. جيڪڏهن پنجاب، سنڌ جي پنجاهہ لکن نوڪرين جي حصي مان ان کي صرف ڏهہ هزار ڏي ٿو، پ پ انهن ڏهن هزارن کي وڌ ۾ وڌ ڪوٽا جي حساب سان سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي ورهائي ڏيندي.

اهڙيءَ طرح پ پ پنجاب سان وڙهي سڙهي سنڌ جي مفادن جي بچاءُ ڪرڻ جي بجاءِ جيڪو پنجاب وٽان رضا خوشيءَ سان ملندو آهي، انهيءَ تي ئي سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي پاڻ ۾ ويڙهائيندي آهي ۽ ائين بجاءِ سنڌ جي مفادن جي بچاءَ ڪرڻ جي، اها گهر جي ڀاتين کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيندي آهي.

متحده ۽ ان جي قيادت ۽ اردو آبادي گذريل ويهن پنجويهن سالن کان اهو "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جو تماشو ڏسندا رهيا آهن ۽ جنهن مان ڪين ڪجهہ بہ وريو سريو ڪونہ آهي بلڪہ ڪين تجربو ٿيو آهي تہ سنڌ جي سڄي آمدني پنجاب ڳڙڪائي ٿو وڃي؛ نوڪريون پنجاب کٽي وڃي ٿو، واپار پنجاب جي هٿ ۾ آهي، صنعتون پنجاب جي قبضي ۾ آهن. معدنيات، ڪوئلو، گئس، تيل سڀ پنجاب جي مفادن ۾ ديناداستيءَ سان استعمال ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ وارن کي سڄيءَ مانيءَ مان ڪتي وانگر رڳو ٽڪر ڀور اڇلائي ڏنو وڃي ٿو، ۽ پوءِ اهي انهيءَ ٽڪر ڀور تي هڪ ٻئي سان ڏند چڪ ڏيندا ۽ وڙهندا رهن ٿا. ويندي هڪٻئي جا ماڻهو بہ ماريندا رهن ٿا. وڏي ڳالهہ تہ سنڌ وارن کي انهيءَ اڇلائي ڏنل هڏي تي بہ ڪوٽا مقرر ڪري ڏني وڃي ٿي ۽ اهو پ پ جو 1972ع کان وٺي اڄ تائين هڪ ڪردار رهيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ سنڌ دشمنيءَ جي ڪردار جي بنياد تي پاڻ کي سنڌي ماڻهن جو سڄڻ بہ سڏائيندي رهي آهي.

1973ع ۾ سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾، جيڪي فساد ڪرايا ويا هئا، سي بہ انهيءَ فرقيوار، مردار جاگيردار قوم پرستيءَ جو نتيجو هئا ۽ ان کان پوءِ ٻنهي آبادين جي وچ ۾ جيڪي بہ اڄ تائين جهيڙا، جهڳڙا، فساد ۽ ڪشيدگيون پيدا ڪرايون ويون آهن، سي سڀ انهيءَ غير ضروري ۽ بي فائدي مردار جاگيردار گروهي ۽ فرقيوارڪاريءَ ۽ ڪنيءَ قوم پرستيءَ جي پيداوار آهن، جنهن مان سنڌ وطن کي ۽ سنڌي قوم کي ڪوبہ فائدو ڪونہ پهتو آهي. اها مهاجر دشمن فرقيوار قوم پرستي ٽيهن سالن کان وٺي سنڌي قوم کي ڪنهن فائدي ڏيڻ جي رڳو نقصان ئي ڏيندي رهي آهي ۽ پنجاب جي برماري ۽ سامراجي ڦرمار وارن مفادن کي هٿي ڏيندي رهي آهي.

سنڌ جو جاگيردار طبقو، بحيثيت طبقي جي پنهنجو ترقي پسند قومي ڪردار

ڪڍهوڪو وجائي چڪو آهي، اهو هن وقت سنڌي سماج اندر هڪ غير پيداواري ناسور آهي، جيڪو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي قومي ۽ جمهوري حقن کي پنجاب سامراج ۽ وفاق وٽ رڳو ڪيش ڪرائيندو رهيو آهي ۽ جيڪي اسان جا باشعور ماڻهو يا دانشور ۽ قمڪار انهيءَ مردار طبقي جي مردار سياست جي حمايت ڪن ٿا يا انهيءَ جي اتحادي ٿيڻ جون صلاحون ڏين ٿا، سي دراصل جاگيردار طبقاتي مفادن جي وفاداريءَ جو ڪردار ادا ڪن ٿا. ۽ اهڙيءَ طرح اهي پنهنجيءَ سوچ، سمجهه ۽ شعور کي جاگيردار سماجي شعور جي سنگهرن ۾ ئي سوگهو ڪن ٿا.

اهوئي سبب آهي جو اهي اڄ به شعوري ۽ غير شعوري طور قومي شعور جي هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي بدران جاگيردار سماجي شعور جي وٽ وراڻي ڪندا آهن. ۽ پنهنجيءَ قلم ڪاريءَ جي ذريعي اڄ به جاگيردار مفادن جي جنگ وڙهندا آهن. جو تہ اهي ذهني طور اڃان تائين جاگيردار قومي پرستيءَ جي جار ۾ قيد آهن. انهن جي اڄ بہ سنڌ جي وطن دوست قوم پرست سياست جي بجاءِ جاگيردار دوست سياست سان همدردي ۽ چاهہ آهي.

پر خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي جو اسان جيءَ قوم جي اهڙن جاگيردار دوست دانشورن کان اڳ ۾ سنڌ جي شهرن جي اردو آبادي جديد اقتصادي شهري زندگيءَ جي لحاظ کان جلد ئي انهيءَ حقيقت کي سمجهي ۽ پروڙي ورتو آهي تہ اهي سنڌي جاگيردار طبقي سان اتحاد ڪرڻ جي صورت ۾ پنجاب سامراج کان نہ پنهنجي شهري آباديءَ لاءِ ڪجهہ حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ نہ اجتماعي طور سنڌ ڌرتيءَ لاءِ ڪجهہ حاصل ڪري سگهن ٿا. ڪين پوئين ويهن پنجويهن سالن جي تجربي سبق سيکاريو آهي تہ سنڌ جي اجتماعي قومي مفادن جي حاصلات کان سواءِ پ پ جي وڏيرن وانگر ئي اهي پنهنجا گهر تہ ڀري سگهن ٿا پر شهري يا اردو آباديءَ لاءِ ڪجهہ بہ حاصل ڪري نٿا سگهن، انهيءَ ڪري انهن سنڌ جي سيني وفاق پرست توڙي قوم پرست سياسي ڌرين کي ڇڏي، صرف انهيءَ وطن دوست ۽ آزادي پسند قومي قوت سان اتحاد ۾ ويهڻ ضروري سمجهيو آهي؛ جيڪا پنجاب سامراج سان سنڌ جا مڪمل قومي ۽ جمهوري (قومي آزاديءَ سميت) حق وڙهي وٺڻ گهري ٿي. ڇاڪاڻ جو سنڌ جي اردو ۽ سنڌي آباديءَ جي مڙني مسئلن جو حل سنڌ جي مڪمل قومي آزاديءَ جي ويڙهہ ۾ ئي سمايل آهي ۽ انهيءَ ويڙهہ جي ڪاميابي سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ جي متحد ۽ منظم ٿيڻ کانسواءِ ممڪن ڪانہ آهي.

انهيءَ کان سواءِ نہ سنڌ جي پاڻيءَ جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو، نہ واپار ۽ صنعتن جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو، نہ نوڪرين ۽ روزگار جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو نہ معدنيات ۽ ٻيءَ سماجي دولت جي ڦرمار جي بند ٿيڻ جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو ۽ نہ مڪمل قومي آزادي ملي سگهي ٿي ۽ نہ سنڌ جي قومي رياست پنهنجيءَ حقيقي شڪل ۾ بحال ٿي سگهي ٿي.

قومي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور ئي، مڪمل قومي ۽ قوم پرست شعور هوندو آهي، جيڪو قومي جدوجهد جي بنيءَ کي تپائيندو آهي، انهيءَ جي ئي بنياد تي اهو جاگيردار سماجي شعور جي ابتڙ قومي تڪميل جي تاريخي ضرورت جو پورائو ڪندو آهي؛ جاڪاڻ تہ اهو قومي هم آهنگيءَ کي پيدا ڪندو آهي ۽ سڄيءَ قوم کي هڪ ئي قومي شعور جي لڙيءَ ۾ پوئيندو آهي، اهو ئي اصل ۾ شهري اقتصادي شعور بہ هوندو آهي تہ سيڪيولر ۽ جمهوري شعور بہ هوندو آهي، جيڪو قوم پرستيءَ جي شڪل ۾ قوم جي سڄيءَ قومي جدوجهد جي سروڻي ڪندو آهي.

سنڌي قوم جي بحيثيت هڪ باشعور ۽ سجاڳ قوم جي متحد ۽ منظم ٿي، قومي جدوجهد ۾ نہ لهڻ جو هڪ بنيادي سبب اهو بہ آهي تہ سنڌي قوم جو اجتماعي شعور اڃان تائين مڪمل شهري اقتصادي شعور جي هم آهنگيءَ جي شڪل اختيار ڪري نہ سگهيو آهي؛ نتيجي ۾ اهو مڪمل قومي شعور بہ ٿي نہ سگهيو آهي. سنڌي عام ماڻهو تہ ٺهيو پر سنڌي قوم جو پڙهيل ڳڙهيل باشعور، دانشور ۽ قلمڪار بہ جاگيرداري ۽ قبيلائي، گروهي ۽ فرقيوار ويڇن جو شڪار آهي، اهو ذهني لحاظ کان جتي ڄاندين، مگسين، سيدن، شيخن ۽ ٻين قبيلن ۽ ذاتين جي فرقيواريت ۾ ورهايل آهي، اتي مذهبي فرقي بازيءَ ۽ سياسي گروهہ بندين جي بہ ور چڙهيل آهي.

اهو قومي يڪجهتي ۽ اتحاد جي بجاءِ ذوالفقار علي ڀٽي، مرتضيٰ ڀٽي، ممتاز علي ڀٽي، رسول بخش پليجي، قادر مگسي ۽ ٻين ننڍين وڏين شخصيتن جي سحر جو شڪار آهي ۽ ڪيترن ئي سياسي گروهن، ٽولڙن، پارٽين ۽ جماعتن ۾ تقسيم ٿيو پيو آهي؛ جنهن ڪري اهو سنڌ جي قومي جدوجهد کي انهن شخصيتن، گروهن، ٽولڙن ۽ پارٽين سان مشروط رکي ٿو پر انهن کي قومي جدوجهد ۽ قومي تحريڪ سان مشروط نٿو رکي. ويندي پڙهيل ڳڙهيل قومي ڪارڪن، قلمڪار ۽ دانشور بہ انهيءَ شخصيي، گروهي ۽ پارٽي شاونزم جو ايڏو تہ شڪار آهي. جو

جيڪڏهن پليجو صاحب سنڌ جي قومي آزادي نٿو چاهي تہ نہ رڳو ان جي پارٽيءَ جو ڪارڪن پر ان جي خيالن سان لاڳاپيل دانشور ۽ پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور ماڻهو بہ قومي آزادي نٿو چاهي. اها قومي شعور جي ڪمي ۽ هڪ وڏي ڪوٽ آهي يا وري جڏهن بينظير چاهيندي ۽ قادر مگسي سنڌ جي آزاديءَ جي گهر ڪندو تہ پوءِ ئي ان جو ڪارڪن بہ اها گهر ڪندو.

اهڙيءَ طرح اسان جي قومي جدوجهد شخصي سحر ۽ پارٽي شاونزم ۾ ٻڌي ۽ سوگهي ٿي وئي آهي. سنڌي عوام تہ ڪٿي پنهنجي قومي نعري کي ڇڏي جاگيردار خانداني نعري جي پٺ ورتي هئي پر قوم پرست پارٽين جي ڪارڪن ۾ بہ اڃان تائين حقيقي قومي شعور جي هم آهنگي پيدا ٿي نہ سگهي آهي يا اها هاسيڪار پيدا ٿيڻ نہ ڏني وئي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪارڪن ۾ قومي شعور جي هم آهنگي پيدا ٿيندي تہ پوءِ ڪابہ پارٽي يا قيادت گهٽ ۾ گهٽ واٽ ويندي قومي جدوجهد کي ڪيش ڪرائي ڪانہ سگهندي. قومي ڪارڪن قومي شعور جي هم آهنگي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ اهڙيءَ ويساهہ گهاتيءَ جي سختيءَ سان مزاحمت ڪندو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ صورت ۾ قومي ڪارڪن قومي جدوجهد ۽ قومي مفادن کي پارٽيءَ ۽ قيادت سان نہ پر پارٽيءَ ۽ قيادت کي قومي جدوجهد ۽ قومي مفادن سان مشروط رکندا؛ جيڪا ڳالهہ ظاهر آهي تہ قومي تحريڪ کي واٽ ويندي ڪيش ڪرائيندڙ قومپرست قيادت کي ڪڏهن بہ قبول ڪانہ پوندي. اهوئي سبب آهي جو اهي ڪارڪن کي قومي شعور ڏيڻ جي بجاءِ ڪين پارٽي شاونزم ۽ شخصيت پرستيءَ جي سنگهرن ۾ سوگهو ڪريو ۽ ڪين پنهنجا مڪمل مريد بنايو ويٺا هوندا آهن.

سنڌ ۾ ننڍين وڏين پارٽين، گروهن، ٽولن ۽ ڌڙن جو هيڪاندو تعداد بہ سنڌ جي جاگيرداري ۽ قبيلائي شعور ۽ سوچن جي پڪي پختي ترجماني ٿو ڪري؛ جيڪي گڏيل عملي قومي جدوجهد جي شڪل اختيار ڪرڻ ۾ وڏي رڪاوٽ جو سبب آهن. ۽ اها ڳالهہ چڱن ڀلن ۽ سمجهدار ماڻهن کي بہ خيال پرستيءَ جي مختلف خانن ۾ ورهايو ويٺي آهي. انهن ماڻهن جا جيڏا ننڍڙا خيال ۽ سوچون آهن، ايڏا ئي سندن ننڍڙا ۽ خسيس مفاد آهن. قومي شعور جي اهائي پسماندگي آهي، جيڪا سنڌي قوم جي پڙهيل ڳڙهيل باشعور ماڻهوءَ کي جاگيردار مفادن جي وٺ وراڻي ڪرائي ٿي ۽ سنڌ جي شهري آبادي ۽ ان جي نمائنده سياسي جماعت کي وڏي طمُ طراق سان صلاح ٿي ڏي تہ انهن کي ڪنهن پنجاب مخالف وطن دوست

آزادي پسند قوت سان اتحاد ڪرڻ جي بجاءِ سنڌ جي وفاق پرست وڏيرن ۽ جاگيردارن جي جماعت سان اتحاد ڪرڻ ڪيپي ته جيئن سنڌي عوام پنجاب ڪان پنهنجا حق زوريءَ ڇني وٺڻ جي بجاءِ چند هزار نوڪرين جي ڪوٽا تي سدائين پاڻ ۾ ڳنڍيا پيا هجن.

مولانا محمد علي جوهر چيو هو ته "انگريز هندستانين کي پنج نوڪريون ٿو ڏي ۽ پوءِ هندن ۽ مسلمانن کي پاڻ ۾ انهيءَ ڳالهه تي ويڙهائي ٿو ته انهن پنجن نوڪرين مان ٽي هندن کي ملن يا مسلمانن کي ملن، جڏهن ته اهي نوڪريون ڏي به انگريز ٿو."

اهڙيءَ طرح عبدالواحد آريسر چوندو آهي ته: "جڏهن الجزائري قوم، فرانسيسي سامراج جي غلام هئي، ته فرانسيسي نوآبادڪار راتوڪيون اوباريل ڊبل روٽيون صبح جو جڏهن پنهنجن فليٽن مان هيٺ اڇلائي ڇڏيندا هئا ته انهن اوباريل ڊبل روٽين تي الجزائري غلام قوم جا ٻکايل ٻار پاڻ ۾ وڙهي هڪ ٻئيءَ جا متا ڦاڙي رکندا هئا." سو انهيءَ وانگر پنجاب سنڌ جي سايا چار سئو اربن جي روينيو آمدني ڦٻائي وڃي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ مان اسان کي صرف 38 ارب موٽائي ڏئي ٿو ۽ انهيءَ تي سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين، مهاجرن، پٺاڻن، پنجابين ۽ بلوچن کي ڪوٽا مقرر ڪري ڏي ٿو ته جيئن اسان سنڌ وارا انهن تي هڪٻئي جا متا ڦاڙيندا ۽ ماٿهو ماريندا رهون.

پنجاب جي انهيءَ سنڌ دشمن حڪمت عمليءَ کي سنڌي ماڻهو اڳ ۾ سمجهي ويا آهن ۽ هاڻ اردو آبادي به سمجهي ورتو آهي، ان ڪري اسان کي اها ڳالهه ۔ رساڻ ڪيپي ته هاڻ اهو ڏينهن ڪو گهڻو پري ڪونه آهي، جڏهن سنڌي قوم جو شهري حصو، سنڌ جي مردار جاگيردار کي پوئتي ڌڪي سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ اڳ ۾ ڪڍي ويندو. ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي سنڌي قوم جو ڳوناڻو حصو به انهيءَ ڏکيءَ قومي جدوجهد ۾ شامل ٿي ويندو ۽ پوءِ اها قومي جدوجهد (پنجاب سامراج جي خلاف) جيڏي طويل ۽ ڏکي ٿيندي ويندي ۽ جيڏي شديد ٿيندي ويندي، ايڏو ئي تاريخ جو اهو جبر هڪ وڏي ۽ عظيم سنڌي جي تشڪيل ۽ تعمير ڪندو ويندو.

ڇاڪاڻ ته پنجاهه سال اڳ تاريخ جي اهڙي ئي هڪ وڏي جبر اسان جيءَ سنڌي قوم جو هڪ جديد شهري حصو اسان جي قومي ڌارا کان ڇني ڌار ڪري ڇڏيو هو. ۽ انهيءَ جي بدلي ۾ اسان جيءَ قوم جي قسمت ۾ جيڪو آباديءَ جو

حصو لڳو، اهو پورا پنجاهہ سال اسان جي قومي وجود کان بيگانو رهيو ۽ پنجاب سامراج جو اتحادي رهيو بلڪہ اسان جي قومي وجود جي خلاف سازشن ۾ شريڪ رهيو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جا اجتماعي گروهي مفاد، اسان جي مخالف پنجاب سامراج جي مفادن سان هم آهنگي اختيار ڪري ويا هئا. پر هاڻي جڏهن کان آباديءَ جي انهيءَ حصي جي اجتماعي مفادن سنڌ ڌرتيءَ جي اجتماعي قومي مفادن سان هم آهنگي اختيار ڪئي آهي، تڏهن کان انهن پاڪستاني شاونزم جي اونداهي کوهہ مان نڪري روشن صبح جي دنيا ۾ اکيون کوليون آهن ۽ پنهنجي اجتماعي مفادن کي سنڌ ڌرتيءَ جي اجتماعي قومي مفادن سان هم آهنگ ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هڪ ٻئي تاريخ جي جبر جي تقاضائن کين سنڌي قوم جي وچايل حصي جي جاءِ پرڻ لاءِ تاريخ جو عظيم دروازو کولي ڇڏيو آهي. ۽ اهي هاڻ تاريخ جي انهيءَ دروازي مان تمام تکڙيءَ رفتار سان داخل ٿي رهيا آهن ۽ اسان کان اڳ ۾ اسان جي قومي دشمن جي خلاف جنگ جي ميدان عمل ۾ لهي پيا آهن.

اهوئي سبب آهي جو مون کان هڪ اهڙي ئي ذهني ڏيوالي نڪتل ماڻهوءَ سوال ڪيو تہ ڇا توهان سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ متحده جي قيادت کي قبول ڪندا، تہ مون کيس چيو تہ اسان کي سڀ کان پهرين پنهنجيءَ قومي نااهليت جو ڀرپور نموني جائزو وٺڻو پوندو، ان کان پوءِ اهو هڪ نظرياتي سوال آهي ۽ سنڌ جي آزاديءَ بابت اسان جو پروگرام رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جو آزاد سنڌو ديش جو پروگرام آهي، انهيءَ نظرياتي پروگرام جي رهبريءَ ۾ جيڪو بہ سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جنگ لڙندو، اسان کي ان جي قيادت قبول آهي، ٻيءَ صورت ۾ آزاد سنڌو ديش جي پروگرام کان سواءِ اسان کي تہ سائين جي. ايم. سيد جي خاندان جي بہ قيادت قبول ڪانہ ڪئي آهي تہ ٻئي ڪنهن جي ڪيئن قبول ڪنداسين، اسان جي قومي جدوجهد بابت رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جو قومي نظريو ۽ پروگرام آهي، جيڪو سنڌي قوم جي تڪميل جو فڪر آهي، انهيءَ جي پوئلڳي هرڪو سنڌي ڪري سگهي ٿو، اهو هر سنڌي ماڻهوءَ جو حق آهي، پوءِ اهو پراڻو سنڌي هجي يا نئون سنڌي هجي.

خاڪي جويو
14-2-2001ع

134 پٺاڻي ٽائون
حيدرآباد، سنڌ

الطاف حسين جو سنڌي دانشورن ۽ صحافين کي خطاب ۽ جاگيردارانه نفسياتي خوف جي ذهني مالي خوليا

29 جنوري 2001ع سومر جي ڏينهن تي، متحده قومي موومينٽ جي سربراهه الطاف حسين جو حيدرآباد پريس ڪلب ۾ هڪ وڳي ڌاري سنڌي دانشورن ۽ صحافين کي ٽيليفون جي خطاب جو پروگرام هو؛ انهيءَ پروگرام جي ماهوار ساجاهه جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ مون کي به دعوت هئي ۽ آئون انهيءَ پروگرام لاءِ پوري هڪ وڳي پريس ڪلب حيدرآباد پهتس. انهيءَ خيال کان ته اسان جي عام طرح جي سياسي ۽ ادبي تنظيمن جي پروگرام جي ابتڙ شايد هن جو پروگرام پوري وقت تي ٿي سگهي. پر پهچڻ کان پوءِ پتو پيو ته ڳالهه ساڳي هئي. يعني پروگرام اجان شروع ڪونه ٿيو هو؛ ۽ لڳو پئي ته شايد ڪلاڪ کن اجان به ليٽ ٿئي.

هال ۾ ڪرسيءَ تي ويهندي، مون پنهنجي پرسان ويٺل دوست کي چيو ته "تاريخ ۽ ڌرتيءَ ۾ وڏي طاقت ۽ ڪشش آهي؛ ڪڏهن هن ئي پريس ڪلب ۾ سنڌي سياسي ۽ ادبي تنظيمون به پنهنجا بينر اردوءَ ۾ لڳائينديون هيون ۽ اڄ خود اردو ڳالهائيندڙن جي نمائنده تنظيم پنهنجا سمورا بينر سنڌيءَ ۾ لڳايا آهن؛ اهو سنڌي ماڻهن جي قومي شعور جي واڌ جو نتيجو آهي."

جيئن جيئن سنڌي ماڻهن جو قومي ۽ شهري شعور وڌندو ۽ ترقي ڪندو ۽ قومي مفادن جي هم آهنگي اختيار ڪندو ويندو؛ تيئن تيئن هر ڪا سياسي ڌر ۽ تنظيم سنڌي ماڻهن جي انهيءَ اڀرندڙ شعور جي اڳيان گوڏا ٽيڪيندي ۽ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي گڏيل مفادن جي واضح ۽ کليءَ ريت ڳالهه ڪندي پر اسان جي انهيءَ قومي شعور جي واڌ ويجهه آڏو سڀ کان وڏيڪ رڪاوٽ جاگيردار شعور ۽ جاگيردارطبقي جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد آهن، ان ڪري سنڌي ماڻهو جيئن جيئن جاگيردار شعور ۽ جاگيردار سياسي ۽ اقتصادي مفادن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو ۽ انهن جو قومي شعور سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگي اختيار

ڪندو ويندو، تيئن تيئن سنڌ جي قومي جدوجهد ۽ جنگ آسان ۽ سولي ٿيندي ويندي. هيءَ تاريخ جو جبر آهي ۽ ترقيءَ جي چڪ آهي؛ جيڪا ايم ڪيو ايم جي قيادت کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مفادن جي جنگ وڙهڻ لاءِ پنجاب سامراج جي خلاف اٿاري وٺي آئي آهي.

پروگرام ۾ اڃان ڪلاڪ کن دير هئي ۽ مون کي پنهنجي ساٿي ۽ دوست محمد راهموءَ سان حيدرآباد جيل ۾ ملاقات به ڪرڻي هئي، جنهن کي شاهمراد شڪر مل جي ترڪي وقت گرفتار ڪري حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ آندو ويو هو ۽ انهيءَ تي ٻين 19 ڄڻن سميت بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. اڄ انهيءَ سان ملاقات جو ڏينهن هو ۽ گذريل هفتي کان آئون ڪن مجبورين جي ڪري سائس ملاقات ڪري ڪونه سگهيو هئس ۽ شايد ايندڙ هفتي به آئون سائس ملاقات ڪري نه سگهان، جو منهنجا ڪجهه اهڙا پروگرام رکيل هئا، ان ڪري اڄوڪي ملاقات نهايت ضروري هئي. اهوئي سبب آهي جو آئون انهيءَ پروگرام مان اٿي ڪڙو ٿيس ته تاج جويو مون وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته "تون نه وڃ. ڇاڪاڻ ته هتي مخالف ڪئمپ جا دانشور ۽ صحافي گهڻي تعداد ۾ ويٺا آهن، جيڪي الطاف جي خطاب کان پوءِ اجايا سجايا ۽ فروعي سوال جواب ڪري ڳالهه کي ڳُڙدالي بڻائي ڇڏيندا ۽ ڪوبه ڪم جو بنيادي سوال ڪو ڪونه ڪندو، ان ڪري تنهنجو هتي هجڻ ضروري آهي."

پر جيئن ته منهنجي محمد سان ملاقات نهايت ضروري هئي، ان ڪري آئون ڪيس جلدي موٽي اچڻ جو چئي، جيل تي پهتس ته محمد جي ملاقات لاءِ سوين مائهو جيل جي گيٽ تي بيٺا هئا. ۽ ملاقات لاءِ مائهن کي نهايت سست رفتاريءَ سان ڇڏيو پئي ويو جنهنڪري مون کي ڏاڍيءَ دير سان ملاقات جو موقعو مليو. مان محمد راهموءَ سان ملاقات دوران به چار ضروري لفظ ڳالهائي واپس موٽي آيس ته الطاف حسين جي تقرير اڃان جاري هئي، آئون پريس ڪلب مان ڏيڍ بجي ويو هئس ۽ ٽين بجي موٽ آيس پر الطاف جو خطاب ڪلاڪ منو کان پوءِ به هليو.

هال ۾ ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ خبر پئي ته الطاف جي خطاب کان اڳ ۾ آفتاب شيخ هال ۾ ويٺل مائهن سان مخاطب ٿيندي چيو ته الطاف حسين جو خطاب شروع ٿيڻ وارو آهي، مهرباني ڪري اسان کي وقت کان اڳ اگهاڙي ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ ته اسان جي پنيان به پنڊي ٻاريل آهي، جنهن جي شايد توهان کي خبر نه آهي، ان ڪري اسان جهڙيءَ طرح سنڌي ۽ اردو آباديءَ

جي وچ ۾ ويجهڙائي واري ماحول کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو. انهيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

الطاف حسين جي خطاب جو ڪافي حصو منهنجي اچڻ کان اڳ پورو ٿي چڪو هو؛ باقي جيڪو هن ڪلاڪ منو ڳالهايو، انهيءَ ۾ هن اهو چيو ته اسان سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي هڪٻئي سان ويڙهائي ڪجهه به حاصل نه ڪيو آهي. جڏهن ته پنجاب سنڌ جي روينيو آمدنيءَ جو 70 سيڪڙو ڪٽي وڃي ٿو، جيڪڏهن اها آمدني سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن تي خرچ ٿئي ته ڪوبه بکيو ۽ بيروزگار نه رهندو. سنڌ جا سڀ روڊ ۽ رستا پڪا ٿي ويندا. سنڌ جي آمدني سنڌ جي ماڻهن جي ڪاڻ ۽ کپاڻ کان گهڻي آهي ۽ اسان انهيءَ مان ٻين صوبن جي ماڻهن جي به امداد ڪري سگهون ٿا.

سائين جي. ايم. سيد به انهيءَ لاءِ وڙهندو ويو ته سنڌ کي پنجاب ڦري ۽ لٽي رهيو آهي ۽ پنجاهه سالن کان سنڌ پنجاب جي ڪالوني رهي آهي. پنجاب اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائيندو ۽ حڪومت ڪندو رهي ٿو. اسان سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ هن ترتيءَ جا پٽ آهيون. سنڌ اسان سڀني جي ماءُ آهي ۽ شاهه لطيف اسان سڀني جو رهبر آهي. پنجاب پنهنجي مفادن جي حاصلات لاءِ وقت بوقت اسان کي ويڙهائيندو رهيو آهي. 30 سيپٽمبر جي واقعي کان پوءِ پهرين آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ جن علائقن ۾ سنڌي ماڻهن تي حملا ڪيا ويا هئا، اهي علائقا اڄ به حقيقيءَ جي آفاق ۽ عامر وارن جي قبضي ۾ آهن ۽ انهن جو ان وقت به انهن تي قبضو هيو. ان وقت مون ان جي سخت مخالفت ڪئي هئي ته اها اسان جي خلاف سازش آهي. پر جيئن ته 30 سيپٽمبر جي رات جو تازو واقعو ٿي چڪو هو، ماڻهو جذباتي هئا ۽ آفاق ۽ عامر وارا فيصلن تي قابض ٿي ويا. پر هاڻ اسان کي به سمجهڻو آهي ۽ توهان کي به سمجهڻو آهي ته اسان ٻنهي جو گڏيل دشمن ڪهڙو آهي؟

ان کان پوءِ سوالن جوابن جو وقفو ٿيو؛ سڀ کان پهرين نامور صحافي جي اين مغل مائيڪ هٿ ۾ ورتي ۽ الطاف حسين کان سوال ڪيو ته "جيڪي ڳالهيون توهان ڪريو ٿا، انهن ۾ نيت صاف هجي ۽ عملي طرح انهن کي ثابت ڪجي. جيڪڏهن وري 1988ع وانگر فساد ٿين ٿا يا ڪرايا وڃن ٿا ته توهان جو انهن بابت ڪهڙو موقف هوندو. ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي جا زخم اڃان تازا آهن، توهان چئو ٿا ته اهي ڳالهيون وساري ڇڏيون، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي وغيره.

انهيءَ کان پوءِ محترم سعيد بشير سوال ڪيا، اهي جي اين مغل جي سوالن جو ورجاءُ هئا. ڇاڪاڻ ته عام ماڻهو شوقيا سوال ڪندو آهي؛ جيڪي گهڻو ڪري ڪنهن نه ڪنهن صحافي ۽ دانشور جي سوالن جو ورجاءُ هوندا آهن. انهن سوالن جا جواب ڏيندي الطاف حسين چيو ته جيستائين نيت ۽ عمل جو سوال آهي ته اهو عملي جدوجهد مان ئي ثابت ٿيندو ته اسين جيڪي ڳالهيون ڪيان ٿا، سي سچيون آهن يا ڪونه آهن ۽ نيت جو به عمل مان ئي پتو پوندو، باقي جيستريقدر ايجنسين جي پاران وري جهيڙن ڪرائڻ جو تعلق آهي ته انهيءَ لاءِ اسان ۽ توهان کي جاڳندو رهڻ گهرجي ۽ پاڻ ۾ ويٺل پنجاب جي دلالن ۽ ايجنٽن تي نظر رکڻ گهرجي، ته جيئن دشمن وري نه اهڙن فسادن ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، اهو توهان جو به فرض آهي ۽ اسان جو به فرض آهي ته اسان ٻئي سنڌ جا رهواسي اهڙيءَ سازش کي ناڪام بنايون.

انهيءَ کان پوءِ مون ضروري سمجهيو ته آئون الطاف حسين کان سوال ڪريان؛ ڇاڪاڻ ته ماحول اجايو فروعي سوالن جي ور چڙهي رهيو هو؛ جن ۾ ڪوبه بنيادي ۽ ڪم وارا سوال ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هو. انهيءَ ڪري مون مائيڪ هٿ ۾ وٺندي الطاف حسين کان سوال ڪرڻ کان اڳ پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ ان کان پوءِ چيو ته آئون سڀ کان پهرين توهان ۽ توهان جي تنظيم جي سنڌ دوست موقف اختيار ڪرڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو. اسان سمجهون ٿا ته توهان جي سنڌ دوستيءَ جي موقف اختيار ڪرڻ جو بنياد، پنجاب دشمني آهي ۽ ٻه قومي نظريي جي نفعي آهي، پنجاب دشمنيءَ ئي توهان کي سنڌ دوستي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ اندر رهندڙ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ جو پنجاب سان بنيادي اقتصادي مفادن جو تضاد آهي، جيڪو اسان ٻنهي کي پنجاب جي مخالفت ۾ ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي حق ۾ جدوجهد ڪرڻ لاءِ متحد ڪري سگهي ٿو. مون چيو ته هتي هن حال ۾ پنجاب جا دلال دانشور ۽ ايجنسين جا پگهاردار ۽ ايجنٽ صحافي به ويٺل آهن، جيڪي توهان کان ابتا سبتا (اوٽ پٽانگ) ۽ فروعي قسم جا سوال ڪندا ۽ اصل مسئلي کي منجهائڻ جي ڪوشش ڪندا. پر آئون توهان کان اهڙي قسم جا ڪي سوال جواب ڪونه ڪندس. آئون پهرين ته اردو آباديءَ، متحده جي سياست ۽ پنجاب جي پنجاهه سالن جي ڪردار جو جائزو پيش ڪندس ۽ پوءِ انهيءَ حوالي سان توهان کان بنيادي ۽ سخت قسم جا سوال ڪندس، جن جو توهان کي جواب ڏيڻو پوندو.

مون اردو ابادي؛ جو تجزيو ڪندي، چيو تہ پاڪستان ۾ اردو آبادي 1970ع تائين پنجاب سامراج جي اتحادي هئي، ۽ پنجاب سامراج اردو آبادي؛ کي پنهنجي اتحادي؛ طور ٻين مظلوم قومن جي خلاف استعمال ڪندو رهيو. اهو صحيح آهي تہ ان وقت اردو آبادي؛ ۾ ايم ڪيو ايم ڪانہ هئي پر اها سڄي ساري مذهبي جماعتن جي قيادت ۾ متحده ۽ منظم هئي. جن جماعتن جي واڳ ڏور پنجابي قيادت جي هٿ ۾ هئي ۽ پنجاب ڪين اسلام ۽ مسلماني؛ جي نالي ۾ بنگال سميت مظلوم قومن جي خلاف استعمال ڪندو رهيو. ڇاڪاڻ تہ جڏهن پاڪستان ٺهيو هيو تہ ان وقت پنجاب وٽ صرف فوجي قوت هئي؛ جڏهن تہ سياسي ۽ عوامي قوت بنگال وٽ هئي ۽ اقتصادي ۽ سرمائي جي طاقت ڪراچي؛ جي سرمائيدارن وٽ هئي، جن جي قوت ۽ سهاري تي پاڪستان ٺهيو هو. جيڪڏهن ميمڻ ۽ ڪانياواڙين جون ٻنڪون مسلم ليگ جي مالي مدد نہ ڪن ها تہ پاڪستان بہ ڪونہ ٺهي سگهي ها.

پاڪستان کان پوءِ پنجابي سامراج ڪراچي؛ جي اقتصادي قوت کي پنهنجو اتحادي بنائي مظلوم قومن جي عوامي ۽ جمهوري قوت جي خلاف جنگ ڪئي، ٻهرين ون يونٽ ٺاهي ۽ پوءِ ايوب خان واري مارشل لا هٿي بنگال سميت مظلوم قومن جي جارحانہ ڦرمار ڪندو رهيو. پر 1971ع ۾ بنگلاديش جي آزادي؛ کان پوءِ بنگال واري عوامي، سياسي ۽ جمهوري طاقت پنجاب پاڻ وٽ رکي؛ نتيجي ۾ سنڌي، بلوچ ۽ پختون پاڻ ۾ گڏجي کان پوءِ بہ پنجاب جي اڪثريت جي مقابلي ڪرڻ جي قابل نہ رهيا. ان کان پوءِ پنجابي سامراج هڪ خاص حڪمت عملي؛ تحت ڪراچي؛ جي اقتصادي ۽ صنعتي طاقت ۾ هٿ ڳنڍيا ۽ ڀٽي صاحب جي حڪومت جي نام نهاد سوشلزم جي نعري ۾ ڪراچي؛ جي سرمائيدارن (1971ع کان اڳ ۾ پوري ملڪ جي صنعت جو 75 سيڪڙو ڪراچي؛ ۾ هو) جي چيلهہ ڇهي ڪئي وئي ۽ ڪراچي؛ جي سڄي؛ صنعت کي رياست جي تحويل ۾ ورتو ويو. اها پنجاب سامراج جي ضرورت هئي تہ جيئن غير پنجابين کي اقتصادي ميدان مان تڏا ويڙهائي ڇڏجن ۽ جاگيردار طبقي جي پنهنجي ضرورت هئي تہ جيئن اسرندڙ سرمائيداري؛ جي چيلهہ ڀڃي، جاگيرداري؛ کي پنجاهہ سال وڌيڪ عمر ڏياري وڃي ۽ ائين منڊي جاگيرداري، انڌي پنجابي سامراجيت جي ڪلهي تي چڙهي ويني ۽ اهڙي؛ طرح ڪراچي؛ جي سرمائيدارن کان سنڌن سڄي صنعت ڪسجي وئي. ميمڻ ۽ ڪانياواڙي سرمائيدار پاڪستان ۾ "سگهن ونڻ لاءِ

آيو هو پر پنجويهن سالن کان پوءِ ڪن به ڪپائي ويهي رهيو"

هن هندستان مان هندو سرمائيدار جي ڊپ کان ڀڄي اچي پاڪستان جي مارڪيٽ ۾ ڪن لڪايا هئا. پر پنجابي سامراج هن جا اهي ڪن ڪپي پنجابي سرمائيدار جي مٽي ۾ لڳائي ڇڏيا هئا. خاص ڪري جنرل ضياءالحق جي مارشل لا جي دور ۾ رياستي نالي جي معرفت پنجابي سرمائيدار کي پيدا ڪري آندو ويو ۽ ڪراچيءَ جي ميمڻ ۽ ڪاٺياواڙي سرمائيدار کي سرمائي جي دنيا مان لوڏي ٻاهر ڪڍيو ويو. انهيءَ ڪري ايم ڪيو ايم بابت اسان جو تجزيو عام ميڊيا جي بلڪل ابتڙ آهي: ته انهي (ايم ڪيو ايم) کي جنرل ضياءُ الحق پ پ جي مقابلي لاءِ ٺهرايو هو يا قومي تحريڪ جي خلاف ايجنسين ڪو ٺهرايو هو. بلڪ اسان جي خيال ۾ ته اها ڪراچيءَ جي سرمائيدارن جي سياسي تنظيم آهي، جنهن کي ڪراچيءَ جي سرمائيدارن پنجابي سرمائيدارن جي مقابلي لاءِ ٺهرايو آهي. اهوئي سبب آهي جو انهيءَ جا پهريان جهيڙا ۽ جهڳڙا به ڪراچيءَ جي اندر پنجابين ۽ پٺاڻن سان ٿيا هئا، جاڪاڻ ته اردو آباديءَ جو بنيادي اقتصادي تضاد سنڌين سان نه پر پنجابين ۽ پٺاڻن سان ٿئي ٿو.

جڏهن پنجابي سامراج ڏٺو ته هن اردو آباديءَ کي چالهارو سال مظلوم قومن جي خلاف استعمال ڪيو آهي ۽ هاڻي اها ان جي هٿن مان نڪرندي پئي وڃي ۽ اصل ڌرتيءَ جي ڌڻين جي ويجهي ٿيندي پئي وڃي ته انهيءَ جون پڳهاردار ايجنسيون حرڪت ۾ اچي ويون، جن هڪ خاص سنڌ دشمن حڪمت عمليءَ تحت سنڌ جي ٻن وڏين نمائنده تنظيمن، جيئي سنڌ ۽ ايم ڪيو ايم جي اندر پنهنجي پڳهاردار ماڻهن کي داخل ڪرائي ڇڏيو ۽ جيڪي پوءِ ٻنهي تنظيمن کي سنڌ جي سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي خلاف استعمال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جنهن لاءِ سڀ کان پهرين حيدرآباد بلديا جو واقعو ڪرايو ويو، پوءِ حيدر چوڪ جو مسئلو اٿاريو ويو، جڏهن ڏٺو ويو ته اهان به سنڌن مقصد پورو نٿو ٿئي ته 30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر جا واقعا ڪرايا ويا. جنهن کان پوءِ سنڌ جي شهرن اندر پورا ٻه سال رتوڇاڻ ٿيندي رهي، دهشتگردي ٿيندي رهي ۽ ماڻهو مرندا ۽ لاش ڪرندا رهيا، انهيءَ سڄيءَ دهشتگرديءَ جي پويان پنجابي سرمائيدار جو سرمايو ڪم ڪندو رهيو. جاڪاڻ ته صنعت کي ڪراچيءَ مان پنجاب ڪڻي وڃڻ کان پوءِ پنجابي سرمائيدار کي سنڌ جي مارڪيٽ به کپندي هئي، جيڪا سنڌ جي وڏن شهرن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ کان سواءِ پنجاب ڏانهن منتقل ٿي نٿي سگهي.

اهڙيءَ طرح جيئن جيئن سنڌ جي پليٽ فارم کي اردو آباديءَ جي خلاف استعمال ڪيو ويو، تيئن ايم ڪيو ايم جي پليٽ فارم کي سنڌي آباديءَ جي خلاف استعمال ڪيو ويو. نه اسان اردو آباديءَ جي خلاف ٽيندڙ دهشتگرديءَ کي روڪي سگهياسون ۽ نه توهان سنڌي آباديءَ جي خلاف ٽيندڙ دهشتگرديءَ کي روڪي سگهيا. ڇاڪاڻ ته پنجاب سامراج پنهنجي وسيلن جي زور تي ماحول ئي اهڙو بڻائي ڇڏيو هو.

۽ پوءِ جڏهن 1992ع جي جون مهيني ۾ سنڌ ۾ فوج لاٿي وئي ۽ انهيءَ اچڻ شرط ڳوٺن ۽ شهرن ۾ هڪ ئي وقت ماڻهن جي خلاف آپريشن شروع ڪيو ته انهيءَ جي ظلم ۽ ڌاڙ جو شڪار شهرن ۾ اردو آبادي ۽ ڳوٺن ۾ سنڌي آبادي ٿي ۽ ٻنهي آبادين جي خلاف مارڪٽ ۽ فوجي ڌاڙ شروع ٿي ويو. پنجاب سامراج جي اها هڪ پراڻي حڪمت عملي رهي آهي ته اهو وقت بوقت سيني مظلوم قومن جي ماڻهن کي ماريندو ۽ ڪٽيندو به رهيو آهي ۽ انهيءَ جي حمايت ۾ ٻين قومن جي ماڻهن کان تاڙيون ۽ بغل به وڄرائيندو رهيو آهي؛ ڪڏهن بنگالين جو قتل عام ڪندو آهي ۽ باقي قومن کان انهيءَ جي حمايت ۾ تاڙيون وڄرائيندو آهي. ڪڏهن بلوچن جو ڪوس ڪندو آهي ته باقين کان ان جي حمايت ۾ بغل وڄرائيندو آهي، ڪڏهن سنڌين کي مار ڪيندو آهي ته ٻين کان ان جي حمايت ۾ ڪڇيون هٿائيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح 1992ع کان وٺي اردو آباديءَ کي ماري ۽ ڪٽي رهيو آهي ته اسان سنڌين کي ڇيو ٿو وڃي ته انهيءَ جي حمايت ۾ نعره هڻو ۽ خوشيون ملهايو.

ڇاڪاڻ ته اردو آبادي جناح پور ٺاهي رهي آهي، جڏهن ته سڄاڻ ماڻهن کي خبر آهي ته اهو پنجابي فوج جو هڪ شو شو آهي. دراصل اهو جناح پور وارو منصوبو ايم ڪيو ايم جو نه پر انهيءَ وقت جي فوج جي سنڌ جي ڪور ڪمانڊر جو جوڙيل برامو هو، جنهن جناح پور جو هٿرادو نقشو ٺهرائي ميڊيا جي آڏو آندو هو. ايم ڪيو ايم الطاف جي پاران ڪڏهن به سنڌ جي ورهاست ڪو مطالبو نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ان جي تنظيم جي پاران اهڙو ڪو نعرو اسان شهرن جي ديوارن تي ڏٺو آهي. ان جي ابتڙ اهڙا سنڌ جي ورهاڱي جا نعرهِ اردو آباديءَ مان فوج ۽ پنجاب جُي دلال تنظيمن پاران وقت بوقت ٽيندا رهيا آهن. انهيءَ طريقي سان اصل ۾ ايم ڪيو ايم الطاف جي مٿان هڪ قسم جو پريشر وجهرايو ويندو آهي ته جيئن اها اردو آباديءَ جي اهڙي دباءُ کي قبولي سنڌ جي ورهاست جو مطالبو ڪري ۽ پنجابي سامراج کي سنڌ جي ورهاست جو بهانو ملي ۽ پوءِ اهو ان کي ورهائي

نڪر ڪري ڇڏي.

جيئن انگريز سامراج هندستان جي مسلمانن جي مختلف مذهبي تنظيمن پاران پاڪستان جي مطالبي جو مسلم ليگ تي پريشر وجهرائي ان کي پاڪستان جو مطالبو قبول ڪرايو هو؛ انهيءَ وانگي پنجاب سامراج پنهنجن پگهاردار ۽ ڇاڙتين تنظيمن جي پاران سنڌ جي ورهاڱي جا هٽرادو مطالبا ڪرائي ايم ڪيو ايم الطاف تي زور بار وجهرائيندو رهيو آهي. پر شاباش آهي الطاف ۽ متحده وارن کي جن پنجاب سامراج جي انهيءَ سڄيءَ سازش کي ڏاڍيءَ ڏاهپ سان ناڪام بنائي ڇڏيو آهي. اسان انهن جي اهڙي سنڌ دوست عمل جي آجيان ڪريون ٿا ۽ پنجاب ۽ ان جي پيچ لتڪائو ڇاڙتن جي مذمت ڪريون ٿا، اسان انهيءَ موقف جي نہ رڳو تائيد ڪريون ٿا پر ان کي سچو پچو سنڌ دوست موقف تسليم ڪريون ٿا. آئون انهيءَ حوالي کان توهان کان ڪي بہ اجايا سجايا ۽ فروعي مطالبا نہ ڪندس ۽ نہ ئي اهڙا ڪي سوال ڪندس، جيڪي سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي هڪٻئي جي ويجهي ڪرڻ جي بجاءِ پري ڪري ڇڏين. ڇاڪاڻ تہ اسان سمجهون ٿا تہ توهان کان وڌيڪ مطالبن جي گهر ڪرڻ جو مطلب آهي تہ توهان کي انهيءَ حوالي کان ايترو مجبور ڪيو وڃي تہ جيئن اردو آبادي توهان کان پڃي وڃي ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ ٻين پنجاب نواز تنظيمن جي جهولي ۾ ڪري.

ان ڪري اسان اهڙو ناداني وارو ڪم نہ ڪنداسين ۽ نہ اسان ان کي سنڌ جي حقيقي مفادن وٽان ٿي سمجهون ٿا. اسان سنڌي شاونسٽ نہ پر وطن دوست قوم پرست آهيون، اسان کي متحده جو اتحاد اردو آباديءَ جي راضپي سان گهربل آهي. اردو آباديءَ جي راضپي کان سواءِ اسان کي ايم ڪيو ايم جي اتحاد جي ضرورت ڪانہ آهي، ان ڪري اسان توهان کان ۽ اردو آباديءَ کان تڪڙي سنڌي ٿيڻ جي بجاءِ سنڌ جي آزاديءَ بابت سوال ڪنداسين.

توهان هن وقت سنڌ جي صوبائي خودمختياري 1940ع جي ٺهراءُ مطابق گهري رهيا آهيو، انهيءَ مطالبي جي نتيجي ۾ توهان سنڌ اندر پ پ کي ۽ ٻين سيني موقعي پرست قوم پرست سياسي تنظيمن کي ديوار سان لڳائي ڇڏيو آهي، انهيءَ ڪري اهي مڙئي لازمي طور توهان جي انهيءَ پروگرام جي مخالفت ڪنديون. ڇاڪاڻ تہ جن سياسي تنظيمن جو بنياد ئي مهاجر دشمنيءَ تي رکيل آهي؛ انهن جي سياسي ديڱڙي چلهہ تان لهي وئي آهي؛ نتيجي ۾ اهي پنهنجو سياسي موت اکين سان ڏسي رهيون آهن. پر سوال آهي تہ اهو 1940ع جي ٺهراءُ

وارو پروگرام شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ جو بہ هو، ۽ اسان سنڌ جي حقيقي وطن دوست قوم پرستن ان پروگرام جي بہ وڏي چڙهي حمايت ڪئي هئي ۽ اهڙيءَ طرح توهان جي 1940ع جي ٺهراءَ جي پروگرام جي بہ حمايت ڪريون ٿا. پر اها حقيقت آهي تہ شيخ مجيب الرحمان ۽ عوامي ليگ انهن ڇهن نقطن جي حاصلات ۽ چاليهہ جي ٺهراءَ کي عمل ۾ آڻڻ جي بدران پنهنجا چاليهہ لک ماڻهو مارائي پوءِ بنگلاديش جي آزادي حاصل ڪئي هئي. ڇاڪاڻ تہ پنجاب سامراج ۽ پنجابي فوج شيخ مجيب ۽ عوامي ليگ جي ڇهن نقطن ۽ چاليهہ جي ٺهراءَ کي قبول ڪرڻ جي بجاءِ بنگال تي فوج چاڙهي موڪلي ۽ نون مهينن جي جنگ ۽ هڪ وڏي خونريزيءَ کان پوءِ بنگلاديش آزاد ٿيو. اهڙيءَ طرح پنجاب سامراج ۽ ان جو فاشي حڪمران طبقو ۽ فوج ڪڏهن بہ 1940ع واري ٺهراءَ کي قبول ڪونہ ڪندا؛ نتيجي ۾ اسان بہ لکين ماڻهو مارائي پوءِ آزادي حاصل ڪنداسون، ان کان بهتر آهي تہ سائين جي. ايم. سيد جي آزاد سنڌو ديش جي پروگرام تي عمل پيرا ٿي اڄ ئي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪريون. ٻيءَ صورت ۾ پنجابي فوج اسان جي ماڻهن کي ماريندي بہ رهندي ۽ دنيا کي چوندي بہ رهندي تہ هي انهن جو اندروني مسئلو آهي، ۽ دنيا جي ماڻهن کي انهيءَ ۾ مداخلت جو حق ڪونہ آهي، جڏهن تہ آزاديءَ جي پروگرام ڏيڻ کان پوءِ دنيا جي اڳيان اهو اندروني مسئلو نہ رهندو ۽ نہ اهو اندروني مسئلو آهي پر آقا ۽ غلام قوم جو مسئلو آهي، ان ڪري اسان کي دنيا کي واضح طور ٻڌائڻو پوندو، تہ اسان هاڻ پنجاب سامراج سان گڏجي رهڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيون.

منهنجن سوالن جي جواب ۾ الطاف حسين چيو تہ توهان سنڌ جي آزاديءَ يا پنجاب جي ظلمن ۽ ڦرمار جي باري ۾، جيڪي ڳالهيون ڪريو ٿا، اهي هتي ٻاهرين ملڪن ۾ وفد ٺاهي اچو ۽ اچي ٻڌايو، اسان توهان جي انهيءَ سلسلي ۾ هر ممڪن مدد ڪنداسين. پر اهڙن قوم پرست دانشورن کي نہ موڪليو، جن جا چٺو تہ آئون نالا ڪٺي ٻڌايان، جيڪي هتي اچي آءِ ايس آءِ جي گاڏين ۾ چڙهي يو اين اي جي دفتر ۾ ويندا آهن ۽ انهن ئي گاڏين ۾ چڙهي موٽي ايندا آهن. ۽ اهي اتي وڃي رڳو سنڌ جي اردو آباديءَ جي خلاف ڳالهائي ايندا آهن پر پنجاب ۽ پنجابين جي خلاف لفظ بہ ڪونہ ڳالهائيندا آهن. هن چيو تہ اسان جو في الحال 1940ع جي ٺهراءَ جو مطالبو آهي، تہ صوبن کي صوبائي خودمختياري ڏني وڃي ۽ انهيءَ حوالي کان پنجاب جي ظلمن جي خلاف دنيا کي ٻڌايون ٿا تہ اهو سنڌ ۽ ان ۾

رهندڙ ماڻهن جو استحصال ڪري رهيو آهي، جنهن سنڌ کي پنهنجي ڪالوني بنائي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن پنجاب ۽ پنجابي حڪمرانن اسان جون اهي ڳالهيون ۽ مطالبا تسليم نه ڪيا ۽ پنهنجا ظلم ۽ ڦرمار جاري رکي ته پوءِ اهو رستو به پري ڪونه آهي، انهيءَ جو آئون توهان کي يقين ٿو ڏيان.

منهنجن سوالن کان پوءِ زيب سنڌي، تاج جويو ۽ انعام شيخ ۽ ٻين به سوال ڪيا پر ڏنم ته پليجي واري چوڪڙي ٻچ لڳائي پريس ڪلب مان ئي گم ٿي وئي. انهن مان وري ڪنهن ڪو سوال ڪونه ڪيو ۽ جي اين مغل به گهڙي کن ويهي اٿي هليو ويو. زيب سنڌيءَ سوال ڪيو ته فرسٽيئر ۽ انٽر جي ڪاليجن ۾ سنڌي شاگردن کي ته اردو لازمي پڙهائي ٿي وڃي پر اردو شاگردن کي سنڌي لازمي نٿي پڙهائي وڃي، انهيءَ جي جواب ۾ الطاف حسين چيو ته "جيڪڏهن چئو ته آئون سنڌي شاگردن کي اپيل ڪريان ته اهي اردو نه پڙهن يا چئو ته اردو شاگردن کان مطالبو ڪريان ته اهي لازمي سنڌي پڙهن." زيب سنڌي مرڳو پنهنجي سوال تان ئي هٿ ڪڍي ويو. ان کان پوءِ تاج جوئي پنهنجي سوال دوران چيو ته دراصل اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کان 1973ع جي آئين ۾ ٻارهن سالن لاءِ سنڌي لازمي پڙهڻ وارو شرط هٽايو ويو هو. ۽ ٻارهن سالن جي مدي پوري ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ تي حڪومت ئي عمل نٿي ڪرائي، جڏهن ته لازمي سنڌي نصاب وارو ڪتاب ڪيترن سالن کان ڇپيو تيار ٿيو پيو آهي پر اهو ڪتاب ڪاليجن ۾ استادن کي ۽ شاگردن کي نٿو ڏنو وڃي، جنهن مان لڳي ٿو ته خود حڪومت جي ئي انهيءَ سلسلي ۾ ڪا دلچسپي ڪانه آهي.

آخر ۾ انعام شيخ سوال ڪيو ته اها حقيقت آهي ته سنڌين جي حقيقي نمائنده پارٽي پ پ آهي، توهان کي ٻين جي بجاءِ پ پ سان ئي ڳالهائڻ به گهرجي ۽ اتحاد به ڪرڻ گهرجي. ان کان سواءِ توهان جو بيان آيو آهي ته پليجو ۽ قادر مگسي ايجنسين جا پگهاردار آهن. مهرباني ڪري اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو. ڇاڪاڻ ته ڪوبه ايجنسين جو پگهاردار يا ڇاڙتو وغيره ڪونه آهي. انهيءَ جي جواب ۾ الطاف حسين چيو ته اسان پ پ وارن سان هڪ به دفعو اڳ به اتحاد ڪيو آهي، هاڻ به جيڪڏهن پ پ وارا 1940ع جي ٺهراءَ مطابق سنڌ جي خودمختياريءَ لاءِ راضي ٿين ته اسان انهن سان به گڏجي ويهڻ لاءِ تيار آهيون. باقي جيستائين سنڌي ليڊرن جي خلاف ڳالهائڻ جو تعلق آهي ته مان آفتاب شيخ ۽ ٻين متحده جي ذميوار دوستن کي چوان ٿو ته اڄ کان پوءِ انهن مان ڪوبه شخص سنڌي ليڊر جي خلاف

نہ ڳالهائيندو، جيڪڏهن ڪو بہ سنڌي ليڊر اسان جي خلاف ڳالهائي، تڏهن بہ ان جي خلاف ڳالهائڻو ڪونہ آهي.

اهڙيءَ طرح اٽڪل 5 وڳي ڊاري پروگرام ختم ٿيو، تہ آفتاب شيخ صاحب مون کي اچي چيو تہ اسان هن ڪان پوءِ مانيءَ جو بندوبست ڪيو آهي؛ مهرباني ڪري اها کائي پوءِ ويندا. مون محسوس ڪيو تہ جيتوڻيڪ منهنجا سوال ڏاڍا ڏکيا بہ هئا ۽ سخت بہ هئا؛ جيڪي جهڙي تهڙي قومپرست جي نڙيءَ ڪان هيٺ لهي نہ سگهندا آهن. پر پوءِ بہ متحده وارا منهنجي سوالن مان گهڻو ڪجھ مطمئن بہ هئا ۽ خوش بہ هئا. انهيءَ مان واضح ٿئي ٿو تہ متحده وارا سوچي سمجهي سنڌ جي سياست ڪرڻ لڳا آهن ۽ اهو ڏينهن پري ڪونہ آهي، جڏهن اهي سنڌ جي قومي آزاديءَ لاءِ مڪمل طور تي چٽا ٿي اچن! ۽ اسان وارا ڪوڙا قومپرست پير پوئتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن؛ ڇاڪاڻ تہ ڪري، ڪوئي ۽ سچي عمل جي ڪسوٽي وري بہ عمل آئي آهي، جيڪو عمل ۾ پورو لهندو، اهوئي سچو ثابت ٿيندو.

باقي جيڪي دانشور ۽ صحافي چون ٿا تہ متحده وارن کي سنڌ جي مفادن لاءِ پ پ سان ڳالهائڻ گهرجي ۽ ان سان ئي اتحاد ڪرڻ گهرجي ۽ اهائي سنڌين جي حقيقي نمائنده سياسي جماعت آهي، اهو غلط آهي؛ ڇاڪاڻ تہ پ پ سنڌين جي جماعت ڪانہ آهي ۽ نہ اها سنڌ ۽ سنڌين جي مفادن جي جنگ لڙي رهي آهي. پ پ مڪمل طور تي وفاق جي نمائنده جماعت آهي، ۽ هن وقت تائين سنڌ ۽ سنڌين جو استحصال وفاق ئي ڪندو رهيو آهي، وفاق پنجاب جو نمائندو آهي ۽ پ پ پنجاب جي مفادن جو ئي تحفظ ڪندڙ آهي. جيڪڏهن متحده وارا پ پ سان اتحاد ڪندا تہ اهو سنڌ جي مفادن لاءِ اتحاد نہ هوندو بلڪہ اهو اتحاد مڪمل طور تي وفاق ۽ پنجاب جي مفادن وٽان هوندو. انهيءَ جو ثبوت 1940ع جو ٺهراءُ آهي، جيڪو پ پ کي قبول ڪونہ آهي، جڏهن تہ 1940ع جو ٺهراءُ سمورين قومن جي جمهوري حقن جو محافظ آهي؛ ان ڪري متحده کي پ پ سان اتحاد ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ بذات خود سنڌ دشمن موقف آهي بلڪہ اهو موقف پنجاب نواز ۽ جاگيردار دوست آهي.

متحده وارن کي سنڌ جي وطن دوست ۽ آزادي پسند قوتن جي بجاءِ سنڌ جي مردار جاگيردار طبقي سان اتحاد لاءِ چوڻ جو مطلب آهي تہ سنڌ جو اهو مردار طبقو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان گڏ متحده وارن کي بہ پنجاب سامراج وٽ وڪڻي هڪ ٻن سالن جي اقتدار جي ڪرسي حاصل ڪري. اسان کي افسوس آهي تہ

سنڌ جو پڙهيل ڳڙهيل دانشور ۽ صحافي اڃان جاگيردار شعور ۽ جاگيردار مفادن جي وٺ ورائي ڪرڻ کان پنهنجيءَ سوچ کي آزاد ڪرائي نہ سگهيو آهي ۽ اڃان تائين اهو جاگيردار شعور جي سنگهرن ۾ سلهاڙيو ۽ ان جو غلام ٿيو پيو آهي ۽ اهو جاگيردار شعور عام سنڌيءَ ماڻهوءَ وانگر سنڌي دانشور جي ذهن تي بہ سوار آهي. جنهن جي ڪري سنڌ جو دانشور اڃان سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد کان خوفزده آهي ۽ ان کي جاگيرداري نفسياتي خوف ورائي ويو آهي تہ ڪٿي سنڌ جو شهري طبقو مردار جاگيردار طبقي کان اڳ ڪڏهن سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جنگ جي قيادت نہ سنڀالي ۽ سنڌ ۽ سنڌي قوم، جيڪا جاگيردار طبقي جي خانداني ميراث آهي، سا ڪٿي انهن جي قبضي ۾ نہ اچي وڃي!؟ اهو جاگيردار نفسياتي نااهليءَ جو خوف آهي، جيڪو متحده جي سنڌ دوست موقف اختيار ڪرڻ کان پوءِ جاگيردار شعور جي غلامي ۾ ويڙهيل سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ کي وڪوڙي ويو آهي ۽ اهو هڪ اڻ ڄاتي خوف جو شڪار ٿي ويو آهي، تہ جيڪڏهن پنجاب سامراج جي غلاميءَ جي خلاف متحده جنگ جوٽي تہ سنڌ جو مردار جاگيردار طبقو پوئتي رهجي ويندو. ڇاڪاڻ تہ اهو پنهنجي قوم جي قومي قيادت جي صلاحيت وڃائي وينو آهي، ان ڪري بحيثيت سنڌي قوم جي پنجاب سامراج جي غلامي تہ قبول آهي پر سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ سنڌ جي شهري طبقي جي اڳواڻي قبول ڪانہ آهي.

اهو دراصل جاگيردارانہ غلامانہ ذهنيت جو هڪ اظهار آهي، جيڪو اسان جي قومي نااهليت کي ظاهر ڪري رهيو آهي. تہ جيئن تہ اسان پراڻن سنڌين ۾ قومي قيادت جي ڪا ٿوم ڪانہ آهي ۽ اسان جو جاگيردار طبقو مردار ٿي چڪو آهي، جيڪو سنڌ جي قومي آزادي جي جدوجهد جي قيادت ڪر نٿو سگهي، جنهنڪري اسان کي نام نهاد سنڌ جي مالڪيءَ جي هٿن مان وڃڻ واري جاگيرداري نفسياتي خوف جي مالي خوليا ٿي پئي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان فڪري ۽ نظرياتي لحاظ کان رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي آزاد سنڌو ديش جي پروگرام کان منهن موڙي ۽ بيگانگي اختيار ڪري پنهنجيءَ ترتيءَ تان پنهنجا پير اکوڙي ڇڏيا آهن، جنهن جي ڪري فڪري ۽ نظرياتي طور سڃا سکڻا ۽ ويڳاڻ ٿي پيا آهيون، نتيجي ۾ اسان سنڌ جي آزاديءَ ڏانهن بہ اهوئي ويڳاڻپ ۽ ڏاريائپ وارو رويو اختيار ڪيو آهي.

(ماهوار ساڃاهہ، جنوري-فيبروري 2001ع)

الطاف حسين جي سنڌ دوست خط جو جواب

محترم الطاف حسين صاحب قائد متحده قومي موومينٽ. اميد ته توهان خيريت سان هوندا.

گذارش ته آئون توهان جي 27-1-200 جي اخبارن ۾ شايع ٿيل خط جو دل جي گهراين مان خير مقدم ڪريان ٿو. توهان جي سنڌ ڌرتي، ان جي وسيلن جي ڦرمار ۽ ان جي غلامانه حيثيت سان ايتري گهري دلچسپي ۽ همدردي ڏسي سچ پچو ته ڏاڍي خوشي ۽ مسرت ۽ سرهائي ٿي آهي. وڌيڪ خوشي انهيءَ ڳالهه جي به ٿي آهي ته توهان کي سنڌ جي پنجاب سامراج جي ڪالوني هجڻ جو احساس آهي ۽ توهان پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي پاران سنڌ ۽ ان جي خلاف پنجاهه سالن جي ٿيندڙ زيادتين ۽ ڦرمار کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ۽ ان سمجهي ورتو آهي. هن سلسلي ۾ وڏي ۽ اهم ڳالهه اها آهي ته توهان کي اها به ڄاڻ آهي ته پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ ان جون ايجنسيون اڄ تائين سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي پنهنجيءَ ٿي ڌرتي تي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪنديون رهيون آهن.

توهان 30 سيپٽمبر 1988ع ۽ پهرين آڪٽوبر 1988ع تي سنڌي قوم جي بنهي آبادين جي قتل عام جي حقيقي نشاندهي ڪري، اسان جي خيالن ۽ جذبن جي ترجماني ڪئي آهي. توهان جو اهو چوڻ به صحيح آهي ته سنڌ جي جاگيردارن ۽ وڏيرن ذوالفقار علي ڀٽي کان بينظير تائين سيني پنجاب جو ايجنٽ بنجي سنڌ ۽ ان جي ماڻهن کي غلام در غلام بنائي ڇڏيو آهي.

اهڙيءَ طرح پنجابي سامراج اسان کي ويڙهائيندو به رهيو آهي ۽ هڪ ٻئي جي خلاف ميدان ۾ آڻي، اسان جي وسيلن کي پنجاهه سالن کان ڦري ۽ لٽي به رهيو آهي. هو (پنجابي) ڪڏهن بنگالين جو قتل عام ڪن ٿا ۽ پوءِ سنڌين، مهاجرن، بلوچن، سرائيڪين ۽ پشتونن کي چون ٿا ته اسان پاڪستان کي بچايون ٿا. ان ڪري توهان سڀ پنجابي فوج جي قتل ۽ غارتگريءَ جي حق ۾ تاڙيون وڄايو ۽ پوءِ اسان سڀ پنجاب جي بربريت جي حمايت ۾ تاڙيون وڄائڻ شروع ڪندا آهيون؛ ڪڏهن وري بلوچن کي قتل ڪري چوندا آهن ته اهي پاڪستان جا

غدار آهن؛ ان ڪري ٻين قومن جي ماڻهن کي سنڌن (پنجابين) حق ۾ تاڙيون ۽ ٻغل وڄائڻ گهرجن ۽ ڪڏهن وري سنڌين تي گولين جو مينهن وسايو وڃي ٿو ۽ پنجابي سامراج اسان کي چوندو آهي ته سنڌي پاڪستان کي ٽوڙين ٿا؛ ان ڪري مهاجر، پشتون ۽ بلوچ عوام کي زور زور سان ڪڇيون هڻڻ گهرجن. ڪڏهن اردو ڳالهائيندڙ نوجوانن کي مارين، ڪٽين ۽ قتل ڪن ٿا ۽ اسان سنڌين کي چون ٿا ته اهي جناح پور ٿا ناهين، ان ڪري توهان کي پنجابين جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي ۽ ان لاءِ تاڙيون وڄائڻ ۽ خوشيون ڪرڻ گهرجن؛ ڇو ته اهو اسان جي دشمن جي خلاف آپريشن ڪري رهيو آهي.

اسان سڀ واري واري سان پنجابي سامراج جي مار ۾ ڪاٽيندا رهندا آهيون ۽ هڪ ٻئي جي خلاف پنهنجي قاتلن جي حق ۾ تاڙيون وڄائيندا ۽ نعره هڻندا ۽ حمايت ڪندا رهندا آهيون ۽ پنهنجي ڪُلَ خراب ڪرائڻ جي خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ نه سمائجندا آهيون. اهو سڀ ڪجهه پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي منفي پروپيگنڊه ۽ بليڪ ميلنگ جي سلسلي ۾ ٿيندو رهندو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اسان جي قوم جا وڪائو ماڻهو سندن ايجنٽ ۽ دلال آهن.

اسان کي معلوم آهي ته پاڪستان کان پوءِ هڪ گهريءَ سازش هيٺ پنجاب پنهنجي عسڪري قوت جي زور تي سڀ کان اول بنگالي پاڻرن جي جمهوري، سياسي ۽ عوامي اڪثريت جي خلاف جنگ جوٽي ۽ پوءِ انهن کي ملڪ کان ڌار ڪري ڇڏيو ۽ بنگلاديش جي آزادي کان پوءِ اها اڪثريت پنجاب پاڻ وٽ رکي آهي ۽ پوءِ هڪ ٻيءَ سازش تحت نام نهاد سوشلزم جي بهاني سان سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ جي سرمائيدارن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ انهن جا ڪارخانا ۽ بينڪون ڪسي رياست جي تحويل ۾ ڏنا ويا. جنهن کان پوءِ ملڪ ۾ يارهن سال مارشل لا هئي، انهن ئي سرڪاري بينڪن جي ذريعي پنجابي سرمائيدارن کي پيدا ڪيو ويو ۽ نام نهاد قومي ملڪيت ۾ ورتل بينڪون ۽ ڪارخانا پنجابي سرمائيدارن کي ڏنا ويا. جڏهن ته اها هڪ حقيقت آهي ته پاڪستان، بنگالين ۽ سنڌين جي جدوجهد، هندستان جي ننڍن صوبن جي عوام جي مطالبي ۽ ڪراچيءَ جي دولتمند سرمائيدارن جي سرمائي سان ئي ٺهيو هو. جيڪڏهن بنگالي مسلمانن جي اڪثريت پاڪستان جو مطالبو نه ڪري ها، جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ سائين جي ايم سيد پاڪستان جي حق ۾ قرارداد پاس نه ڪرائي ها، جيڪڏهن هندستان جي ننڍن صوبن جا ماڻهو پاڪستان جي حق ۾ قربانيون نه

ڏين ها ۽ جيڪڏهن ميمڻ، ڪانياواڙي، خواجہ، بوهري، راجستاني ۽ مهاجر پنهنجو سرمايو پاڪستان لاءِ نہ لڳائين ها تہ پاڪستان ڪڏهن بہ بنجي نہ سگهي ها. جاڪاڻ تہ پنجاب جا جاگيردار ۽ چوڌري آخري وقت تائين پاڪستان جا مخالف هئا. ۽ اهي انگريز سامراج جا پاڙيتو ٿي ڪعبة الله شريف تي گوليون وسائيندا هئا.

مگر بدقسمتيءَ سان پاڪستان کان پوءِ پنجاب وٽ انگريز سامراج جي پالتو فوج ۽ ڪاموراشاهي موجود هئي، جنهن پاڪستان کان پوءِ خالص پنجابي شاونسٽ بيوروڪريسيءَ جي شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ انهيءَ پنهنجي عسڪري قوت جي زور تي بهرين بنگالين جي اڪثريت کي ملڪ کان ڌار ڪري ڇڏيو ۽ ائين جمهوريت جو گلو گهٽڻ کان پوءِ ملڪ جي اقتصادي قوت کي تباهہ ڪيو ويو. جاڪاڻ تہ پاڪستان کان پوءِ جيڪڏهن عسڪري قوت پنجاب وٽ هئي تہ جمهوري قوت جو توازن بنگالين وٽ هو ۽ اهڙيءَ طرح اقتصادي قوت جو توازن ڪراچيءَ جي سرمائيدارن وٽ هو. پر اها پنجاب سامراج جي سازش هئي، جيڪو هڪ کان پوءِ ٻيءَ قوت کي تباهہ ڪندو ويو ۽ هو اسان ننڍين قومن ۽ آبادين جي حقن تي ڌاڙا هڻندو رهيو. نوڪريون پنجاب ڪٽي ويو، تجارت ۽ واپار تي پنجاب قبضو ڪري ورتو. ڪارخانا پنجاب ڪٽي ويو، ٺيڪون پنجاب ڪٽي ويو ۽ ان کان پوءِ ننڍين قومن جون منڊيون ۽ مارڪيٽ بہ (سنڌ ۾ فساد ڪرائي) پنجاب ڪٽي ويو (۽ هاڻ هو سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ تي قبضو ڪري وينو آهي.) مطلب تہ سڀ ڪجهہ پنجاب ڦري ماري ۽ لٽي ڪٽي ويو؛ نہ رڳو اهو پر هو پنهنجي ايجنٽن ۽ دلالن جي معرفت اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائيندو بہ رهيو ۽ گڏوگڏ ملڪ دشمني جا لقب ۽ القاب بہ ڏيندو رهيو.

هم آهہ بهي بهرين تو هوتين هين بدنام،
وو قتل بهي کرين، تو چرچا نهين هوتا.

پنجاب لٽيندو ۽ ڦريندو بہ رهيو، ماريندو ۽ قتل ڪندو بہ رهيو ۽ پاڻ تي حب الوطنيءَ جو ٺپو بہ هڻندو رهيو ۽ اسان لٽجندا ڦرجندا بہ رهياسين، مارجندا ۽ ڪسجندا بہ رهياسين ۽ ملڪ جا دشمن ۽ غدار بہ سڏبا رهياسين. اسان ننڍين قومن کي پاڪستان جو سَلو اهو مليو آهي ۽ اڄ تائين ملندو رهي ٿو. اسان جمهوريت لاءِ تڙپندا رهياسين ۽ هو مارشل لا تي مارشل لائون هڻندا رهيا ۽ هاڻ آخر ۾ انهن پنهنجي ٿي پنجابي وزيراعظم کي حڪومت جي گاديءَ تان لاهي ملڪ تي چوٿين مارشل لا مڙهي ڇڏي آهي.

اسان جي بدقسمتي اها هئي تہ سنڌي عوام جي سياسي قيادت جاگيردارن ۽ وڏيرن وٽ هئي؛ ۽ اهي وزارتن ۽ اقتدار جي شرڪت جي بدلي ۾ اسان کي بحيثيت قوم جي پنجاب وٽ وڪڻندا ۽ تباهہ ڪندا رهيا ۽ اسان جي قومي وسيلن کي پنجاب کي دل کولي لٽڻ ۽ ڦرڻ جي اجازت بہ ڏيندا رهيا. اهڙيءَ طرح پنجاب اسان کي ٻاونجاهہ سالن کان لٽيندو ۽ ڦريندو رهيو آهي پر هاڻ گهٽ ۾ گهٽ اسان سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن پنجاب سامراج جي هن چال کي سمجهي ورتو آهي ۽ اسان اهو بہ چڱيءَ طرح سمجهون ٿا تہ متحده ۽ جيئي سنڌ هن ڌرتيءَ ۽ ان جي عوام جون حقيقي نمائنده قومي پارٽيون آهن؛ ڇاڪاڻ تہ هاڻ جڏهن اصل سنڌين سان گڏ اسان جا نوان سنڌي شهري ڀائر بہ سجاڳ ٿيا آهن ۽ انهيءَ ڦرمار جي خلاف آواز اٿاري رهيا آهن تہ اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي.

اسان سمجهون ٿا تہ قومي سرمائيدار قوم جو هر اول دستو ٿيندو آهي، ان ڪري سامراجي قومون سڀ کان پهرين ان (سرمائيدار) کي ئي تباهہ ڪنديون آهن؛ جو تہ قومي ڦرمار ڪندڙ قوتن جي خلاف سڀ کان پهرين اهوئي متحد ٿي آواز اٿاريندو آهي، ۽ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو متحده سنڌ جي شهري سرمائيدارن جي سياسي جماعت آهي ۽ انهن جي مفادن لاءِ وڙهي بہ ٿي. قومي سرمائيدار جا مفاد پوري قوم ۽ ڌرتيءَ جي مفادن سان جڙيل هوندا آهن، پر جاگيردار جا مفاد پنهنجن ڏهن ويهن هزارن ايڪڙن زمين تائين محدود هوندا آهن؛ ان ڪري اهو قوم ۽ وطن جي مفادن لاءِ وڙهندو بہ ڪونہ آهي، بلڪہ حڪمران قوم جي دلالي ڪندو آهي.

پنجابي اسٽيبلشمينٽ، جيئن سنڌي ۽ اردو آبادين کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي، تيئن انهيءَ ڪيئي نام نهاد قوم پرست تنظيمون بہ نهرائي ڇڏيون آهن، جيڪي شاونسٽ قوم پرستيءَ ۽ لساني فرقيواريت جي بنياد تي هرويرو بہ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ ڪشيدگيءَ ۽ ڇڪتاڻ کي هوا ڏينديون رهنديون آهن؛ اهڙا ماڻهو اسان سنڌي ڳالهائيندڙن ۾ بہ آهن ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ بہ آهن، اسان کي انهن کان خبردار ۽ هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي.

اسان کي رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد هدايت ڪئي هئي تہ هڪ ڏينهن سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ پاڻ ۾ گڏجي سنڌ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ جنگ ڪندا. ڇاڪاڻ تہ پاڪستان ڪان پوءِ هڪ تاريخي جبر جي نتيجي ۾ اردو ڳالهائيندڙ ڀائر اسان جي سرزمين تي اچي آباد ٿيا آهن، اسان کي ڪين مهاجر يا

پناهگير نہ سمجهڻ گهرجي. بلڪ هن ڌرتيءَ جا باشندا ٿي سمجهڻ گهرجي ۽ انهن کي بہ پاڻ کي پناهگيرن يا مهاجرن جي بدران ڌرتيءَ جاوا تصور ڪرڻ گهرجي. سنڌو آهي تہ انهي سلسلي ۾ اسان هتي سائين جي ايم سيد جي لفظن کي ٿي دهرايون؛ پاڻ چون ٿا. "اڄوڪي هن موقعي تي، سنڌ ۾ مستقل آباد اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي ايترو چوندس تہ هيءَ ڌرتي، مختلف مذهبن، نظرين ۽ تهذيبن جو خوبصورت گلدستو آهي، قدرت توهان کي پنهنجي ماتر ڀوميءَ کان ڌڪي اهڙي سرزمين جي گود نصيب ڪئي آهي، جيڪا پيار، محبت، رواداريءَ ۽ ڀائيچاري جو مثالي مرڪز رهي آهي، ان ڪري توهان کي تاريخ جي انهيءَ سونهري موقعي مان فائدو وٺي، هتي جي اصل رهاڪن سان کير ۽ کنڊ ٿي هڪ ٻئي جو حصو ٿي رهڻ گهرجي." (جي. ايم. سيد الوداعي خطبو؛ 17 جنوري 1995ع)

برادرم الطاف حسين سچ پچو تہ توهان جي خط پڙهڻ کان پوءِ اسان کي رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي خواب جو تعبير سچو ٿيندي نظر اچي رهيو آهي ۽ اسان کي وڏيڪ خوشي ان ڪري بہ ٿي آهي تہ جيئن هاڻ سنڌي ڳالهائيندڙن ۾ هڪ مڊل ڪلاس پيدا ٿي رهيو آهي، اهڙي ئي هن ڌرتي جي شهري بورزوازي بہ پنهنجيءَ ڌرتيءَ ۽ انهيءَ جي مڊل ڪلاس جي رهنمائي لاءِ اڳتي وڌي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان سمجهون ٿا تہ جيسين سنڌ جي ڳوٺائي ۽ شهري آبادي گڏجي ۽ متحد ٿي نہ اٿندي، تيسين تائين پنهنجا حق ۽ آزادي حاصل ڪري نہ سگهندي. شهري ۽ ٻهراڙيءَ جو عوام هڪ گاڏيءَ جا بہ ويل يا ڦيٿا آهن؛ سنڌ ۽ ان ۾ رهندڙن جي خوشحاليءَ ۽ آزاديءَ لاءِ انهن ٻنهي ڦيٿن جو گڏوگڏ ڦرڻ لازمي آهي.

برادرم الطاف حسين توهان جي سنڌ دوستيءَ واري خط جي وڏي مهرباني؛ پر توهان کي ٻڌائي ڇڏڻ گهرون ٿا بلڪ خبردار ڪريون ٿا تہ پنجابي اسٽيبلشمينٽ جيئن اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، اهڙيءَ طرح اها وقتاً فوقتاً ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ جا شو شا بہ ڇڏيندا رهي ٿي. ڪڏهن جناح پور جو، ڪڏهن اردو ديش جو، ۽ ڪڏهن ڏکڻ سنڌ جي صوبي جو برامو رچايو ويندو آهي ۽ ان ۾ اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن کي ملوث ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، تہ جيئن اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن ۾ ڪشيدگي ۽ ڇڪتاڻ واري فضا قائم رهي، اسان کي ۽ توهان کي انهيءَ سازش کي نہ صرف سمجهڻو پوندو پر ناڪام بہ ڪرڻو پوندو. انهيءَ سلسلي ۾ توهان ماڻهن کي

احتياط ڪرڻو پوندو.

موجوده فوجي حڪومت کان پوءِ توهان جي رابطا ڪميٽيءَ جي پاران وڏيڪ صوبن جي تجويز آئي هئي يا ڪڏهن مهاجر قوميت جي ڳالهه ٿيندي رهي ٿي، ان جي توهان پاران ڪابه وضاحت يا ترديد ڪانه آئي هئي؛ يا ڪي ٻيون اهڙيون ڳالهيون اردو آباديءَ وٽان اينديون رهنديون آهن يا "آڌا تمهارا آڌا همارا" جهڙيون ڳالهيون توهان ۽ اسان ٻنهي کي نه ڪرڻ گهرجن، بلڪ انهيءَ جي سختيءَ سان مخالفت ڪرڻ گهرجي، هيءَ سڄي ڌرتي اسان جي به آهي ۽ توهان جي به آهي، هڪ ئي سنڌي قوم جي آهي، ان جي باري ۾ سنڌي ماڻهو ڏاڍا حساس هوندا آهن، ان ڪري انهن ۾ لازمي طور ڪي شڪ ۽ شبها پيدا ٿين ٿا. توهان کي اهڙين متضاد ۽ منافرت کي هوا ڏيندڙ ڳالهين کان پرهيز ڪرڻي پوندي ۽ صرف هڪ سنڌي قوم ۽ ان جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جي ڳالهه ڪرڻي پوندي. ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح پنجاب ۽ ان جي ايجنٽن کي اردو ۽ سنڌي آبادين ۾ نفرت ڦهلائڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ۽ انهن جا همنوا ۽ ٻولڙيا صحافي، دانشور ۽ اخباري رپورٽر اهڙين ڳالهين کي اڃان وڌيڪ هوا ڏين ٿا. ڇاڪاڻ ته هر پارٽيءَ ۾ ۽ هر اخباري دفتر ۾ پنجابي اسٽيبلشمينٽ جا ماڻهو ۽ ايجنسين جا ڪارڪن ڪم ڪندا رهن ٿا، اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن پنجابنواز سنڌي ايجنٽن طرفان به ٿينديون آهن ۽ ڪڏهن اردو ڳالهائيندڙن جي پاران به ٿينديون آهن. اهڙيءَ طرح توهان کي به اها ڳالهه واضح ڪرڻي پوندي ته اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ هڪ ئي سنڌي قوم آهن ۽ انهن جي هڪ ئي ڌرتي ماءُ آهي، جيڪو ان جي ورهاڱي جي يا وڌيڪ قومن جي ڳالهه ڪندو، ان جي اسان ٻئي ٽنگو ٽوڙي ڇڏينداسين بلڪ اهڙي ڳالهه اسان ۽ توهان لاءِ گار جي برابر آهي، اسان ۽ توهان صرف هن ڳالهه تي متفق ٿي ۽ گڏجي جدوجهد ڪري سگهون ٿا ته اسان جي ڌرتي هڪ آهي ۽ اسان جي قوم هڪ آهي، جنهن جا به وڏا حصا اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ آهن.

برادرم الطاف حسين اسان توهان کي يقين ٿا ڏياريون ته جيئن توهان سنڌ ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن لاءِ پنهنجي دل جا دروازا کولي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجي پيار جو هٿ اڳتي وڌايو آهي، تيئن ئي اسان به اڳتي وڌي توهان کي ڀاڪر پايون ٿا. اچو ته گڏجي ۽ متحد ٿي پنهنجا کسيل حق ۽ لٽيل آزاديءَ کي حاصل ڪريون. ڇاڪاڻ ته هاڻ سنڌ جي صورتحال اڳ کان گهڻي بهتر آهي؛ سنڌ جا ماڻهو پ پ، مسلم ليگ ۽ جاگيردار طبقي جي پنجاب جي دلاليءَ کان آگاهه ٿي چڪا آهن، ۽ انهن مان

بيزار ٿي چڪا آهن، ۽ هاڻ اهي سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهه کي چڱي طرح سمجهڻ لڳا آهن، پر اسان جي بدقسمتي اها آهي تہ اسان وٽ وسيلا ڪونہ آهن. اسان وٽ ماڻهو تمام تڪڙا اچڻ لڳا آهن پر اسان جي گاڏي نندي آهي، جنهن ۾ سڄيءَ سنڌ کي وهارڻ جي جاءِ ڪانہ آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا تہ ڇهيو، اسان قومي تحريڪ وٽ پنهنجي سنڌي اخبار بہ ڪانہ آهي، توهان خوش نصيب آهيو جو توهان وٽ بہ چار اخبارون آهن، جيڪڏهن اسان وٽ صرف پرنٽ ميڊيا جيترا وسيلا هجن تہ اسان پ پ ۽ مسلم ليگ بلڪ پوري جاگيردار طبقي کي سنڌ جي سياست مان ڇهن مهينن جي اندر ڪڍي ٻاهر ڪري سگهون ٿا.

موجوده سنڌي اخبارن جي ميڊيا مان هڪڙي جاگيردار طبقي جي ثناخوان آهي ۽ ٻي ايجنسين جي هدايتن تي عمل ڪندڙ آهي، اها اسان جي گهٽي مخالفت نٿي ڪري تہ حمايت بہ نٿي ڪري. سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهہ ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو آيا هئا پر وڏين سنڌي اخبارن سرڪاري خوف کان ٽن ڪالمن کان وڌي سرخي ڪانہ لڳائي. جاڪاڻ تہ اهي اسان کي مخصوص حد تائين ڪورنگ ڏين ٿيون، جڏهن تہ اسان جي پروگرام کي سنڌي عوام هاڻ قبول ڪري چڪو آهي ۽ متحده ۽ جيئي سنڌ جي وچ واريءَ مفاهمت کي بہ غلط نٿو سمجهي، پر ايجنسين جا پولڙيا صحافي ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي خلاف ايترو نٿا لکن، جيترو متحده جي موقف جي خلاف سوالن ۽ جوابن وارا انبار لڳائي لکن ٿا، ان ڪري اسان جي توهان کي گذارش آهي تہ سنڌ جي نازڪ مسئلن بابت ۽ سنڌ ۽ ڪراچي جي مسئلن بابت توهان کي احتياط ڪرڻ گهرجي. ڪراچيءَ جي علحدگي يا سنڌ جي تقسيم جي سلسلي ۾ اسان سميت پوري سنڌي آبادي تمام گهڻو حساس آهي.

هڪ طرف توهان جو مفاهمت وارو خط ۽ نظم ڇپيو آهي ۽ ٻئي طرف ايجنسين جا پولڙيا صحافي توهان جي بيانن کي ٽوڙي مروڙي توهان لاءِ ڪراچيءَ جي علحدگيءَ لاءِ هٿياربند جدوجهد جو تصور اڀاري رهيا آهن؛ جڏهن تہ قومي جدوجهد جي سلسلي ۾ اسان جي اجا تائين عدم تشدد جي پاليسي رهي آهي؛ توهان جڏهن بہ آزاديءَ جي ڳالهه ڪريو تہ ان ۾ سنڌ وطن جي ڳالهه واضح ۽ چٽي ڪندا ڪريو؛ ٻيءَ صورت ۾ اخبارون غلط تاثر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون ۽ توهان جي جدوجهد کي ڪراچيءَ جي جدوجهد تائين محدود ڪري پيش ڪن ٿيون.

بهرحال اسان ٻنهي کي اهڙين ڳالهين کان احتياط ڪرڻو پوندو، جن مان مخالفن کي موقعو مهيا ٿي ملي سگهي ۽ اهي سنڌ جي ٻنهي وڏين آبادين جي خلاف شڪ ۽ شبها پيدا ڪري سگهن. ان جي بدران اسان کي اهڙين ڳالهين کي اڳتي وڌائڻو پوندو، جيڪي ٻنهي آبادين جي تضادن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪندڙ هجن. اميد آهي ته توهان جو اسان سان ۽ اسان جو توهان سان تعاون ۽ سهڪار جاري رهندو. (الطاف حسين جي خط جو جواب، جيڪو ڪن سببن جي ڪري نه ڇپجي سگهيو ۽ نه لنڊن الطاف تائين پهچي سگهيو.)

خلوص ڪيش

خاڪي جويو

ايڊيٽر

ماهوار "ساڃاهه"

پاڪستان جي حڪمرانيءَ جو ٽڪنڊو

(1)

پاڪستان جي حڪمرانيءَ جو ٽڪنڊو، جيئن جيئن پوڙهو ٿئي ٿو، تيئن تيئن اهو مظلوم قومن ۽ عوام جو رت وڌيڪ پئي ٿو، ۽ مائهن جو ماس پٽي ۽ کائي ٿو. جڏهن کان هيءُ ملڪ وجود ۾ آيو آهي، تڏهن کان هن ملڪ جي حڪمرانيءَ تي قابض هڪ پنجابي فوجي ڪاموراشاهي ۽ ٻي ان جي جوڙيوال پنجابي سول ڪاموراشاهي رهي آهي ۽ ٽين انهن ٻنهي جي دلال جاگيردارشاهي رهي آهي. ملڪ جي حڪمرانيءَ جو هيءُ ٽڪنڊو، پنهنجيءَ فطرت ۾ پنجاب شاهيءَ جو پوٺلڳ ۽ ان جي مفادن ۽ بالادستيءَ جو محافظ رهيو آهي. اهو انهيءَ ڪري جو پاڪستان جي ٺهڻ واري ڏينهن کان وٺي، اڄ تائين، پاڪستان جي اصل حڪمرانيءَ تي پنجابي فوج ۽ سول ڪاموراشاهي قابض رهي آهي ۽ ٻين قومن جو جاگيردار طبقو، سندن دلال ۽ ڇاڙتو ٿي ڪتب ايندو رهيو آهي.

پنجابي حڪمرانيءَ جو اهو ٽڪنڊو، هن وقت آصف نواز، نواز شريف ۽ صدر محمد اسحاق جي ٽڪنڊي جي شڪل ۽ صورت وٺي بيٺو آهي. پنجابي فوجي ۽ سول ڪاموراشاهيءَ واري حڪمران طبقي جي اها هڪ حڪمت عملي رهي آهي، ته جيستائين پنجاب جي جاگيردار طبقي پاڻ کي جديد سرمائيدار طبقي ۾ تبديل نه ڪيو آهي، تيستائين ان کي حڪمرانيءَ جون سڌيون واڳون نه سونپيون ويون آهن. پنجاب جي فوجي ۽ سول ڪاموراشاهيءَ کي اها پليءَ پت خبر هئي ۽ آهي ته جاگيردار هڪ مرندڙ سماجي قوت آهي؛ جيڪا پنجاب جي بالادست ۽ سامراجي مفادن جو تحفظ مستقل طور تي ڪري ڪانه سگهندي. انهيءَ جي ڪري پنجابي حڪمران طبقي پنجاب جي اندر سڀ کان پهرين پنجابي سرمائيدار طبقي کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پنجاب جي جاگيرداريءَ کي باهڻ ۽ ختم ڪرڻ جي ڪئي آهي، جنهن جي شروعات ايوب شاهي مارشل لا دوران زرعي سڌارن سان ڪئي وئي هئي. اهڙيءَ طرح ملڪ جي 45 سالن جي تاريخ دوران، پنجابي جاگيردار طبقي کي نه صرف جديد سرمائيدار طبقي ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي، پر ان

سان گڏ هاڻ ان کي ملڪ جي حڪمرانيءَ جون واڳون بہ ڏنيون پيون وڃن.

(2)

پاڪستان کان پوءِ ملڪ جي سياسي، معاشي ۽ عسڪري حڪمرانيءَ جي صورت ڪجھہ هن ريت بيٺل هئي. (1) ملڪ جي فوجي ۽ سول ڪاموراشاهيءَ جي قوت پنجاب وٽ هئي (2) معاشي ۽ اقتصادي قوت مهاجرن، بوهرين ۽ ڪانياواڙي ميمڻن وٽ هئي ۽ (3) جمهوري ۽ عوامي قوت بنگال وٽ هئي. جيئن تہ انگريزن جي فوج ۽ ڪاموراشاهيءَ ۾ پنجابي ئي سڀ کان وڌيڪ هئا، ان ڪري پاڪستان کان پوءِ ان تي جيئن جو تيئن قابض بہ اهي ئي رهيا. واپار، صنعت ۽ بئنڪن جي ناڻي تي، جيئن تہ ممبئي ۽ ڪانياواڙ جا بوهري ۽ ميمڻ قابض هئا، ان ڪري پاڪستان کان پوءِ اهي هندستان ڇڏي هيڏانهن هليا آيا ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجو ناڻو بہ کڻيو آيا. ان ڪري واپار، صنعت ۽ بئنڪن جي ناڻي تي قابض بہ اهي ئي رهيا؛ جنهنڪري اهي ملڪ جي هڪ وڏي معاشي قوت هئا ۽ جيئن تہ پاڪستان ۾ سڀني قومن کان وڌيڪ اڪثريت ۾ بنگالي هئا، ان ڪري اهي هڪ وڏي جمهوري طاقت هئا، جنهن کي ڏسندي ۽ محسوس ڪندي، جتي پنجابين جمهوريت جي خلاف فوجي آمريت تي زور ڏنو ۽ اتي بنگالين عوامي راڄ ۽ جمهوريت تي زور ڏنو؛ ڇو تہ پنجابين جا مفاد ۽ بالادستي صرف فوجي راڄ ۾ ئي محفوظ رهي ٿي سگهيا ۽ اهڙي مهاجرن جا مفاد ۽ بالادستي اسٽريٽ پاور ۽ اقتصادي پريشر جي ذريعي محفوظ رهي ٿي سگهيا ۽ بنگالين جا مفاد ۽ بالادستي وري عوامي راڄ ۽ مڪمل جمهوريت ۾ محفوظ رهي ٿي سگهيا.

پاڪستان کان پوءِ هن ملڪ ۾ انهن ٽنهي قوتن جي وچ ۾ اقتدار کي پنهنجي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ هڪٻئي جي خلاف جنگ شروع ٿي وئي، جنهن جو نوڙ ملڪ جي 45 سالن جي تاريخ کان پوءِ هڪ خالص پنجابي وزيراعظم جي حڪومت ۾ اچي ظاهر ٿيو آهي؛ ۽ پاڪستان تي سڀني محاذن ۾ ڪليءَ ريت پنجابي حڪمراني قائم ٿي وئي آهي.

هن ٽڪنديءَ حڪمرانيءَ جي ويڙهہ ۾، پنجاب وٽ جيئن تہ فوجي قوت هئي، ان ڪري ان جي مرضي هئي تہ هن ملڪ جي اصل حڪمراني پنجاب جي هٿ ۾ هجڻ کپي، ۽ بنگال وٽ جيئن تہ عوامي اڪثريت هئي، ان ڪري سندن خيال هو تہ جديد جمهوري تقاضائن مطابق حڪمرانيءَ جو حق بنگال کي ملڻ کپي، ۽ ٻئي طرف جيئن تہ مهاجر، بوهري ۽ ڪانياواڙي هڪ وڏي معاشي طاقت

هئا، ان ڪري انهن جي مرضيءَ هئي تہ جديد حڪمرانيءَ جو تعين جيئن تہ معاشيات تي ڪري، ان ڪري حڪمرانيءَ جي حقيقي مالڪي انهن وٽ هجڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح ملڪ ۾ هڪبئي جي خلاف حڪمراني لاءِ هيءَ ٻہ-طرفي ويڙهہ جاري رهي. بنگال جو مطالبو هو تہ جمهوريت بحال ڪئي وڃي، پاڪستان ڪان پوءِ جيتوڻيڪ ڪجهہ وقت لاءِ گڏن ۽ ڪٺ پتلين جي شڪل ۾ بنگالي وزيراعظم ٿيندا بہ رهيا ۽ پنجابي فوج ۽ سول ڪاموراشاهيءَ جي مداخلت جي ڪري ٽيڙ ويڙهيندا بہ رهيا. پر پنجابين ۽ پناهگيرن ڏٺو تہ جيڪڏهن اهڙيءَ طرح جمهوريت جي بحاليءَ جي ويڙهہ هلندي رهي تہ هڪ ڏينهن ضرور جمهوري قوتون سگهاريون ۽ سوڀاريون ٿي وينديون. جنهن ڳالهہ کي ڏسندي پنجابي حڪمران طبقي پناهگير سرمائيدار قوت سان گڏجي ۽ ان سان اتحاد ڪري بنگالين ۽ ٻين قومن جي جمهوري قوتن جي خلاف هڪ گڏيل محاذ جوڙي. ۽ اولهہ پاڪستان جي سڀني صوبن کي زوريءَ گڏائي "مغربي پاڪستان" جي نالي سان ون يونٽ ٺاهيو ويو تہ جيئن بنگالي عوام جي جمهوري اڪثريت کي منهن ڏئي سگهجي ۽ اسيمبليءَ جي اندر بنگالي عوام جي اڪثريت جو ٽوڙ پيدا ڪري سگهجي. پر جڏهن ڏٺو ويو تہ پوءِ بہ پنجاب جا مفاد مڪمل طور تي حاصل ٿي نٿا سگهن تہ هڪدم ملڪ سان ايوب خان جي مارشل لا لاڳو ڪئي وئي؛ جيڪا اٽڪل يارهن سال لاڳيتو قائم رهي، نتيجي ۾ تنگ ۽ بيزار ٿي، بنگالي قوم سان گڏجي ٻين قومن جي عوام ون يونٽ جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ ون يونٽ جو ڪارو ڪوٽ ڪري پيو.

پنجابي حڪمران طبقي جڏهن ڏٺو تہ ون يونٽ جي خاتمي ڪان پوءِ ساڳي اڳوڻي جمهوري صورتحال بحال ٿيڻ واري آهي تہ انهن هڪ وڏي ۽ گهري سازش سٽي بنگالي عوام کي پاڪستان ڪان ڌڪي ڌار ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي ڌار ٿيڻ ڪان پوءِ پنجابين بنگالين جي اڪثريت وارو حق پاڻ وٽ رکيو ۽ پ پ پ کي مرحوم ڀٽي جي اڳواڻيءَ ۾ پنجاب جي مفادن جي واحد پارٽي قرار ڏئي، حڪومت جون واڳون ڏنيون ويون. جڏهن تہ گڏيل پاڪستان ۾ پ پ پ رڳو سنڌ ۽ پنجاب مان اڪثريت سان چونڊون کٽي آئي هئي. پر پاڪستان جي بہ اڌ ٿيڻ ڪان پوءِ باقي بچيل پاڪستان اندر ان جي اڪثريتي پارٽي جي هجڻ جو سياسي اخلاقيات ۾ ڪوبہ جواز موجود ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ پ پ کي ماٺهن گڏيل پاڪستان ۾ بنگالي عوام جي اڪثريت جي خوف جي خلاف چونڊيو آندو هو.

پاڪستان جي ٻن ٽڪرن ٿيڻ کان پوءِ باقي بچيل پاڪستان ۾ وراثي چوندون ٿيڻ کپنديون هيون، پر جيئن تہ پنجابي مفادن جي حاصلات ۽ بالادستيءَ لاءِ ائين ضروري نہ هو؛ ان ڪري ڀٽي صاحب کي هڪدم اقوام متحده مان گهرائي باقي بچيل پاڪستان جون واڳون حوالي ڪيون ويون.

پ پ پ ۾ پنجابي ميمبرن جي اڪثريت هئي، ۽ پنجابين کي بنگالين جي اڪثريت کان آجي ٿيڻ ۽ انهيءَ اڪثريت واري حق کي پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ کان پوءِ جيئن تہ مهاجرن ۽ ڪانياواڙي ميمڻ کي معاشي ميدان مان لوڏي ڪڍڻو هو؛ ان ڪري انهن ڀٽي صاحب جي ڪوڙيءَ سوشلزم جي نالي ۾ ملڪ جي بئنڪن ۽ صنعتن (جيڪي مهاجرن، بوهرين ۽ ڪانياواڙين ۽ ميمڻ جون هيون) کي هڪدم رياست جي تحويل ۾ ورتو ويو. جيتوڻيڪ بئنڪن ۽ صنعتن کي قومي تحويل ۾ وٺڻ وارو ظاهر ۾ عمل چڱو هو پر اندروني طور پنجابي حڪمران طبقي جي اها هڪ سٽيل سازش هئي ۽ ساڳيءَ طرح اها جاگيردار طبقي جي مفادن جي پنهنجي بہ ضروت هئي؛ تہ جيئن جاگيرداريءَ کي گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ سال وڌيڪ جيئرو رکي سگهجي.

جڏهن بئنڪن ۽ صنعتن کي رياست جي تحويل ۾ ورتو ويو تہ ڪراچيءَ جي سرمائيدارن سمجهيو تہ اهو ائين پ پ جي حڪومت ڪيو آهي؛ ان ڪري اهي سڀ سرمائيدار ڀٽي صاحب ۽ ان جي حڪومت جي خلاف ٿي پيا ۽ جڏهن پنجابين جي ئي اشاري تي ڀٽي صاحب جي خلاف پي اين اي جي تحريڪ هلائي وئي تہ ڪراچيءَ جي سرمائيدارن ان ۾ وڏي چڙهي حصو ورتو ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد اندر ۽ پڻ پنجاب ۾ پ پ حڪومت جي خلاف وڏي هلچل مچي وئي. نتيجي ۾ فوج جي هٿان ڀٽي صاحب جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ سموري ملڪ تي جنرل ضياءَ الحق جي مارشل لا مڙهي وئي. پنجابي حڪمران طبقي کي جيئن تہ سموريءَ سازش جي پوريان ڪو "پير ڪر" ڇڏڻو ئي ڪونہ هو؛ ان ڪري ڀٽي صاحب کي هڪ خالص پنجابي نواب جي قتل جي ڪيس ۾ ڦسائي ڦاهي تي چاڙهيو ويو؛ تہ جيئن "نہ رهي بانس ۽ نہ وڄي بانسري"

پر جيئن تہ بئنڪن ۽ صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ وارو منصوبو خود پنجابي حڪمرانن جو ئي جوڙيل هو؛ ان ڪري اهي بئنڪون ۽ صنعتون ضياءَ شاهي دور ۾ بہ واپس موٽائي مهاجر سرمائيدارن کي ڪونہ ڏنيون ويون، جنهنڪري مهاجر، بوهري ۽ ڪانياواڙي سرمائيدار پنجابي سرمائيدارن سان مقابلي

ڪرڻ لاءِ سرگرم ٿي ويا ۽ انهن گڏجي "مها سنڌ" جي نالي سان ڪراچيءَ جي سرمائيدارن جي هڪڙي تنظيم جوڙي ته جيئن ان جي پليٽ فارم تي متحد ۽ منظم ٿي پنجابي سرمائيدارن جو مقابلو ڪجي.

ٻئي طرف پنجابي حڪمران طبقو ۽ فوجي ڪاموراشاهي، مهاجر ۽ ڪاٺياواڙي سرمائيدارن ڪي پي اين اي جي سياسي پليٽ فارم تي ڀٽي صاحب جي حڪومت جي خلاف استعمال ته ڪري آيا هئا پر ڪين ٻنڪون ۽ صنعتون موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. ۽ ضياءُ شاهي دور ۾ "مها سنڌ" تنظيم جوڙيندڙ سرمائيدارن کي جيلن ۾ وڌو ويو، جيڪي پوءِ معافيون وٺي ٻاهر نڪري آيا ۽ سنڌ جي سرمائيدارن واري "مها سنڌ" تنظيم ٽوڙي ڇڏيائون. اهڙيءَ طرح بوهري ۽ ڪاٺياواڙي سرمائيدارن سنڌي قوم پرست تنظيمن ڏانهن به واجهايو پر اتان ڪين ڪا گهربل موٽ ڪانه ملي ۽ نه ئي انهن ۾ ڪو اهڙو ٻل ڏٺائون؛ جنهن ڪري انهن مهاجرن سان گڏجي الطاف حسين جي قيادت ۾ ايم ڪيو ايم جو بنياد وڌو ۽ ان کي پئسا ڏوڪڙ ڏئي مچائي مهوڙ ڪري آيا ته جيئن ايم ڪيو ايم جي سياسي پليٽ فارم تان ملڪ جي اندر ۽ خاص ڪري سنڌ جي اندر پنجابي سرمائيدارن جو مقابلو ڪري سگهجي. جاڪاڻ ته رياست پنجابي سرمائيدارن کي ٻنڪن جي نالي جي ذريعي اڳتي وڌائي ۽ سگهارو ڪري رهي هئي، جيڪا ڳالهه ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدارن لاءِ موت جو پيغام آڻي رهي هئي.

(3)

اهڙيءَ طرح ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدارن جو بنيادي ٽڪراءُ پنجابي سرمائيدارن سان ٿي پيو، ان ڪري ايم ڪيو ايم جو شروعاتي ٽڪراءُ ۽ جهيڙا جهڳڙا وغيره به پٺاڻن ۽ پوءِ پنجابين سان ٿيا هئا. مهاجر، ڪاٺياواڙي، بوهري ۽ ميمڻ سرمائيدار هاڻ پنجاب جي انهيءَ سازش کي گهڻي قدر سمجهي ويا هئا، ته ڪاٺئن ٻنڪن ۽ صنعتن قرض وارو منصوبو اصل ۾ پنجابي حڪمران طبقي جو ٺي جوڙيل ۽ ناهيل هو. پنجابين پهرين مهاجرن سان گڏجي ۽ اتحاد ڪري بنگالي عوام جي اڪثريت سان ويڙهه ڪري، انهيءَ مان جان ڇڏائي هئي ۽ ان کان پوءِ مهاجر، ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدارن جي معاشي ۽ اقتصادي سگهه ۾ هٿ وڌا هئا. ٻنڪن ۽ صنعتن کي رياست جي تحويل ۾ وٺڻ کان پوءِ اهي رياست جي ملڪيت بڻجي ويون هيون، ۽ رياست تي پنجابي فوجي ۽ سول ڪاموراشاهي قابض هئي ۽ انهن ٻنڪن جي ذريعي 1970ع کان 1990ع جي ويهن سالن اندر پنجابي

سرمائيدارن کي تاتي ۽ طاقتور ڪري آندو ويو هو ۽ اهڙيءَ طرح پنجابي جاگيردارن کي جديد سرمائيدارن ۾ بدلايو ويو هو ۽ جڏهن پنجابي سرمائيدار مضبوط ۽ مستحڪم ٿيو ته بنگالي موٽائي پنجابي سرمائيدارن جي نجي ملڪيت ۾ ڏنيون ويون.

پنجابين هڪ طرف ايوب شاهيءَ جي ڊگهي مارشل لا هٽي، بنگالي عوام جي اڪثريت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو ۽ ٻئي طرف ضياءَ شاهيءَ جي ڊگهي مارشل هٽي، ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدارن جي سڄي سرمائي کي ڳڙڪائي ورتو. هن سڄيءَ ويڙهاند ۾ پنجابي حڪمران طبقي، جتي فوجي قوت کان ڪم ورتي، ٻه وڏيون مارشل لائون لڳرائي، بنگالين جي عوامي سگهه ۽ ڪاٺياواڙين جي معاشي سگهه کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو؛ اتي انهن پهرين بنگالين جي خلاف مهاجر ۽ ڪاٺياواڙي سرمائيدارن کي استعمال ڪيو، ۽ ان کان پوءِ مهاجر ۽ ڪاٺياواڙي سرمائيدارن جي معاشي سگهه جي ڇيلهه ڀڃڻ لاءِ سنڌي جاگيردار طبقي کي استعمال ڪيو. بنگالي پاڪستان ۾ جيستائين گڏ هئا، ته ملڪ جا ڪٺ- پتلي وزيراعظم بنگالي ٿيندا رهيا هئا ۽ بنگال جي پاڪستان کان جدا ٿيڻ کان پوءِ ملڪ جا ڪٺپتلي سنڌي وزيراعظم ٿيندا رهيا آهن. جيستائين وري پنجابي حڪمران طبقو فوجي سگهه جو، ۽ عوامي سگهه جو ۽ معاشي سگهه جو مڪمل طور تي پاڻ مالڪ نه ٿيو آهي. جيئن ته هاڻي فوجي سگهه به پنجابين وٽ محفوظ آهي، عوامي سگهه به پنجابين وٽ محفوظ آهي ۽ معاشي سگهه به پنجابين وٽ محفوظ آهي ته انهن ملڪ جي حڪمرانيءَ جي واڳ سڌيءَ ريت پنهنجي هٿ ۾ ورتي آهي.

پاڪستان کان پوءِ ملڪ جي سرمائيداريءَ جو مرڪز سنڌ هئي، پر هڪ خاص حڪمت عمليءَ تحت رياست جي طرفان پنجابي سرمائيدارن کي اپاري اڄڻ کان پوءِ هاڻ سرمائيداريءَ ۽ صنعتڪاريءَ جو مرڪز پنجاب کي بنايو ويو آهي.

ٻئي پاسي ايم ڪيو ايم جيئن ته غير قومي قوت هئي، ان ڪري اها سنڌ جي سرمائيدارن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ ۽ پنجابي سرمائيدارن جي خلاف حقيقي مزاحمت ڪرڻ جي بدران پنجابي سرمائيدارن جي مفادن جي حق ۾، ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدارن جي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جو سبب بنجي وئي، جنهن ڪري اها پنجابي جارحيت ۽ برماريت جي خلاف ويڙهه ڪرڻ جي بدران خود هڪ دهشتگرد تنظيم جي صورت وٺي ويهي رهي. جنهن جي پٺيان پنجابي فوج ۽

ايجنسين جي جارحيت پرست حڪمت عملي ڪم ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ پنجابي سرمائيدارن کي صنعتڪاريءَ سان گڏوگڏ پوري پاڪستان جي مارڪيٽ بہ گهربل هئي، ان ڪري انهن ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدارن کان جيئن سرمايو کسي ورتو آهي، تيئن ڪانئن سنڌ جي مارڪيٽ بہ کسي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻي آهي.

پنجابي سرمائيدارن پنجابي فوج جي جوڙيل هڪ خاص حڪمت عملي سان ايم ڪيو ايم جي هٿان سنڌ جي وڏن شهرن اندر سنڌي ماڻهن جي خلاف دهشتگردي ڪرائي سنڌ جي سڄي مارڪيٽ پنجاب منتقل ڪري ورتي آهي. ايم ڪيو ايم جي شهرن اندر دهشتگرديءَ کان اڳ سموريءَ سنڌ جي سنڌي واپارين جا تعلقات ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي واپارين سان جڙيل هئا، پر جڏهن کان ڪراچي ۽ حيدرآباد اندر سنڌي ماڻهن جي خلاف دهشتگردي ڪرائي وئي آهي؛ تڏهن کان اندروني سنڌ جا سنڌي واپاري ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي بجاءِ فيصل آباد، ملتان ۽ لاهور وغيره جي مارڪيٽ سان واسطي ۾ اچي ويا آهن. ۽ اهي هاڻ پنهنجو سڄو ڪاروبار ۽ واپار پنجاب جي شهرن ۽ پنجابي سرمائيدارن سان ڪري رهيا آهن.

ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدارن جڏهن ڏٺو تہ پنجابي حڪمران طبقي هڪ خاص سٽيل رٿابنديءَ تحت پهرين ڪانئن بئنڪون ۽ صنعتون ڦريون، پوءِ اهي پنجابي سرمائيدارن کي ڏياريون ويون، ۽ ان کان پوءِ هاڻي باقي سنڌ جي رهيل مارڪيٽ بہ پنجاب ڏانهن منتقل ڪئي وئي آهي تہ انهن پنهنجي عقل ۽ دانائيءَ تي نہ صرف پڇتايو پر انهيءَ جي ازالي لاءِ آخري ڪوشش بہ ڪئي. انهن سمجهيو تہ سرمايو تہ ويو پر مارڪيٽ بہ وڃي ٿي، ان ڪري انهن سنڌ ۾ نوابشاهہ، سڪرنڊ، موري، دادو ۽ لاڙڪاڻي وغيره ۾ پنهنجي مال جي نيڪال لاءِ ڪوٺين جي ڪولڻ جي سروي ڪئي تہ جيئن اتي ڪوٺيون کولي، سنڌي واپارين کي گهر ويٺي مال پهچائجي؛ تہ جيئن اهي پنجاب جو مال نہ وٺن؛ پر اتي بہ پنجابي حڪمران طبقو ۽ ان جون ايجنسيون پهچي ويون؛ جن پنهنجي پنجابي سرمائيدار جي حق ۾ سنڌ اندر ڌاڙيل پيدا ڪرائي ڇڏيا، جن واپارين جون اغوائون شروع ڪري ڇڏيون، جنهن ڪري ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ شهري سرمائيدار ٽپڙ ويڙهي ڪراچيءَ موٽي آيا.

هاڻي ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدار ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ مان بيزار ٿي پيو، پر چوندا آهن تہ "پنهنجيءَ وڍيءَ جو ويڄ نہ طبيب" يا "هڏئون ڏئي هٿاءِ

تہ مالڪ ذٿي مجرا"، سو ڪانياواڙي ۽ ميمڻ سرمائيدار ايم ڪيو ايم کي پالي ۽ تالي وڏو ڪري تہ آيو پر جڏهن انهيءَ وچي پنجابي سرمائيدارن جي مفادن جي سياست ڪئي ۽ جيڪي پوءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي واپارين کان رڳو بندوق جي زور تي چندو اوڳاڙڻ لڳا تہ سندن متيون منجهي پيون.

اهڙيءَ طرح پنجاب نہ رڳو بنگالين، بلوچن، سنڌين ۽ پٺاڻن سان پر مهاجرن سان بہ اهو ڪجهہ ڪيو، جيڪو انهيءَ جي پنهنجي مفادن ۾ هو ۽ آهي. پنجابين هاڻ جڏهن کان حڪمرانيءَ جا سمورا سرچشما پنهنجي قبضي ۾ ڪيا آهن، تڏهن کان کين ڪنهن بہ سنڌي دلال ۽ ڪٺپتلي وزيراعظم جي ضرورت نہ رهي آهي. هاڻي هو عوامي حوالي سان، معاشي حوالي سان توڙي فوجي ۽ سول ڪاموراشاهيءَ جي حوالي سان هن ملڪ جا پاڻ مالڪ آهن؛ تہ حڪمران بہ آهن.

("اسان لوچون لوهہ ۾" ڪتابي سلسلو 1992ع)

ايم ڪيو ايم جي ڳچيءَ ۾ سنڌ جو ورهاڱو زوريءَ ڇو ٿو وڌو وڃي؟

(1)

آفاق احمد جون سنڌ جي ڏاڪڻي صوبي لاءِ لن الترانيون ۽ محترمہ بينظير وزير اعظم پاڪستان جي تازو بلوچستان جي دوري دوران، بلوچستان ۾ هڪ واڌو پختون صوبي لاءِ راضپو، ڏيکارين ٿا، تہ ملڪ جا والي ۽ وارث پنجاب جي ايرنڊڙ سرمائيدار طبقي جي اڳيان بند ٻڌڻ لاءِ پنجاب ۾ سرائڪي صوبي، سرحد ۾ پوٺوهار، گلگت ۽ بلتستان صوبي، بلوچستان ۾ پختون صوبي ۽ سنڌ اندر پنجابي ۽ مهاجر آباديءَ وارن اڪثريتي شهرن کي باقي سنڌ کان ڇني ڌار ڪري هڪ جدا صوبي ناهڻ لاءِ پنهنجون حڪمت عمليون آخري مرحلي ڏانهن وٺي وڃڻ گهرن ٿا، تہ جيئن پاڪستان جي گهڻ قومي رياست کي هڪ سلطنت شاهيءَ رياست ۾ تبديل ڪري سگهجي ۽ هتي جي هلندڙ قومي تحريڪن جو ٽوڙ پيدا ڪري سگهجي ۽ ان سان گڏ گڏ سنڌ، پنجاب ۽ ٻين قومن جي جاگيردار طبقي کي سياسي سگهہ ڏياري سگهجي تہ جيئن اهو پنهنجي پنهنجي خطي جي عوام کي ڪجهہ وقت لاءِ وڌيڪ پنهنجو غلام رکي سگهي ۽ دنيا جي جديد بدليل عالمي صورتحال ۾ پاڪستان جون غير پيداواري قوتون (آرمي) تيستائين سنڌ ۽ سرائڪستان جي خطن ۾ پنهنجي مستقبل جي مفادن کي محفوظ رکڻ لاءِ چانوٺين جو جار وڇائي سگهن؛ جنهن لاءِ ذريعن خدشو ڏيکاريو آهي تہ هن ملڪ جي جاگيردارن، سردارن، خانن، چوڌرين ۽ سگهارين قوتن وچ ۾ اهڙي قسم جي انڊراسٽينڊنگ ٿي چڪي آهي.

هن باري ۾ حڪمت عملي رٿي وئي هئي تہ سنڌ اندر ايم ڪيو ايم جي مٿان هٿرادو رياستي سختي ۽ ڏاڍ کي وڌائي ڇڏجي، جيئن اهي (مهاجر) انهيءَ سختيءَ ۽ ڏاڍ کي پ پ پ جي حڪومت جي سختي ۽ ڏاڍ سمجهي، ”تنگ آيد بہ جنگ آيد“ سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو ڪن. تنهن کان پوءِ سنڌ اندر هڪ وڏي خوني ويڙهاند ڪرائي، ڳالهہ کي پڄاڻيءَ تي پهچايو وڃي. سگهارن ادارن الطاف

جي اڳيان به گهرون رکيون هيون، جن مان هڪڙي هئي ته ايم ڪيو ايم جي ويڙهاڪ قوت جي واڳ ڏور ايجنسين جي حوالي ڪئي وڃي، ۽ ٻي گهر هئي ته سنڌ جي ورهاڱي جو اڻين ڪليو ڪلايو مطالبو ڪيو وڃي، جيئن هن وقت ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي اڳواڻ آفاق احمد کان ڪرايو ويو آهي. هن معاملي ۾ الطاف ۽ ايم ڪيو ايم جي ساٿن مڪمل سهمت نه ٿيڻ جي ڪري هڪڙو ٽيون رستو اختيار ڪيو ويو، ۽ اهو هيءَ ته ايم ڪيو ايم الطاف جي ڀڃيءَ ۾ سنڌ جو ورهاڱو اڻين زوريءَ وڌو وڃي، جيئن گڏيل هندستان ۾ انگريزن مسلم ليگ جي ڀڃيءَ ۾ هندستان جو ورهاڱو وڌو هو يا جيئن عوامي ليگ جي ڀڃيءَ ۾ بنگلاديش جي آزادي وڌي وئي هئي؛ ڇاڪاڻ ته هن وقت ٽائين شهرن اندر ايم ڪيو ايم الطاف خلاف آپريشن دوران سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو، نه ايم ڪيوايم جي قيادت ڪيو ۽ نه ان جي ڪنهن ذيلي تنظيم ئي ڪيو. پر اهو مطالبو سڀ کان اڳ "مهاجر رابطا ڪائونسل" جي طرفان ڪوٺايل هڪ اجلاس ۾ ڪرايو ويو، جنهن تي سنڌ حڪومت، پ پ جي قيادت، ۽ پ پ جي سياسي حڪمت عملين کي فالو ڪندڙ ڪجهه سنڌي سياسي تنظيمن، ۽ صحافين پاران اخباري ميڊيا جي زور تي ڪجهه اهڙو ماحول پيدا ڪرايو ويو ۽ تاثر ڏياريو ويو، ڄڻ سنڌ جي ورهاست جو اهو مطالبو ايم ڪيو ايم الطاف جي ذيلي تنظيم ايم آر سيءَ (ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽي) ڪيو هجي.

اسان وٽ جيڪڏهن سنجيدگي آهي ۽ اسان ۾ شين ۽ مسئلن کي سمجهڻ جي صحيح صلاحيت آهي ۽ ان سان گڏ اسان جيڪڏهن سنڌ ۽ سنڌي قوم جا حقيقي خير خواهه آهيون، ته پوءِ اسان کي هر ان سنڌ دشمن ڳجهيءَ سازش کان خبردار رهڻ گهرجي، جيڪا اسان کي سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي تفريق ڏانهن وٺي ويندي هجي.

افسوسناڪ صورتحال اها آهي ته اسان بنا ڪنهن ڳڻ-ڳوت ۽ سوچ- ويچار جي، ان طرف وهندا ويندا آهيون، جنهن طرف اسان کي سطحي قسم جي اخباري ميڊيا وٺي ويندي آهي. اهڙي نموني هي جيڪو "مهاجر رابطا ڪائونسل" جي هڪ خاص قسم جي منعقد ڪيل اجلاس ۾ اڄ کان به اڍائي سال اڳ سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو ڪيو ويو هو، اهو ايم ڪيو ايم الطاف جي پاران نه پر ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي اجوڪي ڏکڻ سنڌ واري صوبي جي مطالبي جي ئي هڪ اهم ڪڙي هو، جيڪو خود رياستي ادارن پاران ئي ڪرايو ويو هو؛ ڇاڪاڻ ته

"مهاجر رابطا ڪائونسل" ايم ڪيو ايم الطاف جي ذيلي تنظيم نہ هئي، جيئن ان وقت جي ڪن اخبارن تاثر ايارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جڏهن تہ ايم ڪيو ايم الطاف جي ذيلي تنظيم "ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽي" هئي ۽ آهي، جنهن جو چيئرمين اشتياق اظهر هو. پر مهاجر "رابطا ڪائونسل" جو چيئرمين اعجاز محمود ۽ سينيئر وائيس چيئرمين سيد محمود نقوي (ايڊووڪيٽ) هئا ۽ سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو بہ انهن جي طرفان ئي ڪرايو ويو هو. اهوئي سبب آهي جو اشتياق اظهر توڙي الطاف، ٻئي ڏينهن تي پنهنجن بيانن ۾ اهڙي مطالبي جي ترديد ڪري چڪي هئي تہ ايم ڪيو ايم جي پليٽ فارم تان سنڌ جي ورهاڱي جو ڪوبہ مطالبو نہ ڪيو ويو آهي، جنهن کان پوءِ ايم ڪيو ايم الطاف پاران سنڌ جي ورهاڱي بابت اخبارن جي ذريعي سنڌ جي اردو آباديءَ کان راءِ ورتي وئي، جنهن جي پڻ ڪجهين ايجنسين جي اشارن تي ڪم ڪندڙ اردودان دانشورن ۽ صحافين زور شور سان وڏي پروپيگنڊہ ڪئي هئي پر عام اردو ڳالهائيندڙن انهيءَ راءِ شماريءَ ۾ ڪا خاص دلچسپي ڪانہ ڏيکاري، تنهن ڪري اهو بہ چار ڏينهن اخبارن ۾ شور ۽ غوغاءُ هلندورهيو پر پوءِ پاڻ مرادو وڃي سردخاني ۾ پيو. جنهن کي ايم ڪيو ايم حقيقي هاڻ وري جيارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

"مهاجر رابطا ڪائونسل" دراصل مولانا وصيءُ مظهر ندويءَ جي جوڙيل تنظيم آهي، جنهن جو بنياد پهرئين ڏينهن کان وٺي سنڌي دشمنيءَ ۽ پنجابنوازيءَ تي رکيل هو ۽ آهي. هن مان اها غلطفهمي ٿيڻ نہ کپي تہ اسان ڪو ايم ڪيو ايم الطاف جي حمايت پيا ڪريون يا ان سان ڪا همدردي رکون ٿا؛ پر اسان پنهنجي سنڌي ماڻهوءَ کي اجائي ۽ غير ضروري جذباتي ماحول ڏيڻ جي بجاءِ ان کي حقيقت جي دنيا ڏيکارڻ ٿا چاهيون؛ ڇاڪاڻ تہ اسان ڏسون پيا تہ هن وقت خود رياست ۽ ان جا حڪمران سنڌي- مهاجر تضاد کي ان ڪري وڌائڻ ٿا گهرن جو موجوده بدليل عالمي صورتحال ۾، سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي ويجهڙائي، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مفاد وٽان آهي ۽ خاص ڪري پنجاب جي بالادست مفادن وٽان ڪانہ آهي، انهيءَ ڪري ئي حڪمران انهيءَ ڳالهہ لاءِ مجبور ٿيا آهن تہ سنڌي ۽ مهاجر ڇڪتاڻ کي ايترو اڳتي وڌائي آندو وڃي، جيئن ٻيو ڪو فيڪٽر سنڌي مهاجر ويجهڙائي واري ماحول مان فائدو وٺي نہ سگهي. اسان سڀني سنڌي ماڻهن کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ ايم ڪيو ايم جي شروعاتي دور ۾، جڏهن ان جا پٺاڻ ۽ پنجابين سان شهرن جي اندر جهيڙا جهٽا هلندا هئا؛ تہ مولانا وصيءُ مظهر ندوي

مهاجر رابطا ڪائونسل جي سربراهه جي حيثيت ۾، پنهنجن اخباري مضمونن ۾ مهاجرن کي زوردار نموني تلقين ڪندو هو ته مهاجرن جو تضاد پنهنجن پنجابين سان نه هئڻ گهرجي پر ان جي بجاءِ اهو سنڌين سان هجڻ گهرجي؛ جو ته مهاجرن جا اصلي ۽ بنيادي دشمن سنڌي آهن ۽ سنڌن فطري اتحادي پنجابي ۽ پٺاڻ آهن ۽ مهاجرن جو پنجابين ۽ پٺاڻن سان جهيڙو پاڪستان جي مفادن جي خلاف وڃي ٿو ۽ سنڌ جي علحدگيءَ جي حق ۾ وڃي ٿو، ان ڪري مهاجرن کي پاڪستان جي بقا ۽ سلامتيءَ کي نظر ۾ رکندي، پنجابين ۽ پٺاڻن سان نه پر سنڌين جي خلاف وڙهڻ گهرجي ۽ پوءِ ٿيو به ائين جو هڪ پاسي مهاجرن مان اهڙن ماڻهن، جيڪي مهاجرن کي سنڌين سان ويڙهائڻ گهرن پيا ۽ ٻئي پاسي سنڌين مان اهڙن ماڻهن، جيڪي پنجاب دوست ڳجهن هٿن جي اشارن تي سياست ڪندڙ هئا، تن سيني گڏجي سڄي سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي خلاف اهڙيون دهشتگرد خوني ڪارروايون ڪرايون، جن جي نتيجي ۾ شهرن اندر هڪ طرف سنڌين جا لاش ڪرندا رهيا ۽ ٻئي طرف مهاجرن جا لاش ڪرندا رهيا؛ پڇاڙيءَ تائين خبر پئجي نه سگهي ته اهي لاش ڪيرائيندڙ ڪير هئا؟ ۽ اهي ڪنهن جي هٿن جي اشارن تي ڪم ڪري رهيا هئا؟

پوءِ به اها هڪ حقيقت آهي ته ايڏيءَ وڏيءَ رتوڇاڻ ۽ خونريزيءَ جي باوجود سنڌي ۽ اردو آبادي پاڻ ۾ عوامي سطح تي وڙهي نه سگهي ۽ نه سنڌ اندر عوامي سطح تي خانه جنگي ٿي سگهي، جنهن مان اها ڳالهه ثابت ٿي ته اهڙا جهيڙا ۽ فساد سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ سنڌن فطري تضادن جي پيداوار نه هئا؛ پر اهي جهيڙا غير فطري طور زوريءَ ڪرايا ويا هئا، جيڪي وچان ٿي ڪي ٻيون ٽريون ڪرائيندڙيون هيون؛ جي نه ته سنڌين جون سڄڻ هيون ۽ نه مهاجرن جون همدرد هيون.

سنڌ ۽ سنڌي قوم مجموعي لحاظ کان پنجاب جي بالادستيءَ هيٺ غلام آهي؛ ۽ ان جي انهيءَ بالادستيءَ جي واڳ ڏور جن سگهارين قوتن جي هٿ ۾ آهي، سنڌ اندر اهڙيون سڀ ڪارروايون اهي ۽ انهن جا ذيلي ادارا ڪرائيندا آهن. اسان کي انهيءَ حقيقت جو بغور مطالعو ڪرڻو پوندو ته ائين ڇو آهي ته جڏهن به پ پ جي حڪومت ايندي آهي ته سنڌي ۽ مهاجر فساد شروع ٿي ويندا آهن ۽ ڳجهن هٿن جي اشارن تي سياست ڪندڙ مهاجرن جي تنظيمن پاران سنڌ جي ورهاڱي جا مطالبا ٿيڻ لڳندا آهن.

دراصل اهڙيءَ طرح حڪمران قوتن جا لڪل هٿ، سنڌ جي ماڻهن جو ڌيان، سنڌي، مهاجر جهيڙن ڏي موڙي، پنهنجن مڪروهہ سنڌ دشمن ڪاروائين ۾ مصروف ٿي ويندا آهن. جيئن هاڻي بہ اهڙي قسم جو جذباتي ماحول پيدا ڪرائي، هڪ طرف سنڌ جي پاڻيءَ ۾ ناڻي تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن، ٻئي طرف سنڌ اندر فوجي ڇانوڻيون وڇايون پيون وڃن ۽ ٽئين طرف سنڌ جي سموريءَ معدنيات کي لٽيو ۽ ڦريو پيو وڃي. جڏهن بہ سنڌ جي حقن تي ڪو وڏو ڌاڙو هڻڻو هوندو آهي تہ سنڌ جي ورهاڱي جو شو شو اٿاريو ويندو آهي. هڪ طرف سگهارن هٿن جي اشارن تي هلندڙ مهاجرن جي تنظيمن کي سنڌين ۽ سنڌ جي خلاف ڳالهائڻ جو پروانو ڏنو ويندو آهي ۽ ٻئي طرف وري اهڙين ئي سنڌين جي جوڙيل تنظيمن جي ماڻهن کي ميدان ڪارساز ۾ لاٿو ويندو آهي ۽ پوءِ هڪ سٽيل سٽاءَ موجب ٻہ چار سنڌين جا ماڻهو مارايا ويندا آهن ۽ ٻہ چار مهاجرن جا ماڻهو مارايا ويندا آهن، ۽ پوءِ اهڙي نموني سنڌي مهاجر جهيڙن جي شروعات ڪرائي ويندي آهي، جنهن لاءِ هٿرادو هيرا ميدان ۾ لهي پوندا آهن، جيڪي جنگهن ۽ ٻانهن کي تيل ٻيل مکي، پاڻ کي ڦرهيا ڦوڪارا هڻائي ڪنيڙاٽيون ڦڙڪائي ڇيلهين جا سنڌرا مضبوط ڪري راند جي ميدان ۾ چڪر هڻندا ۽ گوڙيون ڪندا ۽ گدڙ ڀيڪيون ڏيندا وتندا آهن. ماڻهن جي ليکي تہ وڏا ڪي ڪويا ۽ ڪنڌار سنڌ جي نجات لاءِ اچي لٿا آهن. پر خبر تڏهن پوندي آهي، جڏهن هڪڙا پرڏيهي ملڪن جي دورن تي نڪري ويندا آهن ۽ ٻيا ايجنسين کان پاڻ کي گرفتار ڪرائي سال سوا جيل ۾ رهي، سنڌين ۽ مهاجرن جي لڄن جا محافظ سڏائي ٻاهر نڪري بنگلن ۾ رهڻ لڳندا آهن ۽ پيجرو ۽ لينڊڪروزر گاڏين ۾ گهمندا آهن ۽ چوريون زوريون ۽ ڀتاخوريون شروع ڪري ڏيندا آهن.

سنڌ جي قومي تحريڪ جو بنيادي تضاد پنجاب جي بالادستيءَ جي خلاف آهي؛ جنهن کي حڪمران قوتون وقت بوقت مهاجر دشمن تضاد ۾ بدلائڻ جي ڪوشش ڪنديون رهنديون آهن، جنهن جي اڳواڻي ڳجهن هٿن جي اشارن تي سياست ڪندڙ تنظيمن جي قيادتن کي سونپي ويندي آهي، جيڪي سنڌي- مهاجر تضاد کي ابترو اڳتي وڌائي ايندا آهن؛ جو سنڌ جي پنجاب مخالف وطن دوست قوم پرستيءَ کي مهاجر دشمن لساني قوم پرستيءَ ۾ بدلايو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ پنجاب مخالف قوم پرستي، پنهنجي جوهر ۾ وطن دوست قوم پرستي هوندي آهي، جڏهن تہ مهاجر دشمن قوم دوستي پنهنجي جوهر ۾، فرقي پرست

قومپرستي هوندي آهي. اهوئي سبب آهي، جو وطن دوست ۽ سنڌ دوست سياسي ڌريون قوم پرستيءَ کي مهاجر دشمنيءَ جي بجاءِ پنجاب جي بالادستيءَ جي خلاف موڙڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن پر فرقي پرست قوم پرست سياسي ڌريون، قوم پرستيءَ کي پنجاب جي مخالفت جي بجاءِ مهاجر دشمنيءَ ڏانهن موڙڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن؛ نتيجي ۾ ٿيندو اهو آهي ته قومي غلاميءَ وارو بنيادي تضاد، جيڪو سنڌي قوم جي زندگيءَ ۽ موت جو سوال بڻيل آهي، اهو عارضي طور سنڌي ماڻهن جي ڌيان تان هٽي ويندو آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو اڄ تائين جتي هڪ پاسي ايم ڪيو ايم جهڙي تنظيم مهاجرن جي نمائنده جماعت رهندي آئي آهي، ٻئي طرف وري پ پ جهڙي جاگيردار طبقي جي طبقاتي تنظيم ئي سنڌي ماڻهن جي نمائنده جماعت ٿيندي آئي آهي. اهو انهيءَ ڪري ته جيڪڏهن سنڌي- مهاجر جهيڙا ۽ فساد نه ٿيندا ته پ پ جي حڪومت سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مفادن جي خلاف ۽ پنجاب جي بالادست مفادن جي حق ۾، جيڪي به ڪُڌا ڪم ڪندي، سي سڀ سنڌي ماڻهن جي اکيان پڌرا ٿي پوندا. پر جي سنڌ جي عوام لاءِ سنڌي مهاجر جهيڙا ۽ فساد ئي سنڌن زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو بڻيل هوندا ته پوءِ اهي (سنڌي توڙي مهاجر) ڪنهن ٻئي طرف نهاري به ڪونه سگهندا. ۽ حڪمرانن کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خلاف جيڪي ڪرتو هوندو، سو هو بنا ڪنهن ڪنڪي ۽ پريشر جي ڪندا رهندا. اهوئي سبب آهي، جو جڏهن به پ پ کي اقتدار ڏنو ويندو آهي، ته ان کان پنجاب جي بالادستيءَ وارن مستقل مفادن کي تحفظ ڏيارڻ لاءِ سنڌ جي اندر فسادن جي باهه ڀڙڪائڻ لاءِ اندروني هٿ حرڪت ۾ اچي ويندا آهن؛ پوءِ ڪڏهن ٻوليءَ جو مسئلو اڀاريو ويندو آهي، ته ڪڏهن ڪراچي صوبي جو مسئلو ڪڙو ڪرايو ويندو آهي، ته ڪڏهن وري سنڌ جي ورهاڱي جو شوشو ڇوڙيو ويندو آهي. اهڙي نموني پ پ جو مردار جاگيردار طبقو اقتدار حاصل ڪرڻ سان گڏ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خلاف هڪ نه ٻي مصيبت جو منصوبو به کنيو ايندو آهي ۽ پوءِ سنڌي ماڻهو درياهه جي وچ سير ۾ ٻڏڻ کان بچڻ لاءِ پ پ جي تختي کي ئي چمبڙي پوندو آهي.

(2)

اسان کي اهڙي قسم جو عجب تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾، ويجهڙائي پيدا ٿيڻ لڳندي آهي ۽ سنڌي ۽ اردو آبادي ڪنهن

امن پرڻي ماحول کي پيدا ڪري ويندي آهي، تہ هڪ پاسي پ پ کي اقتدار جون واڳون ڏنيون وينديون آهن ۽ ٻئي پاسي سنڌي اردو آباديءَ جي وچ ۾ جهيڙن جا بنياد وڌا ويندا آهن. نتيجي ۾، جتي "هٽرادو هيرن" کي ميدان ۾ لاٿو ويندو آهي، اتي دهلاري دانشور ۽ سرڪاري صحافي بہ وجت ۾ شروع ٿي ويندا آهن. اهڙا اردودان دانشور ۽ صحافي مهاجرن کي سنڌي ماڻهن جي خلاف ڀڙڪائيندا آهن ۽ سنڌي صحافي ۽ دانشور وري سنڌي ماڻهن کي نہ رڳو مهاجرن جي خلاف تيش ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر وطن دوست قوم پرستن جي خلاف پنڊي بہ ٻاري ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجن ڪالمن ۾ ليڪن ۾ تاثر اهو ڏيڻ شروع ڪندا آهن تہ جيڪي قوم پرست سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ ويجهڙائيءَ ۽ ناپر واريون ڳالهيون ڪن ٿا، سي سنڌ ۽ سنڌي قوم جا سچڻ ڪونہ آهن؛ پر جيڪڏهن ڪي انهن جا سچڻ آهن تہ هڪڙا پ پ جا وفاق پرست وڏيرا آهن ۽ ٻيا ايجنسين جي هٿ جا هيرايل هيرا آهن. ڇو تہ اهي سنڌي- مهاجر فسادن واريءَ ڀڙڪائيندڙ باهہ جي مٿان تيل هارڻ ۾ هوشيار ۽ تيلي ڏيڻ ۾ تکڙا هوندا آهن.

حڪمرانن کي خبر آهي تہ جنهن ڏينهن سنڌي ۽ اردو آبادي پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي وئي ۽ انهن پنهنجن گڏيل مفادن جي حاصلات لاءِ پاڻ ۾ گڏجي جدوجهد ڪئي، تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مٿان پنجاب جي بالادستي ۽ سامراجيت گهڻو وقت قائم رهي ڪانہ سگهندي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي- مهاجر جهيڙن کي، جتي پنجاب نواز ايجنسيون وڌائينديون آهن، اتي مختلف هيلن ۽ بهانن سان پ پ جا جاگيردار ۽ وڏيرا پڻ ان کي هوائون ڏيڻ شروع ڪندا آهن.

اهڙيءَ طرح سرڪاري دهلاري دانشور (ٻنهي طرفن جا) پهرئين سنڌي مهاجر فسادن جي باهہ ڀڙڪائڻ لاءِ ڪک ۽ ڪانا گڏ ڪري، انهن تي تيل هاريندا آهن ۽ پوءِ ان کي هٽرادو هيرا اڇي تيليون ڏيندا آهن ۽ پوءِ جڏهن اها فسادن واري باهہ ڀڙڪڻ ۽ آسمانن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳندي آهي تہ اهي ٿي سرڪاري دهلاري دانشور ۽ صحافي انهيءَ جو الزام ڦيرائي وطن دوست ۽ آزادي پسند قوم پرستن جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ اهي جهيڙا ۽ فساد نہ ايجنسين ڪرايا آهن ۽ نہ هٽرادو هيرن ڪرايا آهن پر جيڪڏهن ڪنهن ڪرايا آهن تہ اهي قوم پرستن ٿي ڪرايا آهن ۽ انهن ٿي بي گناهہ سنڌي ماڻهو مارايا آهن. پر جهيڙن ۽ فسادن کي وڌائڻ مهل، اهي ساڳيا وفاق پرست دهلاري دانشور ۽ سرڪاري صحافي ٿي هوندا آهن، جيڪي قومپرستن

تي جهلون ڪندا آهن ألريو ألريو ايندا آهن تہ مهاجرن جون تنظيمون سنڌ مخالف مطالبا ڪن ٿيون پيون، سنڌن من وڏي ويو آهي پر قوم پرست خاموش آهن، ۽ انهن جي خلاف ڪو وڏو ردعمل نٿا ڏيکارين.

وطن دوست ۽ آزاد پسند قوم پرستن کي، انهيءَ سڄيءَ حقيقت جي خبر هوندي آهي تہ سنڌ دشمنيءَ وارا اهڙا مطالبا، ڪنهن جي اشارن تي ڪرايا پيا وڃن ۽ ڇو ڪرايا پيا وڃن؟ ان ڪري اهي اهڙي قسم جي هٿرادو اٿاريل تضادن کان هر ممڪن طور پاڻ کي پري رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ جيئن تي سگهي، سنڌي مهاجر جهيڙن کي روڪجي ۽ ٽارجي. ۽ سنڌ اندر خانہ جنگيءَ کان بچي رهجي؛ ڇو تہ سنڌي- مهاجر جهيڙا نہ سنڌين جي حق ۾ آهن ۽ نہ اردو آباديءَ جي فائدي ۾ آهن.

عبدالله شاهہ ڇوي ٿو تہ: "سنڌ مٿان جان قربان آهي" جيئن ڪالهہ ڄام صادق علي چوندو هو تہ: "سنڌ منهنجي ماءُ آهي" ڄام صادق عليءَ ۽ سيد عبدالله شاهہ جا اهڙي قسم جا بيان اسان کي ٻڌائين ٿا تہ اسان جو وڏيرو ۽ جاگيردار طبقو ڪيڏو نہ موقعي پرست ۽ مڪار آهي، جو هو سنڌ ۽ سنڌي عوام کي اقتدار جي اڏيءَ تي قربانيءَ جو ٻڪرو بنائي بہ رهيو آهي ۽ ڪين وڪڻي بہ رهيو آهي، ۽ سنڌي ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ سڪٽيءَ لفاضيءَ طور سنڌ تان جان کي قربان ڪرڻ جي دعوئي بہ ڪري رهيو آهي، تہ سنڌ کي جيجل ماءُ بہ سڏي رهيو آهي. سنڌ ۽ سنڌي عوام سان ان کان مٿي ٻي ڪهڙي ٺٺول ۽ ويساهہ گهاتي ٿي سگهي ٿي، جو سنڌ جي اجتماعي مفادن جو سودو ڪندڙ وڏيرو ۽ جاگيردار پاڻ کي محب وطن ۽ سنڌ دوست بہ سڏائي ٿو ۽ سنڌ جي حقيقي محب وطن ماڻهن ۽ قوم پرستن کي گاريون بہ ڏئي ٿو، جنهن لاءِ پگهاردار دهلاري دانشور ۽ سرڪاري صحافي ان جي ٻوليءَ ۾ ٻٽ ۽ جٽ آهن.

- حقيقت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي تہ هن سڄيءَ صورتحال کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ ئي ڪراچيءَ جي اندر روز روز نون ضلعن کي وڌائي "مهاجر اشوز" طور اڳيان آندو پيو وڃي، جنهن اشوز تي ايم ڪيو ايم حقيقي سگهو ۽ اجايو گوڙ مچايو بيٺي هوندي آهي. جڏهن تہ ايم ڪيو ايم الطاف ان باري ۾ ڪو گهڻو سرگرم ڪانہ ٿي سگهي آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڪراچي ۾ ملير ضلعو جوڙيو ويو هو تہ ان جي خلاف مزاحمت گهڻو ڪري رڳو ملير، لانڍي ۽ ڪورنگيءَ وارن علائقن ۾ ٿي رهي هئي، جتي ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جو زور آهي. پر لالو کيت ۽

بين اهڙن سيني علائقن ۾ مانار لڳي پئي هئي، جتي ايم ڪيو ايم الطاف جي وڌيڪ هلندي پڄندي آهي.

ايم ڪيو ايم الطاف جي خلاف ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي غنڊن ۽ 'داداگيرن کي سگهارين قوتن ڪراچيءَ اندر لاٿو تہ سهي پر اهي مهاجرن ۾ اڄ سوڌو پنهنجي ڪا خاص جاءِ جوڙي نہ سگهيا آهن؛ جنهنڪري ئي حڪمرانن انهن لاءِ "هٽرادو اشوز" پيدا ڪرايا آهن تہ جيئن اهي هڪ پاسي انهن اشوز تي پنهنجيءَ جدوجهد کي اڳتي وڌائين ۽ چمڪائين ۽ مهاجرن جي اندر همدرديون حاصل ڪن ۽ ٻئي پاسي اهي ايم ڪيو ايم الطاف تي پريشر وڌائين؛ جو تہ ايم ڪيو ايم الطاف جيڪڏهن انهن اشوز تي جدوجهد نہ ڪندي تہ اها مهاجرن جي اندر پنهنجون همدرديون وڃائي ويهندي.

عجب اهو آهي تہ ايم ڪيو ايم الطاف جي خاموشيءَ جي باوجود، حڪومت ۽ ايجنسين جي طرفان انهيءَ جي خلاف نہ وٺ وٺان جاري آهي پر ايم ڪيوايم حقيقي، جيڪا سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خلاف باهہ ٻاريو ويٺي آهي؛ انهيءَ جي خلاف ڪا خاص وٺ پڪڙ ڪانہ آهي. اهو رڳو انهيءَ ڪري تہ جيئن اها (ايم ڪيو ايم حقيقي) انهن اشوز تي جدوجهد ڪري ايترو اڳتي وڌي اچي، جو گهٽ ۾ گهٽ ڪراچيءَ جي مهاجرن جي اندر ايم ڪيو ايم الطاف جي جاءِ والاري سگهي يا اها پنهنجي پريشر کي ايترو وڌائي اچي، جو ايم ڪيو ايم الطاف بہ مجبور ٿي، سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو ڪري. ايم ڪيو ايم الطاف مٿان اهڙو پريشر ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي ئي طرفان نہ پر مهاجرن جي ٻين تنظيمن جي پاران بہ وجهرايو ويو آهي. جيئن ڪجهہ سال اڳ "مهاجر رابطا ڪائونسل" جي اجلاس ۾ الطاف جي خطاب کان پوءِ سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو ڪرايو ويو هو.

اهڙيءَ طرح پ پ سنڌ جي حڪومت، ڪراچيءَ کي وسيع ۽ ويڪري ڪرڻ لاءِ نہ رڳو هڪ ملير جو ضلعو وڌايو آهي پر ان وٽ ٻيا بہ ضلعا وڌائي، ڪراچيءَ کي ستن اٺن ضلعن ۾ ورهائڻ جو پروگرام آهي. پاڪستان ٺهيو هو تہ ڪراچي هڪڙو ضلعو هئي ۽ هاڻي 48 سالن کان پوءِ ڪراچيءَ جي هڪ ڪروڙ آباديءَ کي ستن اٺن ضلعن ۾ ورهايو پيو وڃي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن حقيقي انصاف ڪرڻو آهي تہ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ڪراچيءَ کان سواءِ سنڌ ڏهن ضلعن تي مشتمل هئي، جنهن کي هاڻي ستر اسي ضلعن ۾ ورهائڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ چاليهن لکن مان ڇئن ڪروڙن وارو ملڪ ٿي ويو آهي. جڏهن تہ ڪراچيءَ

کان سواءِ باقي سنڌ ۾ مشڪل سان پنج يا ڇهه ضلعا وڌايا ويا آهن. اها مهرباني رڳو ڪراچيءَ وارن تي ڇو ٿي رهي آهي؟ ڪٿي اٿين ته ڪونه آهي ته اهو اصل ۾ ملڪ جي اندروني قوتن جو پلان آهي، جيڪي ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ لاءِ ۽ هڪڙي نئين صوبي جي تياريءَ لاءِ اڳواٽ ماحول ۽ جاگرافيائي صورتحال پيدا ڪرائي رهيون آهن؟؟ ڇاڪاڻ ته ملڪ جا مالڪ جڏهن به سنڌ جي خلاف ڪا سازش جوڙيندا آهن ته انهيءَ کي سنڌ جي جاگيردار طبقي جي هٿان ئي پورو ڪرائيندا آهن.

اسان جي سنڌ جي جاگيردار طبقي، جيئن ورهاڱي کي قبولي، سنڌي قوم جي وجود کي ڪُهي ۽ اڌ ڪري ڇڏيو هو يا جيئن ان ون يونٽ کي قبولي، سنڌ جي جاگرافيائي وجود تي ليڪو پائي ڇڏيو هو، تيئن اهو ڪراچيءَ سميت سڄي سامونڊي ڪناري کي وڪٽي سنڌ جي وجود کي ٻه اڌ ڪرڻ واريءَ سازش ۾ به شريڪ ٿي سگهي ٿو. ڇو ته اهو جاگيردار طبقي جي عارضي بقا لاءِ سنڌي هندو سرمائيدار وانگر، پناهگير سرمائيدار کان به ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، ته جيئن باقي سنڌي عوام کي هو پنهنجو غلام بنائي سگهي، جنهنڪري اسٽبلشمينٽ سان ملي سنڌ جي قومي وجود جي خلاف سازشون ڪري رهيو آهي. انهيءَ جي لاءِ ئي پنجابي اسٽبلشمينٽ جاگيردارن تي مهربان ٿي پئي آهي ۽ جاگيردار طبقو اسٽبلشمينٽ کي پنهنجو گهٽگهرو سمجهڻ لڳو آهي. جيئن ته ڪاموراشاهي جي اسٽبلشمينٽ ۽ جاگيردار طبقو، ٻئي غير پيداواري قوتون آهن، ان ڪري اڄوڪي پاڪستان جي معروضي صورتحال ۾ سگهارين ترين جي ضرورت جاگيردار طبقو تي پيو آهي ۽ جاگيردارن جي ضرورت سگهاريون قوتون ٿي پيون آهن. ٻئي قوتون هڪ ٻئي جي ضرورت کي محسوس ڪندي، هڪ ٻئي جون اتحادي ٿي پيون آهن ۽ اهڙيءَ طرح پنجاب ۽ سنڌ جي شهري زندگيءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ سيني قومي صوبن کي ورهائي ٻه ٽڪر ڪرڻ گهرن ٿيون. هي سڀ سازشون ۽ حڪمت عمليون ۽ ترڪتاليون ايندڙ ڪنهن وڏيءَ سازش جي آگاهي ڏين ٿيون.

هيءَ جيڪو ڪجهه سال اڳ "مهاجر رابطا ڪائونسل" جي اجلاس ۾، سنڌ جي ٻِرهاڱي جو نهراءُ پاس ڪرايو ويو هو، انهيءَ کي ميڊيا جي اندر اهڙي نموني سان لاٿو ويو هو، جيئن سنڌي ماڻهن توڙي مهاجرن ۾ اهو تاثر پيدا ٿئي ته اهو مطالبو ايم ڪيو ايم الطاف ڪيو آهي، ته جيئن هڪ پاسي مهاجرن کي سنڌ جي

ورهاڱي لاءِ ذهني طور تيار ڪجي ۽ ٻئي طرف سنڌي ماڻهن ۾ عام مهاجرن جي خلاف نفرت پيدا ڪجي. ڇاڪاڻ ته اهو نهرائو هڪ اهڙي اجلاس ۾، پاس ڪرايو ويو هو؛ جنهن اجلاس کي ان کان ٿورو اڳ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ الطاف حسين براهه راست لنڊن مان فون تي خطاب ڪيو هو؛ جنهن پنهنجي خطاب ۾ ڪابه اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي هئي؛ بلڪه ان پنهنجي تقرير ۾ پ پ جي حڪومت ۽ سنڌ ۾ موجود فوج جي خلاف ڳالهايو هو؛ جيڪا ڳالهه ملڪ جا مالڪ سهي ڪونه سگهيا ته ڪو مهاجر آباديءَ جي اندر سنڌن خلاف نفرت پوکي وڃي. اهوئي سبب آهي جو انهيءَ ڳالهه کي سنڌي ۽ اردو ميڊيا جي ذريعي موڙي سنڌ جي ورهاڱي جي مطالبي طور ايم ڪيو ايم الطاف جي کاتي ۾ وڌو ويو ۽ تاثر اهو اياريو ويو، جڻ ته اهو مطالبو سرڪاري هٿن تي هلندڙ "مهاجر رابطا ڪائونسل" نه پر ايم ڪيو ايم جي ذيلي تنظيم "ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽيءَ" ڪيو آهي. ڇو ته ايم آر سي (M.R.C) جا ٽي اکر جهڙا "مهاجر رابطا ڪائونسل" لاءِ استعمال ٿين ٿا، تهڙا ئي "ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽي" ايم. آر. سي (M.R.C) لاءِ استعمال ٿين ٿا.

هي سڀ ميڊيا جو ڪمال آهي، جيڪا ڊِس انفارميشن ڦهلائڻ لاءِ ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ڪري پيش ڪندي آهي؛ جنهن جي ڪري نه رڳو عام ماڻهو پر پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو توڙي صحافي توڙي دانشور به انهيءَ جي فريب ۾ اچي ويندا آهن، نتيجي ۾ سنڌيءَ جي هڪ سلجهيل سمجهيل دانشور ڪاوش اخبار ۾ پنهنجي ڪالم ۾ لکي ڇڏيو ته: "سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو الطاف پنهنجي خطاب ۾ ڪيو هو"؛ جيڪا ڳالهه ثابت ٿي ڪري ته انهيءَ ميڊيا جي ڪمال جي ڪري، جتي حڪمران ٽريون ڳالهين کي ابتو ڪري پيش ڪن ٿيون، اتي اسان جا پڙهيل ڳڙهيل سياسي دانشور ۽ اخباري صحافي به خبرن جي تهه تائين ڪونه ٿا وڃن. بلڪه جيئن اهي سطحي طور تي اخباري ميڊيا ۾ آنديون وڃن ٿيون، يا ميڊيا ۾ انهن بابت جيڪو تاثر ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، انهيءَ کي اڳيان رکي هو پنهنجا تجزيا جوڙين ٿا ۽ ڪالم لکڻ لڳن ٿا.

اهڙيءَ طرح اهي سنڌ اندر موجود ڊِس انفارميشن جي اڇلايل ڄار ۾ نه رڳو پاڻ ڦاسي پون ٿا پر پنهنجن پڙهندڙن کي به ڦاسائين ٿا. ڏٺو وڃي ته ايم ڪيو ايم الطاف جهڙوڪ مهاجر قوميت تان ئي هٿ کڻي وٺي آهي، جنهن جي ڪري انهن پنهنجيءَ تنظيم جو نالو مهاجر قومي موومينٽ مان ڦيرائي "متحده قومي

موومينٽ" رکيو آهي، جنهن سان اختلاف ڪندي، حقيقيءَ وارن پنهنجيءَ تنظيم جو نالو ساڳيو "مهاجر قومي موومينٽ" قائم رکيو آهي. جنهن تنظيم کي سنڌ اندر موجود ايجنسين جي فل سپورٽ حاصل آهي. جنهن مان پڻ لڳي ٿو ته مهاجر قوميت تي ايڏو زور ايم ڪيو ايم الطاف نٿي ڏي، جيترو زور پنجابنواز ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ مهاجر رابطا ڪائونسل يا ٻيون حڪمران دوست مهاجرن جون تنظيمون ڏين ٿيون.

سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي ته جڏهن ايم ڪيو ايم ۽ ان جي قيادت ٽوڙي ان جي ذيلي تنظيم ايم ڪيوايم رابطا ڪميٽيءَ جي طرفان سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪا نه ڪئي وئي آهي ته پوءِ پ پ جي حڪومت ۽ انهيءَ جي اثر ۾ آيل اخباري ميڊيا ۽ ايجنسين ۽ انهن جي ذيلي تنظيمن ۽ ادارن انهيءَ تاثر کي ايڏي وڏي شدت جو ڏياري؟ اسان جي خيال ۾ ته اهو انهيءَ ڪري جو خود حڪمران جيڪڏهن سنڌ جو ورهاڱو نٿا به چاهين، تڏهن به اهي سنڌي مهاجر تضاد کي اڀارڻ ضرور چاهين ٿا. پر جيئن ته سنڌي مهاجر تضاد جي اڀارڻ لاءِ ٻنهي طرفن کان ڪا اهڙي عوامي قوت موجود ڪانه آهي، جيڪا انهيءَ تضاد کي هوا ڏي- ان ڪري حڪمران پاڻ ئي اهڙيءَ حرڪت تي لهي آيا آهن، ۽ انهيءَ لاءِ مهاجرن ۽ سنڌن ليڊرن کي زوريءَ مجبور ڪيو پيو وڃي ته اهي سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪن. جيئن انگريز حڪمرانن محمد علي جناح کي پنهنجيءَ حڪمت عمليءَ تحت هندستان جو ورهاڱو زوريءَ قبول ڪرايو هو، انهيءَ ساڳيءَ حڪمت عمليءَ تي عمل ڪندي، ايم ڪيو ايم کي سنڌ جو ورهاڱو قبول ڪرايو پيو وڃي: ڇاڪاڻ ته ٻهرئين ته محمد علي جناح به هندستان جي ورهاڱي جو حامي ڪونه هو، پر پوءِ جڏهن انگريزن پاڪستان سندس جهوليءَ ۾ زوريءَ وڌو ته قبول ڪري ورتائين. هتي به ائين ئي ڪجهه ٿي رهيو آهي، ڇو ته جيڪڏهن حڪمرانن لاءِ پنجاب جو ورهاڱو ضروري ٿي پيو آهي ته باقي ٻين صوبن ۽ خاص ڪري سنڌ جو ورهاڱو به سنڌن لاءِ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن لاءِ حڪمران هي سڀ اڙتيون ڦڙتيون ۽ ترڪتاليون ڪري رهيا آهن.

(ماهوار 'ساڃاهه'، مارچ ۽ اپريل 1994ع)

مهاجر فيڪٽر جو سياسي ۽ اقتصادي پس منظر

(1)

چيو وڃي ٿو تہ ايم ڪيو ايم الطاف جي حڪومت جي خلاف موجوده تحريڪ، سنڌ جي ورهائڻ جي سازش آهي. ايم ڪيو ايم سنڌ کي ورهائي يا نہ، پر پ پ جي حڪومت سنڌ کي ورهائڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪي آهي. سنڌ کي ورهائڻ کان پوءِ ضروري ناهي تہ انهيءَ جون واڳون ايم ڪيو ايم الطاف کي ڏنيون وڃن. پر ممڪن آهي تہ اهي ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ ٻين ان جهڙين ايجنسين جي تاتيل تنظيمن ۽ ايم ڪيو ايم الطاف مان ٽوڙيل ڪن مائهن کي ڏنيون وڃن.

ڏسجي ٿو تہ انهيءَ ڪم کي سنڌ اندر ڪم ڪندڙ ايجنسين آخري ڏاڪي تي پهچائي ڇڏيو آهي. 1992ع ۾ جڏهن کان سنڌ اندر فوج کي لاٿو ويو آهي، تڏهن کان اها پنهنجي پروگرام سان مڪمل ليس ٿي سنڌ ۾ آئي آهي ۽ هائي ان کي سنڌ کي بوسنيا ۾ تبديل ڪرڻو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ فوج پنهنجي انهيءَ پروگرام کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ 1990ع جي فسادن ۾ ئي تياري ڪري ڇڏي هئي. پر ان وقت سنڌ ۾ فوج جي اچڻ تي عوامي قوتن جي مزاحمت جو خطرو موجود هو ۽ سنڌ جو ماحول فوج جي حق ۾ ڪونہ هو، پر پوءِ صورتحال اهڙي بنائي وئي، جو نہ رڳو سياسي قوتن جي اڪثريت فوج جي حق ۾ ٿي وئي پر عوام ۾ بہ ٿڌائي اچي وئي. سنڌ ۾ 1992ع ۾ فوج جي لهڻ کان پوءِ، جتي هڪ پاسي سڀ کان پهرين ايم ڪيو ايم حقيقيءَ کي ڪلهن تي چاڙهي ڪراچيءَ ۾ لاٿو ويو، اتي ٻئي پاسي سنڌ جي ورهاست جي نالي تي جناح پور جي نقشن کي ميڊيا جي آڏو ڦٽو ڪيو ويو. انهيءَ لحاظ کان اسان کي سنڌ جي انهيءَ ورهاست واريءَ سازش کي توڙي پنجاب جي بالادستيءَ جي سياست کي تمام گهٽو پوئتي وڃي ڏسڻو پوندو بلڪ پاڪستان جي لهڻ واري ڏينهن کان وٺي انهيءَ جو جائزو وٺڻو پوندو.

اها هڪ حقيقت آهي تہ مهاجرن کي سنڌ جي شهرن، ڪراچي، سکر، ميرپورخاص ۽ حيدرآباد وغيره ۾، پاڪستان جي پهرئين وزيراعظم لياقت علي خان

جي وقت ۾ وسايو ويو هو، ته جيئن مهاجرن جو ووٽبئنڪ هڪ هنڌ محفوظ رهي سگهي. اها ته مهاجرن جي وڏن ۽ گهڻگهرن جي پلاننگ ۽ سياسي حڪمت عملي هئي، جنهن تي انهن ماڻهن نهايت ئي ايمانداريءَ ۽ هوشياريءَ سان عمل ڪري ڏيکاريو. پر هڪ ٻي پلاننگ ۽ سياسي حڪمت عملي پنجابي حڪمرانن جي به هئي؛ جيڪا نه رڳو بنگالي اڪثريت جي خلاف هئي ۽ پاڪستان ۾ موجود ٻين قومن جي جمهوري ۽ قومي حقن جي خلاف هئي پر مهاجرن جي مستقبل جي به خلاف هئي، ۽ راولپنڊيءَ جي ميدان ۾ لياقت علي خان جو قتل، انهيءَ سلسلي جي ڪڙي هئي؛ ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ هن ملڪ جي سياسي حاڪميت ۽ اقتدار اعليٰ جو هڪ ٽڪنڊو ٺهي ويو هو ۽ انهيءَ (سياسي اقتدار اعليٰ) ٽڪنڊي کي پنجابي حڪمرانن اٽندي ئي ڀڃڻ ڊاهڻ ۽ پوءِ انهيءَ کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ جي حڪمت عملي جوڙي ورتي هئي.

ملڪ جي انهيءَ ٽڪنڊي مطابق، جتي ملڪ جي عسڪري قوت پنجاب وٽ هئي، اتي سياسي ۽ جمهوري قوت بنگال وٽ هئي، ۽ اهڙيءَ طرح ملڪ جي مالي ۽ اقتصادي قوت جا مالڪ، هندستان مان لڏي آيل بوهري، ڪاٺياواڙي، ميمڻ ۽ ٻيا مهاجر هئا. جيئن ته ڪنهن به جديد رياست جي حاڪميت جو تعين، اهي ٽي مکيه ٿنڀا ئي ڪن ٿا، ان ڪري پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ انهن ٽنهي قوتن جي وچ ۾ اقتدار جي رساڪشي ۽ ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي هئي ۽ سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ ته ڪنهن به ڳاڻاٽي ۾ ڪونه هئا.

اها اقتدار جي رساڪشي ۽ ويڙهه 1947ع کان 1958ع تائين اسيمبلين جي اندر ئي اندر هلندي رهي. حڪومتون ٺهنديون ۽ ڊهنديون رهيون. هنن ڏهن يارهن سالن جي عرصي دوران نئين ٺهيل ملڪ پاڪستان جون ايتريون ته حڪومتون آيون ۽ ويون جو هندستان جي ان وقت جي وزيراعظم جواهر لال نهروءَ کي چوڻو پيو ته "مون هن وقت تائين ايتريون ڌوتيون به ڪونه بدلايون آهن، جيترا پاڪستان جا وزير اعظم بدلايا ويا آهن"

اصل ۾ اها ڇڪتاڻ ۽ لڙائي حڪومتن جو ٺهڻ ۽ ڊهڻ پنجابي حڪمرانن جي بنگال جي اڪثريتي عوام جي خلاف اقتدار کي مڪمل طور پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جي جنگ هئي. هن جنگ ۾، پنجاب، پناهگيرن کي ملڪ جي اقتدار ۾ شريڪ ڪري، بنگال کي اقتدار کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پنجاب جي حڪمران طبقن هڪ خاص سياسي حڪمت عملي تحت ڀهرين مغربي

پاڪستان ۾ ون يونٽ ناهي ته جيئن مظلوم قومن جي ڦرمار سان گڏ بنگال جي عوامي اڪثريت کي برابريءَ واري آئيني حيثيت ڏياري سگهجي. پر جڏهن اٿين به سندن ڪم نه هلي سگهيو ته پوري ملڪ جي مٿان ايوب شاهي مارشل لا لاڳو ڪرائي وئي، جو ته جيڪڏهن پنجابي حڪمران طبقي کي فوجي مارشل لائن جي چانو ۾ نٿي ويهاريو ويو ته بنگال جي عوامي اڪثريت، ٻين قومن جي عوام سان گڏجي هن ملڪ کي هڪ مڪمل جمهوري ملڪ بنائي ٿي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو ٿي ته پوءِ ملڪ جو سياسي اقتدار، بنگالين ۽ ٻين ننڍين قومن جي هٿن ۾ هليو ٿي ويو ۽ جيئن ته پنجاب کي اهڙي جمهوريت ڪانه ٿي کپي، جيڪا پنجاب جي بالادستيءَ کي سدائين لاءِ للڪاريندي رهي، ان ڪري پنجاب جي عسڪري قوت، مهاجرن جي اقتصادي قوت سان اتحاد ڪري پهرئين پوري اولهه پاڪستان سان ون يونٽ لاڳو ڪيو ۽ پوءِ بنگال جي اڪثريتي جمهوري نمائندگيءَ کي ختم ڪيو ۽ کين اولهه پاڪستان جي برابر نمائندگي ڏني وئي.

ايوب شاهي مارشل لا جي يارهن سالن جي ڏاڍ ۽ جبر کان پوءِ جڏهن هڪ پاسي بنگال جي اندر عوام جي جمهوري تحريڪ ايري آئي ۽ ٻئي پاسي اولهه پاڪستان جي مظلوم قومن جو عوام ون يونٽ جي خلاف اٿي کڙو ٿيو ته نه رڳو يارهن سالن وارو ايوب شاهي راڄ اچي پٽ پيو پر ون يونٽ جو ٺهري ڪوٽ به ڪري پيو، نتيجي ۾ ايوب خان هڪ ٻئي جنرل يحيٰ خان کي ملڪ جون واڳون ڏنيون. ٻاڻ حڪومت جو تخت ڇڏي ماٺ ڪري ويهي رهيو. جنهن کان پوءِ 1970ع ۾ سڄي ملڪ اندر عام راءِ مطابق چونڊون ٿيون، هنن چونڊن ۾ شيخ مجيب الرحمان جي اڳواڻيءَ ۾ عوامي ليگ اڪثريت سان چونڊجي آئي، پر پاڪستان جي اڇي ڪاري جي مالڪن عوامي ليگ کي حڪومت جون واڳون ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته ملڪ جا مالڪ هاڻي پنهنجي آخري نتيجي تي پهچي چڪا هئا ته بنگال سان گڏ رهي، پاڪستان جي اندر پنجاب جي حڪمرانيءَ جي بالادستيءَ کي قائم رکي نٿو سگهجي؛ ان ڪري انهن شيخ مجيب الرحمان کي اقتدار منتقل ڪرڻ جي بجاءِ بنگال ۾ فوج موڪلي، عوام جو قتل عام شروع ڪيو، ۽ نون مهينن جي گهرو ويڙهه کان پوءِ اوڀر پاڪستان آزاد بنگلاديش بڻجي ويو.

پنجاب، جيڪو اڳ ۾، رڳو عسڪري قوت جو مالڪ هو، سو هاڻي اوڀر پاڪستان جي الڳ ٿي وڃڻ کان پوءِ سياسي ۽ جمهوري قوت جو به مالڪ بڻجي

ويو؛ ڇاڪاڻ تہ باقي بچيل پاڪستان ۾، سيني قومن جي پيٽ ۾، رڳو پنجاب جي پنهنجي آبادي 62 سيڪڙو هئي؛ ائين پنجاب عسڪري قوت سان گڏ، سياسي قوت بہ پنهنجي قبضي ۾ ڪئي ۽ انهيءَ ڪان پوءِ سهي سنبري پنهنجي اڳوڻيءَ اقتصادي اتحادي قوت (مهاجرن) ۾ هٿ ڳنديا يعني مرحوم ڀٽي صاحب جي حڪومت جي دور ۾، ملڪ جي سمورين بئنڪن ۽ صنعتن کي رياست جي تحويل ۾ ورتو ويو، جنهنڪري مهاجرن، ڪاٺياواڙين ۽ بوهرين جي اقتصادي چيلهہ ڀڄي پئي، ۽ انهن اهو سمجهيو تہ سندن اها اقتصادي چيلهہ، ڀٽي صاحب جي حڪومت ڀڳي آهي، جنهن ڪري اهي پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقي جي بجاءِ لاهي پاهي ڀٽي جي حڪومت جي پنيان هٿ ڌوئي پيا ۽ ڀٽي صاحب جي حڪومت جي مخالف اتحاد پي اين اي کي پئسا ڍوڪڙ ڏنئي، سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪرائي دم پٽياڻون. پر انهيءَ جي نتيجي ۾ ملڪ جي مٿان جنرل ضياءالحق جي مارشل لا جو راڄ مڙهجي ويو، جنهن ڀٽي صاحب جي مٿان هڪ قتل جو ڪوڙو سچو الزام مڙهي، ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي، ڪيس ڦاهيءَ جي تختي تي چاڙهي ڇڏيو. پر پوءِ بہ بئنڪون ۽ ڪارخانا مهاجرن ۽ ڪاٺياواڙين کي واپس موٽي ڪونہ مليا، تڏهن وڃي سندن هوش ٺڪاڻي تي لڳا. ۽ اهي ڳالهہ کي سمجهي ويا تہ اهو برامو رڳو ڀٽي جي حڪومت جو نہ هو پر ان جي پنيان پنجاب جي حڪمران طبقن جو لڪل هٿ هو، جن سڀ کان پهرين ڪين بنگال جي عوامي اڪثريت جي خلاف پنهنجو اتحادي بنايو هو ۽ اتان ڪان آجي ٿيڻ کان پوءِ هنن ۾ هٿ ڳنديا ويا هئا.

پنجاب ملڪ جي مٿان پهرئين يارهن سالن جي مارشل لا لڳرائي، بنگال جي عوام جي اڪثريت ڪان جان ڇڏائي ۽ پاڻ ئي جمهوري ۽ سياسي قوت جو مالڪ بنجي ويهي رهيو ۽ ان ڪان پوءِ ملڪ جي مٿان هڪ ٻي يارهن سالن جي مارشل لا هٺي، رياست جي ٻل تي اقتصادي قوت بہ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتي ۽ هاڻي جڏهن پنجابي سرمائيدار رياست جي معرفت اسري نسري وڏي وڏو وڻ ٿيو آهي، تہ ڪارخانا ۽ بئنڪون موٽائي ڪين ڏنيون پيون وڃن.

1970ع ڪان اڳ ۾ سڄي ملڪ جي 75 سيڪڙو صنعتڪاري سنڌ ۾ هوندي هئي، ۽ هاڻي ملڪ جي 75 سيڪڙو صنعتڪاري سينٽرل پنجاب ۾ ٿي رهي آهي. پنجاب وٽ عسڪري قوت اڳ ۾ ئي موجود ئي، ۽ اوير پاڪستان جي الڳ ٿي وڃڻ ڪان پوءِ جمهوري ۽ سياسي حاڪميت بہ ان وٽ مرڪوز ٿي وئي ۽ هاڻي ملڪ جي اقتصادي قوت جو مالڪ بہ پنجاب پاڻ ٿي ويو آهي. يعني رياست ۽

حاڪميت جي طاقت جا اهم ٿنيا ۽ مرڪز پنجاب پاڻ وٽ محفوظ ڪري ورتا آهن. اهڙي نموني هاڻي جڏهن ملڪ جي عسڪري قوت به پنجاب وٽ آهي، سياسي ۽ جمهوري قوت به پنجاب وٽ آهي ۽ اقتصادي (جديد سرمائيداري) قوت به پنجاب وٽ آهي، ته مهاجرن جو هوش به جاءِ تي اچي ويو آهي ته پنجاب جون سائن ڪيل ويساهه گهاتيون به سمجهه ۾ اچڻ لڳيون آهن.

ڪاٺياواڙين، بوهرين، ميمڻن ۽ مهاجرن سڀ کان پهرين جنرل ضياءَ جي شروعاتي دور ۾ ٿي "مها سنڌ" جي نالي سان هڪ جماعت ناهي هئي، ته جيئن اهي ان جي پليٽ فارم تان ايرنڊڙ پنجابي سرمائيدارن جو مقابلو ڪري سگهن پر ضياءَ شاهي مارشل لا ۾ ڪين جيلن ۾ وجهي، موچڙا هڻي، مراڳو "مها سنڌ" جماعت کي ٽي ٽوڙايو ويو. تنهن کان پوءِ انهن سنڌ جي قوم پرستن ڏانهن واجهائڻ شروع ڪيو پر اتان به ڪين ڪا اهڙي خاص موٽ ڪانه ملي سگهي يا انهن ۾، هنن اهڙو ڪو تمرُ ڪونه ڏٺو، ان ڪري هنن پئسا ڏوڪڙ ڏئي، ايم ڪيو ايم کي پيدا ڪري ۽ مچائي مهوڙ ڪري آندو، ته جيئن ان جي سياسي پليٽ فارم تان پنهنجن اقتصادي مفادن جو تحفظ ڪري سگهن. ڇاڪاڻ ته بنگلاديش جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڪاٺين بٺنڪون ۽ صنعتون ڪسي، ڪين اقتصادي طرح جيڪو لولو لنگڙو بنايو ويو هو، هو پنهنجي انهيءَ پراڻي اوج ۽ ڪمال کي موٽائڻ پيا گهرن، جيڪو هاڻي ناممڪن هو.

جڏهن ايم ڪيو ايم ٺهي هئي، ته ان جي شروعاتي دور واريون سموريون سرگرميون پنجاب مخالف ۽ مذهب مخالف هونديون هيون، ۽ ان جا پهريان جهيڙا ۽ جهٽا به پنجابين ۽ پٺاڻن سان ٿي ٿيڻ لڳا هئا. تنهنڪري نه رڳو پنجابي سرمائيدار پر پنجابي حڪمران طبقو به فڪرمنديءَ ۾ اچي ويو ته جيڪڏهن ايم ڪيو ايم جو اموئي رخ رهيو ته سنڌ ۾ سندن مفاد محفوظ رهي ڪونه سگهندا. انهيءَ ڪري پنجابي حڪمران طبقي خاص ڪري جنرل ضياءَ جي راڄ ۾ هڪ خاص حڪمت عملي جوڙي، ايم ڪيو ايم جي تنظيمي ڍانچي اندر وڏي پئماني تي ايجنسين جا ماڻهو داخل ڪري ڇڏيا. جن جي معرفت ايم ڪيو ايم کي پنجابي حڪمران طبقو پنهنجي مفادن جي حق ۾ استعمال ڪرڻ لڳو.

ايم ڪيو ايم جي اندر پنجابي مفادن سان لاڳاپيل حڪمت عمليءَ کي لاڳو ڪرائڻ وارو پهريون مک ماڻهو ايم ڪيو ايم جو چيئرمين عظيم طارق هو. جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ ايم ڪيو ايم جي تنظيمي ڍانچي تي گرفت مضبوط هئي ۽

جنهن جي ٿي معرفت ايم ڪيو ايم جي پهرئين پنجاب مخالف رجحان کي سنڌ دشمن رجحان ۾ بدلائڻ لاءِ سنڌ جي سيني شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جي خلاف ڪشيدگيءَ کي اڀاريو ۽ هوا ڏني وئي. پوءِ جڏهن ايجنسين جي طرفان حيدرآباد ۾ 30 سيپٽمبر جو واقعو ڪرايو ويو ته ساڳيءَ رات عزيز آباد ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ترت گڏجاڻي گهرائي وئي، جنهن گڏجاڻيءَ ۾ عظيم طارق جي گروپ جو موقف هو ته جيئن ته حيدرآباد ۾ مهاجرن جو ڪوس سنڌين ٿي ڪيو ۽ ڪرايو آهي، انهيءَ ڪري انهيءَ قتل عام جو ڪراچيءَ ۾ سنڌي آباديءَ کان بدلو ورتو وڃي ۽ جيئن ته ان وقت جذباتي ماحول موجود هو، ان ڪري ايم ڪيو ايم جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي اڪثريت، عظيم طارق جي انهيءَ موقف کي قبول ڪري، فيصلو ڪيو ته ڪراچيءَ جي اندر رات جي ڇنين وڳي کان پوءِ سنڌي ماڻهن جو قتل عام شروع ڪيو وڃي.

اهڙيءَ طرح پاڪستان جون پنجابنواز ايجنسيون ايم ڪيو ايم جي پنجاب مخالف رخ کي سنڌ دشمن رخ ڏيڻ ۾ نهايت ئي آسانيءَ سان ڪامياب ٿي ويون. جنهن کان پوءِ پورا ٻه سال سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ماڻهن جي خلاف دهشتگردي هلندي رهي، پر موت ۾ ڪا به وڏي مزاحمت ٿي ڪانه سگهي. جڏهن ته سنڌي ماڻهن جي خلاف انهيءَ دهشتگردي ڪرائڻ جو ٻيو مقصد اهو هو ته پنجابي سرمائيڪار، جيڪو پنجاب ۾ وڏي پئماني تي صنعتڪاري ڪري رهيو آهي، ۽ اتي ڪارخانن جي مٿان ڪارخانا هڻي رهيو آهي، ان کي پنهنجي تيار ٿيندڙ مال جي نيڪال لاءِ سڄي پاڪستان جي ۽ خاص ڪري سنڌ جي مارڪيٽ جي ضرورت آهي، ان ڪري ٻه پنجابنواز ايجنسين سنڌ جي شهرن جي اندر وڏي پئماني تي دهشتگرد ڪارروايون ڪرايون ته جيئن سنڌ جي مارڪيٽ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي واپارين ۽ سرمائيدارن جي هٿن مان نڪري، لاهور ۽ فيصل آباد جي سرمائيدارن جو مرڪز بڻجي وڃي ۽ پوءِ انهيءَ ٿيندڙ دهشتگرديءَ جي نتيجي ۾ سڪرنڊ، موري، دادو، خيرپور، سکر، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور وغيره جا واپاري دهشتگرديءَ جي ڊپ کان ڪراچي ۽ حيدراباد اچڻ جي بجاءِ لاهور ۽ فيصل آباد وڃڻ لڳا.

انهن واپارين جو جڏهن هڪ دفعو پنجاب جي واپارين سان رابطو ۽ چاڻ سڃاڻ ۽ ڏيتي ليتي شروع ٿي وئي، ته پوءِ پنجاب جي ڪارخانن جو تيار ٿيل مال سنڌ جي شهرن ۾، رڳو فون ڪرڻ سان پاڻ ئي پهچڻ لڳو. چونڊا آهن ته "هڏئون

ڏئي هئاءِ تہ مالڪ ڏئي مجرا" سو ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ واپارين، جنهن ايم ڪيو ايم کي پئسا ڏوڪڙ ڏئي ۽ ٻيون مالي مددون ڪري پالي تاتي، مچائي مهوڙ ڪري، ديو بڻائي ڇڏيو هو، اها پنجابي سرمائيدارن سان مقابلي ڪرڻ جي بجاءِ مراڳو سنڌين جي رت جي پياسي بنجي وئي، جنهن ڪري سڄيءَ سنڌ جو مارڪيٽ ڪانئن کسجي ويو. بوهري، ڪاٺياواڙي، ميمڻ ۽ ٻيا مهاجر واپاري اڳ ۾ ئي بئنڪن جي کسجي وڃڻ ڪري، تباهہ ٿي ويا هئا، مٿان جو آقي باقي سنڌ جو مارڪيٽ بہ ڪانئن کسجي ويو تہ همراهن جا ماشا ٿي ڦري ويا پر چوندا آهن تہ "پنهنجي وڍيءَ جو ويڄ نہ ڪو طبيب".

تنهن کان پوءِ هنن (ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻ واپارين) خيال ڪيو تہ، جي سنڌي واپاري دهشتگرديءَ جي ڊپ کان شهرن ۾ نٿا اچن تہ سنڌ جي اندروني شهرن ۾ کين مال پهچائڻ جو ڪو بندوبست ڪجي، جنهن جي ڪري هنن سکرنڊ، نوابشاهہ، موري، دادو، خيرپور، سکر، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي وغيره جي سروي ڪري اتي پنهنجي مال جي نيڪال لاءِ ڪوٺين کولڻ جو پروگرام جوڙيو، پر جڏهن انهيءَ جي پنجابنواز ايجنسين کي خبر پئي تہ انهن سنڌ اندر جيل ٽوڙائي ڌاڙيل پيدا ڪرائي ڇڏيا، نتيجي ۾ اهي واپاري سنڌ جي ننڍن ننڍن شهرن ۾ جيڪي ٿورا گهڻا نيڙ تاڙي ڪٺي ويا هئا، سي بہ واپس ڪٺي موٽي اچي حيدراباد ۽ ڪراچيءَ ۾ مانڊڙي ڪري ويهي رهيا. ۽ پنهنجو منهن مٿو ويهي پٽڻ لڳا تہ، جنهن ايم ڪيو ايم کي هنن پنجاب جي سرمائيدارن جي زور کي ٽوڙڻ لاءِ مالي مددون ڪيون هيون، سا تہ مراڳو سنڌن سنڌي صارف (خريدار) بہ کسرائي ويٺي آهي ۽ انهن جا شهرن ۾ اچڻ وارا رستا ئي بند ڪري رهي آهي ۽ ڪانئن سنڌن خريدار کسرائي پنجابي سرمائيدارن جي جهوليءَ ۾ وجهرائي رهي آهي.

(2)

ايجنسيون ۽ ايم ڪيو ايم جي اندر عظيم طارق ۽ آفاق جهڙا پنجابي لابيءَ جا ماڻهو ئي هئا، جيڪي اهڙيون سنڌ دشمن دهشتگرديون ڪندا ۽ ڪارناما انجام ڏيندا رهيا ۽ ايجنسين جي دلالي ڪندي، پنهنجن ئي مهاجرن جا ترا ڪيندا رهيا ۽ کين پنهنجي هم وطن فطري اتحادي سنڌين کان پري ڪندا رهيا. هن صورتحال جي سامهون اچڻ کان پوءِ، جتي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ مان شهري واپارين جو هوش ٺڪاڻي اچي ويو، اتي ايم ڪيو ايم جي اندر سوچيندڙ ماڻهن کي هڪ وڏو ڌچڪو لڳو تہ هو اهڙيءَ سياست جي ور چڙهي پنهنجي پير تي پاڻ ئي ڪهاڙو

هٿي رهيا آهن. پر جيئن تہ هيڏيءَ وڏيءَ دهشتگرديءَ ۽ رتوڇاڻ کان پوءِ پالي مٿي کان تمام گهڻو چڙهي چڪو هو. انهيءَ ڪري ڏوبيءَ جي ڪتي وانگر هو هاڻ نہ گهر جا رهيا هئا ۽ نہ گهاٽ جا رهيا هئا. هاڻي هو نہ پنجاب ۽ پنجابي حڪمانن کي پنهنجو سڄڻ سمجهي رهيا هئا ۽ نہ وري ايترو جلديءَ ۾ سنڌين جي ويجهو ٿي سگهيا ٿي؛ ڇاڪاڻ جو هنن پرائي بندوق پنهنجي ڪلهي تي رکي رت جا درياهہ وهائي ڇڏيا هئا؛ ۽ انهن جي سُسِئي سوڙهي تيڻ ۽ سڪڻ ۽ هڪ ٻئي جي خلاف پيدا ڪرايل ڪدورتن ۽ نفرتن کي ترڙي ڪڍڻ لاءِ هڪ تمام وڏي وقت جي ضرورت هئي.

هن سلسلي ۾ ٻنهي طرفن جي ذهنن مان ڪدورتن ڪڍڻ لاءِ، جتي ٻنهي ڌرين کي پنهنجا رويا تبديل ڪرڻا ۽ سڌارڻا هئا. اتي ايم ڪيو ايم وارن کي مهاجر قوميت تان بہ هٿ ڪڻڻو هو، جيڪو انهن لاءِ في الحال ناممڪن هو. جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم جي "مهاجر قومي موومينٽ" مان ڦيرائي "متحده قومي موومينٽ" نالي رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي؛ پر ان تي اصل ضرورت حقيقي نموني سان عمل ڪرڻ جي هئي. پر ايتري ۾ ان وچ ۾ ملڪ جي خفيہ ايجنسين، انهيءَ نالي جي خلاف بغاوت ڪرائي ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي رت پياڪ غنڊن کي ڪراچيءَ جي اندر لاتو بہ ان ڪري هو تہ جيئن الطاف گروپ کي انهيءَ (متحده قومي موومينٽ) تي عمل ڪرائڻ کان روڪائجي، نہ تہ ڏهن بہ انهيءَ کي في الحال پس منظر ۾ ڏڪي ڇڏجي. جنهن لاءِ ايم ڪيوايم حقيقيءَ جي همراهن کي 1992ع ۾ جيئن ئي ڪراچيءَ ۾ لاتو ويو تہ هڪ طرف انهن اچڻ سان الطاف تي الزام هنيو تہ هو "مهاجر قوميت" تان ڦري ويو آهي، ۽ ان ايم ڪيوايم جي نالي ۾ "مهاجر جي جاءِ تي متحده" وڌو آهي. ٻئي طرف ايجنسين جي پاران جناح پور، مهاجرستان ۽ اردو ديش وغيره جي مختلف نالن وارا سنڌ جي ورهاڱي جا هٿرادو نقشاورهايا ويا ۽ ايم ڪيو ايم جي ٽارچر سيلن جو نماءُ بہ ڪرايو ويو ۽ ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي هٿان الطاف جي تصويرن کي جوتن جا هار پارايا ويا ۽ ان جي منهن تي ڪاراڻ بہ ملرائي وئي. جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم بابت واڪين ڪيل هنن ڳالهين ۾ ڪي قدر صداقت بہ هئي پر اها بہ حقيقت آهي تہ ايم ڪيو ايم جي ماڻهن کان اهي سمورا ڪم ايجنسين ئي ڪرايا هئا؛ ۽ اهي سڀ ڪم ايم ڪيو ايم ۾ ويٺل انهن جي ماڻهن ئي ڪيا هئا. جن پوءِ سلطاني گواهي ڏيندي ان جا پول پڌرا ڪيا ۽ مٿن پادر وسرايا.

سوال اهو آهي تہ جڏهن ايم ڪيو ايم کان اهي سڀ ڪارروايون ايجنسين جي ماڻهن (جن ۾ اهي ساڳيا آفاق ۽ عامر وارا ٿي شامل هئا) ٿي ڪرايون هيون تہ پوءِ انهن ساڳين ايجنسين، سنڌن ڪن ڪارروواين تان پردو ڇا لاءِ کڻايو؟ انهيءَ جو جواب اهو آهي تہ ايجنسين جو منصوبو هو تہ ڪهڙيءَ بہ طرح ۽ ڪيئن بہ ڪري، ايم ڪيو ايم جي قيادت تان الطاف کي هٽائي، ان جي جاءِ تي عظيم طارق کي آندو وڃي. (اهو عظيم طارق جي هوندي منصوبو جوڙيو ويو هو) ڇو تہ الطاف هڪ تہ عظيم طارق وانگر سنڌن اعتماد وارو ماڻهو ڪونہ آهي ۽ ٻيو اهو تہ ڪين تاثر اهو ڏيارڻو هو تہ سنڌي ماڻهن جي دشمن سڄي ايم ڪيو.ايم نہ پر رڳو الطاف حسين آهي، ان ڪري الطاف کي ايم ڪيو ايم جي قيادت تان تڙي ڪڍي ڇڏڻ کان پوءِ باقي سڄي ايم ڪيوايم کي امن پسند سياسي جماعت طور متعارف ڪرايو وڃي، جيئن ٻارهن سالن جي مارشل لائي راڄ جي مار موچڙي ۽ قتل ۽ غارت گريءَ جو سڄو ڏوهہ هڪ جنرل ضياء الحق جي مٿي تي ٿاڦي باقي سڄي آرميءَ کي پاڪ ۽ ساڌ بنايو ويو آهي.

هن سڄيءَ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ٿي سنڌ اندر نواز شريف جي دور ۾ فوج کي لاٿو ويو هو تہ جيئن اها نہ رڳو ايم ڪيو ايم جو منهن مهاندو ڌوئي صاف ڪري، پر سنڌ جي قومي تحريڪ جو بہ منهن مهاندو ڦيرائي ڇڏي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌ آپريشن جي دوران جنتي ايم ڪيوايم الطاف گروپ جي وٺ پڪڙ ڪئي وئي ۽ ٿورو گهڻو ڌاڙيلن کي بہ مار موچڙو ڪيو ويو تہ جيئن سنڌي ماڻهن جون ٿوريون گهڻيون همدرديون حاصل ڪري کان پوءِ اصل مسئلي کي هٽ ۾ ڪٿي سگهجي، جنهن لاءِ ڪين ڪنهن بہ طرح سان سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي هڪ ٻئي کان پري رکڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ پنجابنواز ايجنسين کي ڄاڻ هئي ۽ آهي تہ جنهن ڏينهن سنڌ جي شهري آبادي ۽ ٻهراڙيءَ جي آبادي ملي هڪ ٿي وئي، ان ڏينهن کان پوءِ سنڌ اندر ٻينءَ ڌر جا مفاد محفوظ رهي نہ سگهندا. سنڌ ۾ موجود پنجابين ۽ پٺاڻن ۽ سنڌن پشت پناهي ڪندڙ قوتن جا مفاد صرف تڏهن محفوظ رهي سگهن ٿا، جڏهن هي ٻئي آباديون مسلسل هڪ ٻئي جي خلاف برسر پيڪار رهنديون ۽ ٻاهريون قوتون سنڌن مفادن جي حق ۾ ڪين سدائين پاڻ ۾ ويڙهائينديون رهنديون.

سنڌ اندر 1992ع ۾ جنهن آپريشن جي شروعات ڪئي وئي هئي، انهيءَ جو مکيہ مقصد بہ اهوئي هو تہ ان آپريشن دوران اهڙا اپاءُ ورتا وڃن، جيئن سنڌ اندر

ايم ڪيوايم جي نالي ۾ سداشين وڳوڙ واري صورتحال قائم رهي، پوءِ اهو وڳوڙ ڪڏهن ايم ڪيو ايم الطاف تہ ڪڏهن ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي هٿان ٿيندو رهي.

اهڙي صورتحال موجوده بدليل عالمي وايو منڊل ۾ پاڪسھان ۾ پنجابي بالادستيءَ جي حق ۾ آهي. ڇاڪاڻ تہ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان اڳ واري آمريڪا جي پاڪستان بابت پاليسيءَ ۽ هاڻوڪي آمريڪا جي پاڪستان بابت پاليسيءَ ۾ گهڻو فرق اچي ويو آهي. سوويت بلاڪ جي موجودگيءَ ۾ آمريڪا ڪڏهن بہ نہ چاهيندو هو تہ ڪو پاڪستان ڪمزور يا هيٺو ٿئي، جنهن ڪري هو پاڪستان جي اندر هلندڙ قومي تحريڪن کي فوجي راڄن ۽ مارشل لائن جي ڏاڍ جي زور تي دبرائيندو ۽ ڪچلرائيندو رهندو هو. ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي قومي تحريڪن جو سخت ترين مخالف هوندو هو، ان ڪري هو ايم ڪيو ايم جي معرفت ڪراچي کي يا سنڌ جي سڄي ساموندي پٽيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جي تہ حق ۾ ئي سگهيو ٿي پر هو ان جي حق ۾ ڪونہ هو تہ مهاجرستان يا جناح پور جهڙي ڪا رياست، پاڪستان جي قبضي يا ڪنٽرول کان آزاد هجي. پر سوويت عالمي بلاڪ جي خاتمي کان پوءِ آمريڪا جي هاڻوڪي پاليسي گهڻو بدليل آهي.

اڳ جيڪڏهن ڪراچيءَ سميت سنڌ جي ساموندي پٽي سنڌ کان الڳ ٿي، پاڪستان جو ئي هڪ خودمختيار صوبو بڻجي رهي ها تہ پاڪستان جي آمريڪا جي هڪ گهري دوست ملڪ هجڻ جي صورت ۾، ان جا مقصد پورا ٿيندا رهن ها. جنهن لاءِ ضياءَ شاهي مارشل لا جي دور ۾ سنڌ ۽ بلوچستان سان لاڳو سمنڊ کي اصطلاحن پاڪستان جو پنجون صوبو سڏيو ويندو هو، پر آمريڪا لاءِ هاڻي ائين ممڪن ڪونہ آهي. هاڻي آمريڪا جا مفاد رڳو تڏهن محفوظ رهي سگهن ٿا، جڏهن ڪراچيءَ سميت سڄي ساموندي پٽي پاڪستان کان الڳ ۽ آزاد رياست جي شڪل ۾ موجود هوندي. پر جيئن تہ موجوده بدليل عالمي صورتحال هيٺ اهڙيءَ ڪنهن آزاد رياست جو رڳو مهاجرن يا ايم ڪيو ايم جي زور تي قائم رهڻ ممڪن ڪونہ آهي، ان ڪري ان جي اڄڪلهہ اها پاليسي آهي تہ ڪيئن بہ ڪري سنڌي آباديءَ ۽ اردو آباديءَ کي هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيڻ ڪپي. ۽ پوءِ انهيءَ ويجهڙائي جي بنياد تي ئي سڄيءَ سنڌ کي هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست جو درجو ڏيارجي. آمريڪا رڳو اهڙيءَ ئي صورتحال ۾ پاڪستان ۾ وڌندڙ بنياد پرستيءَ کي منهن ڏئي

سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هيڏيءَ وڏي رياستي ڏاڍ کان پوءِ به ايم ڪيوايم الطاف جو سنڌي آباديءَ ڏانهن موجوده رويو، اهو ڪونہ آهي، جيڪو 1988ع کان 1990ع جي دوران رهيو هو. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ ايم ڪيوايم الطاف آمريڪي پاليسي تي ئي عمل ڪري رهي آهي. اها هاڻي چڱي طرح سمجهي وئي آهي تہ سنڌ جي ورهاست توڙي سنڌي مهاجر فساد سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي حق ۾ ايترا ڪونہ آهن، جيترا اهي پنجاب جي بالادست مفادن جي حق ۾ آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪراچيءَ جي جياپي جون شهہ رڳون وري بہ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي هٿن مان گذرن ٿيون، ان ڪري سنڌ ۽ سنڌي عوام جي سهڪار کان سواءِ ڪراچي هڪ مهينو بہ زنده رهي نہ سگهندي. پاڻي، بجلي، گئس ۽ کاڌ خوراڪ جي وسيلن جو سلسلو اهڙو آهي، جيڪو سنڌ مان ئي ڪراچيءَ ۾ ايندو رهي ٿو.

ان جي پيٽ ۾ پنجاب جي بالادست مفادن جو تحفظ انهيءَ ۾ آهي تہ سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ نہ ڏنو وڃي؛ ڇاڪاڻ تہ پنجاب جو حڪمران طبقو ڄاڻي ٿو تہ جيئن شهرن جي اندر رياست ۽ حڪومت جي خلاف ويڙهہ هلي رهي آهي، تيئن جي سنڌ جي ٻهراڙين مان بہ ڪو اهڙو ويڙهہ جو سلسلو شروع ٿي ويو تہ پوءِ اهو نہ رڳو سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي هڪ ٻئي جي ويجهو ڪري ڇڏيندو پر سنڌ جي ورهاڱي واري رجحان کي بہ ٻنجو اچي ويندو، نتيجي ۾ شهرن ۽ ٻهراڙين جي گڏيل جدوجهد عالمي توجهہ ۽ مداخلت جو ڪارڻ ٿي سگهي. ۽ پوءِ پنجاب کي سنڌ کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. اهڙيءَ جدوجهد جو ڳانڍاپو سنڌ جي گڏيل قومي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري ويندو ۽ اها جدوجهد بالادست قوتن جي خلاف تيستائين جاري رهندي، جيستائين ڌارئين آباديءَ جا سنڌ مان سمورا تڏا ويڙهجي نہ ويندا. اها سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ جي جدوجهد سندن هڪ ئي گڏيل ڌارئين دشمن جي خلاف هوندي، جنهنڪري حڪمرانن جي "ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو" واري حڪمت عملي مڪمل طور ناڪام ٿي ويندي. جڏهن تہ پنجاب جو حڪمران طبقو مهاجرن کي اڄ تائين پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾، ڪڏهن بنگالين جي خلاف استعمال ڪندو رهيو آهي، ڪڏهن سنڌين جي خلاف استعمال ڪندو رهيو آهي ۽ ڪڏهن ڪنهن ٻئي جي خلاف استعمال ڪندو رهيو آهي پر ان سان گڏوگڏ سندن ترا پڻ ڪيندو رهيو آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو هاڻي پنجاب جي ڦورو ٽولي اها پاليسي اختيار ڪئي

آهي ته هڪ طرف هو پ پ جي معرفت سنڌي ماڻهن کي پنهنجو هترادو اتحادي بڻايو وينو آهي ۽ ٻئي طرف نواز شريف جي معرفت اردو آبادي کي پنهنجو اتحادي بڻايو وينو آهي. هڪ طرف پ پ جي وڏيرن ۽ جاگيردارن جي هٿان مهاجرن کي موچڙا هڻائي رهيو آهي ۽ ٻئي طرف ايجنسين جي هٿان سنڌي ماڻهن کي "ڪن ڪوشي" ڪرائي رهيو آهي. يعني پنجابنواز ايجنسيون ۽ سگهاريون قوتون هڪ ئي وقت سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي خلاف آپريشن به جاري رکيو اچن ٿيون، ۽ هڪ ٻئي کان جدا به رکيو اچن ٿيون. اهو ان ڪري جو ڪين سنڌ جي ٻنهي آبادين مان خطرو آهي. اسان ٻنهي جو وري الميو اهو آهي جو جڏهن هو سنڌين کي ڪُٽڪو ڪڍن ٿا ته مهاجر خوش ٿين ٿا ۽ جڏهن مهاجرن کي موچڙا هڻن ٿا ته سنڌي خوش ٿين ٿا. جيئن ايم آر ڊيءَ جي جدوجهد دوران، جڏهن سنڌي مارجي رهيا هئا ته مهاجر خاموش هئا ۽ هاڻي جڏهن مهاجرن کي موچڙي جو زيپٽ آهي ته سنڌي خوش پيا ٿين.

اهڙيءَ طرح اسان سنڌواسي سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ هڪ ٻئي جي ڪل لهرائڻ ۾ خوش آهيون. ۽ اسان ٻنهي کي رڳا اها خوشي ڦبندي. جڏهن ته اسان جي جياپي ۽ خوشحاليءَ جا سمورا وسيلا پنجاب ۽ پنجاب جو حڪمران طبقو ڦباڻيندو رهيو آهي، اهي وسيلا ڪراچيءَ جي بندر جا هجن، يا سنڌ جي تر جي واريءَ ۽ ڪرين ئن ڪاري سون جا هجن يا تيل ۽ گئس جا هجن. جام صادق ته سنڌ جو رڳو نالو ۽ پاڻي وڪڻي ويو پر پ پ ۽ ان جي حڪومت تاريخي ورهاست جي حساب سان اسان جو پاڻي ۽ اسان جي سک سلامتي ۽ شاهوڪاريءَ جو محافظ ۽ ضامن ڪارو سون وڪڻي رهي آهي ۽ اسان جو اهو سون ايترو ته گهڻو آهي جو اسان جون صدين جون پيڙهيون پيون کائينديون، تڏهن به کٽڻ جو ڪونه آهي. ۽ سنڌ جا سمورا ماڻهو جيڪر سعودي ۽ ڪويت کان به وڌيڪ شاهوڪار ۽ آسودا ٿي وڃن. پر پنجاب جون بالادست حڪمران قوتون سنڌ جي انهيءَ سون کي پنجابي سرمائيدارن جي ڪارخانن جو بارڻ ڪري گهرن ٿيون، تنهنڪري اسان کي مٽي تي هٿ ڦيرڻ لاءِ ڪڏهن مهاجرن تي موچڙي ماري آهي ته اهي سنڌ ٿا ورهائين ۽ ڪڏهن اسان تي گولين جا وسڪارا آهن ته اهي سنڌو ديش ٿا ناهين.

اسان کي هيءَ سمورو هڪ براو پيو لڳي؛ جو ته ملڪ ۾ هن وقت جيڪا مهانگائي ڪٽي وٺي آهي، ۽ سنڌ جو جيڪو ڪوئلو ۽ تيل نيلام ڪيو پيو وڃي، ماڻهن جو انهن ڳالهين تان ڌيان هٽائڻ لاءِ ئي اها گهوڙا ڪٽي پٽي وڃي، نه ته

سڀ ڪنهن کي خبر آهي تہ مارڻ، ڪٽڻ ۽ قتل عام ڪرڻ سان ڪڏهن بہ ڪو مسئلو حل ڪونہ ٿيو آهي. ٽيهن لکن بنگالين کي مارڻ مان پاڪستان کي ڪهڙي هڙ حاصل ٿي هئي؟ چاليهن هزارن بلوچن کي قتل ڪرڻ مان ملڪ کي ڪهڙي پراپت ٿي هئي؟ سوين سنڌين تي گوليون وسائڻ مان پاڪستان کي ڇا مليو آهي؟ مارڻ، ڪٽڻ ۽ قتل ڪرڻ سان ماٺهو پاڻ وٽيڪ ملڪ ۽ ملڪي ادارن سان نفرت ڪن ٿا ۽ شايد ان ڪري ئي اردو آباديءَ تي لٽ پٽي وسي تہ جيئڻ اهي مجبور ۽ تنگ ٿي، سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو ڪن.

اسان جي خيال ۾ تہ پ پ جي حڪومت ايجنسين جي هٿن ۾ ڪيڏندي، سنڌ جي ورهاڱي جو هڪ اهڙو رستو کولي رهي آهي، جنهن تي اڳتي هلي پ پ وارن کي ئي عمل ڪرڻو آهي ۽ پوءِ بهانو رڳو اهو ڏيندا تہ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونہ هو. پر پوءِ بہ سرڪار جي پگهاردار سنڌي دانشورن جو چوڻ آهي تہ قوم پرست ايم ڪيو ايم جي موجوده دهشتگرديءَ جي مذمت چو نٿا ڪن؛ ڪين خبر هجڻ گهرجي تہ سياڻ پ پ جا جاگيردار ۽ وڏيرا انهن دهشتگردن سان ڳالهيون ڪندا ۽ نهي ويندا تہ چوندا تہ ايم ڪيو ايم دهشتگرد نہ پر سياسي تنظيم آهي.

دراصل ايم ڪيو ايم الطاف جي موجوده جنگ رياست، فوج ۽ حڪومت سان هلي رهي آهي، ايجنسين جي پوري ڪوشش آهي تہ انهيءَ کي سنڌي ۽ اردو آباديءَ ۾ خانہ جنگيءَ ۾ تبديل ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ جيستائين سنڌ اندر سنڌي مهاجر خانہ جنگي هلندي رهندي، تيستائين ٽين ڌر ان مان پنهنجا مڪروهہ مفاد حاصل ڪندي رهندي ۽ ايجنسيون ۽ ٻيا اهڙا ادارا مستقل طور سنڌ ۾ رهندا ايندا. جيڪي هڪ طرف نالي ماتر دهشتگردن جي ڪن مهٽ ڪندا رهندا ۽ ٻئي طرف سنڌ جي قومي تحريڪ تي اک رکيو ايندا ۽ اٿين هو سنڌ کي "عظيم تر پنجاب" جي حصي بنائڻ واري رٿا تي عمل ڪندا رهندا.

(ماهوار 'ساڃاهہ' ، شمارو مئي ۽ جون 1994ع)

پاڻ کي پاڻيءَ ۾ رهڻ گهرجي

"ڪراچي سنڌ کان جدا ڪئي پئي وڃي"، "سنڌ ۾ مهاجر صوبو ناهيو پيو وڃي"، "سنڌ جي ورهاڱي تي عمل ٿي رهيو آهي"، "الطاف حسين مهاجر صوبي ناهڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن، اردو دانشورن ۽ عام ماڻهن کان رايا گهرايا آهن"، سنڌي ۽ اردو اخبارون اهڙن بيانن سان ڀريون پيون آهن؛ اهڙا بيان اڄوڪين اخبارن جي پيٽ جو پوراٺو ٿي پيا آهن.

ٻئي طرف اهڙا بيان حڪومت جي وزيرن، صلاحڪارن ۽ ميمبرن ۽ ڪجهه سياسي تنظيمن جي ليڊرن جي سرگرمين جو سامان ٿي پيا آهن. ڪي چون ٿا ته ڏيهه نيڪال ٿيل الطاف تي غداريءَ جو ڪيس هلايو وڃي"، ڪي چون ٿا ته "مهاجرن کي هندستان موڪليو وڃي"، ته ڪي چون ٿا ته "ڪين شهرن مان ڪيڏي ڪئمپن ۾ رهايو وڃي."

سنڌ حڪومت جا وزير ۽ صلاحڪار توڙي ٻي ٽيم سياسي تنظيمن جا اڳواڻ وقت بوقت پنهنجن اهڙن ڏنل بيانن ۾ سنڌي عوام کي تاثر اهو ڏئي رهيا آهن، ته سنڌ ڄاڻ ته اڌو اڌ ٿي، ۽ سنڌ ۾ اهڙي ٻاهه ٻرڻ واري آهي، جيڪا سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين ۽ مهاجرن کي ساڙي رکَ ڪري ڇڏيندي.

اهڙيءَ طرح ٻرن ۾ لڪي ويٺل سياستدان ڀڀڪيدار بيان ڏئي، اخبارن جي سرخين جي زينت بڻجي رهيا آهن، ۽ سنڌ دوستيءَ جو وڏو داد حاصل ڪري رهيا آهن، ويندي جن سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ڪڏهن ڪکُ ڀڃي ٻه به نه ڪيو آهي ۽ ڪين رڳو پنهنجي ذاتي مفادن جي لوري لڳل هوندي آهي؛ سي به اخباري پروپيگنڊه واري شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ گهرن کان ٻار نڪري اخباري دفترن جا دورا ڪري رهيا آهن، ۽ ايم ڪيو ايم، الطاف ۽ مهاجرن کي "هڪ گار لاهين ٿا ۽ ٻي چاڙهين ٿا."

اهو سڀ ڇا آهي ۽ ڪنهن جي اشاري تي ٿي رهيو آهي؟ ۽ ڇو ٿي رهيو آهي؟؟ ڇا سنڌ ڇٽن ڪروڙن سنڌي ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ واقعي به وڃي رهي آهي! ۽ لطيف آباد ۽ پڪي قعي حيدرآباد ۽ لالو کيت ۽ ناظم آباد ڪراچي ۾ رهندڙ

مهاجر سنڌ ورهائي ٻه اڌ ڪري ڇڏيندا؟! ۽ الطاف لنڊن ۾ ويٺي ويٺي رڳو اعلان جي ذريعي سنڌ ورهائي ڇڏيندو؟! ۽ اسان سنڌ جا اصل مالڪ رڳو ڏسندائي رهنداسين ۽ ڪجهه به ڪري ڪونه سگهنداسين؟ ائين ڪونه آهي، "اسان ڪي پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهڻ نه گهرجن" ۽ نه ايڏو وهلور ٿي وڃڻ گهرجي. چوندا آهن ته "ايمٿا مُنيو- تيل ٿي پيو ڇا؟"اهو ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جو مطالبو، ۽ان جي پٺيان منصوبي، سازي يا سازش سنڌ جي شهرن ۾ رهندڙ اردو آباديءَ جي اڪثريت جي ڪانه آهي؛ ۽ نه اها ڳالهه سنڌن مفاد ۾ آهي ۽ نه وري سنڌ جي اردو آبادي، انهيءَ جي حق ۾ آهي. سنڌ جي شهرن جي رهندڙ اردو آباديءَ جي اڪثريت گهڻو ڪري، واپاري ۽ دڪاندار طبقي سان تعلق ٿي رکي، سنڌن مفاد انهيءَ ۾ ئي آهي ته سنڌ جا شهر سنڌ ۾ ئي رهڻ گهرجن، ته جيئن اُهي پنهنجن صارفين ۽ خريدارن سان ڳنڍجي رهن ۽ سنڌ جي شهرن جي منڊيءَ سان ڳنڍيل رهن.

اسان جو خيال آهي ته سنڌ جي ورهاڱي وارو ڊرامو، پنجاب جي سرمائيدار طبقي ۽ ان جي پشت پناهه پنجابي فوجي ڪاموراشاهيءَ جو رچايل آهي. اهي هڪڙي پاسي اسان کي ڊيڪارڻ لاءِ ظاهري طور الطاف ۽ ايم ڪيو ايم تي موچڙو الاريو بيٺا آهن ۽ ٻئي پاسي اردو آباديءَ مان انهن جهڙين ٻين تنظيمن جي پنجابي فوجي ڪاموراشاهيءَ جي دلال اڳواڻن کان ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جو مطالبو ڪرائي رهيا آهن، ته جيئن ان جو بهانو بنائي ڪراچيءَ ۾ مرڪز جي مداخلت کي حق بجانب ٺهرائجي ۽ پوءِ انهيءَ تحت ڪراچيءَ سميت سنڌ جي سڄيءَ ساموندي پٽيءَ جو مرڪز سان الحاق ڪجي، ۽ سنڌ کي ان جي ساموندي بندرگاهه کان محروم رکجي، جنهن ۾ پنجابي حڪمرانن جا ٻٽا مقصد آهن، هڪ ڪراچيءَ جو ڪنٽرول سڌو سنڌن هٿن ۾ رهندو ۽ ڪراچيءَ جي ساموندي بندر تان جيڪا ٽيڪس جي آمدني ٿئي ٿي؛ سا سڌيءَ ريت مرڪز وصول ڪندو، ۽ ان تان سنڌ جي هر قسم جي دعويٰ ختم ٿي ويندي. ٻيو سنڌ جي منڊي، جيڪا هن وقت سنڌ جي وڏن شهرن سان لاڳاپيل آهي، سا سڌو سنئون پنجاب جي شهرن ڏي منتقل ٿي ويندي.

اڄوڪي دور ۾، دنيا جي ملڪن ۾ وڏي ۾ وڏي جنگ، اقتصادي جنگ آهي؛ جيڪا مارڪيٽ ۽ منڊيءَ تي هلندڙ آهي، انهيءَ لحاظ کان سنڌ ۾، جيڪا سنڌي مهاجر دشمن فضا پيدا ڪئي وئي آهي؛ اها پنجابي سرمائيدار جي منڊيءَ

جي پيٽ پرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي؛ تنهن ڪري سنڌ جي ورهاڱي واري ڳالهه خود ڪراچيءَ جي واپاري طبقي، خاص ڪري ميمڻن ۽ ڪاٺياواڙين کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، هو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن ڪراچيءَ جو تعلق سنڌ سان ٽوڙيو ويو تہ سنڌن سرمائيدار مارڪيٽ ۽ منڊيءَ جون شهہ رڳون، سنڌ جي خون پيارينڊڙ سلسلي کان ڪٽجي ڌار ٿي وينديون، ۽سنڌن جياپو پنجاب جي چنبي ۾ اچي ويندو ۽ پوءِ هو گهڻو وقت زنده رهي ڪونہ سگهندا، اهائي صورتحال ٻيءَ اردو ڳالهائيندڙ آبادي جي بہ آهي.

ڪن ڳجهين اندروني قوتن جي اشارن تي سنڌ کان ڪراچيءَ جي جدائي جي ڳالهہ تہ ڪئي پئي وڃي، پر انهيءَ باري ۾ ڪين اها موٽ ڪانہ ٿي ملي سگهي، جنهن جي انهن کي اميد هئي؛ ويتر هاڻ تہ انهيءَ ڳالهہ جي ٺوڪٺي مان مراڳو هوا ٿي نڪري وئي آهي،جيتوڻيڪ انهيءَ جي لاءِ ڳجهين قوتن جي طرفان سال ڏيڍ کان وڏي ريهرسل ڪئي وئي هئي، ۽ تاثر اهو ڏياريو پئي ويو تہ سنڌ کان ڪراچيءَ جي جدا ٿيڻ لاءِ رڳو الطاف جي اعلان ڪرڻ جي دير آهي.

اسان سنڌي ماڻهن کي هن وقت اهڙيءَ صورتحال جو وڏيءَ ڌاهپ کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ هرو پرو پاڻيءَ مان نڪرڻ نہ گهرجي، بلڪہ بردباريءَ ۽ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ "مهاجرن کي ڪئمپن ۾ رهائڻ" ۽ "مهاجرن کي هندستان موڪلڻ" وغيره جهڙن غير ضروري بيانن کان پاسو ڪرڻ گهرجي؛ بلڪہ ائين ڪرڻ گهرجي تہ مهاجر صوبي جي شوشي اٿارڻ کان پوءِ خود اردو آباديءَ جي وچ ۾، جيڪو تضاد پيدا ٿيو آهي؛ ان کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي قومي مفادن ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪا اردو ڳالهائيندڙ آبادي، سنڌ جي ورهاڱي جي حق ۾ ڪانہ آهي؛ ان جي ويجهو وڃڻ گهرجي ۽ انهن جي مٿي تي هٿ رکڻ گهرجي ۽ ڪين پنهنجو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي اعتماد ۽ ڀروسو ڏيارڻ گهرجي تہ جدا صوبي جي ڳالهہ، جيتري سنڌي ماڻهن جي خلاف آهي؛ ايتري ئي اردو آباديءَ جي اجتماعي مفادن جي خلاف آهي. پر مهاجرن کي هندستان تڙي ڪڍڻ ۽ ڪين ڪئمپن ۾ رهائڻ وارا منفي مطالبا، اردو آباديءَ کي سنڌي عوام ۽ قوم کان پري ڪري، سنڌ دشمن ڪئمپ ۾ ڌڪي وٺي وڃڻ تي مجبور ڪندا ۽ ائين ڪرڻ سان اردو آباديءَ جي وچ ۾، جيڪو مهاجر صوبي تان تضاد پيدا ٿيو آهي؛ اهو ماٺو ٿي ويندو ۽ اهو پنهنجي سنڌ دوست وقعت وڃائي ويهندو ۽ اهي اسان کي پنهنجو سڄڻ سمجهڻ جي بجاءِ پنهنجو مخالف سمجهندا ۽ ائين اهي اسان جي ۽ خود

پنهنجي دشمن کئمپ ۾ ڏڪجي ويندا.

اسان کي سمجهڻ گهرجي ۽ اها حقيقت به آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آبادي هڪ ٻئي کي ماري يا ڀڄائي ختم ڪري نٿي سگهي؛ نه سنڌي، اردو آبادي‌ءَ جي ايڏي وڏي انگ کي سمنڊ ۾ اڇلائي يا هندستان لوڏي ڪڍي سگهن ٿا، ۽ نه وري اردو ڳالهائيندڙ سنڌين کي ختم ڪري يا غلام بڻائي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري ٻنهي آبادين جو گڏيل مفاد انهيءَ ۾ آهي ته اهي پاڻ ۾ افهام و تفهيم سان گڏجي هڪ قوم ٿي رهن.

جڏهن ته سنڌ کي غلام رکندڙ پنجابي سامراج جو مفاد انهيءَ ۾ آهي ته اهي ڪڏهن اردو آباديءَ کي، سنڌي آباديءَ جي خلاف استعمال ڪندا رهن، ۽ ڪڏهن سنڌي آباديءَ کي اردو آباديءَ جي خلاف استعمال ڪندا رهن؛ پنجاب سامراج سمجهي ٿو ۽ اها حقيقت به آهي ته سنڌي ۽ اردو آباديءَ جو اتحاد ۽ ايڪو سندس مفادن جي حق ۾ ڪونه آهي، بلڪه سنڌ ۾ رهندڙ مڙني ماڻهن جو گڏيل اجتماعي مفاد تي ٻڌل اتحاد ئي پنجاب جي غلاميءَ جي پنجوڙ مان ڇوٽڪاري جو واحد ذريعو آهي؛ ان ڪري ئي پنجابي حڪمرانن جي طرفان اهڙو ماحول پيدا ڪرايو ويو آهي ته "وارو ڙي!" سنڌ وڃي رهي آهي ۽ سنڌ ورهائجي رهي آهي! ان ڪري سنڌين کي مهاجرن جي خلاف متحد ٿيڻ گهرجي ۽ مهاجرن کي سنڌين جي خلاف متحد ٿيڻ گهرجي. اهو جيڪو سنڌين کي مهاجرن جي خلاف ۽ مهاجرن کي سنڌين جي خلاف متحد ڪرڻ وارو ماحول جوڙيو پيو وڃي، اهو نه سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حق ۾ آهي ۽ نه اردو ڳالهائيندڙن جي حق ۾ آهي بلڪه اهو سنئون سڌو پنجاب سامراج جي بالادستيءَ جي حق ۾ آهي. اهو رجحان، اهائي صورتحال پيدا ڪري سگهي ٿو؛ جيڪا ورهاڱي کان اڳ هندستان ۾، هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي؛ جنهن جي نتيجي ۾ هندستان ورهائجي به ٽڪر ٿي ويو.

جيئن انگريز سامراج هندستان جي ورهاڱي جي لاءِ هندن ۽ مسلمانن کي هڪ ٻئي جي خلاف صف آرا ۽ متحد ڪري ڇڏيو هو؛ تيئن سنڌ ۾، پنجابي سامراج سنڌ جي ورهاڱي لاءِ سنڌين ۽ مهاجرن کي پنهنجي پنهنجي ميدان تي هڪ ٻئي جي خلاف صف آرا ۽ متحد ڪرڻ واريءَ صورتحال ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. هو ڄاڻي ٿو ته سنڌ جو ورهاڱو صرف تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن سنڌ ۾ رهندڙ ٻه وڏيون آباديون، هڪٻئي جي خلاف صف آرا ۽ متحد ٿينديون ۽ هڪٻئي

جي خلاف خوف ۾ مبتلا هونديون.

اسان جو اهو مطلب به ڪونه آهي ته سنڌ جي ورهاڱي جهڙيءَ سنڌ دشمن ڳالهه جي مذمت يا مزاحمت ڪرڻ نه گهرجي، ۽ ان جي خلاف خبردار رهڻ يا گڏ ٿيڻ ۽ متحد ٿيڻ نه گهرجي، اهڙين ڪونه آهي، بلڪه اهڙيءَ سنڌ ۽ سنڌي دشمن سازش کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ نه رڳو پرزور لفظن ۾ مذمت ڪرڻ گهرجي، پر ان لاءِ سنڌي عوام کي ۽ سنڌ جي سڄڻن ۽ گهڻگهرين سياسي ڌرين کي متحد ۽ منظم به ٿيڻ گهرجي ۽ اهو انهن قوتن جي خلاف ڪرڻ گهرجي، جيڪي اهڙي سازش ڪري رهيون آهن، پر مجموعي اردو آباديءَ کي ان جو نشانو نه بنايو وڃي، ٻيءَ صورت ۾ اسان پنهنجي دشمن جي طاقت کي وڌيڪ مضبوط ۽ سگهارو ڪري ڇڏينداسين.

جيئن 30 سيپٽمبر جي واقعي کان پوءِ اردو آباديءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌي دشمن طاقتون وڌيڪ سگهاريون ٿي ويون؛ جيتوڻيڪ اهڙي واقعي يا سياست جي نتيجي ۾ ڪن سياسي ڌرين کي پنهنجي سنڌي عوام ۾ عارضي طور ٿوري گهڻي برابر سستي شهرت حاصل ٿي سگهي ٿي، پر سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مجموعي قومي مفاد کي هاڃيڪار نقصان رسي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ٻنهي طرفن کان اهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ کان پوءِ سنڌ اندر، يا سنڌين طرفان مهاجرن کي غلام بنائي رهي سگهجي ٿو، يا مهاجرن جي طرفان سنڌين کي غلام بنائي رهي سگهجي ٿو، يا سنڌ کي ورهائي رهي سگهجي ٿو؛ يا مرڳوئي سنڌ ۾ بوسينيا ۽ لبنان واري صورتحال ٿي سگهي ٿي، وچان ڪو ٻيو رستو ممڪن ڪونه آهي، جيڪڏهن آهي ته اها سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ ڀائيچاري واري صورتحال آهي ۽ اها ڀائيچاري واري صورتحال هڪ ٻئي جي مفادن جي تحفظ کان سواءِ ٻي ممڪن ڪانه آهي.

تاريخ اسان سنڌين کي ۽ اردو آباديءَ کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ڇاهي ٿي، اڳتي هلي اسان ۽ هي هڪ وطن جي هڪ قوم ٿي وينداسين. في الحال اهوئي ڪافي آهي ته اسان سڀ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي آهيون، ان تي متفق ۽ مطمئن ٿيڻ وڏي غنيمت آهي، زور ۽ زبردستي جارحيت کي جنم ڏيندي ۽ فاشزم کي پيدا ڪندي، جيڪا نه اسان اصلي سنڌين جي حق ۾ آهي ۽ نه اردو ڳالهائيندڙ سنڌين جي حق ۾ آهي.

(ماهوار 'ساجاهه' سيپٽمبر- آڪٽوبر 1994)

ڪراچيءَ کي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ حڪمرانن جون حرڪتون

اڄڪلهه ڪراچيءَ ۾ دهشتگرديءَ جو زور آهي؛ ظاهري طور تي تنظيمون، دهشتگرديءَ ۾ ملوث ٻڌايون وڃن ٿيون؛ انهن ڪان دهشتگردي ڪير ٿو ڪرائي ۽ ڇو ٿو ڪرائي؛ اهو هڪ اهم سوال آهي؟ جيتوڻيڪ، ٻيون ننڍيون وڏيون لساني ۽ مذهبي فرقيوار ڌريون به انهيءَ دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهن؛ پر ظاهري طور ميدان ۾ ايم ڪيو ايم الطاف ۽ انهيءَ جي مقابلي ۾ ڪڙي ڪيل ايم ڪيو ايم حقيقي آهي ۽ ٿي سپاهه صحابه جي نالي سان هڪ مذهبي تنظيم منظر عام تي آهي، جنهن ڪن دهشتگرد ڪاروائين جي ذميواري قبولي به آهي. اهي ٽي تنظيمون اڄڪلهه هڪ ٻئي جي خلاف ۽ هڪ ٻئي کي زير ڪرڻ لاءِ دهشتگرديءَ ۾ مصروف آهن.

1992ع کان ڪراچيءَ سميت سڄيءَ سنڌ ۾ فوجي آپريشن به جاري آهي، پر انهيءَ جي باوجود، سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن جون ڪاروايون به جاري آهن ۽ شهرن ۾ دهشتگردي جاري به آهي.

1988ع کان 1990ع تائين سنڌ جي اندر سنڌي ماڻهن جي خلاف، جيڪا دهشتگردي ٿي رهي هئي؛ سا 1990ع کان 1992ع تائين ماٺي ٿي چڪي هئي، پر 1992ع جي وچ کان پوءِ جڏهن کان ايم ڪيو ايم حقيقي ڪراچيءَ ۾ لاٿي وئي آهي؛ تڏهن کان اها دهشتگردي نئين روپ ۽ رنگ ۾ جاري ٿي چڪي آهي، جيڪا دهشتگردي اڳ شهرن جي اندر سنڌي ماڻهن جي خلاف ڪرائي ويندي هئي، انهيءَ دهشتگرديءَ جو منهن هاڻي ايم ڪيوايم الطاف ڌانهن موڙيو ويو آهي ۽ هاڻ اها دهشتگردي ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ سپاهه صحابه جي پليٽ فارم تان ٿي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه، چار، پنج، ڏهه ماڻهو روزانو موت جو شڪار ٿين ٿا.

ٻيو پيرو پ پ جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ماحول ڪجهه اهڙي نموني جو جوڙيو ويو آهي؛ جيئن ايم ڪيوايم الطاف کي ميڃرائي ۽ مجبور ڪري وري ٻيهر سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ فسادن جي باهه کي ڀڙڪائجي ۽ اڳ وانگر سنڌي ماڻهن جي خلاف دهشتگردي ڪرائجي. اهڙي ماحول تيار ڪرڻ لاءِ اسيمبلين جي اندر توڙي ٻاهر ايم ڪيو ايم جي چونڊيل ميمبرن کي

وڏي پشماني تي موچڙا ماري ڪرائي وئي آهي ته جيئن اردو آبادي اهو تاثر وٺي ته حڪومت پ پ جي آهي ۽ پ پ سنڌين جي پارٽي آهي؛ ان ڪري اردو آباديءَ کي موچڙا پنجابي فوج نه پر پ پ جا وڏيرا ۽ سنڌ جو وڏو وزير عبدالله شاهه هڻي رهيا آهن، جيڪي سنڌي آهن ۽ ايم ڪيو ايم ۽ اردو آباديءَ جي خلاف آپريشن به سنڌي حڪومت ڪري رهي آهي ۽ اهڙيءَ طرح اردو آباديءَ کي تيش ۾ آڻي، سنڌي آباديءَ جي خلاف اڀاري سگهجي؛ پر باوجود ايڏيءَ وڏيءَ سنڌي مهاجر دشمن فضا پيدا ڪرڻ جي نه اردو آبادي سنڌين جي خلاف وڙهڻ جي لاءِ تيار آهي ۽ نه سنڌي آبادي، اردو آباديءَ جي خلاف ويڙهه ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي سگهي آهي ۽ نه وري ايم ڪيو ايم الطاف جي دهشتگرديءَ؛ پنهنجو منهن، سنڌي ماڻهن جي خلاف ڪيو آهي.

حڪمران ۽ انهن جون پاليل ايجنسيون وڏا وَس ڪري چڪيون آهن ۽ مختلف مهاجرن جي تنظيمن جي طرفان ايم ڪيو ايم الطاف تي مسلسل دٻاءُ وجهرائي رهيون آهن ته جيئن اها نه رڳو پنهنجيءَ دهشتگرديءَ جو منهن سنڌي ماڻهن ڏي ڪري، پر سنڌ جي ورهاڱي جو کليءَ ريت مطالبو به ڪري، ته جيئن حڪمران پنهنجي هن سنڌ دشمن منصوبي کي پايهءِ تڪميل تائين آسانيءَ سان پهچائي سگهن.

انهيءَ سلسلي ۾ پ پ جي حڪومت جي سنڌ جي وڏي وزير عبدالله شاهه تي جڻ نه ڪو ڪم رکيو ويو آهي ته هو وقت بوقت اهڙا بيان جاري ڪندو رهي ته ڪراچي، کي سنڌ کان جدا ڪيو پيو وڃي، پر هو ائين ڪرڻ نٿو ڏئي؛ عبدالله شاهه وارا بيان تاثر اهو ٿا ڏين؛ ته جڻ مهاجرن ۽ ايم ڪيو ايم چاهن ته ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪيو، پر هو انهيءَ کي ڪلهو ڏيو بيٺو آهي.

هن سڄيءَ راند جي پوياڻ، جيڪا ڳالهه نظر اچي رهي آهي، سا اها ته سنڌ جي جاگيردار طبقي کي شهرن جي اندر هاڻ، جيئن ته ووٽن جي ملڻ جي اميد ڪانه رهي آهي؛ ان ڪري اهو سنڌ جي وڏن شهرن کان پنهنجي جان ڇڏائڻ ٿو گهري ۽ انهيءَ لاءِ اڳواٽ اهڙو ميدان تيار ڪري رهيو آهي، ته جيئن هو وقت اچڻ تي شهرن مان ٽپڙ کڻي ڀڄي اچي؛ جيئن هن کان اڳ هن سنڌي هندو سرمائيدارن کان پنهنجي جان ڇڏائڻ جي لاءِ هندستان جو ورهاڱو ڪرايو ۽ سنڌي هندن جي سنڌ ڇڏڻ کان پوءِ هو پاڻ سنڌي عوام جو ڪل مختيار ٿي ويهي رهيو. تيئن هاڻي هو شهري (مهاجرن) سرمائيدارن کان آجائي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ مان هٽ

ڪڍڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهي.

جاگيردار طبقو. هن وقت هٿ وٺي اهڙو ماحول پيدا ڪري رهيو آهي؛ جيئن حالتون بگڙي ۽ هٿن مان نڪري وڃن ۽ هي بهانو بنائي، ڪراچيءَ کي ڇڏي اندرون سنڌ ۾ اچي هارين تي حڪم هلائي، جنهن لاءِ سنڌدن پنجابي آقائن جي طرفان ڪراچيءَ جي اندر ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ سپاهه صحابه جهڙين رت پياڪ مذهبي ۽ دهشتگرد تنظيمن کي تاتيو ۽ پاليو پيو وڃي. ايم ڪيو ايم الطاف جي خلاف هن متبادل دهشتگرد قوت کي پيدا ٿي ان ڪري ڪيو ويو آهي تہ جيئن جيڪڏهن ڪراچيءَ جي جدا ٿيڻ جي نوبت اچي تہ ان جي واڳ ڏور اهڙين دهشتگرد تنظيمن جي حوالي ڪئي وڃي، نہ تہ بہ ايم ڪيو ايم الطاف کي لغام ڏيڻ لاءِ انهن جي وجود کي ضروري ڄاتو پيو وڃي؛ هڪڙي زور وٺي وڃي تہ ان جي مقابلي ۾ ٻي، ٻي زور وٺي وڃي تہ ان جي مقابلي ۾ ٽين ۽ جي ٽين زور وٺي وڃي تہ چوٿينءَ کي ميدان ۾ آندو وڃي.

جيئن شيخ مجيب ۽ عوامي ليگ جي مقابلي ۾ جاگيردار طبقي مان ذوالفقار علي ڀٽي ۽ پ پ کي ميدان ۾ آندو ويو هو، ۽ وري ڀٽي ۽ پ پ جي مقابلي ۾ ملن جي اتحاد پي اين اي کي ميدان ۾ آندو ويو هو. اهڙيءَ طرح 1983ع ۾ سنڌي عوام جي جمهوري جدوجهد، جڏهن قومي تحريڪ جو رخ اختيار ڪيو تہ ان جي مقابلي ڪرڻ لاءِ شهرن جي اندر دهشتگرد تنظيمن کي پيدا ڪيو ويو ۽ هاڻي جڏهن انهن تنظيمن جي دهشتگردي سنڌدن هٿن مان نڪري وئي آهي تہ سنڌدن ٽوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ ايم ڪيو ايم حقيقيءَ ۽ سپاهه صحابه جهڙين فرقيوار مذهبي ۽ لساني تنظيمن کي هٿي ڏني پئي وڃي. اهڙي نموني رڳو پ پ، عوامي ليگ يا ايم ڪيو ايم لاءِ ئي نہ پر ٻين مختلف سياسي، جمهوري ۽ قومي ٽوڙي دهشتگرد تنظيمن لاءِ پڻ متبادل قوتن کي ميدان ۾ لاٿو وڃي ٿو.

نواز شريف جي ٽوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ قاضي حسين احمد ۽ مسلم ليگ جوڻيجو گروپ جوڙيو ويو. پ پ ۽ بينظير جي ٽوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ مرتضيٰ ڀٽي ۽ ممتاز ڀٽي کي ميدان ۾ آندو ويو، قوم پرست تحريڪ جي ٽوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ پليجي ۽ قادر مگسيءَ جا گروپ پيدا ڪرايا ويا. اهو سڀ ڪجهہ رياست تي قابض قوتون ۽ اسٽئبلشمينٽ جا ادارا ڪندا آهن، تہ جيئن ڪا بہ سياسي، جمهوري ۽ قوم پرست قوت عوامي شڪل اختيار ڪري نہ سگهي. جيڪڏهن ڪا سياسي، جمهوري يا قوم پرست قوت عوامي شڪل اختيار ڪري بہ ايندي آهي يا عوامي شڪل اختيار

ڪرڻ جي ويجهو ايندي آهي، تہ ان جي ٽوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ اهڙي ٻي يا ٽين سگهاري عوامي قوت پيدا ڪرڻ سندن ذاتي هٺ جو کيل هوندو آهي. جيئن بنگال جي عوامي قوت جي خلاف پ پ کي مضبوط عوامي قوت بنائڻ يا جيئن سنڌ جي قومي تحريڪ جي خلاف ايم ڪيوايم کي منظم ڪرڻ. انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون هيون، پر هاڻي کين تجربو ٿيو آهي تہ جيڪڏهن هڪ مضبوط سياسي قوت جي جاءِ تي ٻي اهڙي يا ان کان وڌيڪ مضبوط قوت بنائجي ٿي تہ اها سندن ڳچيءَ ۾ پئجي ٿي وڃي؛ جيئن پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم سندن هٿن مان نڪري ويون؛ تنهنڪري اهي گهڻو محتاط ٿي ويا آهن.

اسان جي نظر ۾ ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جو سرائڪي صوبي سان تمام گهرو ۽ گهاٽو واسطو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ پنجاب جي اندر هن وقت جيڪا سرائڪي عوام جي قومي تحريڪ ايري رهي آهي؛ اها پاڪستان جي اندر پنجابي مفادن ۽ بالادستيءَ کي للڪاري رهي آهي. پنجابي بالادست سياسي قوتن کي ڊپ ورائي ويو آهي تہ جيڪڏهن سرائڪي صوبو ٺهندو تہ پاڪستان ۾ پنجاب جي اڪثريت واري بالادستي قائم رهي ڪانہ سگهندي؛ ان ڪري اهي چاهين ٿيون تہ جيڪڏهن اڳي سر ۽ پنجاب جو ورهاڱو ٿئي ٿو تہ پوءِ سنڌ جو ورهاڱو بہ لازمي طور ٿيڻ گهرجي. پنجاب جي ورهاڱي کان پوءِ جيڪڏهن سنڌ جو ورهاڱو نٿو ٿئي تہ پوءِ پنجاب جي جاءِ تي سنڌ عوامي اڪثريت وارو صوبو ٿي ويندو، جنهن جي ڪري ڪراچيءَ جي سنڌ کان علحدگي ضروري سمجهي وڃي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح سرحد ۽ بلوچستان جي وچ ۾ بہ پختون خواهہ صوبي جو هجڻ ضروري آهي.

هن منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪراچيءَ جي اندر اهو افواهہ ٿهلايو ويو آهي تہ ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جي رڳو اعلان ٿيڻ جي دير آهي؛ باقي ڪم پاڻهي ٿي ويندو؛ جنهن لاءِ ايم ڪيو ايم الطاف تي پريشر وجهڻ ۽ ان پريشر کي وڌائڻ لاءِ مهاجرن جي ننڍين وڏين سياسي، سماجي ۽ لساني تنظيمن جي طرفان ڪراچيءَ جي سنڌ کان علحدگيءَ جا وقت بوقت اعلان ڪرايا پيا وڃن.

جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم الطاف تي ئي اهو الزام آهي تہ اهائي سنڌ کان ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جي سازش ڪري رهي آهي پر عجب اهو آهي تہ جيڪي مهاجرن جون تنظيمون، سنڌ کان ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جو مطالبو ڪري رهيون آهن ۽ ڪري چڪيون آهن؛ پ پ جي حڪومت ۽ سنڌ اندر ڪم ڪندڙ پنجابنواز ايجنسيون اهڙين تنظيمن تي شفقت وارو هٿ رکيو وينيون آهن تہ انهن

کي ايم ڪيو ايم الطاف جي خلاف استعمال به ڪري رهيون آهن. انهيءَ مان لڳي ٿو ته ڪراچيءَ جي علحدگيءَ ۾ ايتري دلچسپي ايم ڪيو ايم الطاف جي ڪانه آهي؛ جيتري دلچسپي موجوده حڪومت ۽ ايجنسيون وٺي رهيون آهن. جيئن ايم ڪيو ايم حقيقي آهي؛ جيڪا سنڌ کان ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جو مطالبو ڪري چڪي آهي؛ پر پوءِ به حڪومت ۽ ايجنسين جو ان کي مڪمل آشيرواد حاصل آهي ۽ انهيءَ کان ڪراچيءَ جي اندر ايم ڪيو ايم الطاف جي خلاف دهشتگرديءَ جو ڪم ورتو پيو وڃي.

اهڙيءَ طرح هڪ دهشتگرد تنظيم کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻيءَ دهشتگرد تنظيم کي پيدا ڪيو پيو وڃي ۽ جڏهن اها دهشتگرد تنظيم زور وٺي وڃي ٿي ته ان جي مقابلي لاءِ ٽيئن دهشتگرد قوت کي ميدان ۾ آندو وڃي ٿو. دراصل حڪومت ۽ ايجنسين کي ايم ڪيو ايم ۽ ان جي دهشتگردي به قبول آهي؛ ۽ ڪراچيءَ جي علحدگيءَ وارو مطالبو به قبول آهي؛ پر صرف الطاف حسين قبول ڪونه آهي، ۽ حڪمران طبقا بار بار اهڙو ذڪر ڪري به چڪا آهن؛ ته ايم ڪيو ايم قبول آهي؛ پر الطاف حسين قبول ڪونه آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ اهي اڄ تائين ناڪام ويا آهن.

پنجابي حڪمرانن ايم ڪيو ايم تان الطاف کي ڊوڙائي، انهيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ 1992ع کان ڪراچيءَ ۾ آپريشن شروع ڪيو آهي؛ ۽ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي اندر آفاق ۽ عمران مهاجر جي اڳواڻيءَ ۾ ايم ڪيو ايم حقيقيءَ کي لاتو به آهي، پر ايم ڪيو ايم حقيقيءَ کي جنهن مقصد لاءِ آندو ويو هو، اهو مقصد اها اڄ تائين حاصل ڪري ڪا نه سگهي آهي. جاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ ايم ڪيو ايم جي اڳوڻي چيئرمين عظيم طارق جو اڳيان اچڻ ضروري هو؛ پر عظيم طارق کي جڏهن ٻيي ٿاهي انهيءَ مقصد لاءِ ميدان ۾ آندو ويو ته اها خبر ايم ڪيو ايم الطاف کي پئجي وئي، جن وقت کان اڳ ئي عظيم طارق جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو، نتيجي ۾ سگهارن ادارن جو جوڙيل سڄو سارو منصوبو پاڻيءَ ۾ ملي ويو. هاڻي ايم ڪيو ايم تاهڙ ڀور وانگر ڪين وٺ ئي ڪانه ٿي ڏي. ۽ اردو آباديءَ جي اڪثريت اڄ به ايم ڪيو ايم الطاف سان گڏ آهي، تنهن ڪري اهي ان کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا آهن.

اهو سڄو منصوبو، جيتوڻيڪ، نواز شريف جي اڳوڻي حڪومت جي دور ۾ ئي جوڙيو ويو هو پر جڏهن ان جي حڪومت ۾ اهو ڪم پورو ٿي نه سگهيو؛ ته

پ پ جي حڪومت کي اڳيان آندو ويو، ۽ ان حڪومت ۾ سنڌ جو وڏو وزير هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي بنايو ويو، جيڪو بظاهر سنڌي قوم پرستيءَ جو ڏيک ڏيڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جي ماڻهن تي ڪنٽرول لايو بيٺو آهي، پر پس پرده وڏيرڪو توڙي مالڪن جو مقصد بيو آهي. جيڪو نه رڳو سنڌي وڏيرن جي مفاد ۾ آهي پر پنجابي مالڪن جي مفاد ۾ به آهي. اهو مقصد ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جو آهي. هن سازش ۾ پنجاب سامراج ته ملوث آهي ئي آهي پر ٻيون سموريون سنڌ دشمن قوتون ۽ سنڌ جو جاگيردار ۽ وڏيرو به ملوث آهي، جيڪي سڀ ملي سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي اندر اهڙو ماحول پيدا ڪري رهيا آهن، جيڪو سنڌ کان ڪراچيءَ جي علحدگيءَ جي اعلان ڪان پوءِ، ٿوري گهڻيءَ هٽرادو تماچوڪڙي مچرائي، سنڌي جي ورهاڱي لاءِ ضروري آهي.

افسوس رڳو اهو آهي ته هن سازش ۾، جتي سنڌ دشمن قوتون کلئي نموني ملوث آهن، اتي انهيءَ وهڪري ۾ سنڌي دانشور ۽ صحافي به وهي ويو آهي. ۽ اهو سنڌي عوام کي صحيح واٽ ۽ گسُ ڏيڻ جي بجاءِ اونڌهه ۾ رکي رهيو آهي ته جيئن وقت اچڻ تي سنڌي عوام مؤثر نموني ڪا مزاحمت ڪري نه سگهي، جاڪاڻ ته حڪمرانن کي انهيءَ مقصد جي پوراٺي لاءِ اڳوات عوام جو ذهن اهڙو تيار ڪرڻو آهي، جيڪو سنڌ ڌرتيءَ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي وحدت جي خلاف هجي؛ حڪمرانن کي پڪ ٿي چڪي آهي ته عالمي قوتون سنڌ کي پاڪستان کان الڳ ڪرڻ گهرن ٿيون، تنهن ڪري اڌ سنڌ مان هٿ ڪڍڻ لاءِ اڳوات ڪراچي صوبي لاءِ تياري ڪئي پئي وڃي، جيئن باقي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پنجاب جو مڪمل غلام بنائي سگهجي.

(ماهوار 'ساڃاهه' سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر 1994ع)

ڪراچي ڪيڏانهن پئي وڃي؟

پرنٽ ميڊيا ۾ ڪراچيءَ بابت مختلف قياس آرايون ۽ افواهه سرگرم آهن. ڪي چون ٿا تہ ڪراچيءَ کي آمريڪا "فري پورٽ" بڻائڻ چاهي ٿي؛ ڪن جي راءِ آهي تہ ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن، ٻئي طرف سنڌي ماڻهو ۽ خاص ڪري قوم پرست چون ٿا تہ ڪراچي سنڌ جو حصو آهي، ان کي نہ مرڪز جي حوالي ڪرڻ ڏبو، نہ فري پورٽ بڻائڻ ڏبو ۽ نہ مهاجر صوبو سنڌ کان الڳ ڪرڻ ڏبو. سوال آهي تہ ڪراچيءَ تي آمريڪا، وفاق ۽ ايم ڪيو ايم جي ايتري نظر ڪرم ڇو آهي؟ ۽ ان کي هرڪو نڌڻڪو سمجهي پاڻ ڏانهن ڇو ڇڪي رهيو آهي؟ ۽ ڇا واقعي ڪراچي سنڌ کان وڃي رهي آهي؟ ۽ ان مان سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي نقصان پوندو يا فائدو ٿيندو!

ڪراچيءَ کي فري پورٽ بڻائڻ واريون ڳالهيون تمام گهڻو اڳاٽي وقت کان ٿينديون رهيون آهن، جڏهن اڃان مرحوم سوويت يونين ۽ سوشلسٽ بلاڪ موجود هئا ۽ ڪراچيءَ کي فري پورٽ بڻائڻ واري اهڙي آمريڪي منصوبي جي ترقي پسند ۽ قوم پرست مذمت ڪندا هئا؛ ڇو تہ اهي سمجهندا هئا تہ جيڪڏهن ڪراچيءَ جي ساموندي بندرگاهہ ۽ پر پاسي واري علائقي تي آمريڪا جو عمل دخل وڌي ويو تہ نہ رڳو ترقي پسند قوتون ڪمزور پئجي وينديون پر پاڪستان ۾ واڙيل مظلوم قومن جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد تي بہ وڏا اثر پوندا. شايد ايڏيءَ وڏيءَ مخالفت جي ڪري ئي هتان جي حڪمران طبقن ۽ آمريڪا، انهيءَ ڳالهہ کي في الحال پس منظر ۾ اماڻي ڇڏيو هو؛ پر سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ دنيا ۾ جڏهن کان هڪ بلاڪي پاور وجود ۾ آيو آهي؛ تڏهن کان آمريڪا دنيا جي لاءِ نئون عالمي نظام متعارف ڪرايو آهي، جنهن ۾ پاڪستان جي اهميت ۽ حيثيت کان منهن موڙيو ويو آهي ۽ آمريڪا چاهي ٿو تہ پاڪستان کي هاڻي پنهنجي اصل جاگرافيائي بيهڪ ۾ نہ هجڻ کپي، نتيجي ۾ پاڪستان ۾ واڙيل مظلوم قومن جي قومي آزاديءَ جي گهر ڪندڙ ماڻهن ۾ اميد پيدا ٿي آهي تہ شايد انهيءَ نئين عالمي نظام جي حوالي کان آمريڪا سندن مدد ڪري سگهي. انهيءَ سلسلي ۾ بہ اهم

ڳالهيون سامهون آيون آهن: هڪ تہ آمريڪا کي پاڪستان جي صرف ڪوسٽل پٽيءَ ۾ دلچسپي آهي، جنهن لاءِ هو چاهيندو تہ سنڌ کي ڪوسٽل پٽيءَ سميت پاڪستان کان الڳ ڪيو وڃي. پر اهو تڏهن ئي سگهي ٿو، جڏهن ڳهڻ ۾ ڳهڻ سنڌ جي ڀن وڏين آبادين سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت ان تي متفق بہ هجي ۽ انهيءَ جي لاءِ گڏجي گهريل جدوجهد بہ ڪري سگهي ۽ آمريڪا جي طرفان سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ اهڙي ويجهڙائي واري ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي بہ وئي آهي. جنهن ڳالهہ پنجابي حڪمرانن کي ڦقڙي ۾ وجهي ڇڏيو آهي تہ جيڪڏهن آمريڪا سنڌ کي پاڪستان کان الڳ ڪرڻ چاهيندو تہ هو ائين ڪري بہ سگهي ٿو.

پاڪستاني حڪمران، جن جو اصل سرچشمو پنجابي فوج آهي: تن هن کان اڳ هڪ پري پلاننگ تحت 1992ع ۾ امن امان جو مسئلو بنائي، سنڌ جي اندر فوج کي لاتو ۽ اهو ذمو فوجي ادارن ۽ ايجنسين کنيو تہ آمريڪا جي انهيءَ منصوبي جو ٽوڙ پيدا ڪيو ويندو، ۽ ان بابت آمريڪا جي سوچ ۾ تبديلي آندي ويندي. پر انهيءَ لاءِ ضروري هو تہ سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي هڪ ٻئي کان پري رکيو وڃي: تہ جيئن آمريڪا کي پنهنجي انهيءَ رٿيل منصوبي تان هٿ ڪڍائي سگهجي. انهيءَ سان گڏ آمريڪا سان هڪ سودي بازي ڪئي وڃي ۽ ان کي آزاد سنڌ جي بجاءِ متبادل ڪوسٽل علائقو ڏيڻ تي راضي ڪيو وڃي، تہ جيئن گهٽ نقصان نہ پئي ۽ آمريڪا سان پاڪستان ۽ پنجابي سامراج جا لاڳاپا بہ بهتر رهن، ۽ پوءِ ائين ئي ڪيو ويو، ۽ سنڌ اندر فوج کي لاتو ويو ۽ ايجنسين کي موقعا ڏنا ويا تہ اهي هڪ پاسي سنڌ جي قوم پرست سياست کي پنهنجي هٿ ۾ وٺن ۽ ٻئي طرف ايم ڪيو ايم جي گهڻ ۾ گهڻ مليٽنٽ قوت کي قبضي ۾ ڪن. جنهن لاءِ سڀ کان اڳ قومي تحريڪ ۾ ٽوڙ ڦوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ قادر مگسي گروپ کي سائين جي ايم سيد جي رهبريءَ ۾ جوڙيل پاليسي ساز اداري کان الڳ ڪرايو ويو ۽ اهو عين انهيءَ وقت ڪرايو ويو، جڏهن سائين جي. ايم. سيد عالمي قوتن جو قومي تحريڪ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ 1992ع ۾ پنهنجيءَ سالگرهہ جي موقعي تي ڪراچي نشتر پارڪ ۾ سنڌي ماڻهن جو هڪ تمام وڏو اجتماع گهرايو هو: ۽ اتي آزاد سنڌو ديش جو ترانو ڳائي ۽ پنهنجي خطبي ۾ عالمي قوتن ۽ اقوام متحده کي اهڙي اپيل ڪئي هئي.

جنهن مان پوريءَ ريت خبر پوي ٿي تہ سائين جي. ايم. سيد دنيا جي ڦرندڙ

گهرندڙ حالتن تي تمام ڳوڙهي نظر رکندڙ عظيم سياستدان آهي. پر ٽيو ائين ته قادر مگسيءَ ڪن خفيه قوتن جي اشاري تي عين وقت تي قومي تحريڪ کان علحدگيءَ جو اعلان ڪري، اهو تاثر ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌ جي قوم پرستن مان هڪ چڱو خاصو تعداد آزاد سنڌو ديش جو مخالف آهي، ٻئي طرف فوجي آپريشن جي ذريعي جتي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن جي خلاف ظاهري طور وٺ وٺان ڪئي وئي، اتي ڪراچيءَ جي اندر ايم ڪيو ايم حقيقيءَ کي فوج جي ڪلهن تي چاڙهي آندو ويو، ته جيئن عظيم طارق کي ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي قيادت ڏياري، الطاف گروپ جو ان تان قبضو ڇڏائجي پر جڏهن الطاف گروپ کي انهيءَ سازش جي صورتحال جي خبر پئي ته انهن نه رڳو عظيم طارق جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو پر ايجنسين کي ايم ڪيو ايم جي مليٽنٽ قوت جي واڳ ملڻ وارا موقعا به ختم ڪري ڇڏيا.

ايتري ۾ نواز شريف ۽ صدر اسحاق جو جهيڙو پنهنجي انجام کي پهچي ويو ۽ ملڪ جي اقتدار جون واڳون وري پ پ اچي سنڀاليون؛ ۽ آصف نواز جي جاءِ تي فوج جو سربراهه عبدالوحيد ڪاڪڙ صاحب مقرر ٿيو. جنهن کان پوءِ پ پ جي حڪومت جي طرفان اسيمبلين جي اندر ۽ ٻاهر ايم ڪيو ايم الطاف جي چونڊيل ميمبرن جي مٿان مار موچڙو جاري ٿي ويو ۽ ٻئي طرف آمريڪا کي پنهنجي اڳولي منصوبي جي ضد تان لاهڻ لاءِ متبادل واٽ ڏيکاري وئي. ڇاڪاڻ ته حڪمرانن جي خيال ۾ ته جيڪڏهن پ پ جي حڪومت ۾ اردو آباديءَ تي موچڙا أيا هوندا ته انهن ۾ لازمي طور تاثر پيدا ٿيندو ته پ پ سنڌين جي وڏيرن جي پارٽي آهي، ان ڪري ڪين موچڙا به سنڌي ئي هڻي رهيا آهن. ۽ ائين سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي ويڇوڙائپ وارا سڀ رستا ۽ راهون بند ٿي وينديون ۽ پوءِ ٿيو به ائين ته پ پ جي حڪومت ۾ ايم ڪيو ايم جي ماڻهن کي ڪڏهن اسيمبلين جي اندر مارون ملنديون رهيون. ته ڪڏهن رستن تي قتل عام ٿيندو رهيو؛ جيتوڻيڪ اهي حملا جتي اسيمبلين جي اندر پ پ جي وڏيرن ۽ جاگيردارن جي هٿان ڪرايا ويا، اتي شهرن جي اندر ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي غنڊن ۽ قانون نافذ ڪندڙ اهلڪارن جي هٿان به ڪرايا ويا. جواب ۾ الطاف گروپ به ميدان ۾ لهي آيو ۽ ائين ڪراچيءَ جي اندر جنگ شروع ٿي وئي ۽ روز اٺ ڏهه ماڻهو ٻنهي طرفن جا مرندا رهيا.

اهڙيءَ طرح هڪ پاسي اردو آباديءَ جي مٿان مار موچڙو ۽ فوجي آپريشن

ٿيندو رهيو آهي ۽ ٻئي طرف مهاجرن جي نندين وڏين سياسي ۽ سماجي تنظيمن کان سنڌ جي ورهاست جو مطالبو ٿيندو رهيو آهي، ته جيئن الطاف گروپ تي پريشر وجهرائي انهن کان جلد کان جلد مهاجر صوبي جي علحدگيءَ جو اعلان ڪرايو وڃي ۽ سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي هڪ ٻئي جي ويجهي اچڻ وارا آثار باقي امڪان به ختم ٿي سگهن ۽ پوءِ اهڙي پريشر ڪي ڏسندي الطاف حسين آخرڪار اردو آباديءَ کان الڳ صوبي جي راءِ گهرائي.

پنجابي حڪمران طبقو هڪ پاسي اهو ڪم ڪندو رهيو آهي ۽ ٻئي پاسي آمريڪا کي راضي رکڻ لاءِ ۽ ڪيس پنهنجي اڳوڻي مصوبي تان هٽ ڪٽائڻ لاءِ سائنس سودي بازيءَ جي ڪوشش به ڪنديو رهيو آهي، جنهن لاءِ آمريڪا کي ڪراچيءَ کان گوادر واري سامونڊي پٽي ليز تي ڏيڻ تي راضپو ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ڪري ڪراچيءَ کي نه رڳو وڏيڪ ضلعن ۾ ورهايو ييو وڃي، پر سنڌ سيڪريٽريٽ کي به ڪراچيءَ جي وچ مان ڪڍي ملير ضلعي ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي، جو ته آمريڪا انهيءَ ڪوسٽل ايريا ۾ نه صرف ڪراچيءَ کي فري پورٽ بنائڻ ٿو چاهي پر اتي هو پنهنجو فوجي اڏو به قائم ڪرڻ ٿو چاهي. آمريڪا سمجهي ٿي ته سنڌ جي سامونڊي ڪوسٽل پٽي رڳو تڏهن محفوظ رهي سگهي ٿي ۽ اتي امن امان قائم رهي سگهي ٿو، جڏهن يا ته ان تي سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي اڪثريت متفق ۽ راضي هجي يا گهٽ ۾ گهٽ پناهگير ۽ پنجابي آبادي متفق ۽ راضي هجي؛ پر سنڌي آباديءَ جي مزاحمت پوءِ به قائم رهندي. جنهن جو خطرو موجود آهي.

گوادر وارو علائقو پاڪستان کي 1957ع کان پوءِ مليو آهي، ان کان اڳ اهو علائقو امان ملڪ جي حڪومت جي قبضي ۾ هو؛ جتي اڄ به سي اين اي ۽ بي بي سيءَ جا پوسٽر ڪتل آهن. پاڪستاني حڪمران في الحال اهو آمريڪا جي اڳوڻي منصوبي جي منهن موڙڻ لاءِ ڪن ٿا؛ پر آمريڪا جا پنهنجا اڃان گهڻا ۽ گهرا مفاد آهن. هو هاڻ پوريءَ ايشيا جي نئين سر جاگرافيائي ۽ علائقائي ورهاست ڪرڻ چاهي ٿو ۽ وڏيون رياستون ٽوڙائي، ننڍيون قومي رياستون قائم ڪرڻ گهري ٿو. پر آمريڪا جي انهيءَ علائقائي ورهاست ۾ خاص ڪري چين ۽ ايران جي مزاحمت جو خطرو موجود آهي؛ جنهن کي هو گوادر، مڪران ۽ ڪراچيءَ جي وچ واريءَ ڪوسٽل ايريا ۾ فوجي اڏا قائم ڪري منهن ڏيڻ چاهي ٿو.

پاڪستاني حڪمران، هڪ پاسي آمريڪا کي راضي رکڻ لاءِ ۽ ان کي فري

پورٽ ۽ فوجي اڏا قائم ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ کان گوادر وارو علائقو نيڪي تي ڏيڻ لاءِ تيار آهن، ۽ ٻئي پاسي ايم ڪيو ايم به آمريڪا کان مدد وٺڻ جي ڳولائو آهي ۽ آمريڪا جي مستقل مفادن جي لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ اهي ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي طور تي آمريڪا کي راضي ڪرڻ ۾ مصروف آهن.

اسان پنهنجن گڏريل پنجن ڇهن مهينن جي جائزن ۾ چوندا ۽ خبردار ڪندا پيا اچون ته ڪراچيءَ ۾ هيءَ جيڪو قتل عام ۽ آپريشن هلي رهيو آهي؛ دراصل اها ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ جي گهري سازش آهي ۽ "مهاجر صوبي" جو رڳو هڪ شو شو آهي، انهيءَ لاءِ حڪمرانن جي هاڻ ڪوشش آهي ته ايم ڪيو ايم جي ٻنهي ڌڙن ۾ هلندڙ رتوڇاڻ جي رخ کي سنڌي- مهاجر فسادن ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي ۽ اهي فساد خاص ڪري مهاجر صوبي جي نالي ۾ ٿيڻ کپن ته جيئن ڪراچيءَ کي مرڪز جي حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪجي ته سنڌي ماڻهن جي طرفان ڪا گهڻي مزاحمت نه ٿئي، ائين جيئن سنڌي ماڻهو ٻهرين سنڌ ۾ فوجي مداخلت جي خلاف هئا، پر پوءِ جڏهن ڌاڙيلن سندن جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو ته سنڌ ۾ فوج جي داخل ٿيڻ جي آجيان ڪئي وئي. اهڙي نموني هاڻي به سنڌي ماڻهن کي ديڄاريو پيو وڃي ته ڪراچي مهاجر ۽ ايم ڪيو ايم کسي ويندا، تنهن کان اها مرڪز وٽ رهي ته وڌيڪ بهتر آهي. ڪراچيءَ کي جيڪڏهن سڌيءَ ريت آمريڪا جي حوالي ڪيو ويندو، تڏهن به سنڌي عوام جي طرفان لازمي طور مزاحمت ٿيندي، ان ڪري ان کي ٻهرين مرڪز کي ڏنو وڃي ۽ پوءِ آمريڪا کي فري پورٽ قائم ڪرڻ لاءِ ڏنو وڃي ته مزاحمت جا امڪان گهٽجي ويندا.

ڪراچيءَ کان گوادر واري ساموندي پٽي آمريڪا کي ڏيڻ جي قرباني رڳو ان ڪري ڏني وڃي ٿي ته جيئن آمريڪا کي پاڪستان کان سنڌ جي علحدگيءَ جو هٿ ڪٺائي سگهجي پر انهيءَ سان گڏوگڏ پنجابي حڪمران اهو به چاهين ٿا ته انهيءَ ساموندي پٽيءَ جي ايريا ۾ اهڙين سياسي ڌرين جي گرفت هجي؛ جيڪي پنجابي سامراجي مفادن جو تحفظ ڪندڙ ۽ ايجنسين جي هٿن ۾ پتليون هجن.

اهڙيءَ صورتحال ۾ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ڳالهه اها آهي ته آمريڪا جو جيڪڏهن واقعي به عمل دخل هن علائقي ۾ وڌي وڃي ٿو ته انهيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جو ڪو ڪردار نٿو جڙي، تنهنڪري اها سنڌ جي قومي مفادن لاءِ وڌي ۾ وڌي هاڃيڪار صورتحال هوندي. اهڙيءَ صورتحال جي جوڙڻ ۾ جن قوتن جو ڪرادار هوندو، سي ٿي ان جو گهٽي ۾ گهٽو ڪٿيو به ڪائينديون، ۽ اهو به ضرور

ناهي تہ آمريڪا جي هن علائقي ۾ پيرن ڪوڙڻ ڪان پوءِ بہ هو پنجابي حڪمرانن جي مرضيءَ مطابق عمل ڪندو رهندو ۽ سنڌ جي مفادن جي ڳچ ۾ ڪو تڪراءُ پيدا ڪونہ ٿيندو: اها پنجابي حڪمرانن کي بہ خبر آهي پر في الحال هو آيل بلا ٽارڻ گهرن ٿا، ۽ پوءِ جي ڳالھ تي پوءِ ڏسڻ گهرن ٿا. پر اسان (گهر جي مالڪن) کي چا ڪرڻ گهرجي، انهيءَ تي سوچڻ ۽ ويچارڻ ۽ عمل ڪرڻ، خاص ڪري قومي تحريڪ ۽ ان سان لاڳاپيل تنظيمن جو ڪم آهي، پر اسان جي خيال ۾ تہ اسان کي ان ڳالھ لاتعلق رهڻ نہ گهرجي، بلڪہ قومي مفادن مطابق ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. اڄوڪي هن وقت قومي تحريڪ جي تاريخي ضرورت آهي.

(ماهوار 'ساڃاھ' نومبر ۽ ڊسمبر 1994ع)

ڇا حڪمران دهشت گرديءَ کي واقعي ختم ڪرڻ گهرن ٿا؟

ڇا حڪمران دهشت گرديءَ کي واقعي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ گهرن ٿا؟ اسان جي خيال ۾ ته ايئن ڪونهي آهي؛ ڇو ته حڪمران دهشت گرديءَ کي واقعي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ نٿا گهرن. ان لاءِ اسان وٽ پنهنجا دليل آهن، جن جي آڌار تي اسان جي دعوا آهي ته حڪمران دهشت گرديءَ کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ نٿا گهرن. حڪمران دهشت گرديءَ کي مڪمل طور تي ڇو نٿا ختم ڪرڻ گهرن؟ ان ۾ شايد حڪمرانن جا پنهنجا ڪي اهڙا مفاد لڪل آهن، جن مفادن حڪمران طبقن کي مجبور ڪيو آهي ته، گهٽ ۾ گهٽ ڪراچيءَ جي اندر ڪنهن نه ڪنهن نموني توري يا گهڻي دهشت گردي رهندي اچي. جيڪڏهن حڪمران واقعي به دهشت گرديءَ کي ختم ڪرڻ ۾ سنجيده ۽ مخلص هجن ها ۽ هو دهشت گرديءَ کي واقعي به مڪمل طور تي ختم ڪرڻ گهرن ها ته هڪ اهڙي دهشت گردي، جنهن کي عوام جي ڪابه حمايت حاصل ڪانه آهي؛ انهيءَ دهشت گرديءَ کي ختم ڪرڻ رياست ۽ حڪمرانن لاءِ ڪابه مشڪل ڳالهه ڪانه آهي. اسان کي تجربو آهي ۽ دنيا جي دهشت گرديءَ جي توڙي انقلابي ڪاروائين جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته، هڪ رياست صرف اهڙين مار ڌاڙ وارين دهشت گرد ڪارواين کي ختم ڪرائي نه سگهندي آهي ۽ انهن جي اڳيان مفلوج ٿي پوندي آهي، جن مار ڌاڙ وارين دهشت گرد ڪاروائين کي ڪنهن نه ڪنهن طرح عوام جي اڪثريت جي حمايت حاصل هوندي آهي.

اهڙين دهشت گرديءَ جي ڪارواين کي جڏهن رياست يا حڪمران ڪچلڻ ۽ چيڀاٽڻ شروع ڪندا آهن ته ان جي مزاحمت لاءِ عوام جي اڪثريت روڊن ۽ رستن تي نڪري ايندي آهي. جنهن جي ڪري رياست يا حڪمرانن کي

عوام کي ڪچلڻ ۾ مشڪل پيش ايندي آهي، جو تہ اهڙيءَ دهشت گرديءَ کي ڪچلڻ سان، عوام جي ڪچلجڻ جو انديشو هوندو آهي، پر جنهن دهشت گرديءَ جي ڪاروائن کي عوام جي حمايت حاصل نہ هوندي آهي، اها عوامي حوالي سان توڙي سياسي حوالي سان اڪيلي ۽ آئسيوليٽ ٿيل دهشت گردي هوندي آهي؛ تنهن کي رياست کي ڪچلڻ ۽ چيڀاٽڻ ۾ ڪو مسئلو درپيش ڪونہ هوندو آهي؛ جو تہ اهڙيءَ دهشت گرديءَ مان خود عوام بيزار هوندو آهي، ان ڪري عوام جي اڪثريت دهشت گردن جي بجاءِ دهشت گرديءَ کي ڪچليندڙن جو ساٿ ڏيندي آهي يا گهٽ ۾ گهٽ عوام غير جانبدار رهندو آهي. جنهن جو مثال هندستان ۾ نڪسل باڙي تحريڪ جون دهشت گرد ڪاروايون هونديون هيون، جنهن کي پوري اوير بنگال ۽ آسام جي عوام جي اڪثريت جي حمايت حاصل هوندي هئي ۽ ان تحريڪ کي جيستائين عوام جي اڪثريت جي حمايت حاصل هئي، تيستائين ان کي هندستان جيڏي وڏي رياست بہ ڪچلي نہ سگهي.

پر جڏهن ١٩٧١ع ۾ بنگالي قوم جي طرفان بنگلاديش جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد هلي ۽ پاڪستاني فوج بنگالي عوام جو بي دريغ قتل عام ڪيو ۽ خون وهايو تہ نڪسل باڙي تحريڪ، بنگال جي قومي تحريڪ جي رڳو ان ڪري حمايت.ڪانہ ڪئي ۽ ڪلم ڪلا مخالفت ڪئي، جو نڪسل باڙي تحريڪ مائو نواز هئي، ۽ مائو ۽ ان جي ملڪ چين جيئن تہ بنگالي عوام جي قومي آزاديءَ جي بجاءِ پاڪستان جي مارشلائي پنجابي فوج جي حمايت ڪئي هئي، ان ڪري نڪسل باڙي تحريڪ چين جي پوئواري ڪندي، بنگالي عوام جي قومي آزاديءَ جي مخالفت ڪئي. نتيجي ۾ اها اوير بنگال (هندستان واري) جي عوام جي بہ مڪمل طور تي حمايت وڃائي ويهي رهي؛ جنهن ڪري هندستان جي رياست کي موقعو ملي ويو ۽ ان موقعي جو فائدو وٺندي، نڪسل باڙي تحريڪ تي ڀربور حملو ڪيو تہ اها پوري دهشت گرد تحريڪ پنهنجي موت مري وئي. ڇاڪاڻ تہ ان تحريڪ جي مٿان جڏهن هندستاني رياست حملو ڪيو تہ اها تحريڪ، جيئن تہ حقيقي انقلابي گهٽ پر ڏوهاري ماڻهن تي وڌيڪ مشتمل هئي، جيڪي ماڻهو ڦرون مارون ڪندا ۽ ڌاڙا هڻندا هئا ۽ ماڻهو ماريندا هئا، جنهن جي ڪري سندن تحريڪ جو نالو ئي پئجي ويو "ڇُرا گهونپ تحريڪ" ۽ اهي ڏوهاري هجڻ جي ناتي غير مستقل مزاج ماڻهو هئا، جنهن ڪري رياست سان عوامي حمايت کان سواءِ وڙهي ڪونہ سگهيا؛ نتيجي ۾ رياستي دهشت گرديءَ جي هڪڙي ئي حملي جي اڳيان

انهن مان ڪي مارجي ۽ قتل ٿي ويا، ڪي گرفتار ٿي جيلن ۾ پيا ۽ ڪي وري معافيون وٺي سرڪاري پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا ۽ اهڙيءَ طرح پوري نڪسل باڙي تحريڪ جو چند مهينن جي اندر مڪمل طور تي خاتمو ٿي ويو.

ان ڪري، اهو چوڻ بلڪل صحيح آهي تہ جنهن بہ دهشت گرد توڙي گوريلا تحريڪ کي وسيع تر عوام جي حمايت حاصل نہ هوندي آهي، اها تحريڪ رياست جي ٿاڦ ۽ ڏمر جي اڳيان پنهنجا پير کوڙي نہ سگهندي آهي.

هڪ مڪمل قومي ۽ انقلابي تنظيم رڳو قومي غدارن کي ئي پنهنجي ڪاروائين جو نشانو بنائيندي آهي ۽ ان جي نظرن ۾ قومي غدار اهو هوندو آهي، جنهن کي پوري قوم غدار تسليم ڪندي آهي، جيڪو قوم ۽ وطن جي مفادن سان غداري ڪندو آهي، پر هڪ دهشت گرد تنظيم وٽ غدار اهو هوندو آهي، جيڪو سندن پارٽي ۽ قيادت جو مخالف هوندو آهي؛ پوءِ اهو چاهي ڪو محب وطن ماڻهو ئي ڇو نہ هجي. ڇاڪاڻ تہ هڪ دهشت گرد تنظيم، جيئن تہ هڪ فاشسٽ تنظيم هوندي آهي، ان ڪري اها جمهوريت پسنديءَ، جمهوري اصولن ۽ اختلاف راءِ کي برداشت نہ ڪندي آهي، ان ڪري اها پنهنجن مخالفن کي دهشت، ڌمڪاءُ ۽ مارا ماريءَ جي زريعي پنهنجيءَ راهہ مان هٽائڻ گهرندي آهي. هڪ دهشت گرد ۽ فاشسٽ تنظيم کي پوريءَ ريت خبر هوندي آهي تہ سندن پروگرام پنهنجي قوم، عوام ۽ وطن جي حقيقي مفادن جون تقاضائون پوريون نہ ڪندو آهي، ان ڪري اهڙيءَ تنظيم کي پنهنجي پروگرام توڙي جدوجهد تي نہ ڪيس اعتماد هوندو آهي ۽ نہ عوام کي اعتماد هوندو آهي؛ ان ڪري اها پنهنجي مخالفن کي دهشت ۽ ڌمڪاءُ پيدا ڪري ختم ڪرڻ گهرندي آهي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن بہ ڪا ڌمڪاءُ پسند تنظيم عوامي طرح حمايت کان مرحوم ٿي ويندي آهي، تہ رياست جي دهشت ۽ ڌمڪاءَ جو حملو بہ برداشت ڪري نہ سگهندي آهي ۽ هڪڙي ئي رياست جي ڀرپور حملي ۾ پنهنجو وجود وڃائي ويهندي آهي.

ڪراچيءَ جي اندر هلندڙ موجوده دهشت گردي، پوءِ اها ايم ڪيو ايم الطاف جي هجي يا ايم ڪيو ايم حقيقي جي هجي، سپاهہ صحابہ يا سپاهہ محمدي جي هجي يا تحريڪ جعفريہ يا ترقي پسند پارٽيءَ جي هجي. انهن سڀني کي جيئن تہ عوام جي حمايت حاصل ڪانہ آهي ۽ نہ وري عوام سندن دهشت گرديءَ وارين ڪاروائين جي حمايت ۾ روڊن ۽ رستن تي نڪري ٿو اچي، ان ڪري اهڙيءَ دهشت گرديءَ کي رياست جي طرفان ڇيپاڻي ڇڏڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي. اهوئي سبب آهي، جو اسان سمجهون ٿا ۽ انهيءَ ۾ اسان حق بجانب بہ آهيون تہ رياست خود پنهنجن مفادن جي حق ۾ دهشت گرديءَ جي هڪ خاص شڪل کي

قائم رکڻ گهري ٿي. ان ڪري رياست ۽ ان جا حڪمران هن دهشت گرديءَ کي مڪمل طور تي ختم ڪونہ ڪندا، ڇو تہ اسان ڏٺو آهي تہ اها دهشت گردي، جڏهن بہ رياست جي خلاف حرڪت ۾ ايندي آهي يا رياست جي قانونن کي للڪاريندي آهي، ۽ حڪمران جڏهن ڏسندا آهن، تہ دهشت گرد قوتون ايترو اڳتي وڌي ويون آهن، جو اهي رياست جي دبدبي ۽ اٿارٽيءَ کي چيلينج ڪرڻ لڳيون آهن، ۽ جيڪڏهن انهن کي ايئن ڇوٽ ۽ ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو ويو تہ اهي خود رياست جي دهشت ۽ ڌمڪاءُ کي بہ مفلوج ڪري ڇڏينديون؛ تڏهن وڃي رياست ۽ ان جي مشينري حرڪت ۾ ايندي آهي، ۽ دهشت گرد قوتن جي ٿوري گهڻي "ڪن مهٽ" ڪري ڇڏيندي آهي تہ جيئن اهي پنهنجي وَتِ ۾ رهن ۽ پنهنجيءَ اوقات کان ٻاهر نہ نڪرن ۽ نہ رياست ۽ ان جي قانون ۽ اٿارٽيءَ لاءِ چيلينج جو سبب بڻجن. اهوئي سبب آهي، جو جڏهن دهشت گرد قوتن جو ايترو من وڌي ويو، جو انهن آمريڪي سفارت ڪارن کي قتل ڪرڻ کان پوءِ امام بارگاهن ۽ مسجدن تي حملا ڪري ويهه، پنجويهه، ٽيهہ ماڻهو روز مارڻ شروع ڪيا تہ رياست جي مشينري حرڪت ۾ اچي وئي ۽ ڪجهہ سچن ۽ ڪجهہ ڪوڙن دهشت گردن کي ماري بہ ڇڏيو ۽ ڪجهہ کي گرفتار ڪري، انهن جون تصويرون ميڊيا جي سامهون آنديون تہ جيئن باقي دهشت گرد قوتن کي سبق حاصل ٿئي تہ آقائن کي اکيون ڏيکارڻ مان ڪين ڪهڙي هڙ حاصل ٿي سگهي ٿي، جنهن لاءِ ڪن ذريعن ملا رحمت کي ٻن آمريڪين جي قتل ۾ ملوث هجڻ جو شڪ ڏيکاريو آهي، جنهن کي هڪدم ٻئي ڏينهن ڪن نامعلوم ماڻهن ماري ڇڏيو تہ متان، سندس گرفتار ٿيڻ جي صورت ۾ اصل حقيقت فاش ٿي پئي؛ پر اهو قربانيءَ جو ٻڪرو بہ انهن دهشت گردن کي بنايو وڃي ٿو، جيڪي ٻين ڪن لڪل هٿن جي اشارن تي ڪم ڪندڙ ٿين ٿا پر جيڪي هٿ ڪانئن اهڙيون ڪارروايون ڪرائين ٿا، اهي جيتوڻيڪ رياست ۽ ان جي ڳجهن ادارن کان لڪل تہ ڪونہ آهن، بلڪ ڪين پوريءَ ريت سُڌ آهي تہ فلاڻيون فلاڻيون تنظيمون ۽ انهن جون قيادتون ڌاڙا، ڦرون ۽ قتل ۽ غارت گريون ڪرائين ٿيون ۽ اهڙيون ڪين پڪيون ثابتيون بہ آهن، پوءِ بہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جو اهڙين سماج دشمن دهشت گرد تنظيمن ۽ انهن جي انارڪي ڦهلائيندڙ قيادتن کي ڇوٽ ۽ ڇڙواڳ ڇڏيو وڃي ٿو. رڳو انهن تنظيمن جي اهڙن ڪارڪنن کي پڪڙڻ ۽ گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، جيڪي انهن قوتن جي حڪمن جي تعميل ڪندي، سڌيءَ ريت دهشت گرد ڪارروايون ڪن ٿا پر پاٽاريدار دهشت گرد قوتن ۾ نہ هٿ ڳنڍيا ٿا وڃن ۽ نہ انهن کي عوام جي اڳيان ظاهر ڪيو ٿو وڃي؛ جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪراچيءَ جي اندر هلندڙ موجوده دهشت گرديءَ ۾ حڪمرانن

۽ رياستي ايجنسين جو لڪل هٿ شامل آهي. بيءَ صورت ۾ ڪوبه جواز ڪونہ آهي تہ دهشت گردي ڪرائيندڙ پاٽاريدار تنظيمن کي بخش ڪيو وڃي؛ جو تہ جيڪڏهن انهيءَ دهشت گرديءَ جي جاءِ تي قومي تحريڪ اهڙيءَ طرح هلندڙ هجي تہ رياست ۽ ان جا ادارا، ان تحريڪ جي ماڻهن توڙي عوام جي متان چا چا نہ ڪري گذرندا؟ جنهن جو مثال اسان وٽ بنگالي ۽ بلوچي عوام جي قومي تحريڪن جو موجود آهي.

هن باري ۾ هڪڙو اجايو ۽ منطق کان عاري دليل ڏنو ويندو آهي ۽ ان جي اصل حقيقت تي غور ئي نہ ڪيو ويندو آهي، سو اهو تہ انقلابي تنظيمون پنهنجن مالي وسيلن جي پورائي لاءِ ڌاڙا هڻائينديون ۽ ڦرون ڪرائينديون آهن. دراصل انهيءَ جي حقيقت ڪجهہ هيٺن آهي تہ انقلابي تنظيمون هڪ تہ دهشت گردي نہ پر انقلابي جدوجهد ڪنديون آهن، ٻيو تہ اهڙين انقلابي تنظيمن جي تنظيم ڪاري توڙي مرڪزي قيادت انڊر گرائونڊ هوندي آهي؛ ان ڪري اهي اهڙيون غير قانوني ڪاروايون ڪرائڻ کان پوءِ بہ رياست جي وٽ پڪڙ ۾ اچي نہ سگهنديون آهن ۽ رياست ۽ ان جون ايجنسيون اهڙين تنظيمن ۽ قيادتن جي پويان نوس نوس ڪنديون رهنديون آهن. جو تہ رياست کي خبر بہ هوندي آهي تہ اهڙيون ڪاروايون فلاڻي يا فلاڻي انقلابي تنظيم ۽ ان جا ماڻهو ئي ڪن ٿا پر باوجود ان جي رياست اهڙيءَ تنظيم جي هيڊ ڪوارٽر توڙي قيادت کي هٿ ڪري نہ سگهندي آهي پر جي قيادت هٿ چڙهي ويندي آهي تہ پوءِ يا جيل ۾ هوندي آهي يا چي گويرا وانگر موت جي منهن ۾ ڏني ويندي آهي، ان ڪري هڪ انقلابي تنظيم کي اهڙيون ڪاروايون ڦبي وينديون آهن. پر هڪڙيون اهڙيون تنظيمون، جيڪي پنهنجي سياست ڪلي نموني ڪن ٿيون ۽ انهن جي قيادت گور ڍور وانگر دينا داستي ڌاڙهون بہ ڏيندي وتي ٿي تہ دهشت گرد ڪاروايون ڪرائيندي ۽ ڦرون ۽ ڌاڙا بہ هڻائيندي رهي ٿي، پوءِ بہ رياست ۽ ان جا حڪمران انهن کي هٿ ئي ڪونہ لائين ٿا. جيڪڏهن ان جي جاءِ تي هڪ حقيقي قومي تحريڪ هلندڙ هجي ۽ ان جي اڳواڻي ڪندڙ پارٽي ۽ ان جي قيادت اهڙيون گوريلا ڪاروايون ڪندي هجي ۽ ساڳي وقت ڳور ڍور وانگر پيجارو ڳاڏين ۾ چڙهي ڌاڙهون بہ ڏيندي وتي تہ چا ٿا ڀانيون تہ رياست ۽ ان جا حڪمران، اهڙي قومي تحريڪ، توڙي تنظيم ۽ قيادت کي سڄي لڱين ڇڏي ڏيندا؟ يا بنگال ۽ بلوچستان وانگر ۽ ايم آر ڊيءَ جي جدوجهد وانگر سوين، هزارين ۽ لکين ماڻهن کي گولين جو بک ٻڌائيندي دير نہ ڪندا؟

جڏهن هڪ رياست، ٻي رياست سان جنگ ڪري سگهي ٿي، جڏهن

ڪابه حڪومت، ڪنهن به قومي تحريڪ کي ڪچلينديءَ دير نه ڪندي آهي. جنهن کي عوام جي حمايت به حاصل هوندي آهي ته پوءِ اها ساڳي رياست ۽ حڪومت، هڪ اهڙيءَ دهشت گرديءَ کي ڪچلي نٿي سگهي، جنهن کي نه عوام جي حمايت حاصل آهي ۽ نه وري دهشت گردي ڪرائيندڙ تنظيمون ۽ انهن جون قيادتون انڊر گرائونڊ ٿي آهن؟

ايم ڪيو ايم الطاف به وڃي آهي، ايم ڪيو ايم حقيقي به وڃي آهي، سپاهه صحابه ۽ سپاهه محمديءَ وارا به وڃا آهن ته تحريڪ فقه جعفريا ۽ ٻيون اهڙيون تنظيمون ۽ انهن جون قيادتون به ويٺيون آهن ۽ گور ڊور وانگر پيجارو گاڏين ۾ چڙهيو گهمنديون وتن ٿيون ۽ دهشت گرديون به ڪرائينديون وتن ٿيون ۽ ڌاڙا ۽ ڦرون به ڪرائينديون وتن ٿيون؛ پوءِ به اهي دهشت گرد رياست ۽ حڪمرانن جي قبضي ۾ نٿا اچن ته ان مان صاف واضح آهي ته خود حڪمران ئي دهشت گرديءَ کي ختم ڪرائڻ نٿا گهرن.

هاڻي جڏهن ڪراچيءَ ۾ دهشت گردي حد ٽپي وئي ۽ اها رياست ۽ ان جي حڪمرانيءَ کي مفلوج بنائڻ لڳي ۽ ان جي قانون، انتظاميه ۽ اٿارٽيءَ کي للڪارڻ لڳي، تڏهن وڃي حڪمرانن ان جي "ڪن مهٽ" ڪري ڇڏي آهي پر پوءِ به ان کي مڪمل طور تي ختم ڪري نه ڇڏيو آهي. ڇو ته حڪمران، ان کي جاري رکي ۽ رکرائي پنهنجا عوام دشمن، ۽ سنڌ دشمن ڪم تمام ڪرڻ گهرن ٿا، ۽ ان جي ذريعي هو هتان جي محب وطن ماڻهن کي مارائڻ ۽ قوم پرست قوتن جي چيلهه ڇڄي ڪرڻ گهرن ٿا، ۽ عوام کي هڪ ٻئي جي خلاف ويڙهائي ڊانگو ڪرڻ گهرن ٿا. جنهن لاءِ انهن انهيءَ دهشت گرديءَ جي ذريعي ننهن، چوٽيءَ جا زور لائي ڏٺو آهي پر نه سنڌي مهاجرن سان ۽ نه مهاجر سنڌين سان وڙهيا آهن ۽ نه شيعا سنين سان ۽ نه سني شيعن سان وڙهيا آهن. ڇاڪاڻ ته عوام، حڪمرانن جي عوام جي خلاف سازشن کان هاڻي پوريءَ ريت واقف ٿي چڪو آهي. نه ته حڪمران ۽ انهن جي ايجنسين پنهنجي عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن سازشن پڪيڙڻ ۾ وسان ڪونه گهٽايو آهي، پر عوام به "موچيءَ جا گهڙيل موچيءَ جي منهن ۾ ورائي هنيا آهن."

(ماهوار 'ساڃاهه' مارچ- اپريل 1995ع)

سنڌي- مهاجر فساد ڪرائي، محب وطن ماڻهن کي مارڻ جي سازش

اداري کي پوسٽ جي ذريعي فوٽو اسٽيٽ ٿيل هڪ پمفليٽ مليو آهي، ۽ معلوم ٿيو آهي تہ اهو پمفليٽ گهڻو ڪري، سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي اديبن، دانشورن، صحافين، اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽرن ۽ مالڪن کي بہ مليو آهي. هن پمفليٽ ۾ لکيل آهي تہ سنڌ جي هڪ ڄاتل سڃاتل سياسي تنظيم "ايجنسين جي چرچ تي هڪ ڳجهي سازش رٿي آهي" تہ سنڌ جي ڪن خاص قوم پرست ۽ وطن دوست ماڻهن، جن جو سنڌي سماج ۾ ماڻهن تي گهرو اثر آهي، تن کي هڪ هڪ يا ٻہ ٻہ ڪري اهڙيءَ طرح ۽ اهڙن هنڌن تي مارايو وڃي، جنهن سان سنڌ اندر سنڌي- مهاجر فساد نئين سر ڀڙڪو کائي اٿن.

هن سازش ۾ سنڌ جي جن محب وطن ۽ قوم پرست دانشورن ۽ سياسي اڳواڻن جي قتل جو انڪشاف ڪيو ويو آهي، تن ۾ محترم رسول بخش پليجو، يوسف لغاري، اعجاز جتوئي، تاج جويو، خاڪي جويو، عبدالواحد آريسر، ڊاڪٽر مير عالم مري، غلام مصطفيٰ ڪورائي ۽ سنڌي قومي سٿ جي سرواڻن محترم حفيظ قريشي (جونيئر) ۽ محترما فهميده قريشيءَ جا نالا شامل آهن.

اهو سڀ ڪجهہ هن ريت رٿيو ويو آهي تہ پهرين ايم ڪيو ايم جي پڇي ويل اڳواڻ الطاف حسين کي لنڊن ۾ وڃي ماريو ويندو ۽ پوءِ بظاهر ان جي رد عمل ۾ هتي جڏهن سنڌي- مهاجر فساد ڪرايا ويندا تہ انهن مٿئين ماڻهن مان ڪن کي ڪراچيءَ ۾ ۽ ڪن کي حيدرآباد ۾ اهڙيءَ طرح ماريو ويندو، جو انهن جي مارجڻ جو سڌو الزام ايم ڪيو ايم ۽ ان جي دهشت گردن تي اچي ويندو.

اسان سمجهون ٿا، تہ حڪمرانن ۽ انهن جي خفيا ادارن ۽ انهن جي دلال ماڻهن، اهو سنڌ دشمن خوني ڊرامو، ان ڪري رٿيو آهي تہ جيئن سنڌي قوم ۽

عوام کي سجاڳ ڪندڙ ۽ وطن دوست ۽ قوم پرست شعور ڏيندڙ ماڻهن جو خاتمو ڪري، هڪ پاسي سنڌي سماج اندر سياسي انارڪي ڦهلائي وڃي ۽ ٻئي پاسي اهڙن متحرڪ ماڻهن جي قومي چرپر ۽ سرگرمين کان سنڌ جي سياسي وايو منڊل کي مڏو ۽ مفلوج بنايو وڃي. اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن مان نه رڳو حڪمرانن جي جان ڇٽي پوندي پر سنڌن مفادن سان لاڳاپيل ۽ سنڌن اشارن تي سياست ڪندڙ سياسي تنظيمن کي به سياست ڪرڻ لاءِ ميدان صاف ٿي ملندو.

هن نوعيت جي محبت وطن ماڻهن جي مارڻ جي هڪ هٽ لسٽ ١٩٩٢ع ۾ به جاري ٿي هئي؛ جيڪا سنڌ اندر فوجي آپريشن کان ڪجهه ئي ڏينهن اڳ اخبارن ۾ پڌري ٿي پئي هئي. هن پيري هن هٽ لسٽ کي سواءِ هڪ اردو اخبار "پبلڪ" جي ڪنهن به سنڌي اخبار ڇاپڻ جي جرعت نه ڪئي آهي؛ جڏهن ته اخبارن جو قومي فرض آهي ته اهي قوم ۽ عوام جي خلاف ٿيندڙ اهڙين سنگين قسم جي سازشن کي اگهاڙو ڪن. پوءِ ڪٿي اخبارن کي پنهنجي طرفان وضاحتي نوٽ هڻي ڇاپڻو پوي پر ڇاپڻ ضرور گهرجي. ضروري ناهي ته اها پمفليٽ جي انڪشاف واري خبر جيئن جو تيئن سو سيڪڙو صحيح به هجي؛ اها صحيح به ٿي سگهي ٿي ۽ نه به - پر ڪوڙيءَ يا سچيءَ ڳالهه کي به هڪ دفعو عوام جي اڳيان ضرور اچڻ گهرجي؛ ڇو ته اها ئي قوم ۽ عوام ۽ خود سياسي تنظيمن جي مفادن جي ڳالهه آهي.

1992ع ۾ اخبارن کي جاري ٿيل هٽ لسٽ ۾ جيڪي اٺ ماڻهو ڄاڻايل هئا؛ تن ۾ محترم رسول بخش پليجو، يوسف لغاريٰ، اعجاز جتوئي، تاج جويو، گل محمد جکراڻي، محمد اسماعيل راهو، قمر ڀٽي ۽ حبيب الله ناريجو جا نالا شامل هئا. ۽ اها ڄاڻ اخبار ۾ شايع ٿي هئي؛ اخبارن کي اها هٽ لسٽ جاري ڪندڙ ماڻهوءَ جو چوڻ هو ته مٿئين ماڻهن مان انهيءَ تنظيم حبيب الله ناريجي کي لاڙڪاڻي ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو آهي. باقي ماڻهن کي ڏاڪي به ڏاڪي ماريو ويندو. پر جيئن ته مان هن عمل کي مڪمل طور تي سنڌ دشمن عمل ٿو سمجهان ۽ اها سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ انارڪي ڦهلائڻ جي سازش ٿو سمجهان، ان ڪري مان ان تنظيم جي هڪ اهم ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ هن سازش کي ظاهر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ۽ مون اهڙيون ڪاپيون ٻين سيني اخبارن ۽ اديبن ۽ دانشورن کي به روانيون ڪيون آهن ته جيئن هن سازش کي هٽي ئي ٻنجو اچي وڃي. ۽ پوءِ ٿيو به ائين جو حبيب الله ناريجو ته ان ڳالهه جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ئي مارجي ويو پر ٻيا

ماڻهو ان سازش جو شڪار ٿيڻ کان بچي ويا.

سمجهه ۾ اچي ٿو تہ سنڌي ماڻهو، ڪهڙي بہ تنظيم سان هجي يا ايجنسين ۽ رياست جي خفيا ادارن جو پگهاردار ايجنٽ هجي پر ان جي باوجود ان جو ضمير ايترو زنده ۽ سجاڳ ضرور آهي، جو هو ڪنهن بہ قسم جي قوم دشمنيءَ، سنڌ دشمنيءَ ۽ سنڌ، قوم ۽ انسان دوستيءَ ۾ فرق ڪري سگهي ٿو ۽ هو ڪنهن بہ اهڙيءَ سازش ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان اڳ، ان کي قوم ۽ عوام جي اڳيان ظاهر ڪرڻ پنهنجو انساني، قومي ۽ اخلاقي فرض ٿو سمجهي، ۽ هو ذهني ۽ سياسي طور ايترو باشعور ۽ سجاڳ ضرور آهي، جو تنظيمي ضابطن ۽ اصولن کي پنهنجي قوم، عوام ۽ ترقيءَ جي مفادن کان مٿاهون نٿو سمجهي.

هڪ دهشت گرد ۽ انقلابي ۽ سياسي تنظيم، پارٽي ۽ فرد ۾ فرق بہ اهو آهي، تہ انقلابي تحريڪ يا تنظيم ۽ ماڻهوءَ وٽ غدار اهو هوندو آهي، جيڪو سڄيءَ قوم جو غدار هوندو آهي ۽ قومي مفادن سان غداري ڪندو آهي. انقلابي ۽ سياسي پارٽين، تنظيمن ۽ ماڻهن جو جيئڻ تہ اولين ۽ آخرين مقصد قوم ۽ عوام جا مفاد هوندا آهن، ۽ هو قوم ۽ عوام جي اجتماعي مفادن لاءِ ئي پاڻ پتوڙيندا ۽ جاکوڙيندا ۽ پارٽيون ۽ تنظيمون جوڙيندا ۽ جدوجهد ڪندا آهن، ان ڪري انهن جي اڳيان قومي غدار اهو هوندو آهي، جنهن کي عوام ۽ قوم غدار تسليم ڪندي آهي، پر ان جي برعڪس هڪ دهشت گرد تنظيم ۽ ماڻهوءَ جو اولين ۽ آخرين مقصد محض پنهنجي تنظيم ۽ پنهنجو ذاتي مفاد هوندو آهي، ان ڪري اهڙين تنظيمن ۽ ماڻهن جي اڳيان سندن ۽ سندن تنظيم جو مخالف ئي غدار هوندو آهي، جو تہ دهشتگرد تنظيم يا ماڻهو پنهنجي سماج ۽ عوام ۾ ئي سياسي لحاظ کان آئيسوليٽ ٿيل هوندو آهي، ان ڪري هو پنهنجي هر مخالف کي دهشت ۽ قتل جي ذريعي پنهنجي راهہ مان هٽائڻ گهرندو آهي. اهڙيون تنظيمون ۽ ماڻهو پنهنجن مخالفن کي پنهنجي سياسي عمل، جدوجهد ۽ پروگرام جي ذريعي شڪست ڏيڻ جي بجاءِ قتل ۽ مارا ماريءَ جي ذريعي شڪست ڏيڻ چاهيندا آهن، پر ان جي برعڪس هڪ انقلابي ۽ سياسي پارٽي ۽ تنظيم وٽ پنهنجيءَ قوم ۽ عوام جي مفادن سان لاڳاپيل پروگرام ۽ مقصد هوندو آهي، انهيءَ ڪري اهي اوليت پنهنجي قومي پروگرام کي ڏينديون آهن. اهي پنهنجي مخالفن کي سياسي عمل، سياسي جدوجهد ۽ بهتر سياسي ۽ قومي پروگرام جي ذريعي عوام جي هٿان شڪست ڏيڻ گهرنديون آهن. کين خبر هوندي آهي تہ سندن پروگرام ۽ جدوجهد عوام ۽ قوم

جي مفادن وٽان آهي ۽ ڪين پنهنجي عوام ۽ قوم تي اعتماد ۽ ڀروسو هوندو آهي؛ اهي سمجهندا آهن تہ عوام جاهل برابر آهي ۽ اڻ ڄاڻ بہ برابر آهي پر جاهل مطلق ڪونہ آهي. هميشہ لاءِ اهو جاهل ۽ اڻ ڄاڻ رهي؛ ايئن ٿي نٿو سگهي ۽ نہ ممڪن آهي. ڪين پڪ هوندي آهي تہ عوام هڪ ڏينهن ضرور سجاڳ ٿيندو ۽ جڏهن سجاڳ ٿيندو تہ انقلاب ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شامل ٿيندو. ۽ جڏهن عوام جدوجهد ۾ شامل ٿيندو تہ فتح ۽ سوڀ بہ عوام جي ٿي ٿيندي، پر هڪ دهشت گرد جيئن تہ ٽڪرو ۽ غير مستقل مزاج مهر جو هوندو آهي ۽ کيس خبر بہ هوندي آهي تہ سندس پروگرام ۽ جدوجهد عوام ۽ قوم جي مفادن جي بجاءِ سندن پنهنجن ذاتي مفادن سان وڌيڪ واسطو ٿا رکن، ان ڪري اهي ملڪ ۾ دهشت گرديءَ جي ذريعي انارڪي ڦهلائي ماحول ۾ ڌمڪاءُ پيدا ڪرڻ گهرندا آهن ۽ عوام ۽ ماڻهن کي پروگرام جي بجاءِ ڊپ، خوف ۽ هراس جي ذريعي پنهنجيءَ حمايت ۾ موڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

انقلابين جي طرفان قومي غدارن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ سان قوم وڌيڪ منظم ۽ متحد ٿيندي آهي ۽ دهشت گرد تنظيمن جي طرفان ماڻهن کي مارڻ سان پوري سماج اندر انارڪي ڦهلجندي آهي. انقلابين جي جدوجهد پوري قوم کي متحد ۽ منظم ڪرڻ لاءِ جدوجهد هوندي آهي ۽ دهشت گردن جون ڪارروايون سماج ۾ انارڪي، انتشار ۽ ڌمڪاءُ پکيڙڻ لاءِ هونديون آهن، ان ڪري دهشت گردي، دهشت تہ ڦهلائي سگهندي آهي پر انقلاب آڻي نہ سگهندي آهي. جو تہ اهڙيءَ دهشت گرديءَ مان عوامي قوتون ڪمزور ۽ حڪمران قوتون وڌيڪ مضبوط ٿينديون آهن ۽ انقلابي جدوجهد سان عوامي قوتون مضبوط ۽ حڪمران قوتون ڪمزور ٿينديون آهن.

اهڙين دهشت گرد تنظيمن کي جڏهن عوام جي حمايت مليل هوندي آهي تہ اهي وقت بہ وقت اهڙي قسم جي دهشت گرديءَ جا اعلان بہ ڪنديون آهن، جيئن ملڪ ۽ قوم جي دشمن ۽ غدارن جي خلاف نجات جا سال ملهايا ويندا آهن يا اعلان جنگ" وغيره جهڙا ماحول ۾ ڌمڪاءُ پيدا ڪندڙ اعلان ڪيا ويندا آهن، پر ان جي ابتڙ جن دهشتگرد تنظيمن کي عوام جي حمايت حاصل نہ هوندي آهي تہ اهي اهڙا دهشت گرديءَ يا ماڻهن کي مارڻ جا عمل چپ چاپ ۽ ماٺ ميٺ ۾ ڪنديون آهن. اهوئي سبب آهي جو عوامي حمايت وارين دهشت گرد تنظيمن کي ڪڏهن ڪڏهن اهڙا عمل ڍڪي بہ ويندا آهن؛ جو تہ يا تہ عوام اهڙي عمل جي پاڻ

بہ حمايت ڪندو آهي يا جي حمايت نہ ڪندو آهي تہ هو پنهنجيءَ تنظيم جي خلاف اها هڪ سازش سمجهندو آهي ۽ اهڙي عوام جي حمايت رکندڙ تنظيم، انهيءَ دهشت گرديءَ جو الزام، جنهن بہ ٻئي مخالف تنظيم يا اداري وغيره تي هڻندي آهي تہ عوام ان تي يقين ڪري ويندو آهي پر جن دهشت گرد تنظيمن کي عوام جي حمايت حاصل نہ هوندي آهي، اهي سياسي طور بہ گهڻو ڪري آئسوليٽ ۽ اڪيلائي جو شڪار ٿيل تنظيمون هونديون آهن، جنهن جي ڪري اهڙي عمل جي ڪري، چوڌاري عوام ۽ سياسي پارٽين جي مٿن "ٿُڪ ٿُڪ" ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ اهو ٿي موقعو هوندو آهي، جڏهن رياست مٿن حملو ڪندي آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن تنظيمن جي اهڙن عملن جي ڪري نہ رڳو هو پاڻ عوام جي اڳيان خوار خراب ٿي وينديون آهن پر اهي جن قوتن جي اشارن ۽ پيسن تي لڳي اهڙا عمل ڪنديون آهن، انهن کي بہ خوار خراب ۽ پڌرو ڪري وجهنديون آهن، ان ڪري اهي قوتون اهڙين عوامي حمايت کان وانجهيل تنظيمن ۽ ماڻهن کان پنهنجي جان آجي ڪرڻ لاءِ بہ مٿن وٽ وٺان لاٿي ڏينديون آهن تہ جيئن ماڻهن جي نظرن ۾ هو پاڻ ساڃ ۽ پاڪ سمجهيا وڃن، جيئن اڄ ڪلهہ ايم ڪيو ايم جي پويان پيل آهن.

هن اهڙي قسم جي پمفليٽ جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ اسان جو پنهنجو موقف يا نقطہ نظر اهو آهي تہ پاڪستان جا حڪمران طبقا، انهن جا ادارا ۽ ايجنسيون هڪ دفعو وري سنڌ ۾، سنڌي- مهاجر فساد ڪرائڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن. جنهن لاءِ اهي پنهنجي آخري ٽارگيٽ ڏانهن وڌي رهيا آهن. سنڌن اهو آخري ٽارگيٽ لنڊن ۾ ويٺل ايم ڪيو ايم جو اڳواڻ الطاف حسين آهي، جنهن کي مارڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ ١٩٨٨ع کان ١٩٩٠ع تائين سنڌ جي شهرن اندر جيڪي سنڌي- مهاجر فساد ڪرايا ويا هئا، اهي ملڪ جي حڪمرانن کي آخري ۽ حتمي نتيجن ڏيڻ کان سواءِ پنهنجي اختتام کي پهچي ويا هئا. جنهن ڪري سنڌ جي شهرن اندر هيڏي ساري انساني رتو ڇاڻ ڪرائڻ جي باوجود سنڌن مفادن مطابق ڪوبہ گهربل ڪڙتيل نڪري ڪونہ سگهيو. ڇاڪاڻ جو هيڏيءَ وڏيءَ خونريزيءَ کان پوءِ بہ سنڌ اندر خانہ جنگيءَ جي صورت حال پيدا ٿي ڪانہ سگهي هئي. تنهن ڪري هيڏن وڏن سنڌي- مهاجر فسادن ڀڙڪائڻ کان پوءِ بہ حڪمرانن ۽ انهن جي ادارن ۽ ايجنسين جي سنڌي- مهاجر ويڇن وڌائڻ جي رٿا بندي تہ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿي وئي هئي پر ڇنهن اصل مسئلي لاءِ اهي

فساد ڪرايا ويا هئا. اهو مسئلو پنهنجي آخري شڪل اختيار ڪرڻ کان اڳ ئي فساد مانا ٿي ويا هئا. جنهن ڪري رياست تي قابض حقيقي حڪمرانن پنهنجي سازشي منصوبي کي في الحال پوئتي هٽائي، اڳتي جون ڳالهيون، اڳتي جي لاءِ ڇڏي ڏنيون هيون.

۽ پوءِ جڏهن پ پ جي حڪومت ختم ٿي ۽ نواز شريف جي حڪومت برسر اقتدار آئي ته فسادن جون محرڪ قوتون في الحال نه چاهينديون به پوئتي هٽي ويون ۽ ان لاءِ وري نئين سري سان پنهنجي صف بندي ڪرڻ لڳيون، جنهن لاءِ انهن ١٩٩٢ع جي وچ ڌاري ڪراچيءَ ۽ سنڌ اندر فوجي آپريشن شروع ڪرايو ۽ سنڌ جي سڄيءَ سياسي صورت حال کي سڌيءَ ريت پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پوءِ سڀ کان پهرين خاص ڪري ڪراچيءَ جي اندر ايم ڪيو ايم الطاف جي مقابلي ۾ ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي غنڊن کي لاٿو ويو، ته جيئن ايم ڪيو ايم ۽ مهاجر آباديءَ تان الطاف ۽ ان جي گروپ جو قبضو ڇڏائجي ۽ ان جي قيادت عظيم طارق جي حوالي ڪرائجي، ڇاڪاڻ ته الطاف حسين جي ڀيٽ ۾ عظيم طارق هڪ اهڙو ماڻهو هو. جيڪو پنجابي لابيءَ جو وڌيڪ گهڻگهرو ماڻهو هو. ان کان سواءِ ان تي ملڪ جي اصل مالڪ قوتن جو وڌيڪ ڀروسو ۽ اعتماد به هو. ان منصوبي کي پائي ڏيڻ لاءِ هو ڪجهه وقت عظيم طارق کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ويا هئا. جتان ڪيس ٻين ڪيترن ئي سياسي ليڊرن ۽ اڳوائن وانگر "نبي ناهي، ڪٽ ڪري" موٽائي موڪليو ويو، ته جيئن هو خاص حڪمت عمليءَ تحت سنڌن هٿن جي اشارن تي ڦرندو گهرندو ۽ ڪم ڪندو رهندو. جنهن جي خبر ايم ڪيو ايم الطاف کي به پئجي وئي، جن ان کي پنهنجي "ڪم تمام" ڪرڻ کان اڳ سندس "ڪم تمام" ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ اهو ڏينهن اجوڪو ڏينهن، ايم ڪيو ايم ۽ الطاف سگهارن ادارن ۽ ايجنسين کي "وٺ" ئي نه ٿا ڏين ۽ نه سندن چوڻ آکڻ ۾ اچن ٿا.

سگهارن ادارن ۽ ايجنسين جو ايم ڪيو ايمءِ الطاف کان پهريون ۽ آخري مطالبو ئي اهو آهي ته هو پنهنجي اصل مليٽنٽ قوت سندن حوالي ڪن، ان کان پوءِ ڪين جيڪا به سياست ڪرڻي آهي، سا ڀلي وڃي ڪن ۽ اها ڳالهه هو (الطاف وارا) في الحال قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهن. اهڙيءَ طرح جيئن، ته هي ان ۾ اڄ تائين ناڪام ويا آهن ۽ جيستائين ايم ڪيو ايم جي اها اصل قوت سندن هٿن ۾ نٿي اچي، تيستائين سندن تقاضائن مطابق سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي- مهاجر فساد

بہ ٿي نٿا سگهن، ۽ جي سنڌي، مهاجر فساد نٿا ٿين تہ سنڌن مقصد بہ پورا ٿي نٿا سگهن. انهيءَ جي هنن ڪرمي پٽن کي پڪ ٿي چڪي آهي، ڇاڪاڻ تہ ١٩٩٢ع کان وٺي اڄ تائين هي انهيءَ معاملي ۾ وڏا وس ڪري ۽ هيلا هلائي چڪا آهن، پر ورين سرين ڪجهہ ڪونہ ٿو. نيٺ هاڻي ٻي اميد لاهي پنهنجي آخري ٽارگيٽ ڏانهن وڃڻ لڳا آهن، تہ جيئن، ڪيئن بہ ڪري ۽ ڪنهن بہ طرح الطاف حسين کي قتل ڪرائجي ۽ اهو قتل ايئن ڪرائجي، جيئن ان جو سڏو الزام ڪنهن نہ ڪنهن سنڌي قوم پرست تنظيم جي مٿان ٿاڦجي وڃي، جنهن لاءِ ڪين ڪيترائي اهڙا سورهيہ پٽ ۽ ڪونڌر ڪوپا ڪرائي جي قاتل طور هٿ چڙهي سگهن ٿا. جن کان هو اهو ڪم ڪرائي، پوءِ نعرا هڻائي، ملهن کي ميدان ۾ لاهيندا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي شهرن ۾ هڪ دفعو وري وڏي پيماني تي سنڌين ۽ مهاجرن کي خون ۾ وهنجاريندا.

پر هن ڀيري ڪرمي پٽن جو اهو ڪارنامو، ڪجهہ ٻيءَ نوعيت جو بہ نظر پيو اچي، جنهن لاءِ هو هڪڙي ڏک سان بہ شڪار ڪرڻ گهرن ٿا. ڇاڪاڻ تہ هنن کي پڪ ٿي چڪي آهي ۽ هن کان اڳ ان لاءِ هي وڏا وس ڪري ۽ هيلا هلائي چڪا آهن تہ هيڏي وڏي خونريزي ۽ رتو ڇاڻ ڪرائڻ جي باوجود سنڌي ۽ مهاجر پاڻ ۾ عوامي سطح تائين خانہ جنگيءَ ۾ ملوث نٿا ٿين، انهيءَ ڳالهہ جو هنن کي وڏو ارمان آهي؛ ڇو تہ نہ رڳو ١٩٨٨ع کان ١٩٩٠ع تائين ٿيندڙ فسادن ۾ پر ان کان پوءِ اڄ تائين حڪمران ۽ انهن جا ادارا ۽ ايجنسيون هن معاملي ۾ ڪنهن بہ طرح ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهيا آهن. جنهن لاءِ هنن پهرين اسيمبليءَ جي فلورن تي ۽ ان کان ٻاهر مهاجرن جي ميمبرن کي نادر مگسيءَ جهڙن ڏاڍن مڙسن کان موچڙا ماري ڪرائي. پوءِ ڪراچيءَ جي گهٽيءَ گهٽيءَ، چونڪ چونڪ ۽ گهر گهر ۾ گهڙي دهشت گردي ڪرائي. روزانو ڪين ڏهہ پندرهن ويهہ ماڻهن جا لاش تحفو ڪري ڏنا وڃن ٿا. ڪڏهن سنين جي مسجدن تي تہ، ڪڏهن شيعن جي امام بارگاهن تي گولين جي بوڇاڙ ٿي رهي آهي؛ ڪڏهن مهاجرن جي تہ ڪڏهن پنجابين ۽ پٺاڻن ۽ سنڌين جي گهرن ۾ گهڙي، گهرجي ڀاتين کي موت جي ننڊ سمهاريو وڃي ٿو، پر پوءِ بہ نہ سنڌي مهاجرن سان، نہ مهاجر سنڌين سان، نہ پنجابي پٺاڻن سان، نہ پٺاڻ پنجابين سان، يا شيعا سنين سان ۽ سني شيعن سان وڙهي ڪونہ سگهيا آهن. اهائي خارڪين کا گهٽ ڪانہ آهي. اصل اندر تتو ۽ رڌو پيو اٿن، پر ڪري ڪجهہ نٿا سگهن ۽ اندر جو سور اندر ۾ سانديو وتن.

هنن فوجي آپريشن جي دوران سمجهيو تہ ماڻهو شايد فوج کان ٽا ڏجن، ان کري پاڻ ۾ ٽا وڙهن، جنهن کري هو آپريشن اڌ ۾ ڇڏي پچي ويا تہ جيئن ماڻهو بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي هڪ ٻئي جا گلا ڪپين پر اجا تائين ايئن ٿي ڪونہ سگهيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو هاٿي هو پنهنجن پالتو پهلوانن کي تيل مالش کري ۽ ٿوهارا هٿي ميدان ۾ لاهڻ وارا آهن، تہ جيئن ٿي اهي لنڊن ۾ وڃي الطاف جو "ڪم تمام ڪن"، تيئن ٿي هتي وري سندن ٻيا پهلوان ميدان ۾ لهي پون ۽ شهرن جي بازارن ۾ گهڙي ماڻهن جون منڍيون لٽڻ لڳن ۽ ڪڏهن سنڌين جا ۽ ڪڏهن مهاجرن جا لاش ڪرندا رهن ۽ پوءِ نيٺ بيزار ٿي ماڻهو بہ جنگ ۾ ڪاهي پوندا ۽ پوءِ اٿين سول وار شروع ٿي ويندي. ڇو تہ ڪين خبر آهي تہ ماڻهو جيڪڏهن هڪ دفعو انڌ جي گهوڙي تي چڙهي پيا تہ پوءِ جهلڻي ڪونہ جهلبا. پوءِ پلي خدا مٿان آسمان مان لهي اچي منع ڪندن، تڏهن بہ ماڻهو ماٺ ڪونہ ڪندا ۽ ماڻهو، ماڻهن جو خون ڏسي ايئن ڇتا ٿي پوندا، جيئن بگهڙ ٻڪرين ۾ ٻاڪر ڪٽو وجهندو آهي. جنهن لاءِ هنن شهرن جي اندر اڳ ئي سوين رت پياڪ دهشت گرد تنظيمون جوڙائي ڇڏيون آهن، جن وٽ انداز کان ٻاهر هٿيارن جا ڍير لاٿي ڇڏيا اٿن. رڳو کيل شروع ٿيڻ جي دير آهي. چند ڏينهن ۾ ئي "لالا مال خلاص" ٿي ويندو. "نہ رهندو بانس، نہ وڃندي بانسري." ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ بنائڻ لاءِ هنن اڳ ئي اخبارن ۽ ميڊيا جي دنيا ۾ پنهنجا پگهاردار دانشور ۽ مگٿهار مرليباز وهاري ڇڏيا آهن. "پيرتي ڏونڪو" لڳو تہ همراهہ پاڻهي وڃت ۾ شروع ٿي ويندا. ماڻهن کي اهي ست سريون مرليون ٻڌائيندا، جو ماڻهو، پنهنجي پاڻ ۾ پاڻهي ئي بکين پئجي ويندا. ماڻهو پنهنجي نفعي ۽ نقصان لاءِ سوچڻ ئي ڇڏي ڏيندا، جيڪي سوچيندا، سو اهو هوندو، جيڪو مرلين جي آواز ۾ هوندو. اهڙيءَ طرح هنن يارن جا وارا نيارا ٿي ويندا. جنهن کان پوءِ انهن سياسي تنظيمن جي ديگڙي بہ چلهہ تي چڙهندي ۽ دڪانداري بہ چمڪندي، جيڪي هن کان اڳ هن ئي خوني راڪاس جي "لڳ" جو ناجائز اولاد آهن، ڇاڪاڻ تہ جڏهن کان اهو خون پياڪ ديو سمهي رهيو آهي، تڏهن کان ماحول تي مانار ڇانئجي وئي آهي ۽ ماڻهن پرائي مغز جي بجاءِ پنهنجي دماغ سان پاڻ سوچڻ شروع ڪيو آهي. تنهن کري اهڙين رت پياڪ تنظيمن جي دڪانداري ٺپ ٿي وئي آهي، اهو انهيءَ کري جو جيئن جيئن اهو مانار وارو ماحول وڌندو پيو وڃي، تيئن تيئن ماڻهن سوچڻ ۽ سمجهڻ شروع ڪيو آهي ۽ ڪين اهڙين تنظيمن ۽ انهن جي رت پياڪ ليڊرن کان نفرت ٿيڻ

لڳي آهي ۽ اهي پنهنجو سياسي موت اکين سان ڏسي رهيا آهن. ان جي ابتڙ حقيقي عوامر دوست، وطن دوست ۽ آزادي پسند قومر پرست قوتون اڳتي وڌي، ماڻهن ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪري رهيون آهن، ان ڪري رياست، ان جا ادارا ۽ ايجنسيون پنهنجي سڄي "ڪٺي ڪمائي ڪٽ" ٿيندي ڏسي رهيون آهن.

هي جيڪو ايمر ڪيو ايمر يا مهاجرن ڪي جهڪائڻ جو هيڏو سارو ناٽڪ رچايو ويو آهي، اهو اسان سنڌي ماڻهن جي قطعي حق ۾ ڪونه آهي ۽ نه اسان سنڌي ماڻهن کي ان تي خوش ٿيڻ گهرجي ته ملڪ جا سگهارا ادارا يا ايجنسيون ڪو اسان جي جنگ لڙي رهيون آهن. بلڪل ايئن ڪونه آهي بلڪ انهن جي ايمر ڪيو ايمر ۽ مهاجرن سان جنگ آهي ٿي اها ته هي (ايجنسيون) هيڏا سارا وس ڪري بيٺا آهن، پوءِ به هو (مهاجر ۽ ايمر ڪيو ايمر) اسان سنڌين سان وڙهن ڇو نٿا ۽ سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي، مهاجر فساد ۽ جهيڙا ٿين ڇو نٿا؟؟ اهوئي سبب آهي جو، اسان جو ڇوڻ آهي ته جنهن ڏينهن نه سگهارا ادارا ۽ ايجنسيون مهاجرن، ايمر ڪيو ايمر ۽ الطاف کي پنهنجي مرضيءَ مطابق جهڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، ان ڏينهن کان پوءِ سنڌي، مهاجر جهيڙا ۽ فساد به شروع ٿي ويندا. اسان جا سنڌ جي شهرن ۾ لاش ايئن ڪرندا، جيئن ۱۹۸۸ع ۽ ۱۹۹۰ع جي وچ ۾ ڪرندا رهيا هئا. اهو ته شڪر آهي ۽ اسان سنڌين جا ڪي پير زور آهن، يا تاريخ وٽ سنڌي قومر جو ڪو ٽڪر اڳهاڻل آهي، جو گذريل ڇهن پنجن سالن کان ايمر ڪيو ايمر ۽ سگهارن ادارن جي وچ ۾ باوجود هيڏيءَ وڏيءَ وٿ وٺان ۽ رتو ڇاڻ جي ڪو ناهه ٿي نه سگهيو آهي. جيڪڏهن ايمر ڪيو ايمر جي واڳ ڏور سگهارن ادارن ۽ ايجنسين جي ور چڙهي وئي ته پوءِ انهن کي وقت به وقت اسان جي خلاف استعمال ڪندا رهندا ۽ اسان کي هنن جي خلاف استعمال ڪندا رهندا. ڏوريون هنن همراهن جي هٿن ۾ هونديون ۽ هو ۽ اسان رڳو ناچ ڪندڙ پتليون هونداسون ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي قومي وجود جي خلاف پاڻ استعمال ٿيندا رهنداسون ۽ پنهنجن پيرن کي پنهنجن هٿن سان پاڻ وڍيندا رهنداسون، ڇو ته اسان جي پيرن کي وڍڻ وارا ڪات ٻين قوتن جي هٿن ۾ هوندا ۽ هو رڳو گهر ويٺي بٽڻ دٻائيندا ته اسان پنهنجون سسيون پاڻ لٿڻ شروع ڪنداسون.

هن وقت حڪمران اسان جي خلاف جنگ لڙي رهيا آهن، انهيءَ جي حق ۾ ڪڳيون به اسان کان هٽائي رهيا آهن، ۽ اسان آهيون، جو پنهنجي خلاف ٿيندڙ جنگ جي حق ۾ نه رڳو خوش ٿي رهيا آهيون پر نعره به هڻي رهيا آهيون.

اسان کي ياد رکڻ کپي تہ مهاجرن کي ڦوهاري ڪيڻ کان پوءِ هاڻي وري سنڌين کي ڦوهاري ڪيڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن ۽ پوءِ جيئن مهاجرن کي مار تي اسان کان تاڙيون وڄرايون ويون آهن، تيئن اسان کي ملندڙ مار تي مهاجرن کان تاڙيون وڄرايون وينديون.

اسان کي ٻڌايو پيو وڃي تہ اسان جو اولين گهرو دشمن ايم ڪيو ايم ۽ مهاجر آهن ۽ اسان جو ٻاهريون دشمن آمريڪا ۽ هندستان آهن، جيڪي ايم ڪيو ايم جي مٿي تي هٿ رکي سنڌ ورهائڻ گهرن ٿا. پر هي جيڪي اسان جي وجود جو سالن کان رت پيئندا پيا اچن، اسان جي زمينن تي قبضا ڪندا پيا اچن، اسان جي پاڻيءَ تي ڌاڙا هڻندا پيا اچن، اسان جي نوڪرين تي راتاها ڏيندا پيا اچن، ۽ اسان جي قدرتي وسيلن کي ٻنا ڪنهن ڏيتي ليتيءَ جي ٻابي جو مال سمجهي ڦٻائيندا پيا اچن، اهي اڄ اسان جا سڄڻ ۽ همدرد ۽ اسان جي سنڌ بچائيندڙ ۽ اسان کي چونڪارو ڏيکاريندڙ ٿي سامهون آيا آهن. ۽ چون پيا تہ جيڪڏهن اهي سنڌ ۾ نہ هجن تہ ايم ڪيو ايم ۽ آمريڪا ۽ هندستان اسان سنڌين کي جيئري ئي ڳڙڪائي وڃي. "پٽ چيو ماءُ کي تہ امان اڄ ڏٺم تہ مامون بازار ۾ پٽ تي ليٽيو پيو هو." ماٺس چوکر کي چيو تہ "پٽ مامنهن ڪنهن لَبَ تي ليٽيو هوندو." سو هي ڪرمي پٽ اوچتوئي اوچتو پٽ تي ليٽيا پيا آهن ۽ اسان جا واهرو ٿي پيا آهن. سو ڪو تہ " ڪوٽ ڪٿو اٿن". جنهن جو هو هڪڙو ٽيلر 1988ع ۽ 1990ع جي دوران ڏيکاري ٻہ چڪا آهن. هاڻي هيءَ جيڪا اسان سان هونهاري پيا ڪن. اهو ٻہ هڪ وڏو ڀيانڪ ناٽڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن کي رڳو الطاف حسين کي پرنام ڪونهي ڪرائڻو پر اهڙن فسادن جو سنڌ جي محب وطن قوتن ۽ ماڻهن کي ٻڪ ٻہ بنائڻو آهي. ڇاڪاڻ جو اهڙيءَ صورت حال ۾ سڌو سئون الزام سنڌين جي مارجڻ جو ايم ڪيو ايم جي دهشت گردن ۽ مهاجرن تي ۽ مهاجرن جي مارجڻ جو سنڌين تي لڳي ويندو ۽ هو اهڙيءَ طرح هڪ ڌڪ سان ٻہ شڪار ڪري ٻہ ويندا ۽ پاڻ کي ساڌ پاڪ بڻائي ٻہ ويندا.

هن کان اڳ جيڪي محب وطن ۽ قوم پرست ماڻهو سنڌي قوم جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندا هئا يا سنڌ ۽ سنڌي قوم جي آزادي ۽ خود اختياريءَ جي ڳالهہ ڪندا هئا، تن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويندو هو يا ٽارچر سيلن جو سير ڪرايو ويندو هو ۽ ڪين پنهنجي پنهنجي مقصد يا رستي تان هٽائڻ لاءِ بيا ظلم ۽ ڏاڍ ڪيا ويندا هئا. پر پوءِ ٻہ ماڻهو ڪونہ مڙندا هئا. هاڻي جيئن تہ عالمي وايو منڊل بدلجي

ويو آهي، هاڻي جيڪڏهن ماڻهن جي خلاف ڏاڍ ۽ جبر کي جاري رکيو ويندو ۽ کين جيلن ۾ بند ڪيو ويندو ۽ پريس تي پابنديون وڌيون وينديون تہ اهو انساني حقن جي ڀڃڪڙين ۾ شمار ٿي وڃي ٿو ۽ دنيا جون انساني حقن جون تنظيمون ۽ ٻيا ادارا آواز اٿارين ٿا ۽ نہ ورڻ هن ڊش اينٽينا جي دور ۾ بنگال ۽ بلوچستان وانگر لکن جي تعداد ۾ ماڻهو ماري ڇڏيا ۽ دنيا کي خبر ٿي ڪانہ پوندي، انهيءَ ڪري رياست جي دهشت گرد ۽ دهشت پسند ادارن قومي تحريڪن کي دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ نوان نسخا ۽ نيون ايجادون ڳولي ڪڍيون آهن. اهي هي تہ ملڪ جي اندر دهشتگرديءَ کي ايترو تہ وڌائي ۽ ڦهلائي ڇڏجي، جو ماڻهن جي مرڻ جي ڪا اهميت ٿي نہ رهي.

ماڻهو مٺو ڄڻ ڪتو مئو. ماڻهن کي اڳ جيڪو ڪورٽن ۾ پيش ڪيو ويندو هو ۽ سزائون ڏنيون وينديون هيون ۽ اهڙي نموني سان قومي تحريڪن کي ڪچلڻ ۽ چيڀاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. انهيءَ جهجهنٽ ۾ پوڻ جي بدران هاڻي ماڻهن کي واٽ ويندي مارائي ڇڏجي، نہ داد نہ فرياد. اهڙيءَ طرح الزام رياست تي بہ ڪو نہ ايندو ۽ سندن مقصد بہ برثواب ٿي ويندو. جنهن لاءِ عوام جي پٺسن تي پليل هنن ماڻهن ١٩٩١ع کان ١٩٩٢ع جي وچ ۾ سوچڻ ۽ منصوبا تيار ڪرڻ شروع ڪيا ۽ ان کان پوءِ ان تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ وقت کان وٺي سنڌ جي اندر دهشت گرديءَ ۽ فرقيواريت جي ماحول کي باقائده هڪ رٿا بنديءَ تحت پيدا ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ حڪومت جي اندر ٻي حڪومت جوڙي وئي آهي، جنهن جا پنهنجا الڳ ادارا ۽ ايجنسيون آهن ۽ اهي ظاهري ڏسڻ ۾ اينڊڙ حڪومت کان آزاد ۽ خود مختيار آهن، جن هڪڙن دهشت گرد تنظيمن کي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ ٻيون ان جهڙيون ۽ ان کان وڌيڪ رت پياڪ دهشت گرد تنظيمون جوڙي ڇڏيون آهن، انهن کي هٿيار پنهوار انهن اندروني دهشت گرد ادارن ۽ ايجنسين جي معرفت ملندا آهن. ڌاڙا بہ اهي هٿائين ٿا، دهشت گرديون بہ اهي ڪرائين ٿا. ٻاهران دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ لولي لنگڙي جاگيردارن جي حڪومت ويٺي آهي، تہ ملڪ ۾ جمهوريت جو راڄ آهي پر مارا ماري، قتل ۽ غارت گري ۽ خونريزي اهڙي آهي، جهڙي ضياءَ شاهي مارشلا جي دور ۾ بہ ڪانہ هئي. لاتنائو سو برابر ضياءَ الحق تي آهي، باقي ”نہ گهٽتائي گهوٽ ۾ آهي ۽ نہ ڪمي ڪنوار ۾ آهي.“ هتي ان جا ڏاڏا پڙ ڏاڏا ويٺا آهن؛ جن جو رت پياڪ روح ضياءَ الحق جي رت پياڪ روح کي بہ مات ڏئي ويو آهي.

(ماهوار ساجاهہ، مارچ- اپريل 1995ع)

سنڌ ۾ گورنر راڄ جا هوائا

سنڌ ۾ مسلم ليگ ۽ ايم ڪيو ايم جي چونڊيل نمائندن جي گڏيل حڪومت آهي؛ جيڪا حڪومت سنڌ ۾ سڀ کان پهرين ۽ سڀ کان وڌيڪ پنجابي پناهگير ٽولي جي مفادن جي ترجمان آهي، پر پوءِ به سنڌ ۾ گورنر راڄ جا هوائا ٻڌڻ ۾ پيا اچن؛ جنهن لاءِ هڪ طرف شهرن جي اندر هٽرادو نموني دهشتگرديءَ کي هٿي ڏني وئي آهي ۽ ٻئي طرف سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن کي ڇڙواڳ ڇڏيو ويو آهي. ته جيئن اهڙين حالتن جو بهانو بنائي سنڌ ۾ گورنر راڄ قائم ڪيو وڃي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهيون "ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا" سو پاڪستان جي ننڍين قومن جو وڏو ڀاءُ پنجاب جئين ته انهن سڀني کان ڏاڍو آهي، فوج ۾ به ڏاڍو آهي، اقتصادي طور به ڏاڍو آهي ته عوامي سگهه ۽ جمهوري نقطه نگاهه کان به ڏاڍو آهي؛ ان ڪري ان کي جيڪي وڻندو آهي، هو اهو ڪري گذرندو آهي ۽ اهو ان کي ڦٻي به ويندو آهي. هاڻي به هو سنڌ تي ڪاوڙيو ۽ ڪرڙيون اکيون ڪيو بيٺو آهي ته سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي، ان ڪري اتي گورنر راڄ قائم ڪرڻ ضروري آهي؛ جيتوڻيڪ هٽلر جي پاليسين وانگر ترديدون به ڪيو پيون وڃن؛ پر انهن ترديدن جي پٺيان گورنر راڄ جي تلوار به لڙڪي رهي آهي. جڏهن ته ڏٺو وڃي ته جنهن بدامنيءَ جي بهاني سان اها گورنر راڄ جي تلوار سنڌ جي ڳاٽي تي لڙڪائي وئي آهي؛ اهڙي ۽ ان کان وڌيڪ بدامني پنجاب ۾ پکڙيل آهي پر چوندا آهن "ڏٻري ڏاند تي مير گهڻا" ان ڪري هيٺيءَ سنڌ تي گورنري راڄ جي مهرن جو مارو جيئن پوءِ تئين اڳتي وڌندو پيو اچي. جڏهن ته پنجاب جي بدامنيءَ جي صورت حال اها آهي ته ڪڏهن اسلام آباد ۾ پرڏيهي سفارت خانن تي حملا پيا ٿين، ڪڏهن راولپنڊيءَ ۾ ٿاڻن تي حملا پيا ٿين، ڪڏهن لاهور ۾ بمن جا ڌماڪا پيا ٿين، ڪڏهن فرقيوار مذهبي گروهن جون مسجدن ۽ امام بارگاهن تي ڪاهون پيون ٿين، پر "ڪير چوي ته شينهن جي وات ۾ ڌپ" آهي. اهو گورنري راڄ جو نزلو توڙي مهرن جو حملو جڏهن تڏهن هيٺيءَ سنڌ تي پنهنجا دوڏا ڦٽوڙيو بيٺو آهي. جو ته سنڌ پنجاهه سالن کان وٺي، جڏهن کان پاڪستان ٺهيو آهي، پنجاب جي ڪالوني ٿي ڪم اچي رهي آهي، تنهنڪري پنجابي

سامراج کي سنڌ جي اندر پنجابي پرماري مفادن جي تحفظ لاءِ اڄ به پنهنجو پنجابي انتقام گهربل آهي. جنهن لاءِ سنڌ ۾ مسلم ليگ جهڙيءَ پنجاب نواز پارٽيءَ جي حڪومت هجڻ جي باوجود اڃان سنڌن پيٽ نٿو ڀرجي، الله ڪڏهن سامراج جو پيٽ ڀريندو به ڪونه آهي، اهو سدائين خالي هوندو آهي، سدائين سندس وات ڦٽيو پيو هوندو آهي. اهو هاڻي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي تيل ڪڍڻ لاءِ اڃان وڌيڪ آڪيڙا چاڙهڻ ٿو چاهي ته جيئن آڻي باقي هڏن جي مک مان تيل جو آخري ڦڙو به نچوڙي ڪڍجي، جنهن لاءِ سنڌ ۾ پ پ جي وڏيرا شاهيءَ کي به ڇيڪ ڇڏي ڏنو ويو آهي، جن پنهنجي پنهنجي پاڻارين تي پاليل ڌاڙيلن جي لوڏين مان رسا ڪڍي ڇڏيا آهن، ته جيئن لياقت حڪومت ناڪام ٿئي ته من ڪين "سٽيي گرهه" ۾ وات هڻڻ جو موقعو ملي. ٻئي طرف ملڪ جي پنجابنواز اندروني ايجنسين ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ غير حقيقي جي پاليل پونين جي پٺي ٺپري ڇڏي آهي، ته اهي ڪلاشن ڪوفون کلهن تي کڻي شهرن ۾ ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏين. ٽئي طرف خود مسلم ليگ جون پنجابنواز اڻ ڦبيل ڌريون ۽ سرور اعوان جهڙا رت پياڪ دهشت گرد به ساڻن ٻت ٿي ويا آهن، ته جيئن لياقت جتوئي جي اعلان مطابق 15 جولاءِ کان پوءِ سنڌ مان نوڪرين تان بندش لهڻ شرط بدامنيءَ جو بهانو ڪري ڪيس گهر موڪلي، سنڌ تي پنجاب شاهيءَ جي طرفان گورنر راڄ ٺاڦي ڇڏجي ۽ پوءِ اهي سڀ نوڪريون پنجابي مفادن موجب پنجابين، پٺاڻن ۽ پناهگيرن ۾ حصي رسئي سان ورهائي، سنڌين کي چئجي ته اهي انهيءَ سلسلي ۾ چپ چئيندا رهن، ڇو ته پنجاب سامراج اهو طئي ڪري چڪو آهي ته هو هن کان پوءِ ڪنهن به طرح سنڌي ماڻهن کي رياستي ادارن ۾ داخل ٿيڻ جو موقعو نه ڏيندو. هونءَ به پاڪستان ٺهڻ جي پنجاهه سالن ۾ سنڌين کي صرف ٻه ٽيرا ٽورين گهٽين نوڪرين ملڻ جو موقعو مليو آهي. هڪ ون يونٽ جي خلاف قومي تحريڪ جي نتيجي ۾ سنڌ صوبي بحال ٿيڻ کان پوءِ صوبائي انتظاميا ۾ نون ماڻهن جي گهرج هئي، جنهن ڪري انهيءَ (ون يونٽ جي خلاف)، ڊگهئي جدوجهد جي عيوضي طور ۽ سنڌين جي جوش کي جهڪي ڪرڻ لاءِ 1970ع کان 1976ع تائين ٽوريون گهٽيون نوڪريون ڏنيون ويون ته جيئن سنڌي اديبن، دانشورن ۽ سياسي ڪارڪنن جو "وات منو" ڪرائي کين قومي تحريڪ کان جدا ڪري ڇڏجي. ٻيو ڀيرو جنرل ضياءَ جي خلاف ايم آر ڊي جي جدوجهد جي نتيجي ۾ محمد خان جوڻيجي جي دور ۾ هيٺينءَ سطح واريون انڊيون منڊيون نوڪريون ڏنيون ويون هيون ته متان سنڌي ماڻهو انهيءَ جوش ۾ اچي پاڪستان جا مخالف نه ٿي

وڃن. ان کان پوءِ جئيه نوڪرين تي بندش جو سلسلو هليو آهي، تنهن اهو اڄ تائين هلندو پيو اچي، ۽ هاڻي جڏهن سنڌ جي وڏي وزير لياقت جتوئيءَ سنڌ ۾ ڏهن پندرهن هزارن جي نوڪرين ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن مان به اڌ کان گهٽيون پنجابين، پناهگيرن ۽ پٺاڻن کي ڏنيون وينديون ۽ باقي وات چتي ڪرڻ لاءِ ڪجهه نوڪريون سنڌي ماڻهن کي ملڻ جي اميد جاڳي آهي ته پنجاب جي پيٽ ۾ اچي ويلو پيو آهي ۽ ان جي حڪمران طبقي هٽلر ۽ مسوليني‍ءَ جي فاشسٽ حڪمت عمليءَ تي عمل ڪندي، خفيه ايجنسين کي اشارو ڏئي ڇڏيو آهي ته اهي ڪراچي ۽ سنڌ اندر دهشتگردن ۽ ڌاڙيلن جي هٿان ماڻهن جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏين، ته جيئن ڌاڙيلن جو بهانو بنائي ۽ دهشتگرديءَ جو الزام ايم ڪيو ايم جي مٿان هٽي، سنڌ ۾ مڪمل پنجابي راڄ لاءِ ڪنهن هڪ اڪيلي پنجابي گورنر يا پنجاب جي ڪنهن "گهرڻ گهري" ڇاڙتي گورنر جي حڪمراني قائم ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ ته پاڪستاني حڪمرانن کي خاطري ٿي چڪي آهي ته ايڪيهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪن ۾ پاڪستان، سوويت يونين وانگر پنهنجي ٻچاڻيءَ تي پهچڻ وارو آهي. تنهن ڪري جيڪو ٻچي سگهي، اهو آڪيڙا ڇاڙهي سنڌ مان نپوڙي تيل ڪڍي ونجي، ته جيئن سياڻ جيڪڏهن سنڌ سنڌين کي ملي ته به اها ان لائق نه هجي جو سنڌ ۾ رهندڙ آباديءَ جو پيٽ پالي سگهي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌ مان ته تيل ۽ ڪوئلو ٽڙا ٽڙ ڪڍيو پيو وڃي پر پنجاب مان حال في الحال تيل ۽ ٻي سڀني معدنيات جي ڪڍڻ جو سلسلو بند رکيو ويو آهي، جنهن مان سندن مراد اها آهي ته پهرئين سنڌ کي معدنياتي وسيلن جي لحاظ کان سڃو ۽ سڪڻو ڪجي ۽ پوءِ پنجاب جي وسيلن کي هٿ لائجي. جيئن آمريڪا پنهنجي ملڪ جي تيل کي اڄ تائين ٿ به ڪونه ٿو لائي پر ان جو زور عربن جي تيل ڪڍڻ تي آهي ته جيئنءَ پهريئن انهن جو تيل ڪڍجي، ۽ پوءِ پنهنجي تيل جي معرفت سڄي دنيا کي بليڪ ميل به ڪجي ۽ پنهنجو غلام به بنائجي. هت سنڌ بابت پنجاب سامراج جي به اها ساڳي حڪمت عملي آهي ته پهرئين سنڌ کي پيڙهي، ان جو تيل ڪڍجي ۽ پوءِ پنهنجي تيل جي معرفت سنڌ کي بليڪ ميل ڪجي ۽ پنهنجو غلام به رکجي. اهو سڀ ڪجهه هو مسلماني ۽ اسلامي ڀائيچاري جي نالي ۾ ڪري رهيو آهي. يعني اسان کي اسلام جو آڪيڙو ڇاڙهي ۽ جمهوريت جي ڇانڊهه ۾ وجهي پيڙي تيل ڪڍيو پيو وڃي ۽ پنهنجو پيٽ ڀريو پيو وڃي. ان ڪري سنڌي ماڻهن کي انهيءَ اسلامي ڀائيچاري کي نه رڳو سمجهڻو پوندو پر ان مان جان ڇڏائڻ لاءِ ڪو رستو ڳولڻو ۽ وٺڻو به پوندو.

(ماهوار ساجاهه، آگسٽ- سيپٽمبر 1997ع)

جسقم ۽ متحده اتحاد تاريخ ساز انقلابي فيصلو

جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده قومي موومينٽ جو اتحاد هڪ تاريخ ساز ۽ انقلابي فيصلو آهي پر پوءِ به سنڌي پريس جي صحافتي دنيا ۾، ڪن سنڌي صحافين ۽ ڪالم نگار پاران مختلف شڪ ۽ شبها اٿاريا ۽ ٽيڪا ٽپڻيون ڪيون پيون وڃن. هر ڪو صحافي ۽ دانشور پنهنجي پنهنجي ذهن ۽ سوچ جي پهچ پٽاندر رايا ۽ رٿون اڳيان آڻي رهيو آهي. ڪي صحافي ۽ ڪالمنگار لکن ٿا ته ايم ڪيو ايم سنڌين سان هي هي زيادتيون ڪيون، پهرين انهن جو حساب ڪتاب ٿيڻ گهرجي، پوءِ اتحاد ٿيڻ گهرجي. ڪي لکن ٿا ته ايم ڪيو ايم ايجنسين جي پيداوار آهي، ان ڪري سنڌين جي سڄڻ ٿي نٿي سگهي. ڪي چون ٿا ته ايم ڪيو ايم تي 1992ع وانگر آپريشن ٿيڻ وارو آهي ۽ اها انهيءَ آپريشن کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ سنڌين جي ويجهو آئي آهي. ڪي لکن ٿا ته ايم ڪيو ايم جي قومي محاذ سان اتحاد ڪرڻ کان پوءِ رياست ۽ حڪمران مهاجرن سان گڏ سنڌين کي به آپريشن جو نشانو بنائيندا. ڪن جي راءِ آهي ته جسقم ۽ متحده جي اتحاد کان پوءِ حڪمران ايم ڪيو ايم کي وڌيڪ رعايتون ڏيندا ته اها، انهيءَ اتحاد کان جدا ٿئي. ڪن جو خيال آهي ته هن اتحاد ۾ ڏار وجهڻ لاءِ حڪمران وري 1988ع وانگر سنڌي مهاجر فساد ڪرائڻ جي سازش ڪندا. ڪن جو ايتريقدر به خيال آهي ته متحده وارا جسقم سان اتحاد ڪري انهن جي طاقت جو توازن ڏسڻ گهرن ٿا، ته جيڪڏهن اهي سڀاڻ پنجاب سان يا ٻيءَ ڪنهن سنڌ دشمن قوت سان ملي، سنڌ ۽ سنڌين جي خلاف يا سنڌ جي ورهاڱي جي لاءِ ڪا سازش ڪن ته سنڌ جي قومي تحريڪ ان جي ڪيتري مزاحمت ڪري سگهي ٿي يا وري اهو ته ڇا جيئي سنڌ قومي محاذ، انهيءَ حيثيت ۾ آهي جو اهو ڪنهن به اڻٿندڙ صورتحال ۾ ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي زندگيءَ ۽ موت وارن مسئلن تي پنهنجي اثر ۽ قبضي ۾ رکي سگهي؟ انهن سڀني ڳالهين ۽ شڪن شبهن جي باوجود جيڪا تجربي طور گڏيل ڳالهه سامهون آئي آهي، سا اها ته سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ مفاهمت ۽ ويجهڙائپ ضروري آهي يا نه؟

مون کان انهيءَ سلسلي ۾ هڪ دوست سنجيدگيءَ سان سوال پڇيو تہ "ڇا متحده ۽ قومي محاذ جو موجوده اتحاد جٽاءُدار ٿي سگهندو؟ مون جواب ۾ چيو تہ "اتحادن جي جٽاءُداريءَ جو دارومدار" مفادن جي اوليت تي منحصر هوندو آهي. جيڪڏهن اتحاد ۾ طئي ٿيل سنڌ جا مفاد متحده کي مهاجر ڪميونٽيءَ کان وڌيڪ عزيز هوندا ۽ اهڙيءَ طرح اهي مفاد قومي محاذ کي پنهنجي پارٽي مفادن کان وڌيڪ عزيز هوندا تہ اهو اتحاد لازمي طور جٽاءُ ڪري سگهندو، نہ تہ پنهنجا سنڌي بہ اتحادن مان پڇي ويندا آهن. پليجو صاحب سنڌ قومي اتحاد مان پڇي ويو يا قادر مگسي قومي تحريڪ کي ٽوڙي بہ اڌ ڪري ويو تہ اسان انهن کي ڇا ڪري سگهياسون، جو متحده وارن کي ڪجهہ ڪري سگهنداسون؟! جڏهن بہ قومي مفادن تي پارٽي مفادن يا ذاتي مفادن کي اوليت ڏني ويندي آهي؛ تڏهن اتحاد تہ ٺهيو پر هڪڙي پروگرام تي هلندڙ ۽ جدوجهد ڪندڙ پارٽيون بہ ٽٽي ويندیون آهن. قومون بہ تڏهن گڏ ٿي سگهنديون آهن ۽ گڏجي قومي آزاديءَ جي جنگ لڙي سگهنديون آهن، جڏهن انهن جو قومي مفاد هڪجهڙو هوندو آهي، نہ تہ هڪ قوم قبيلن، خاندانن ۽ پارٽين ۾ ٿي ورهائي پٽي هوندي آهي. جڏهن ڪنهن قوم ۾ سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هڪجهڙائي پيدا ٿيندي آهي ۽ انهن گڏيل مفادن جي مادي حالتن مان گڏيل قومي (قوم پرستي) شعور پيدا ٿيندو آهي. تنهن کان پوءِ ئي اها قوم گڏيل قومي شعور سان سوچيندي بہ آهي تہ جدوجهد بہ ڪندي آهي. ڪنهن بہ اتحاد لاءِ مفادن جي هڪجهڙائي اولين شرط آهي. هن وقت جيڪڏهن متحده وارا قومي محاذ وانگر سمجهن ٿا آهن تہ سنڌ جا گڏيل مفاد نہ رڳو سنڌي ڳالهائيندڙن جا آهن پر ساڳي وقت اردو ڳالهائيندڙن جا بہ آهن ۽ جيڪڏهن اهي اردو ڳالهائيندڙن جي انهن مفادن سان سچا آهن تہ پوءِ اهو هڪ فطري اتحاد ٿيندو، جنهن کي جيڪڏهن متحده وارا ٽوڙڻ گهرندا، تڏهن بہ ٽوڙي ڪون سگهندا.

اردو ڳالهائيندڙ جديد قومي مفادن جي لحاظ کان پنهنجي اجتماعي استحصال کي اسان سنڌي ڳالهائيندڙن کان گهڻو اڳ ۾ محسوس ڪن ٿا. هو اسان کان اڳ ۾ سرمائيدارانہ سماج ۾ داخل ٿي چڪا آهن، ان ڪري سرمائيدارانہ قومي استحصال کي اسان کان اڳ سمجهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ کان ويهہ سال اڳ رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد نشاندهي ڪندي چيو هو تہ: "اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جي آزاديءَ ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندا." اها سائين جي ايم سيد جي "ڏور نگاهي" هئي.

هي اهم هيءَ ڳالهه آهي تہ رياست ۽ پنجابي حڪمرانن ۽ انهن جي خفيہ ايجنسين هنن مالهن (مهاجرن) کي جنهن نموني سنڌي مالهن جي خلاف استعمال ڪيو آهي يا ان کان پوءِ ايم ڪيو ايم کي جنهن نموني استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ انهن تي ڪوڙا سچا الزام هڻي پورا ست سال جيئن هنن جو آپريشن ڪيو ويو آهي. اهو سڀ چڻ تہ اسان سنڌين جي حق ۾ ويو آهي. چوندا آهن تہ "نادان دوست کان داناهہ دشمن ڀلو آهي" ان وانگر پنجابي اسان جو نادان دشمن آهي، جنهن جي ڦرمار واري هيچ هنن کي وقت کان اڳ اسان جي ويجهو آندو آهي.

دراصل پنجابي ايجنسين جي ايم ڪيو ايم خلاف هي ست ئي سال جنگ رڳو ان ڪري هڻي تہ اهي اڳ وانگر (88 کان 1990ع) سنڌين جي خلاف ڇو نٿا وڙهن ۽ سنڌ جي ورهاست جو مطالبو ڇو نٿا ڪن؟ ۽ هي ان ڳالهہ کان پڙ ڇو ڪڍي بيٺا آهن؟ انهن کي ۽ انهن جي دانشور طبقي کي اها خبر هئي تہ سنڌن تنظيم جي اندر عظيم طارق ڪير هو ۽ آفاق احمد ڪير آهي" ۽ اهي سنڌن اندر ويهي ڪنهن جي جنگ لڙي رهيا هئا؟ ۽ انهن تي پنجابي حاڪم ۽ انهن جون ايجنسيون ايتريون اڪن ڇڪن ڇو هيون؟ آفاق احمد ٽولي کي ڪراچي کان پوءِ حيدرآباد ۾ ڇو آندو ويو يا عظيم طارق کي جڏهن ايجنسيون ڪٽي ويون ۽ پوءِ ان کي واپس آندو ويو تہ اهي ان کان ايم ڪيو ايم ۽ سنڌين جي خلاف ڪهڙو ڪردار ادا ڪرائڻ پيون گهرن، جنهن جي ڪري ايم ڪيو ايم کي مجبورن ان جو ڪم تمام ڪرڻو پيو؟!

اسان جو سنڌي صحافين ۽ ڪالمنگارن کي چوڻ آهي تہ اهي ان سڄي پس منظر کي نظر ۾ رکي ۽ پوءِ تجزيا ڪن، نہ ميڊيا جي انهيءَ پسمنظر ۾ لکن، جيڪو رياست ۽ ايجنسيون ٺاهي جوڙي سنڌن اڳيان آڻين ٿيون. نتيجي ۾ اهي پنهنجي قلم جي سرڪاري ميڊيا کان جند ڇڏائي ڪونہ سگهيا آهن. جنهن ڪري اهي سنڌ ۽ سنڌين جا سڄڻ ۽ گهڻ گهرا سڏائيندي ۽ اهڙو ذهن رکندي بہ سنڌ جي اجتماعي قومي مفادن جي بجاءِ ايجنسين جي اچلايل ميڊيا جي پڙاڏي جي پس منظر ۾ ئي پنهنجا تبصرا ۽ ٽيڪا ٽپڻيون ڪندا رهن ٿا.

اسان کي هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ايم ڪيو ايم جي نهڻ جي تاريخي سپس منظر کي ڏسڻو پوندو ۽ ان جو گهڻو نہ تڏهن بہ سرسري جائزو وٺڻو پوندو. هي جيڪو چيو وڃي ٿو يا رٽ رٽان لڳي پئي آهي تہ ايم ڪيو ايم کي جنرل ضياءَ ٺهرايو هو، اهو سڄو سچ ڪونہ آهي. ايم ڪيو ايم جي نهڻ جو تاريخي توڙي سياسي ۽

اقتصادي پس منظر ھيو آھي ۽ ان کي ئي اسان کي سنڌي عوام جي اڏو اڻٿو پوندو.

دراصل پنجاب ۽ ان جو سياسي ماڻھو پاڪستان جي ٺھڻ جو پڇاڙيءَ تائين مخالف ھو ۽ پنجاب ۾ مسلم ليگ آخر تائين پير کوڙي ڪانہ سگھي ھئي. پاڪستان کي بنگال جي عوامي قوت ۽ ڪاٺياواڙين، ميمڻن، بوھرين، خواجن، گجراتين ۽ مھاجرن جي اقتصادي قوت ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ٺھراءَ وجود ۾ آندو ھو.

پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ پنجاب وٽ صرف عسڪري قوت (فوج) ھئي، باقي عوامي قوت (جنھن کي سياسي طاقت چئجي) بنگال ۽ ٻين ننڍين قومن وٽ ھئي ۽ بينڪون ۽ ڪارخانا (جنھن کي اقتصادي قوت چئجي) ڪاٺياواڙين، ميمڻن، بوھرين ۽ مھاجرن وغيره وٽ ھئي. پنجاب پاڪستان جي پھرين 25 سالن ۾ (اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾) اقتصادي قوت (مھاجرن) کي پنھنجو اتحادي بنائي عوامي، جمھوري ۽ سياسي قوت سان جنگ ڪئي. ۽ ان لاءِ مغربي پاڪستان سان ون يونٽ لاڳو ڪري ملڪ تي مارشل لا ھڻي ۽ پورا پنجويھہ سال بنگال سميت ٻين مظلوم قومن کي ڌريندو ۽ لٽيندو رھيو. جڏھن مظلوم قومن جي عوامي قوت پنجاب جي خلاف بغاوت ڪري ميدان ۾ نڪري آئي تہ پنجاب عسڪري قوت جي زور تي پنھنجا فاشي ھٿ ڪندا استعمال ڪندي بنگال جي ٽيھہ لک ماڻھن کي قتل ڪري، انھن کي ملڪ کان ڇني ڌار ڪري ڇڏيو تہ جيئن عوامي ۽ جمھوري قوت کان جند ڇڏائي باقي پاڪستان ۾ واڙيل مظلوم قومن تي عسڪري قوت سان گڏ پنھنجي عوامي، جمھوري ۽ سياسي بالادستي بہ قائم رکي سگھي.

بنگال جي پاڪستان کان جدائي کان پوءِ ڀٽي صاحب جي حڪومت ۾ پنجاب سامراج پنھنجي اڳوڻي اتحادي اقتصادي قوت ۾ ھٿ ڳنڍيا ۽ ڪاٺياواڙين، ميمڻن، بوھرين، خواجن، گجراتين ۽ مھاجرن جي ڪارخانن ۽ بينڪن کي (سوشلزم جي نالي ۾) رياست جي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. جنھن ڪري مھاجر ڪميونٽي اقتصادي لحاظ کان وچي ترين پر ڪري. جنھن کان پوءِ ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري جنرل ضياءَ جي مارشل لا کي آندو ويو، جنھن جي يارھن سالن جي حڪومت جي دوران رياست جي تحويل ۾ ورتل بينڪن جي ناٿي جي ذريعي پنجابي چنيوٽي شيخن جي سرمائيدارن کي پيدا ڪري آندو ويو ۽ جڏھن اھو سرمائيدار بالغ ٿي آيو تہ ان کي رياست جي تحويل ۾ ورتل سڀ ڪارخانا ۽ بينڪون تحفي ۾ ڏنيون ويون. اھڙيءَ طرح پنجاب، جنھن وٽ پاڪستان جي ٺھڻ وقت صرف عسڪري قوت ھئي،

انهيءَ ملڪ جي پهرين 25 سالن جي تاريخ کان پوءِ سياسي قوت بہ هٿ ڪري ورتي ۽ بين 25 سالن کان پوءِ اقتصادي قوت بہ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتي. هاڻ پنجاب وٽ عسڪري (فوجي) قوت سان گڏ سياسي (عوامي) قوت ۽ اقتصادي (سرمائي) قوت هڪ ئي وقت موجود آهن. تنهن ڪري هن باقي ٻين کي لت هٽي اقتدار جي ايوانن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي.

ٻئي طرف پنجاب پنهنجي سياسي حڪمت عمليءَ تحت مهاجر ڪميونٽيءَ کي تاثر اهو ڏياريو تہ سائن اهو سڀ ڪجهہ پيٽي (سنڌين) جي حڪومت ڪيو آهي. انهيءَ تضاد کي وڌيڪ تکي ڪرڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ مان سنڌي ٻوليءَ جو نامر نهاد بل پاس ڪرايو ويو. جنهن جي ذريعي سنڌ کي ٻن ٻولين جو صوبو تسليم ڪيو ويو. نہ تہ ان کان اڳ ۾ انگريزن جي دور کان وٺي سنڌ ۾ صرف سنڌي ئي سرڪاري ٻوليءَ طور لکي ۽ پڙهي ويندي هئي. هن ئي پيٽي جي حڪومت ۾ بلوچستان تي فوج ڪشي ڪري چاليهہ هزار بلوچ قتل ڪيا ويا ۽ اهو گهانگهو بہ سنڌين جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو. يعني هن کان اڳ جڏهن بنگالي ماريا ويا، تڏهن بہ پٽو هڪ سنڌي جي حيثيت ۾ ملڪ جو نامزد وزيراعظم هو. جڏهن بلوچن کي ماريو ويو، تڏهن بہ پٽو پهرين صدر ۽ پوءِ وزيراعظم هو ۽ مهاجرن کي ماريو ويو، تڏهن بہ پيٽي جي حڪومت ئي هئي.

اهڙيءَ طرح مهاجرن جي دشمني ۽ نفرت پنجابين جي بجاءِ پيٽي ۽ سنڌين جي خلاف ڀڙڪائي وئي ۽ مهاجرن پڻ اهو سمجهيو تہ سائن اهو سڀ ڪجهہ پٽي جي حڪومت ئي ڪيو آهي؛ تنهن ڪري انهن پيٽي جي حڪومت جي خلاف پنجابي سياسي اڳواڻن جي قيادت ۾ قائم ڪيل پاڪستان قومي اتحاد جي مالي ۽ پئسي ڏوڪڙ جي لحاظ کان ڀرپور انداز ۾ مدد ڪئي تہ جيئن پيٽي جي حڪومت وڃي تہ ڪين سندن بينڪون ۽ ڪارخانا واپس ملن. پر جڏهن پيٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ٿيو ۽ جنرل ضياءَ مارشل لا هٽي پيٽي کي ڦاهيءَ تي چاڙهي ڇڏيو، پر پوءِ بہ ڪين (مهاجرن کي) نہ بينڪون موٽي مليون ۽ نہ ڪارخانا مليا تہ هنن (مهاجرن) هيڏاهن هوڏانهن ڪَنَ هڻڻ شروع ڪيا تہ ماجرا ڇا آهي؟ جو ڪين بينڪون ۽ ڪارخانا واپس نٿا ملن! جنهن کان پوءِ انهيءَ مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ جي سرمائيدارن (ياد رهي تہ 1971ع کان اڳ پاڪستان جي 75 سيڪڙو صنعت ڪراچي ۾ هئي) "مها سنڌ" جي نالي سان سرمائيدارن ۽ صنعتڪارن جي هڪ تنظيم جوڙي. جيڪا رياست جي تحويل ۾ ورتل بينڪن ۽ ڪارخانن جي واپسيءَ لاءِ

سرگرمي ڪرڻ لڳي؛ پر جنرل ضياءَ جي مارشل لا ڪين موچڙا هڻي جيلن ۾ وجهي سنڌن تنظيم ٽوڙائي ڇڏي. سرمائيدار هوڻهئيڻ ڪچي پنڌي، پيو سنڌن ڏرتي ۾ ڪا پاڙ ڪانه هئي، تنهن ڪري مارشل لا ٿي ڏاڍ جي دٻ جهلي ڪونه سگهيا ۽ ڇڙوڇڙ ٿي ٽڙي پکڙي ويا ۽ ان سان گڏ ڪين اهو به تجربو ٿيو ته جيسين ڪين ڪا سياسي پشت پناهي نه ملندي؛ تيسين هي پير ڪوڙي جنگ لڙي ڪونه سگهندا.

هن دوران جيئوليڪ انهن سنڌ جي قومي تحريڪ ڏانهن به واجهايو پر اتي ڪين سرمائيدارن جي خلاف رڳو سوشلزم جو آواز ٿي ٻڌڻ ۾ آيو. جنهن ڪري مجبور ٿي انهن ايم ڪيو ايم ۾ هٿ وڌا ۽ ان کي پئسا ڏوڪڙ ڏئي مچائي مهوڙ ڪري ميدان ۾ لاٿو. اهو ئي سبب آهي جو ايم ڪيو ايم پنهنجي اوٽڪ ۾ سڀ کان پهرين ڪراچي جي اندر پنجابين ۽ پٺاڻن سان ٽڪر کاڌو پر ٻئي طرف جيئن ته پوري رياست جي طاقت هئي، جنهن چاتو ٿي ته سنڌ جي مخصوص جاگيردارانه سماجي پس منظر جي ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ کي ايرڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اڃان ويهن ٽيهن سالن جي ضرورت آهي پر جي سنڌ جي شهري وچولي طبقي ان جي اڳوائي سنڀالي ورتي ته اها پنهنجي عمر کان اڳ ۾ ئي ايري اچي سگهي ٿي. ان ڪري جنرل ضياءَ جي مارشل لا جي دور ۾ ئي رياست جون خفيه ايجنسيون حرڪت ۾ اچي ويون. جن جتي سنڌ جي قومي تحريڪ اندر پنهنجا ڇاڙتا ۽ پگهاردار ڪوپا ۽ ڪنڌار موڪلي ڇڏيا، اتي ايم ڪيو ايم ۾ پڻ وڏي انداز ۾ پنهنجا ماڻهو پيري ڇڏيا. انهيءَ سان گڏوگڏ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ پنجابي غنڊن جي دهشتگرد تنظيمن کي به منظر ڪيو ويو. جن سيني گڏجي سنڌ اندر "ڪلاشن ڪوف ڪلچر جي آبياري ڪئي ۽ سنڌي مهاجر دشمنيءَ واري دهشت پسنديءَ جي رجحان کي پيدا ڪري آندو. جنهن لاءِ جتي سنڌ اندر پليجو گروپ مهاجر دشمن سياست ڪري پيو، اتي مهاجرن ۾ سليم حيدر گروپ سنڌي دشمن سياست پيو ڪري. ان سان گڏ سرڪاري ايجنسيون جتي جيئي سنڌ تحريڪ جي اندر قمر پٽي ۽ قادر مگسيءَ کي مهاجر مخالف مهرن طور ڪم آڻي رهيون هيون. اتي مهاجر قومي موومينٽ ۾ عظيم طارق ۽ آفاق احمد کي پروان چاڙهي رهيون هيون. جيئن جيئي سنڌ تحريڪ ۾ قادر مگسيءَ کي هڪ سگهاري لابيءَ جي شڪل ۾ اياري آندو ويو، تيئن ايم ڪيو ايم ۾ عظيم طارق کي هڪ مؤثر قوت جي شڪل ۾ اڳتي وڌايو ويو.

سائين جي ايم سيد جي انهيءَ سڄي صورتحال تي اک هئي، تنهن ڪري جڏهن سنڌ قومي اتحاد جڙي پيو ته هن جو موقف هو ته انهيءَ اتحاد ۾ الطاف حسين

کي بہ سڏايو وڃي؛ پر پليجي، حميده کهڙي، قمر پٺي ۽ قادر مگسيءَ جي گروپ يڪ آواز ٿي، ان جي سخت مخالفت ڪئي، ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ کي وڌائڻ لاءِ پهرين 18 جون 1988ع تي قمر پٺي جي اڳواڻي ۾ بلديا حيدرآباد جو واقعو ڪرايو ويو ۽ ان کان پوءِ پليجي گروپ جي پاران "حيدر چوڪ" واري مسئلي کي اٿاريو ويو؛ جڏهن سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ وڌڻ لڳي تہ قادر مگسيءَ جي قيادت ۾ جانو آرائين ۽ ڪشيري خان ۽ ٻين ڌاڙيلوالن جي هٿان 30 سيپٽمبر 1988ع جو خون آشام واقعو ڪرايو ويو. جنهن رات اٺين بجي حيدرآباد جي مک چوڪن تي اهو واقعو ٿيو، انهيءَ رات ٿي ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي سينٽرل ڪميٽيءَ جو اجلاس سڏايو ويو. جيڪو رات جو ڇٺين بجي تائين جاري رهيو؛ انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ الطاف حسين جو عظيم طارق وارو مخالف پنجاب نواز گروپ ٻهريون پيرو ايم ڪيو ايم جي سينٽرل ڪميٽيءَ کان اهو فيصلو ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ حيدرآباد واري راتوڪي واقعي جو ڪراچيءَ ۾ سنڌين کان پلانڊ ڪيو وڃي. ٽيستائين رڳو حيدرآباد ۾ ٿي سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ هلندڙ هئي ۽ ڪراچيءَ ۾ اجان تائين ڪوبہ اهڙو واقعو ڪونہ ٿيو هو. جنهن کان پوءِ پهرين آڪٽوبر رات جو ڇٺين بجي ڌاري هڪ رٿيل پروگرام مطابق ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو قتل عام شروع ٿي ويو ۽ اهو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ گڏوگڏ ۽ مسلسل 1990ع جي جون مهيني جي ٽئين تاريخ تائين، جاري رهيو. ان کان اڳ ۾ 19 مئي 1990ع تي قادر مگسي گرفتار ٿي جيل ۾ ويو. ۽ ان کان سگهو ٿي پوءِ پهرين 28 مئي تي قيوم آباد ۾ ۽ ٻيو 2 جون تي پاڪ لينڊ ۾ بہ اهڙا واقعا ٿيا؛ جن شهرن جي اندر سنڌي مهاجر فسادن کي مڪمل طرح سان پنجو ڏئي ڇڏيو.

هن سلسلي ۾ تجزيو ڪندڙن جو رايو آهي تہ جيئن تہ 30 سيپٽمبر جو واقعو ايجنسين پنهنجي ڇاڙتن جي هٿان ڪرايو هو، ان ڪري انهن کي پنهنجي ڇاڙتن جي لڇڻن جي بہ پوري خبر هئي تہ اهي ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهن. ان ڪري انهن ٻيءَ ڌر کي اشارو ڪري ڇڏيو تہ توهان دٻايو ڪم ڪي پر قيوم آباد ۽ پاڪ لينڊ جا واقعا سنڌي ماڻهن جي قتل عام جو فطري رد عمل هئا؛ ان ڪري ايجنسين کي انهن واقعن جي اصل قوت ۽ پس منظر جي خبر نہ هئي تہ انهن جي پٺيان ڪيتري قوت يا رٿابندي ڪارفرما آهي. تنهن ڪري انهن گهبرائجي شهرن جي اندر سنڌي ماڻهن جو قتل عام في الحال بند ڪرائي ڇڏيو.

ايتري ۾ ايم ڪيو ايم وارن کي پنهنجي ذريعن کان معلومات ملي تہ انهن جي

پاران ۽ انهن جي پليٽ فارم تان هي جيڪو سنڌي ماڻهن جو هيڏو وڏو آپريشن ڪرايو ويو، ايتري قوت ۽ پلاننگ هنن جي پنهنجي تہ ڪانہ هئي. ان ڪري انهيءَ ۾ ضرور ڪا ٻي لڪل قوت ملوث ٿي وئي هئي، جنهن جي ذريعي انهيءَ قوت نہ رڳو سنڌين ۽ مهاجرن جو گڏيل قتل عام ڪرايو آهي پر انهيءَ سان انهن پنهنجي قوم ۽ صوبي جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد بہ حاصل ڪري ورتا آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪراچي جي سرمائيدارن کان اقتصادي قوت کسڻ کان پوءِ انهيءَ اقتصادي قوت جي سهاري ۽ سگهہ تي جڏهن پنجابي سرمائيدار کي پنجاب ۾ وڏي پشماني تي ڪارخانا ۽ ٻي صنعت لڳرائي ڏني وئي تہ انهيءَ کي پنهنجي صنعتي مصنوعات جي نيڪال لاءِ سنڌ جي مارڪيٽ بہ گهربل هئي. جڏهن تہ ان کان اڳ ۾ سنڌ جي سڄي مارڪيٽ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سرمائي سان ڳنڍيل هئي، جنهن جي منهن موڙڻ لاءِ ۽ رخ تبديل ڪرڻ لاءِ ضروري هو تہ سنڌ جي گهٽ ۾ گهٽ هنن ٻن وڏن شهرن ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي، جيئن سڄيءَ سنڌ جو واپاري ڪراچي ۽ حيدرآباد کي ڇڏي پنجاب جي شهرن جو رخ رکي ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو ۽ اهڙين سنڌ جي شهرن اندر هيءَ سنڌي- مهاجر جنگ دراصل پنجابي سرمائيدارن جي مفادن لاءِ پنجابي سرمائي جي ذريعي لڙي وئي، جنهن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ 30 سيپٽمبر جي واقعي تي لڳ ڀڳ 80 لک روپيا خرچ ڪيا ويا هئا ۽ ذيرو ميٽر گاڏيون ڪتب آنديون ويون هيون.

جڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي مهاجر فساد ٿيا ۽ اهي وڌي وڻ ٿيا تہ سکر، لاڙڪاڻي، سڪرنڊ، موري ۽ دادوءَ کان مٿئين سنڌ جا واپاري حيدرآباد ۽ ڪراچي جي بجاءِ ملتان، فيصل آباد ۽ لاهور وڃڻ لڳا. جنهن کان پوءِ انهن پنجاب جي وڏن وڏن واپارين سان پنهنجون واسطيداريون قائم ڪري ڇڏيون. جيڪي اڄ تائين قائم آهن، اهڙيءَ طرح جڏهن سنڌ جو پئسو سنڌ جي ئي شهرن ۾ وڃڻ جي بجاءِ پنجاب ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳو تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد جو واپاري ۽ دڪاندار پنهنجي دڪانن ۽ پيڍين تي اوٻاسيون ڏيڻ لڳو ۽ سنڌن ڪاروبار ٺپ ٿي ويو.

هن صورتحال کي ڏسندي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي ميمڻ واپارين موري، دادو، لاڙڪاڻي ۽ سکر ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجي مصنوعات جي نيڪال لاءِ پيڍيون کولڻ جو خيال ڏيکاريو ۽ ان لاءِ انهن انهن شهرن جا دورا ڪري سروي وغيره بہ ڪئي پر جڏهن پنجابي سرمائيدارن کي ان جي خبر پئي تہ انهن ايجنسين جي ذريعي سنڌ جي اندر ڌاڙيل پيدا ڪري ڇڏيا، جن جي ڊپ کان خواجہ ۽ ميمڻ پنهنجون پيڍيون بند ڪري ڪراچي موٽي آيا.

پنجاب پنجاهہ سالن جي حڪمت عمليءَ تحت پهرين تہ عسڪري قوت سان گڏ سياسي ۽ اقتصادي قوت پنهنجي قبضي ۾ ڪئي ۽ ان کان پوءِ جڏهن پنجاب ۾ ڪارخانن جو جار وڇائجڻ لڳو تہ هن سنڌ جو مارڪيٽ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سرمائيدارن کان کسي پنهنجي استعمال هيٺ آندو آهي. هن کان اڳ ڪراچي منصوعات پيدا ڪندڙ هئي ۽ حيدرآباد اها مصنوعات سنڌ ۾ نيڪال ڪندڙ هئي.
جڏهن تہ 1973ع کان 1988ع جي 15 سالن جي دوران پهرين ڪراچي ۾ ڪارخانا لڳڻ بند ڪيا ويا ۽ ان کان پوءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد کان سنڌ جو مارڪيٽ کسڻ لاءِ انهن شهرن ۾ فساد ڪرايا ويا. هن سڄيءَ صورتحال کي ڏسندي ڪراچي ۽ حيدرآباد جو سرمائيدار ۽ انهن جي قائم ڪرايل سياسي تنظيم ان ڳالهہ تي سوچڻ تي مجبور ٿيا تہ سائن اها سڄي جٺ پنجابي سرمائيدارن، حڪمرانن ۽ رياستي ايجنسين ڪئي آهي. جن سندن تنظيم جي اندر پنهنجا پنجابنواز ڇاڙتا داخل ڪري شهرن ۾ سنڌي مهاجر فساد ڪرايا. تنهن ڪري جيئن ئي فسادن ۾ ٺاپر ٿي، تيئن ايم ڪيو ايم جي پنجاب مخالف قيادت تنظيم جي اندر طتهير جو عمل شروع ڪري ڇڏيو ۽ "مخبريءَ" واري آپريشن ذريعي پنجابنواز لابيءَ جي صفائي ڪري ڇڏي. ايم ڪيو ايم جي قيادت جي هن عمل رياست ۽ ادارن کي ميڄرائي وڌو ۽ اهي ايم ڪيو ايم ۽ خاص ڪري الطاف حسين تي ڏمرجي پيا. هي جام صادق جي حڪومت جو دور هو ۽ ايم ڪيو ايم ان وقت جي نواز حڪومت جي اتحادي هئي. باوجود ان جي رياست ۽ ان جي ادارن فيصلو ڪيو تہ ايم ڪيو ايم کي ان عمل جي سخت سزا ڏيڻ گهرجي ۽ ان کي يا تہ پنجابنوازيءَ تي مجبور ڪجي يا پنجابنواز لابيءَ جي قبضي ۾ ڏجي. جنهن لاءِ انهن جي سڀ کان وڏي نظر ڪرم ايم ڪيو ايم جي چيئرمين عظيم طارق تي هئي. جو تہ هو ايم ڪيو ايم ۾ نہ رڳو هڪ سگهاري حيثيت وارو ماڻهو هو پر مڪمل طور تي پنجابي لابيءَ جو ماڻهو بہ هو. جنهن جي ٿي ڪلهي تي بندوق رکي ايجنسيون سنڌي مهاجر فساد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويون هيون. ٻيءَ طرف الطاف حسين کي جڏهن پنهنجي ذريعن کان هنن خفيا سرگرمين جي ڄاڻ پئي تہ هو ملڪ ڇڏي لنڊن ۾ وڃي ويهي رهيو ۽ تنظيمي سرگرمين کي اتان کان سنڀالڻ لڳو.
1991ع ۾ سوويت يونين ٽٽي چڪو هو، ۽ ان کان پوءِ سائين جي ايم سيد 17 جنوري 1992ع تي پنهنجي سالگره جي موقعي تي نيو ورلڊ آرڊر جي حوالي سان ڪراچيءَ ۾ خطبو پڙهيو هو، جنهن ۾ هن پنهنجي طرفان دنيا کي عالمي پيغام ڏنو

هو ۽ سنڌو ديش جي آزاديءَ جي اپيل ڪئي هئي.

ٻئي طرف رياست ۽ ان جون ايجنسيون جتي عظيم طارق ۽ آفاق احمد جي اڳواڻيءَ ۾ ايم ڪيو ايم کي ٽوڙڻ جون ڪوششون ڪري رهيون هيون. اتي اهي قادر مگسيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ قومي تحريڪ کي ٽوڙائڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪيون هيون. انهيءَ ۾ ڪين ڪا گهڻي متاڪت ڪرڻي ڪانہ پئي هئي، رڳو قادر مگسيءَ کان قومي تحريڪ ۽ ان جي جهنڊي کان علحدگيءَ جو اعلان ڪرائڻو هو. جيڪو هن کان 13 جنوري 1992ع تي سائين جي ايم سيد جي ڪراچي ۾ ٿيندڙ سالگرهہ کان چار ڏينهن اڳ ۾ ڪرايو ويو. پر ان جي پيٺ ۾ ايم ڪيو ايم کي ٽوڙڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ هو. جنهن لاءِ ڪين هڪ وڏي جدوجهد جي ضرورت هئي. جو تہ الطاف حسين قادر مگسي ڪونہ هو، جيڪو پيجارو، بنگلي ۽ نيڪس ۾ وڪامي سگهيو ٿي. اهڙا بنگلا ۽ پيجارو گاڏيون هن جي کيسي ۾ ٻيا هئا. تنهن ڪري ايم ڪيو ايم کي زير ڪرڻ لاءِ باقائده آپريشن جي تياري ڪرڻي پئي، جيڪا 19 مئي 1992ع تي شروع ڪئي وئي ۽ ڪراچي ۾ پنجابي فوج کي لاٿو ويو. ان سان گڏ ۽ ساڳي ڏينهن تي ڪراچي شهر ۾ ايم ڪيو ايم "حقيقي" جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ آفاق احمد کي بہ لاٿو ويو. جن اچڻ سان ئہ رڳو ايم ڪيو ايم جي آفيسن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا پر الطاف جي تصويرن جا منهن ڪارنهن سان مليا. جوتن جا هار پارايا ويا. جنهن سان گڏوگڏ انهن مهاجر ڪميونٽيءَ کي سنڌ جي ورهاڱي جو نعرو بہ ڏنو. تہ جيئن تہ الطاف مهاجر قوم سان غداري ڪئي آهي؛ ان ڪري اسان ئي انهن جا حقيقي نمائنده آهيون، ٻئي طرف ايم ڪيو ايم الطاف جي خلاف سنڌين جي ڪاوڙ کي وڌائڻ لاءِ ۽ ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي سنڌ دشمن نعرن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ "سنڌ آپريشن" ڪندڙ پنجابي فوج پاران هٿرادو "جناح پور" جو نقشو لاٿو ويو ۽ مشهور اهو ڪيو ويو تہ اهو ايم ڪيو ايم الطاف جو پروگرام هو، جيڪو فوج پڪڙي ورتو آهي.

هن آپريشن جي دوران فوج، جتي ايم ڪيو ايم مان عظيم طارق ۽ ٻين کي ڪنيي ڪئي وئي، اتي عبدالواحد آريسر، دودي، گهنشام پرڪاش ۽ ٻين کي بہ فوج پاران پنهنجي ڪسٽڊيءَ ۾ ورتو ويو. تہ جيئن انهن کي ٽپي ٿاهي ۽ "ڪُٽ" ڪري واپس آڻجي ۽ پوءِ انهن کان پنهنجي مقصد ۽ مرضيءَ واري سياست ڪرائجي. هن آپريشن جي هلندي ڪجهہ وقت کان پوءِ عظيم طارق کي ٻاهر آندو ويو. جيڪو اچڻ سان اخباري عيوضين جي اڳيان روئڻ، ٻاڏائڻ ۽ دعائون گهرڻ لڳو؛ پر فوج جي

خلاف ٻڙڪ ٻه ڪڍڻ کان وون؛ پيو وڃي. ان کان سگهوئي پوءِ گهنشام پرڪاش ٻه ٻاهر آيو ۽ ان ڪي جڏهن صحافين جي آڏو آندو ويو تہ هن واضح لفظن ۾ چيو تہ ”مون سياست ڇڏي ۽ فوجي ٽاڻا پلا ۽ مهذب ماڻهو آهن. جيڪو هن در مان موٽي ايندو، اهو يا مون جيان سياست ڇڏي ڏيندو يا منظم غدار ٿي ايندو.“

ايم ڪيو ايم الطاف ڪي جڏهن پوري خبر پئي تہ سندن اڳواڻ عظيم طارق منظم غدار ٿي آيو آهي، تہ انهن وجهہ وٺي سندس ”ڪم تمام“ ڪري ڇڏيو. چاڪاڻ تہ عظيم طارق جي غداري ايم ڪيو ايم ڪي آفاق احمد کان تمام گهڻو نقصان رسائي پئي سگهي بلڪ عظيم طارق ايم ڪيو ايم ڪي ايڏو وڏو ٿي نقصان رسائي سگهي پيو. جيڏو وڏو قادر مگسي جيئي سنڌ تحريڪ ڪي رسائي چڪو هو. اهو ڏينهن اجوڪو ڏينهن ايم ڪيو ايم الطاف ۽ اردو ڳالهائيندڙ آبادي مسلسل رياستي ڏاڍ ۽ ڏمر جو شڪار رهندي پئي اچي ۽ مٿن موچڙي جو ٺهڪو آهي. پنجابي سامراج جي اها هڪ حڪمت عملي رهي آهي تہ اهو جڏهن بہ ڪنهن قوم يا ڪميونٽيءَ ڪي موچڙا ماري ڪندو آهي تہ ٻين قومن کان انهيءَ تي تاڙيون وڄرائيندو ۽ بغل هٿائيندو آهي. (1971ع) ۾ بنگالين ڪي رت ۾ ڳاڙهو ڪيو ويو تہ موٽ ۾ ان جي حق ۾ مغربي پاڪستان جي سيني قومن کان تاڙيون وڄرايون ويون. جڏهن پٺي جي حڪومت ۾ بلوچن تي بمباريون ڪرايون ويون، تڏهن بہ ٻين کان بغل هٿايا ويا. جڏهن 1983ع ۽ 1986ع ۾ سنڌين ڪي ڪٽڪو ڪڍيو ويو، تڏهن بہ گهٽ ۾ گهٽ پنجابين کان هاهاڪار ڪرائي وٺي ۽ جڏهن 1992ع ۾ مهاجرن تي موچڙي جو زيپٽ لاتو ويو تہ سنڌين کان ڪڇيون هٿايون ويون.

هن وقت بہ پنجاب سامراج جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ سنڌ ۾ ڪنهن بہ طرح سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ڪي هڪ ٻئي کان پري رکيو وڃي؛ ڪين خبر آهي تہ جنهن ڏينهن سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي آبادي ملي هڪ ٿي وئي تہ ان کان پوءِ سنڌ ۾ ٽئين ڌر جا مفاد محفوظ رهي نہ سگهندا. سنڌ ۾ پنجابي مفاد صرف تڏهن محفوظ رهي سگهن ٿا، جڏهن سنڌ جون هي ٻئي آباديون هڪ ٻئي کان پري رهنديون ۽ ٻاهريون قوتون مسلسل ڪين پاڻ ۾ ويڙهائينديون رهنديون.

1992ع جي ”سنڌ آپريشن“ جو مقصد بہ اهو هو تہ مسلسل اهڙا اپاءُ ورتا وڃن؛ جيئن ايم ڪيو ايم جي نالي تي لاڳيتو وڳوڙ جاري رهندو اچي. جيڪا ٿي صورتحال بدليل عالمي حالتن ۾ پنجاب جي بالادستيءَ لاءِ ضروري آهي. چاڪاڻ تہ آمريڪا جي اڳوڻي پاڪستان بابت پاليسيءَ ۽ هاڻوڪي پاڪستان بابت پاليسيءَ ۾

گهڻو فرق اچي ويو آهي. بہ بلاڪي دنيا ۾ آمريڪا نٿي چاهيو تہ پاڪستان ڪمزور ٿئي، تنهن ڪري هو هتان جي قومي تحريڪن کي فوجي ڏاڍ جي زور تي جائز ناجائز نموني ڪچلرائيندو هو. ان صورت ۾ هو سنڌ جي ساموندي پٽيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرائڻ جي بہ حق ۾ هو. پر آمريڪا جي اُن بابت هاڻوڪي پاليسي گهڻو بدليل آهي. هاڻ سڄي سنڌ جي آزاد رياست ئي آمريڪي نيو ورلڊ آرڊر جي مفادن وٽان آهي. ۽ جيئن تہ ايڏيءَ وڏيءَ سنڌ جي آزاد رياست جو قيام رڳو ايم ڪيو ايم جي سياست سان ممڪن ڪونہ آهي، ان ڪري ان لاءِ سنڌ جي ٻهراڙين جي سنڌي آبادي ۽ شهرن جي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ ضروري آهي. تنهن کان پوءِ ئي سڄي سنڌ جي آزاد ۽ خودمختيار رياست قائم ٿي سگهي ٿي.

هن خطي ۾ پنجابي فاشزم ۽ بنياد پرستيءَ کي رڳو تڏهن منهن ڏئي سگهجي ٿو، جڏهن گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۽ بلوچستان جون آزاد ۽ خودمختيار رياستون قائم هونديون. اهو ئي سبب آهي جو باوجود هيڏي وڏي رياستي ڏاڍ ۽ جبر جي ايم ڪيو ايم الطاف جو موجوده رويو سنڌي آباديءَ ڏانهن اهو ڪونہ آهي. جيڪو 1990-88ع جي دوران هو. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ ايم ڪيو ايم آمريڪي پاليسيءَ تي ئي عمل پيرا رهندي پئي اچي. اها هاڻ سمجهي وئي آهي تہ سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي ورهاست سنڌين ۽ مهاجرن جي حق ۾ ايتري مفيد ڪانہ آهي، جيتري پنجاب جي بالادستيءَ جي حق ۾ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪراچيءَ جي جيابي جون شهہ رڳون سدائين سنڌ ۾ ڪتل رهنديون. سنڌ ۽ سنڌي عوام جي سهڪار کان سواءِ ڪراچي هڪ مهينو بہ زنده رهي ڪانہ سگهندي. ڪراچي لاءِ پاڻي، بجلي، گئس ۽ کاڌ خوراڪ جو بنيادي وسيلو سنڌ آهي. ان جي ابتڙ پنجاب جي بالادستيءَ جو مفاد سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي نفاق ۾ ڪتل آهي. پنجاب سمجهي ٿو تہ جيئن هن وقت سنڌ جي شهرن ۾ پنجابي فوج ۽ رياست جي خلاف ويڙهہ هلي رهي آهي، تيئن جي سنڌ جي ٻهراڙين مان بہ اهڙو ئي ڪو سلسلو شروع ٿي ويو تہ پوءِ اهو نہ رڳو سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيندو پر سنڌ جي ورهاڱي واري رجحان کي ريٽي، ٻنهي آبادين کي هڪ سنڌي قوم ۾ ضم ڪري ڇڏيندو. نتيجي ۾ سنڌ جي ٻهراڙين ۽ شهرن جي گڏيل جدوجهد عالمي توجهہ ۽ مداخلت جو مرڪز ٿي پوندي، تنهن ڪري پنجاب سامراج کي سنڌ کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ناممڪن ٿي پوندو ۽ اهڙي جدوجهد نہ رڳو سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويندي پر اها جدوجهد تيستائين پنجاب جي خلاف جاري رهندي، جيستائين پنجاب جا سنڌ مان

تڏا ويڙهجي نہ ويندا. هن کان اڳ پنجاب جو حڪمران طبقو مهاجرن کي ڪڏهن بنگالين جي خلاف، ڪڏهن بلوچن جي خلاف، ڪڏهن سنڌين جي خلاف ۽ ڪڏهن ٻئي ڪنهن جي خلاف استعمال ڪندو رهيو آهي. پر ان سان گڏوگڏ سنڌن ترا بہ ڪڍندو رهيو آهي.

سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي ابوجهائي جو الميو اهو آهي تہ جڏهن پنجابي سنڌين کي ڪٽين ٿا تہ مهاجر خوش ٿين ٿا ۽ جڏهن مهاجرن کي مار پوي ٿي تہ سنڌي خوش ٿين ٿا. جيئن ايم آر ڊيءَ جي جدوجهد دوران سنڌين کي ڪُتڪو ڪڍيو ويو تہ مهاجر خوش ٿي رهيا هئا ۽ هاڻ جڏهن مهاجر ڪٽجن پيا تہ سنڌي خوش پيا ٿين. اهڙيءَ طرح سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ پنجابين جي هٿان هڪ ٻئي جي ڪل لهرائيندا ۽ خوش ٿيندا رهيا آهن. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ پنجاب اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي بالادستيءَ کي قائم رکڻ لاءِ ڪندو رهيو آهي ۽ اسان جي خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ جا سڀ وسيلا ڦٻائيندو رهيو آهي. اسان جا اهي وسيلا ڪراچيءَ جي بندر جي آمدنيءَ جا هجن، يا ٿر جي اريين ۽ ڪريين ۾ ڪوئلي ۽ تيل جا هجن. چام صادق تہ اسان جو ناڻو ۽ پاڻي وڪڻي ويو پر پ پ تہ اسان جي سک ۽ سلامتيءَ جو ضامن سون وڪڻي ڇڏيو. اسان جو اهو سون (ڪوئلو ۽ تيل) ايترو تہ گهڻو آهي جو اسان جون سوين پيڙهيون کائين، تڏهن بہ کٽڻ جو ڪونہ آهي. سنڌ آزاد ۽ خودمختيار هجي تہ سنڌ جا ماڻهو سعودي ۽ ڪويت جي ماڻهن کان وڌيڪ خوشحال ۽ شاهوڪار ٿي وڃن. پر جيئن تہ پنجاب سامراج سنڌ جي انهيءَ ڪاري سون کي پنجاب جي ڪارخانن جو ٻارڻ بنائڻ ٿو گهري ٿو، ۽ اسان جو ان تان ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪڏهن اردو ڳالهائيندڙن تي موچڙي ماري آهي تہ اهي جناح پور ٿا ناهين، ڪڏهن سنڌين تي وسڪارو آهي تہ اهي سنڌوديش ٿا ناهين.

هن وقت سنڌ جي شهرن جي اندر اردو آباديءَ تي لٺ رکو ان ڪري وسي رهي آهي تہ جيئن اهي مجبور ۽ تنگ ٿي سنڌ جي ورهاڱي جي گهر ڪن ۽ ايجنسين جي الطاف حسين خلاف جنگ بہ رکو ان ڪري آهي تہ هو اڳ وانگر سنڌين جي خلاف جنگ جي ميدان کي سرگرم چو نٿو رکي. اڳ وانگر رياست ۽ ان جي حڪمرانن ۽ ايجنسين جي ڪوشش آهي تہ ڪيئن بہ ڪري سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي هر حالت ۾ هڪٻئي کان ٻري رکيو وڃي يا گهٽ ۾ گهٽ 1988ع وانگر سنڌي مهاجر فسادن جي ور چاڙهي ڇڏڻ گهرجي. جنهن لاءِ انهن ڏاڍا وڏا پاپڙ ويليا آهن. ويندي پ پ جي دور ۾ شهرن ۾ ٿيندڙ آپريشن دوران نادر مگسيءَ جهڙن

غنڊن جي هٿان مهاجرن جي اسيمبلي ميمبرن کي مارون ڪڍايون ويون. جڏهن پوءِ بہ سنڌي مهاجر فساد نہ ٿيا تہ پهرين عبدالله شاهہ جي ياءُ کي ۽ پوءِ الطاف حسين جي ياءُ کي بيدرديءَ سان قتل ڪرائي سنڌي مهاجر ڪشيدگيءَ کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر شاباس آهي ايم ڪيو ايم وارن کي جن پوءِ بہ ڪو اهڙو ابهرو قدم نہ کنيون، جنهن سان سنڌي مهاجر فساد پڙڪي اٿن. ڏنو وڃي تہ رياست جي اهڙي سنڌ دشمن سازش کي اسان کان وڌيڪ ايم ڪيو ايم وارن منهن ڏنو آهي. ڇو تہ صرف انهيءَ طريقي سان ئي سنڌ ۾ پنجاب سامراج جي بالادستي قائم رهي سگهي ٿي ۽ سنڌ ۾ مستقل طور تي پنجابي فوج ۽ ايجنسين جي رهڻ جو جواز پيدا ٿي سگهي ٿو. جيڪي هڪ پاليسيءَ تحت شهرن ۾ دهشتگرديءَ کي پيدا ڪنديون رهن ٿيون ۽ ٻئي طرف سنڌ جي قومي تحريڪ کي ڪچلينديون رهن ٿيون.

حقيقت جي نظرن سان ڏنو وڃي تہ رياست ستن سالن جي آپريشن دوران ايم ڪيو ايم الطاف کي نہ ڪچلي ۽ ختم ڪري سگهي آهي ۽ نہ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي ان کان جدا ڪري سگهي آهي. جيئن جنرل ضياءَ پ پ کي يارهن سالن ۾ ختم ڪري نہ سگهيو. پر اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ اها پنهنجي ڪڌن ڪرتوتن جي ڪري پاڻ پوري ٿي وئي، تيئن ايم ڪيو ايم الطاف کي اقتدار ۾ آئي، هڪ طرف ان جي پوياں حقيقي جو "هوريو هوريو" لاتو ويو آهي ۽ ٻئي طرف سنڌي ڦڪارين کي ڇڏيو ويو آهي. تہ اهي قومي محاذ ۽ متحده جي اتحاد کي لوڙين ۽ ان جي خلاف ٻاهوڙين ۽ شهرن جي گهٽين ۽ بازارن ۾ سنڌين ۽ مهاجرن جا لاش ڪرائين. اردو آباديءَ جي پاڪيٽ تنظيمن جا اڳواڻ آفاق ۽ اقبال حيدر چون ٿا تہ "مهاجرن جا ٽيڙ سنڌي ڪاٽي ويا ۽ سنڌي آبادي جي پاڪيٽ تنظيمن جا اڳواڻ قمر ۽ قادر چون ٿا تہ سنڌين جا ٽيڙ مهاجر ڪاٽي ويا. ان ڪري سنڌين ۽ مهاجرن کي سچ تي سندرا ٻڌي هڪ ٻئي جي خلاف پينگ تي ويڙهہ ڪرڻ گهرجي.

هن طرح جي چرپر ۽ سرگرمي رياست ۽ ايجنسين جي پگهاردار صحافين جي ڪالمن ۾ ۽ پاڪيٽ تنظيمن جي قيادتن جي بيان بازين ۾ هن وقت ئي شروع ٿي چڪي آهي. سيني هڪ آواز ٿي چوڻ شروع ڪيو آهي تہ متحده وارن رياست جي آپريشن کان بچڻ لاءِ قومي محاذ سان اتحاد ڪيو آهي، جيڪو قائم رهي نہ سگهندو ۽ ايم ڪيو ايم اڳ وانگر سنڌين کي ٻوهي ۾ وجهندي. انهن کان سنڌين جي قتلِ عام جو حساب ڪتاب چڪتو ڪيو وڃي ۽ بهارين ۽ ڪوٽا سسٽم بابت ضمانتون ورتيون وڃن.

خالق جوڻيجو، جيڪو سدائين قومي محاذ تي الزام هڻندو آهي تہ انهن جو اردو آباديءَ ڏانهن نسل پرست رويو آهي ۽ پارٽيءَ ۾ ڏوهاري ماڻهو اٿن. تنهن 80 ڊگريءَ تان ڦيرو کائي عجيب ۽ غريب دليل ڏيڻ شروع ڪيا آهن تہ "جسقم متحده اتحاد ۾ شامل ماڻهن جو نسلي حوالي سان ڪردار ٺيڪ ڪونہ آهي" پر ڇا اها سچائي جي ڪسوٽي ناهي تہ اهي ماڻهو جيڪڏهن سنڌ دوستيءَ کي اڳيان رکي ۽ ماضيءَ جي غلطين کي وساري ۽ ان مان سبق سکي، سائين جي ايم سيد وانگر ماضيءَ جي غلطين جو اعتراف ڪري ڪو صحيح ۽ سنڌ دوستيءَ وارو فيصلو ڪن ٿا. تہ اها انهن جي جرئتمندي ۽ بهادري نہ آهي؟ پر ڇاڪاڻ تہ جسقم جي متحده سان اتحاد ۽ خالق جي قادر مگسيءَ ڏانهن ٻوڙ سنڌن قومي محاذ تي لڳايل هٿرادو الزامن جي پاڻ مرادو ترديد ڪري ڇڏي آهي؛ ان ڪري خالق صاحب وٽ سواءِ اهڙيءَ وڦل جي ٻيو ڪوبہ جواز ڪونہ رهيو آهي. قومي محاذ جي متحده سان اتحاد، خالق جي قومي محاذ تي لڳايل نسل پرستيءَ جي الزام کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ خالق جي قادر مگسيءَ ڏانهن ٻوڙ، ان جي قومي محاذ تي لڳل ڏوهاري الزام جو بنياد ختم ڪري ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح قومي محاذ جو متحده سان اتحاد خالق جي نسلي سياست جي الزام کي رد ڪري ڇڏي ٿو ۽ خالق وارن جو قادر وارن ڏانهن وڃڻ ڏوهن واري الزام کي رد ڪري ڇڏي ٿو. خالق وارن جا اهي الزام واقعي صحيح هجن ها تہ. نہ قومي محاذ جو متحده سان اتحاد ٿي سگهي ها ۽ نہ خالق وارا قادر جهڙي "ڏوهاري مافيا" جي ويجهو وڃن ها ۽ نہ ان سان گڏجي سياست ڪرڻ لاءِ سوچين ها.

اهڙيءَ طرح خالق جو اهو چوڻ بہ غلط آهي تہ حيدر منزل کي سياست لاءِ استعمال ٿيڻ نہ گهرجي. حيدر منزل، جيڪا 1935ع کان جيئن ئي آهي، تڏهن کان وٺندي اڄ تائين سنڌ دوستيءَ جي سياست جو آماجگاهہ رهي آهي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ استعمال ٿيندي رهي آهي ۽ جيڪا پاڪستان کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ جي حب الوطنيءَ ۽ قوم پرستي واري سياست جو اهڃاڻ ۽ سنبال رهي آهي؛ ان لاءِ خالق جو چوڻ تہ هاڻ اتي سياست نہ ٿيڻ کپي. اهو خالق صاحب جو ذاتي موقف تہ ٿي سگهي ٿو پر اهو موقف سنڌ دوستيءَ جي تقاضا پوري نٿو ڪري ۽ نہ رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي پيغام جي ترجماني ڪري ٿو. خالق جوڻيجو پاڻ ۽ ان جا ساٿي اڄ تائين حيدر منزل تي ڪهڙي خيال کان ويندا رهيا آهن. سائين جي ايم سيد جي جيئري ۽ هاڻ هو اتي ڪهڙي مقصد کي آڏو رکي ويندا آهن؟ ماڻهوءَ وٽ پنهنجي سياسي موقف

کي جسٽيفاءِ ڪرڻ لاءِ جڏهن ٻيو ڪو دليل نہ رهندو آهي تہ اهو ابتا سبتا سوال اٿاري، اجايا سجايا دليل ڏئي مڙئي ڳالهہ کي ڏکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. خالق وارن وٽ هاڻ جيئي سنڌ قومي محاذ کان الڳ ۽ جدا رهڻ جو ڪوبہ نظرياتي ۽ فڪري جواز ڪونہ رهيو آهي؛ ان ڪري ڪارڪنن کي گمراهہ ڪرڻ ۽ منجهائي رکڻ لاءِ ڪين ڪي نہ ڪي آنا بهانا ڪپن. اهو ئي سبب آهي جو هو جسقم ۽ متحده اتحاد تي ڳالهائيندي چوي ٿو تہ "سوال ٿو اٿي تہ جيڪڏهن اردو ڳالهائيندڙن سان اتحاد ٿئي ٿو تہ پوءِ سنڌ ۾ ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن سان بہ ان باري ۾ ڳالهيون ٿيڻ کپن" اهڙي ٻاراڻي ڳالهہ نہ رڳو خالق ڪئي آهي پر سرڪاري ميڊيا کان متاثر ٿيل ٻين سنڌي صحافين ۽ ڪالمنگارن بہ ڪئي آهي. اسان خالق کان ۽ سرڪاري صحافين کان پڇڻ ٿا گهرون تہ اهو سنڌن پنهنجو نقطہ نظر آهي يا حڪمرانن جو ڪين ڏنل موقف آهي. جيئي سنڌ قومي محاذ کي سنڌ اندر ٻين ٻولين ڳالهائڻ وارن سان هن سلسلي ۾ ڳالهائڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي ۽ ڇو ڳالهائي؟! اردو ڳالهائيندڙ آبادي هڪ تاريخي جبر هيٺ سنڌي قوم جي مٿي ۾ لڳي آهي. تنهن ڪري انهن کي سنڌي قوم جو حصو ڪري تسليم ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ جو انهن جو پنهنجي اڳوڻي وطن ڏانهن واپسيءَ جو ڪو امڪان ڪونہ آهي؛ تنهن کان سواءِ هو، انهيءَ تاريخي جبر هيٺ اسان کي سنڌي هندن جي بدلي ۾ مليا آهن پر پنجابين ۽ پٺاڻن جي اها صورتحال ڪانہ آهي. انهن کي پنهنجا وطن آهن ۽ انهن کي پنهنجي وطن ڏانهن واپس ورڻو پوندو. اسين انهن کي سنڌي قوم جو حصو نٿا سمجهون. ان ڪري انهن سان هن سلسلي ۾ ڳالهائڻ جي يا انهن سان ڪنهن اتحاد وغيره ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي. باقي جيئن بلوچ آهن، سرائڪي آهن يا ٻيون سنڌ ۾ قديم زماني کان وٺي رهندڙ ذاتيون آهن، اهي تہ نہ رڳو سنڌي ٿي چڪا آهن، پر اهي سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ شامل آهن بلڪ قومي تحريڪ جي ڪيترين ئي تنظيمن جا اڳواڻ آهن. انهن سان اردو ڳالهائيندڙن جي حيثيت ۾ ڳالهائڻ يا اتحاد ڪرڻ مان هنن ماڻهن جي ڇا مراد آهي؟ ڇا هو اڃان سنڌي قوم جي لازمي حصن جو تعين نہ ڪري سگهيا آهن يا ان بابت اڃان تائين مونجهارن جو شڪار آهن؟! اسان ڪنهن بہ پنجابي يا پشتو ڳالهائيندڙ سان هن سلسلي ۾ نہ ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيون ۽ نہ انهن کي اردو آبادي جي سنڌي قوم جي حصي واري حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. انهن کي بلوچن، سرائڪين ۽ ٻين سنڌي ذاتين ۽ قبيلن وانگر سنڌي قوم جي هڪ جزي طور يا تہ ان ۾ ضم ٿيڻو پوندو يا واپس پنهنجي وطن وڃڻو پوندو. اها ڳالهہ خالق کي بہ

سمجهڻي پوندي ۽ سنڌي صحافين، دانشورن، ڪالمنگارن ۽ سنڌي پريس کي به سمجهڻي پوندي. ان بابت ڪين بيءِ ڪنهن خرافات ۾ پوڻ نه گهرجي.

خالق جي اهڙين ڳالهين مان لڳي ٿو ته ان وٽ قومي تحريڪ کان وڌيڪ پنهنجي "انا" آهي، يا هو ٻهرين ڏينهن کان وٺي قومي تحريڪ ۾ ڇڏيل ماڻهو آهي. جيڪو جيئي سنڌ محاذ ۽ قومي تحريڪ کي وڏڻ، ويڄهڻ ۽ اڳتي وڌي عوام ۾ لهڻ کان روڪيندو رهيو آهي. پ پ، پليجي يا ٻين جي جسقم ۽ متحده جي اتحاد جي خلاف تنقيد ته سمجهه ۾ اچي ٿي پر خالق جي مخالفت ۾ ڪوبه وزن ڪونه آهي. جيتري قدر ايم ڪيو ايم بابت خدشن جو امڪان آهي ته انهن سيني خدشن ۽ امڪانن تي سوچي ۽ ويچاري ۽ انهن کي اڳيان رکي پوءِ ئي قومي محاذ متحده وارن سان ڳالهيون ڪيون آهن. جيڪي خدشا خالق جي خيال ۾ آهن؛ سي بشير خان ۽ آريسر صاحب جي ذهن ۾ به ضرور هوندا ۽ هئڻ گهرجن. پر جيئن ته هي ماڻهو رڳو پنهنجي نڪ تائين سوچين ٿا؛ ان ڪري سندن خيال ۾؛ ته جيڪي خدشا ۽ خيال سندن ذهن ۾ آهن، سي رڳو سندن ذهن جي پيداوار آهن ۽ ٻيا ان تي سوچيندا به ڪونه هوندا ۽ نه ٻين جو ايڏو وڏو ذهن يا خيال تي سگهي ٿو پر عقل جو رڳو ڪين وٽ دنگ ٿئي ٿو.

قومي محاذ ۽ متحده جي اتحاد تي تنقيد ڪندڙن کي خبر هجڻ کپي ته حڪمرانن جي ٻاران ڪالا باغ ڊيم جي اعلان کان پوءِ، ان جي خلاف سنڌ ۾ متوقع ٿيندڙ جدوجهد دوران صرف قومي محاذ ۽ متحده جي خلاف ئي آپريشن ڪرڻ لاءِ فيصلو ٿي چڪو هو ۽ آهي. جو ته ڪالا باغ ڊيم جي خلاف اٿندڙ جدوجهد جي سلسلي ۾ حڪمرانن ٻين سياسي ڌرين جو "هوم ورڪ" مڪمل ڪري ورتو آهي ۽ ان لاءِ انهن چوطرفي حڪمت عملي جوڙي ورتي آهي. جنهن لاءِ جتي نواز شريف بذات خود لياقت جتوئي ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي پنهنجي اثر ۾ وٺي ڇڏيو، اتي شهباز شريف ممتاز ڀٽي کي پاڻ وٽ گهرائي سندس گاڏيءَ جي ويل مان هوا ڪڍي ڇڏي. اهڙيءَ طرح جتي مشاهد حسين سنڌ جي پاڪيٽ تنظيمن جي قومپرست قيادت کي پنهنجي بريف ڪيس جي چمڪ سان قابوءَ ۾ رکي ڇڏيو، اتي سيد شاهه محمد شاهه سنڌي اخبارن ۽ صحافين کي اشتهارن ۽ انعامن اڪرامن وارن لفافن سان نوازي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح جنرل سڪندر حيات ۽ چوڌري شجاعت کي متحده وارن ۽ الطاف حسين لاءِ ۽ قومي محاذ جي قيادت لاءِ جنرل مجيد ملڪ کي موڪليو ويو، جن سيني "ڪاري ڏاند جي ڏٿين" کي رپورٽون وڃي ڏنيون ته ايم

ڪيو ايم الطاف ۽ قومي محاذ جي قيادت کان سواءِ باقي ٻين سڀني کي رام ڪيو ويو آهي. ان ڪري انهن ٻن جو بلو ڪرڻ حڪمرانن جو ڪم آهي. جنهن کان پوءِ متحده ۽ قومي محاذ جي "آپريشن" ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ جي شروعات قومي محاذ جي حيدرآباد واري مظاهري دوران بشير خان ۽ ٻئي سڄي قومي محاذ جي قيادت کي گرفتار ڪرڻ سان ڪرڻي هئي. بقول رياست جي اهم ادارن تائين رسائي رکندڙ هڪ سنڌي صحافي جي تہ: "جيئي سنڌ قومي محاذ جي اهڙي مارچ ۽ ڌرڻي جي اعلان کان پوءِ ظاهري طور اهو سمجهيو پئي ويو تہ اهو مارچ ۽ ڌرڻو بہ عام رواجي مظاهرن يا جلسن جهڙو ڪجهہ سون جي تعداد ۾ ماڻهن جو مارچ ۽ ڌرڻو هوندو. پر هن مارچ کي ڏسڻ کان پوءِ اچان تائين اهو مارچ بحث جو موضوع بنيل آهي تہ آخر هزارن جي تعداد ۾ اهي ماڻهو ڪٿان اچي ويا. اخباري اطلاعن مطابق تہ جيئي سنڌ قومي محاذ جي احتجاجي ڌرڻي واري اعلان کان پوءِ ڪارروائي جو آغاز بہ جيئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻن جي گرفتارين سان ڪرڻ جو حتمي فيصلو ڪيو ويو هو. پر احتجاجي ڌرڻي ۾ شريڪ سنڌي ماڻهن جي هٿن ۾ ڏنل لٺين، سنڌن مشتعل انداز وارن چهرن، ۽ هزارن جي تعداد ۾ مارچ ڪري تتل روڊ تي ڌرڻي ڏسڻ کان پوءِ شايد سرڪاري ڪارندن پنهنجو رويو تبديل ڪري ڇڏيو ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ گهرايل فورس جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪارڪنن جي تحفظ ڪرڻ واري فورس ۾ تبديل ٿي ويو...."
"(روزانہ عبرت 19 جولاءِ 1998ع)

هن مارچ ۽ ڌرڻي کان پوءِ هڪدم ٻئي ڏينهن متحده جي اڳواڻ رات جو امداد محمد شاهہ ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ جي چيئرمين بشير خان قريشي سان سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي اتحاد بابت فون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ ان کان پوءِ سگهوئي ٻهرين حيدر منزل تي ۽ پوءِ نائين زيرو تي متحده جي ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻن جون سنڌ جي مسئلن تي ٽي نقاطي جدوجهد بابت پاڻ ۾ ڳالهيون ٿيون ۽ انهن ماڻهن تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي وئي، جيڪا گڏيل جدوجهد جي طريقہ ڪار کي طئي ڪندي تہ اها ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ڪئي وڃي.

متحده ۽ قومي محاذ جي اتحاد کان پوءِ ڏسڻ ۾ پيو اچي تہ في الحال رياست جو ايم ڪيو ايم تان ظاهري ڏمر ٽري ويو آهي ۽ آپريشن وغيره وارو پروپوزل پوئتي هٽايو ويو آهي. ۽ شهرن جي اندر قتل ۽ غارت گريءَ ۾ گهٽي قدر ٺيرو اچي ويو آهي ۽ الطاف تان ڪيس وغيره بہ هٽايا پيا وڃن. جيڪا رياست جي پاران متحده کي

هڪ رعايت آهي تہ جيئن اها ايتري ابهري نہ ٿئي، ۽ اهڙيءَ طرح ممڪن آهي تہ قومي محاذ بابت بہ ڪو تڪڙو ۽ ابهرو قدم نہ کنيو وڃي پر اها ڳالهہ طئي آهي تہ رياست ۽ ايجنسيون قومي محاذ ۽ متحده جي اتحاد کي ڪنهن چڱيءَ نظر سان نٿيون ڏسن ۽ انهن جي خلاف ضرور ڪو نہ ڪو سازش جو جار وڇائينديون. جنهن کي سنڌي ۽ اردو آبادي کي هڪ ٻئي کان پري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون. ممڪن آهي تہ ان لاءِ هڪ ڀيرو وري شهرن جي اندر سنڌي مهاجر فسادن ڪرائڻ وارو ماحول پيدا ڪيو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي ۽ اردو آباديءَ وٽ متحده ۽ قومي محاذ جي اتحاد کي ڌڪي ڪرڻ ۽ بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ڇو تہ متحده ۽ قومي محاذ جي اتحاد رياست ۽ ان جي ڇاڙتن جي پيٽ ۾ في الحال لنديون دوڙائي ڇڏيون هونديون. ان ڪري رياست ۽ ان جي حڪمرانن جي ان بابت موجوده خاموشي ڪنهن وڏي آتش فشان کي جنم ڏئي سگهي ٿي.

ٻئي طرف اهو بہ ممڪن آهي تہ متحده هن اتحاد جي نتيجي ۾ حڪمرانن کان گهٽي کان گهٽا فائدا ۽ رعايتون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ قومي محاذ کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. اهي سڀ ڳالهيون پنهنجيءَ جاءِ تي پر سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ هم آهنگي ۽ ويجهڙائي سڀ کان اهم ڳالهہ آهي ۽ اها موجوده حالتن ۾ اڄان ٿي وڌيڪ ضروري بہ آهي. ٻيو تہ متحده وارن ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي رياست جي سٺن سالن جي جبر ۽ ڏاڍ گهڻو ڪجهہ سيکاريو آهي. ڪين تجربي ٻڌايو آهي تہ رياست مٿن صرف تڏهن وار ڪري سگهي ٿي، جڏهن ان لاءِ سنڌي ماڻهن کان ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان حمايت حاصل ڪندي. رياست سنڌي آباديءَ جي حمايت کان سواءِ اردو آباديءَ تي ۽ اردو آباديءَ جي حمايت کان سواءِ سنڌي آباديءَ تي ڪو وڏو وار ڪري نہ ٿي سگهي. جي ڪندي تہ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي پاڻ وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏيندي. باقي اهو جيڪو سوال اٿاريو پيو وڃي تہ متحده جو قومي محاذ سان اتحاد سنڌي ۽ اردو آباديءَ جو اتحاد آهي يا نہ؟ ان لاءِ اسان کي هن حقيقت کي تسليم ڪرڻو پوندو تہ جتي عوامي حمايت جي لحاظ کان سنڌ جي نمائندگي پ پ وٽ آهي، اتي فڪري ۽ نظرياتي پروگرام جي لحاظ کان سنڌ جي مستقبل جي نمائندگيءَ جو حق جيئي سنڌ قومي محاذ وٽ ئي آهي. سنڌ جي عوامي حمايت جي نمائندگيءَ جي حوالي کان ايم ڪيو ايم وارا هن کان اڳ پ پ سان اتحاد ڪري چڪا آهن، پر جيئن تہ پ پ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي قومي مفادن جي نمائندگي نٿي ڪري. بلڪہ اها سدائين

پنجاب ۽ پنجابين جي مفادن کي وڌيڪ ترجيح ڏيندي رهي آهي. ان ڪري پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جو اتحاد سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ جي بجاءِ رهندو پري ڪندو ۽ نفاق وجهندو رهيو آهي. جڏهن به پ پ ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪندي آهي. ته اها ان کي سنڌ جي قومي مفادن جي بجاءِ پنجابي مفادن لاءِ استعمال ڪندي آهي. اها ان جي اقتدار ۾ رهڻ واريءَ سياست جي مجبوري هوندي آهي. نتيجي ۾ سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي هم آهنگيءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو آهي ۽ دوريون گهٽجڻ ۽ سوڙهيون ٿيڻ جي بدران پاڻ وڌي وڏيون ۽ ويڪريون ٿي وينديون آهن. ان جي ڀيٽ ۾ متحده ۽ قومي محاذ جي اتحاد ڪرڻ جي صورت ۾ نه رڳو سنڌي ۽ اردو آباديون هڪ ٻئي جي ويجهو اينديون پر متحده سنڌ جي مفادن ۽ مسئلن کي پنهنجي ايجنڊا ۾ شامل ڪري ڇڏيندي؛ جو ته اها سنڌي ۽ اردو آبادي جي تاريخي ضرورت آهي.

باقي جيتريقدر متحده جي پليجي، قادر ۽ قمر يا ٻين سان اتحاد ڪرڻ جو سوال آهي ته ايم ڪيو ايم وارن کي خبر آهي ته اهي جن رياستي ادارن جي ڏاڍ کان بچڻ لاءِ سنڌي ماڻهن سان اتحاد ڪرڻ گهرن ٿا. اهي ماڻهو انهن ادارن جا ئي پگهاردار آهن، سي سندن مفادن جو ڪهڙو تحفظ ڪري سگهندا؟ اهي ته سنڌ جي سياست به انهن ادارن جي مقرر ڪيل دائرن اندر ڪن ٿا. تنهن ڪري متحده سان اتحاد جي صورت ۾ انهن دائرن کان ٻاهر نڪري ڪونه سگهندا؟ سندن سياست جي واڳ ڌور ٻين قوتن جي هٿن ۾ آهي. انهن سان رڳو اهي پارٽيون ۽ تنظيمون گڏجي سياست ڪري سگهن ٿيون. جيڪي پاڻ به پاڪيٽ تنظيمون هونديون آهن. پاڪيٽ تنظيمون يا ته پاڪيٽ تنظيمن سان گڏجي سياست ڪنديون آهن يا انهن جي آمهون سامهون ۽ مدمقابل سياست ڪنديون آهن. تنهن ڪري متحده جو قومي محاذ سان ئي اصل ۽ فطري اتحاد آهي، جيڪو سنڌ جي مستقبل ۾ سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي هڪ ٻئي جي ويجهو به آڻي سگهي ٿو ۽ پنجاب جي خلاف گڏجي جدوجهد به ڪري سگهي ٿو. متحده جو ٻين پارٽين ۽ تنظيمن سان اتحاد ٿي سگهي ٿو پر اهو حقيقي پنجاب مخالف اتحاد ٿي نٿو سگهي. تنهن ڪري جٽائدار به ٿي نه سگهن. جڏهن ته ضرورت اهڙي اتحاد جي آهي، جيڪو ٻنهين آبادين جي وچ ۾ ويڇن کي وڌائڻ جي بجاءِ ويڇن کي گهٽائي سگهي ۽ ويڇا صرف اهڙي اتحاد جي ذريعي گهٽجي سگهجن ٿا، جنهن جي اڳيان ذاتي ۽ تنظيمي مفادن جي بجاءِ سنڌ جا گڏيل قومي مفاد اهميت ۽ اوليت رکندا. سڀ کان اڳ اوليت مفادن کي آهي. جيڪڏهن پليجي صاحب يا قادر

مگسيءَ جا مفاد سنڌو ديش جي آزاديءَ سان ٺٺا ميل ڪائين يا ٺٺا ٺهڪن ته اهي ان کان پڇي پري ٿين ٿا. سنڌن مفاد ڪين جيتري اجازت ڏين ٿا. ايترو هو قومي جدوجهد سان گڏجي هلن ٿا. ان کان پوءِ پوئتي هٽي وڃن ٿا. متحده وارا به ائين آهن ۽ ڪو وقت ائين ڪندا. اهڙيءَ طرح قومون قومن ۾ ٽوڙي وڏيون برادريون يا ڪميونٽيون قومن ۾ ڪن فردن يا تنظيمن يا پارٽين جي معاهدن ۽ اتحادن سان ضم نه ٿي وينديون آهن، پر رضاڪارانه طور هڪ ڊگهي تاريخي تسلسل مان گذري ۽ پاڻ ۾ سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگي پيدا ڪري ڪنهن هڪ قوم ۾ ضم ٿي وينديون آهن. جيئن سنڌ ۾ ڪيترين ئي ذاتيون ۽ قبيلا آهن، بلوچ آهن، چانڊيا آهن، خاصخيلي آهن ۽ ٻيون ذاتيون ۽ قبيلا آهن، انهن مان ڪيترا پاڻ کي ۽ پنهنجي ذات ۽ قبيلي کي قوم سڏين ٿا يا سرائڪي، ڪڇي، ٿري ۽ ڏاٽڪي ٻوليون وارا آهن؛ انهن سيني کي سنڌي قوم جي حصو ٿيڻ لاءِ ۽ ان ۾ ضم ٿيڻ لاءِ هڪ وقت لڳو آهي. تيئن اردو آباديءَ کي به سنڌي قوم جي حصي ٿيڻ لاءِ ۽ ان ۾ ضم ٿيڻ لاءِ وقت گهربل آهي. ان جو اسان کي انتظار ڪرڻو پوندو. ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻو پوندو. ننڍن وڏن تضادن کي نظرانداز ڪرڻو پوندو. ڪنهن قوم جي مڪمل قوم ٿيڻ جو اهو ئي فطري ۽ سائنسي طريقو آهي.

هڪ قوم ٿيڻ لاءِ وڏي ۾ وڏي ڳالهه مفادن جي هم آهنگيءَ جي ضرورت آهي، ۽ اها سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگي آهي ۽ اسان کي هن وقت ان تي ئي زور ڏيڻ جي ضرورت آهي. رڳو ثقافت، رڳو ٻولي، رڳو تاريخي روايتون يا رڳو جاگرافيائي حدون ئي ڪنهن قوم جو پورو ۽ مڪمل تعين نه ڪنديون آهن. ان لاءِ قوم جو پنجون عنصر لازمي آهي. جيڪو ئي ڪنهن قوم جي قومي شعور کي ۽ قوم پرستيءَ کي اياريندو آهي. قومي شعور دراصل جديد سرمائيدارانه اقتصادي شعور آهي. جيڪو قومي منڊيءَ ۽ قومي معيشيت جي محافظ طور ابرندو آهي ۽ اهو قوم جو تاريخي شعور آهي. جنهن کي تاريخ جو تسلسل گهربل هوندو آهي. اهو تاريخي تسلسل مان گذرڻ کان پوءِ ئي پچي، رچي ۽ ميچوئر ٿي ايندو آهي. ان ڪري اردو آباديءَ لاءِ اهو چوڻ آهي ته هو اڄ جو اڄ سنڌي قوم جو حصو ٿي وڃن ۽ ان ۾ ضم ٿي وڃن ۽ پنهنجي ڪميونٽي مفادن تان هڪدم لادعويٰ ٿي وڃن. اها يوٽوپيا آهي، سائنسي اپروچ ناهي. اڄ به سنڌ ۾ رهندڙ بلوچن کي پنهنجا تحفظات آهن، ٻين کي پنهنجا تحفظات آهن ۽ جاگيردار طبقي کي پنهنجا ته وچولي طبقي کي پنهنجا تحفظات آهن. تيئن اردو آبادي کي به پنهنجا تحفظات آهن. سڀ گڏجي هڪ

ڏينهن قومي تحفظات جو حصو ٿي ويندا.

قومون رات جي پيٽ ۾ نہ ڦهنديون آهن؛ نہ هفتن، مهينن ۽ سالن ۾ ڦهنديون آهن؛ قومون صدين جي سفر ۾ ڦهنديون آهن. سنڌي قوم صدين جي سفر کان پوءِ حقيقت جو روپ ورتو آهي؛ پر ان اڃان عملي روپ اختيار نہ ڪيو آهي. ۽ نہ ان اهڙو ڪو عملي اظهار ڪيو آهي. پر هاڻ اهو ڏينهن پري ڪونہ آهي؛ جڏهن اسان جي قومي جدوجهد ۽ سائين جي ايم سيد جو سنڌوديش جو قومي پروگرام سنڌي قوم کي عمل جي ميدان ۾ وٺي ايندو. سنڌي قوم ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين ۽ ڪراچيءَ کان ڪارونجهر تائين سنڌ جي قومي ۽ اقتصادي مسئلن تي يڪمشت مظاهرو ڪري ڏيکاريندي. سڄي سنڌ رڳو هڙتال جو ئي اهڙو مظاهرو ڪندي تہ وڏي ڳالهہ ٿي ويندي. ڪنهن جي تصور ۾ بہ اهڙي ڳالهہ هئي تہ اردو ڳالهائيندڙن جي هڪ اهڙي تنظيم، جنهن تي وڏي ۾ وڏو سنڌ دشمنيءَ جو ٺپو لڳل هو. سا سنڌ ۽ سنڌي قوم جي هڪ اهڙي تنظيم يا پارٽيءَ سان سنڌ جي مکيا قومي مسئلن تي اتحاد جو سڏ ڏيندي؛ جيڪا ڪلم ڪلا آزاد "سنڌو ديش" جو پروگرام رکندڙ آهي. جنهن جي پروگرام کان خوف کائي اڄ کان ويهہ سال اڳ پنهنجي سنڌي پليجي صاحب جدا وجي تنظيم ٺاهي ۽ ستٽ اٺ سال اڳ قادر مگسيءَ ۽ دودي ان جي پروگرام ۽ جهنڊي کي ڇڏي ڏنو. ويندي ان جي "دعايا" قومي نعري "جيئي سنڌ" کي بہ پنهنجي پارٽيءَ مان خارج ڪري ڇڏيو. انهيءَ پروگرام واري پارٽيءَ سان اردو آباديءَ جي نمائنده تنظيم جو سڏ ۾ سڏ ڏيڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانہ آهي. اها سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خوش قسمتي ۽ خوش بختي بلڪ تاريخي ضرورت ۽ لزوم آهي. جيڪو اڳي پوءِ ٿيڻو هو ۽ ٿي رهيو آهي. رڳو سنڌي قوم ۽ ان جي سڄاڻ ماڻهن کي اڳتي وڌي ان جي آجيان ڪرڻي آهي. اٿين نہ ٿئي جو وقت هٿن مان نڪري وڃي ۽ پوءِ رڳو سڪتا هٿ مهٽيندي رهجي وڃون. ان ڪري تاريخ جي سڏ ۾ سڏ ڏيڻ ضروري آهي، ۽ اهو اسان تي لازم بہ آهي.

(ماهوار ساڃاهہ، آڪٽوبر-نومبر 1998ع)

سنڌ ۾ ڦاسي ڦٽڪڻ جي موسم

سنڌ ۾ ماڻهن کي ڦاهين تي چاڙهڻ لاءِ ڦاسي ڦٽڪڻ جي موسم شروع ٿي وئي آهي، هر ايندڙ ڏينهن تي ڪونه ڪو ڌرتيءَ جائو، ڦاهيءَ جي تختي تي چڙهندو رهي ٿو، جيئو وڃي ٿو ته اها تڪڙي انصاف جي تقاضا آهي. پاڪستان ۾ سون ۽ هزارن ماڻهن جا قاتل وڏيءَ ديده دليريءَ سان ڳاٽ اوچي سان گهمي ۽ ڦري رهيا آهن؛ پر انهن جي اڳيان انصاف جي ترازوءَ لڏڻ به ڇڏي ڏنو آهي.

اهڙي انساني ڪوس ۽ دهشتگريءَ تي نام نهاد جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند سياسي بازيگر ۽ سرڪاري صحافي ۽ دانشور ڪڇيون هڻي ۽ بغل وڄائي رهيا آهن. انهن ماڻهن مان گهڻائي انهن ماڻهن جي آهي؛ جن هن کان اڳ جنرل ضياءَ الحق جي فوجي راڄ ۾ ماڻهن کي لڳندڙ ڦٽڪن جي خلاف پ پ جي وڏيرن ۽ جاگيردارن کي اقتدار جو ڪرسيءَ تي ويهارڻ لاءِ چوڌاري واويلا مچائي ڇڏي هئي، ته اهڙو ظلم ۽ ڏاڍ ۽ ٻهر دنيا جي سڄيءَ تاريخ ۾، نه ڪٿي ٿيو آهي ۽ نه ٿيندو. پر اڄ اهي ئي ماڻهو، چپن کي چونو لائي گهرن جي ٻرن ۾ لڪي ويا آهن، ۽ انهيءَ لڪ لڪوٽيءَ ۾ خوش به پيا ٿين، ته ڪيئن نه سنڌن سرپرستي ڪندڙ پنجابي آقا، اردو ڳالهائيندڙن جي گهر ۾ ماتم وجهي ڇڏيو آهي. اهڙن ڪوتاهه نظر ماڻهن کي اهو وسارڻ نه گهرجي ته جنهن پنجابي سامراج اڄ اردو آباديءَ جي گهرن ۾ تڏا وڇرائي ڇڏيا آهن، سو سنڌ ۽ سنڌي قوم جو به ايڏو ئي ۽ ان کان به وڌو دشمن ۽ ويري آهي، ان ڪري اهو اردو آباديءَ مان واندي ٿيڻ کان پوءِ سنڌين جي گهرن ۾ به اهڙوئي روڏن وجهي سگهي ٿو، هيءَ ته "هَڻُ ڏي کي سکي ٺُنهن" جو مثال قائم ڪري آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين پنجاب سامراج جي پاليسي رهي آهي ته اهو واري واري سان مڙني قومن جي ماڻهن کي ماريندو ۽ ڪٽيندو به رهيو آهي؛ ۽ ٻين قومن جي ماڻهن کان ان جي حق ۾ حمايت به حاصل ڪندو رهيو آهي. اهو پنجاب سامراج جڏهن بنگالين جي لکين ماڻهن جو ڪوس ڪندو رهيو ته انهيءَ جي حق ۾ ٻين قومن جي ماڻهن کان حمايت به حاصل ڪندو رهيو ۽ انهن کان تاڙيون به

وڇرائيندو رهيو، جڏهن هزارين بلوچ عوام جو قتل عام ڪندو رهيو ته سنڌين، پنجابين ۽ پناهگيرن کان انهيءَ جي حق ۾ ڪڳيون به هڻائيندو رهيو. جڏهن سوين سنڌي ماڻهن کي ماريندو ۽ ڪٽيندو ۽ سنڌن گهر بار اجاڙيندو رهيو ته باقي سڄي پاڪستان جي ماڻهن کان انهيءَ جي حق ۾ بغل به وڄرائيندو رهيو، اهڙيءَ طرح هاڻ جڏهن 1992ع کان وٺي اردو آباديءَ کي موچڙا هڻندو ۽ ڦاهين تي ٽنگيندو رهي ٿو ته سنڌين سميت سڀني کان انهيءَ جي حمايت ۾ نعرا هڻائي به رهيو آهي.

هن وقت ڪراچيءَ ۾ اردو آباديءَ مان جيڪو ماڻهن کي ڦاسن تي ٽنگيو پيو وڃي، انهيءَ جي لاءِ اسان کي ڪنهن به صورت ۾ گهڻو ڪو خوش ٿيڻ نه گهرجي، نه وري اهو سمجهڻ گهرجي ته اها ڪا اسان سنڌين جي جنگ لڙي پئي وڃي يا سنڌين جي قاتلن کي ڦاسن تي ٽنگيو پيو وڃي ۽ انصاف جي پوئواري ڪئي پئي وڃي، ائين ڪونه آهي، پاڪستان ۾ نه ڪڏهن انصاف ٿيو آهي، ۽ نه ڪڏهن انصاف جي پوئواري ڪئي وئي آهي ۽ نه وري اهڙي ڪا اميد رکي سگهجي ٿي.

اصل ۾ اهو پنجابين جو ۽ پنجاب سامراج جي طرفان انتقام ورتو پيو وڃي، جيئن هن کان اڳ ڀٽي صاحب جي حڪومت جي دور ۾، بلوچستان جي پٽ فيڊر جي علائقي ۾ ٻن پنجابين جي قتل جي انتقام ۾ چاليهن هزارن بلوچن جو قتل عام ڪيو ويو هو يا جيئن هڪڙي پنجابي نواب محمود احمد قصوريءَجي انتقام ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي وزيراعظم جي ڪرسيءَ تان لاهي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاهيءَ جي تختي تي ٽنگيو ويو، جي نه ته لياقت علي خان جا قاتل ڪاڏي ويا، انهن کي ڦاهين تي ڇو نه چاڙهيو ويو؟ مرتضيٰ ڀٽي جا قاتل ڪاڏي ويا، انهن کي ڦاهين تي ڇو نه ٽنگيو ويو، وڏي ڳالهه ته 30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر 1988ع کان وٺي به جون 1990ع تائين سنڌ جي شهرن اندر سنڌ جي عوام جي ڪوس ۾ ملوث قاتلن کي ڇو نٿو ڦاهين تي ٽنگيو وڃي؟!

جيڪڏهن لجالت ۽ قتل جي الزام ۾ ببليءَ ۽ بابر لوڌيءَ کي ڦاهي تي چاڙهي سگهجي ٿو ته پوءِ جن ماڻهن 1988ع کان 1990ع تائين سنڌ جي شهرن اندر پورا به سال سنڌ جي ماڻهن جو قتل عام ڪيو ۽ نياڻين جي ارهن تي تتل لوهي اوزارن سان ڏنب ڏنا هئا، انهن کي ڇو نٿو ڦاهين تي لٽڪايو وڃي...؟ انهن کي نه چاڙهيو ويندو...! ڇاڪاڻ ته اهو سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙن جو گڏيل قتل عام پنجاب سامراج ۽ ان جي ايجنسين ڪرائي جي قاتلن جي هٿان ڪرايو هو! ۽ اهي

پنهنجي ڪراچي جي قاتلن کي ڪيٿن هٿ لائيندا ۽ انهن جي خلاف فوجي عدالتون جوڙيندا. انهن تہ سندن حڪمن ۽ حڪمت عملين تي عمل ڪندي. مائيو ماريا هئا! جن مان پوءِ ڪيترن کي ايم ڪيو ايم الطاف وارن يا قتل ڪري جد .و ـا تنظيم مان لوڏي ڪڍي ڇڏيو؟

اهڙيءَ طرح جن جن قاتلن پنجاب سامراج ۽ ان جي ايجنسين جي اشارن ۽ حڪمن تي شهرن جي اندر سندي مائهن کي ڪٺو هو، سي پوءِ پاڻ بہ پنهنجي ئي تنظيم جي دهشتگرديءَ جو ڪاج ٿي ويا. پنجاب سامراج جو هن وقت متحده وارن تي جيڪڏهن ڪو ڏمر آهي تہ اهو تہ انهن پنهنجي تنظيم اندر سندن چاڙتن ۽ ايجنٽن جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو آهي ۽ باقي جيڪي آهن، سي ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ ٻين فورسن تي ساڳيءَ طرح سنڌ دشمنيءَ ۾ مصروف آهن، جن کي اڄ بہ هٿ نٿو لاتو وڃي. اهي اڄ بہ آزاد آهن، پوءِ اهي سنڌين جا قاتل آهن، يا بلوچن جا قاتل آهن يا بنگالين جا قاتل آهن يا اردو ڳالهائيندڙن جا قاتل آهن، اهي هڪ ٻن مائهن جا نہ پر سون، هزارن ۽ لکن ُجا قاتل آهن؛ اهي پنجابي فوجي بہ آهن، تہ ڪراچي جا قاتل بہ آهن.

پاڪستان جي رياست، پنهنجي پهرين ڏينهن کان وٺي حڪمران پنجابي قوم جي فردن ٿي جي مال، عزت ۽ جان جي حفاظت ڪندڙ آهي. اها، انهيءَ قوم جي هڪ فرد جي قتل جي انتقام طور ملڪ جي وزيراعظم کي بہ ڦاهي تي چاڙهيندي دير نہ ڪندي آهي؛ پر غلام ۽ محڪوم قومن جي مائهن کي ٽوڙهي ٽانڪ جي ڳيرو ۽ معصوم نوجوانن وانگر جيڪڏهن ٽڪي جا سپاهي بہ ماري ڇڏيندا آهن تہ انهن جو ڪو داد ۽ فرياد ڪونہ ٿيندو آهي بلڪہ قاتلن جي بجاءِ مقتولن ۽ زخمين جي وارثن کي جيلن ۾ واڙيو ويندو آهي ۽ قاتلن کي انعام طور جمهوريت جا تمغا ڏنا ويندا آهن؛ اها پنجابي سامراج جي حڪمت عملي رهي آهي، تہ پاڪستان مان سنڌين، بلوچن ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۽ ٻين مڙني کي ماري ميڙائو آهي يا ختم ڪرڻو آهي ۽ سندن وطن ۽ ترتيءَ کي ”عظيم تر پنجاب“ ۾ ضم ڪرڻو آهي.

اينٿمي بمن جي ڌماڪن کان پوءِ پنجابي سامراج فاشي جرمني جي فلسفي تي عمل ڪري رهيو آهي. فاشي جرمنيءَ انتقام جي انڌ ۾ اچي، پنهنجي جارحيت تي تمام تڪڙو عمل ڪيو هو ۽ حد کان وڌي پاڻ ڏاڍن سان مهاڏو اٽڪايو هو، ان ڪري جلد ئي دنيا جي ملڪن جا موچڙا کائي موت جي منهن چڙهي ويو هو؛ پر پنجابي فاشزم انهيءَ مان سبق سکي تمام آهستگيءَ سان ۽ محتاط نموني انهيءَ

جارحيت پسند نظرياتي لائين تي عمل ڪرڻ لڳي آهي.دراصل توسيع پسندي ۽ جارحيت پسندي توڙي فاشي سوچ ايرندڙ سامراجي سرمائي جي ضرورت هوندي آهي ۽ اهو جائز ۽ ناجائز نموني تمام تڪڙو شاهوڪاريءَ ۽ اجاريداريءَ واريءَ سامراجيت ۾ داخل ٿيڻ چاهيندو آهي. جيتوڻيڪ اها جلد بازي ۽ تڪڙ ئي ان جي موت جو ڪارڻ بہ ٿيندي آهي؛ جيئن فاشي جرمنيءَ جي اجاريدار سرمائيداريءَ جلدي سامراجيت جي شڪل اختيار ڪرڻ جي شوق جو شڪار ٿي وئي؛ ڇو تہ انهيءَ سامراجي سرمائي گهڻ طرفي جنگ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هر قسم جي ظلم، جبر ۽ ڏاڍ، ڦاهين، ڦٽڪن ۽ ڪوڙيءَ ۽ من گهڙت پروپيگنڊه کي هٿي ڏني هئي.

ساڳيءَ طرح ڏنو وڃي تہ هن وقت پنجابي حڪمران طبقي سنڌي صحافت تي بہ مڪمل ڪنٽرول ڪري ورتو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪالا باغ ڊيم جي اعلان کان پوءِ انهيءَ ڏسي ورتو آهي تہ جيڪڏهن سنڌي اخبارن ۽ صحافت چاهين ۽ سچيون ٿين تہ سنڌي مالڪن کي انن ڏينهن جي اندر پنجاب سامراج جي خلاف اٿاري ڪڙو ڪري سگهن ٿيون، ان ڪري پنجابي حڪمران طبقي هاڻي سڄو ڌيان سنڌي صحافت تي ڏنو آهي. ۽ انهيءَ کي خريد ڪري پنهنجي قبضي ۽ ڪنٽرول ۾ ڪري ورتو آهي. پنجابنواز ايجنسين بہ ءَ سنڌي پرنٽ ميڊيا وانگر هڪ عام سنڌي رسالي (سنڌ لائين) ۾ " ايم ڪيو ايم ۽ عالمي دهشتگرد جماعتون، واسطا، رشتا ۽ ڏيوڻ" جي عنوان سان هڪ مضمون شايع ڪرايو آهي؛ جنهن مضمون ۾، اي ڪيو ايم الطاف جي ٻاهرين ملڪن سان واسطن ۽ ملڪ دشمن سرگرمين جي هڪ هٽرادو ڪهاڻي پيش ڪئي وئي آهي ۽ انهيءَ ۾ متحده ۽ ان جي قيادت کي سنڌين، پنجابين ۽ پاڪستان جو دشمن ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ انهيءَ حوالي سان ئي جيئي سنڌ تحريڪ ۽ سائين جي. ايم. سيد تي ڪوڙي بهتان بازي ۽ الزام تراشي بہ ڪئي وئي آهي، تہ جيئن متحده ۽ اردو آباديءَ مان واندي ٿيڻ کان پوءِ پنجابي سامراج ۽ ان جي وحشي حڪمران طبقي کي جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ قومي ڪارڪنن تي هٿ صاف ڪرڻ جو جواز پيدا ڪري ڏنو وڃي.

انهيءَ لحاظ کان اسان جي خيال ۾ تہ موجوده گورنر راڄ کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي بربادي ۽ تباهيءَ جي حوالي کان ڪو گهٽ نقصانڪار نہ سمجهڻ گهرجي، اها پنجاب سامراج ۽ ان جي فاشي حڪمران طبقي جي سنڌ، سنڌي قوم ۽ خاص ڪري سنڌ جي محب وطن ۽ قوم پرست مالڪن جي خلاف هڪ سنگين

سازش ٿي سمجهڻ گهرجي، جيڪا بنگال جي آپريشن وانگر خوفناڪ رخ اختيار ڪري سگهي ٿي. پوءِ به واڳ ڌڻين جا وانا صحافي چون ٿا. ته جيئي سنڌ قومي محاذ کي سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد مان هٿ ڪڍي، پونم جهڙي اقتدار پرستن جي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ گهرجي، ته جيئن اهي ايم آر ڊيءَ وانگر سنڌي ماڻهن کي بوهي ۾ وجهي، اقتدار جي لال ڪنوار ماڻي سگهن ۽ سنڌي ماڻهو وري ويهه پنجويهه سال بيا به سياسي مايوسيءَ جي ڌٻڻ ۾ ڌڪجي وڃن.

(ماهوار 'ساجاهه' مارچ- اپريل 1999ع)

پنجابي اسٽئبلشمينٽ جي سنڌ دشمن ۽ متحده جي سنڌ دوست ڪردار جو سوال

ايم ڪيو ايم ۾ ٽوڙ ڦوڙ:

پنجابي اسٽئبلشمينٽ جي پاران متحده قومي موومينٽ جي خلاف موجوده جنگ سنڌ دوستيءَ جي بنياد تي آهي يا سنڌ دشمنيءَ ۽ پنجاب دوستيءَ جي بنياد تي آهي؟ متحده ۾ هڪ دفعو وري اختلافن جي ڪري، خالد مقبول صديقيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ 7 قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن استعفائون ڏنيون آهن. جن متحده تي الزام هنيو آهي ته اها پنهنجي نرم پاليسيءَ جي سبب مهاجرن تي ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ، قتل ۽ غارت گريءَ جو موثر طور تي نه جواب ڏئي سگهي آهي ۽ نه انهن جو جوڳو تحفظ ڪري سگهي آهي. جڏهن ته هاڻ اهو وقت اچي ويو آهي، جو اسان کي پنهنجي اڳوڻي نرم پاليسي تبديل ڪرڻ گهرجي ۽ مهاجرن تي ٿيندڙ ظلم جو جواب "سر جو سرسان" ۽ "پٿر جو پٿر سان" ۽ "ڪن جو بدلو ڪن" ۽ "اک جو بدلو اک" ڪرڻ سان ڏيڻ گهرجي.

خالد مقبول گروپ جي ايم ڪيو ايم کان الڳ ٿيڻ جو موقف اهڙو آهي، جهڙو قادر مگسيءَ، قومي تحريڪ کان علحدگي اختيار ڪرڻ مهل اختيار ڪيو هو. جيتوڻيڪ متحده کان علحدگي اختيار ڪندڙ ماڻهن اڃان پنهنجو ڪو الڳ گروپ ڪونه جوڙيو آهي پر پوءِ به حڪومتي حلقن پاران کين مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جون دعوتون ڏنيون پيون وڃن ته جيڪڏهن اهي پنهنجين سيٽن تان استيفائون ڏئي مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تان ضمني چونڊون وڙهندا ته مسلم ليگ ۽ حڪومت سندن ڀرپور مدد ڪندي.

"ايم ڪيو ايم حقيقي جي آفاق احمد، عظيم احمد طارق ۽ اشتياق اظهر کان پوءِ متحده ۾ هيءَ چوٿون وڏو ٽوڙ آهي، جنهن لاءِ فريقن جو چوڻ آهي ته اڳ وانگر هيءَ ٽڙو به سرڪاري پٺ ڀرائي تي علحدگي اختياري ڪري رهيو آهي. جنهن موجب سرڪار پاران حڪيم سعيد جي قتل ۾ ملوث جوابدار ذوالفقار حيدر کي ڪجهه رعايتون ڏنيو ويندي‌يون. ان کان اڳ انيس احمد ايڊووڪيٽ پاران پڻ

هڪ اهڙي ٽڙي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ياد رهي ته آفاق احمد وانگر ذوالفقار حيدر ۽ انيس احمد به ايم ڪيو ايم جي اندر دهشتگرديءَ ۾ اهميت وارا ماڻهو رهيا آهن." (عبرت 3.8.99)

ٻين پارٽين ۾ ٽوڙ ڦوڙ:

اسان کي پنهنجي هن جائزي ۾ اهو ڏسڻو آهي ته ايم ڪيو ايم بذات خود ڇا آهي ۽ ايم ڪيو ايم سان پنجابي اسٽبلشمينٽ ۽ پنجابي حڪمران طبقي جي موجوده ايذيءَ وڏيءَ دشمنيءَ جو اصل سبب ڇا آهي؟ ۽ ايم ڪيو ايم سان پنجابي اسٽبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي اها دشمني ڪڏهن کان اختيار ڪئي آهي؟ ۽ ڇا پنجابي اسٽبلشمينٽ هن وقت تائين رڳو ايم ڪيو ايم کي ٽوڙيندي ۽ انهيءَ مان جدا جدا گروپ ٺهرائيندي رهي آهي يا ٻين پارٽين ۽ تحريڪن سان به انهيءَ جو اهو رويو رهيو آهي؟ ايم ڪيو ايم سان پنجابي اسٽبلشمينٽ جي دشمنيءَ تي پوءِ ٿا اچون: پهرين اهو ٿا ڏسون ته پنجابي اسٽبلشمينٽ هن وقت تائين ڪهڙين پارٽين، تنظيمن ۽ تحريڪن کي ٽوڙيندي ۽ ٽوڙائيندي رهي آهي، ۽ ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت تي ٽوڙيندي رهي آهي؟

پنجابي اسٽبلشمينٽ هن کان اڳ خود مسلم ليگ کي وقت به وقت ٽوڙيندي رهي آهي، ڪڏهن قيوم مسلم ليگ، ڪڏهن فنڪشنل مسلم ليگ، ڪڏهن ملڪ قاسم مسلم ليگ، ڪڏهن قائداعظم مسلم ليگ، ڪڏهن جوڻيجو مسلم ليگ، ته ڪڏهن نواز مسلم ليگ ۾ ٽوڙيندي ۽ ورهائيندي رهي آهي. ان کان پوءِ پنجابي اسٽبلشمينٽ ملڪ جي سڀ کان وڏي ۽ سگهاري پارٽي پ پ پ کي به وقت به وقت ٽوڙيندي رهي آهي. پ پ پ کي سڀ کان اڳ ۾ جنرل ضياءَ جي دور ۾ ڪوثر نيازيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پروگريسو پ پ پ جي نالي سان ٽوڙي جدا گروپ جوڙيو ويو، ان کان پوءِ ممتاز علي ڀٽي ۽ حفيظ پيرزادي جي اڳواڻيءَ ۾ پ پ کي ٽوڙي سنڌ، بلوچستان، پختون فرنٽ جوڙيو ويو، اهڙيءَ طرح 1983ع ۽ 1986ع جي جدوجهد کانپوءِ غلام مصطفيٰ جتوئي جي اڳواڻي ۾ اين پ پ ۽ پوءِ مير مرتضيٰ ڀٽي جي سربراهيءَ ۾ پ پ شهيد ڀٽو گروپ جوڙيو ويو ۽ هاڻ وري فاروق لغاريءَ کان ملت پارٽي ۽ ان کان اڳ غلام مصطفيٰ کر جي اڳواڻيءَ ۾ پ پ کي ٽوڙيو ويو آهي.

قومي تحريڪ ۾ ٽوڙ ڦوڙ:

قومي تحريڪ، جيڪا جيئي سنڌ تحريڪ جي نالي سان ۽ سائين جي ايم سيد جي اڳواڻيءَ ۾ 1967ع کان پوءِ سنڌ جي اندر ابري آئي هئي، ان کي به وقت

بہ وقت ٽڪرن ۾ ورهايو ويو آهي. ان کي سڀ کان اڳ جام ساقيءَ ۽ پوءِ پليجي صاحب جي اڳواڻي ۾ ٽوڙيو ويو. ان کان پوءِ شاهه محمد شاهه جو جيئي سنڌ جو ڪڙتالي گروپ ۽ ڊاڪٽر ارباب جو پروگريسو جيئي سنڌ گروپ قومي تحريڪ کان جدا ڪرايو ويو. جڏهن 1983ع جي جدوجهد جي دوران قومي تحريڪ اڳتي وڌي آئي تہ ان ۾ هڪ تمام وڏو ٽوڙ پيدا ڪرايو ويو ۽ پوءِ آخر ۾ 1990 ۽ 1991ع جي وچ ۾ قادر مگسيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ قومي تحريڪ جي اندر هڪ تمام وڏو ٽوڙ پيدا ڪرايو ويو؛ جنهن قومي تحريڪ جي چيلهہ ڀڃي وڌي. ويندي پليجي صاحب جي عوامي تحريڪ بہ وقت بوقت ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿيندي رهي آهي؛ ان ڪري ايم ڪيو ايم جي اندر اڳوڻي توڙي هاڻوڪي ٽوڙ ڦوڙ ڪا نئين ۽ انوکي صورتحال ڪانہ آهي.

پنجابي اسٽبلشمينٽ پارٽيون جو ٽوڙائيندي آهي؟

پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي طرفان قومي تحريڪ کي ٽوڙائڻ واري ڳالهہ هرڪو سمجهي سگهي ٿو، جو تہ ظاهر آهي تہ اها سدائين پنجابي پرماري مفادن جي خلاف ڪم ڪندي رهي آهي ۽ اها نظرياتي طورتي توڙي پنهنجي پروگرام جي لحاظ کان پنجاب مخالف تحريڪ رهي آهي، پر مسلم ليگ، پ پ ۽ ايم ڪيو ايم کي ڪهڙن سببن جي ڪري ٽوڙيو ويندو آهي؟ جڏهن تہ اهي پارٽيون گهڻو ڪري خود پنجابي اسٽيبلشمينٽ جون ئي جوڙايل هيون ۽ آهن! انهن مان مسلم ليگ، پاڪستان کان اڳ انگريز سامراج جي جوڙايل هئي، جنهن کي پاڪستان کان پوءِ ملڪ جي سيني سياسي قوتن تي اجاريداري حاصل هئي، ان ڪري بہ پنجابي سول ۽ فوجي ڪامورا شاهي، ان کي گهڻو وقت برداشت ڪري ڪانہ سگهي، جنهنڪري اها ڪاموراشاهي، ان کي وقت بہ وقت ٽوڙيندي بہ رهي آهي ۽ وري وري جوڙائيندو بہ رهي آهي. جڏهن کين ضرورت پوندي آهي تہ هڪ نئين مسلم ليگ جياري ويندي آهي ۽ جڏهن ڪم لهي ويندو آهي تہ "ڪم لٿو ڏکڻ وسريو" جي فارمولي تي عمل ڪندي، ان کي ڪاٻاڙ خاني جي زينت بنايو ويندو آهي.

پنجابي اسٽبلشمينٽ پ پ کي سنڌ ۽ پنجاب جي خالص جاگيردارن جي اڳواڻيءَ ۾، پاڪستان جي اندر ابرندڙ قومي تحريڪن ۽ خاص ڪري بنگال جي عوامي قوت جي خلاف ٺهرايو هو. تہ جيئن پاڪستان جي جاگيردار سياسي قوت جي ذريعي نئين عوامي ۽ قومي تحريڪن جو ٽوڙ پيدا ڪري سگهجي. بقول مير مرتضيٰ ڀٽي جي تہ "جيڪڏهن پ پ نہ ٺهي ها تہ بنگلاديش سان گڏ سنڌ بہ آزاد ٿي وڃي ها."

پ پ کي 1967ع کان 1977ع تائين جيئن جو تيئن قائم رکيو ويو، ۽ ان کان پرپور نموني گهريل پنجابي پرماري مفادن لاءِ ڪم ورتو ويو. جنهن کان پوءِ اڄ تائين پنجابي اسٽئبلشمينٽ پ پ جي عوامي قوت کي ڊاهيندي به رهي آهي ۽ ٺاهيندي به رهي آهي، ڇاڪاڻ ته پنجابي اسٽئبلشمينٽ پ پ جي عوامي قوت کان خوفزده رهندي آئي آهي، ان ڪري اها چاهيندي آهي ته پ پ ايڏي وڏي عوامي قوت به نه بنجي وڃي، جو سنڌن هٿن مان نڪري وڃي ۽ نه ايتري ڪمزور ٿئي جو ان کي خاص ڪري سنڌ جي اندر پنجابي سامراجي مفادن جي تحفظ ۽ بچاءَ لاءِ استعمال ڪري نه سگهجي. ان ڪري پ پ کي وقت به وقت ٽوڙائيندا ۽ ان مان جدا جدا گروپ ڪڍندا به رهيا آهن ۽ ان سان گڏ، ان کي جيئري رکڻ لاءِ، ان جي مٿان هٿ به ڦيريندا رهيا آهن.

ايم ڪيو ايم جي سنڌين ۽ اسٽئبلشمينٽ جي دشمن هجڻ جو منطق:

پنجابي اسٽئبلشمينٽ ايم ڪيو ايم کي پ پ وانگر 1982ع کان 1992ع تائين تاتي وڌو ڪري آئي هئي يا اها پهرين ئي وجود ۾ اچي چڪي هئي؛ ۽ ان کان پوءِ ان تي هٿ رکيا ويا. ته جيئن پ پ کي قومي تحريڪن جي خلاف ڪتب آندو ويو هو؛ تيئن ان کي به خاص ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ جي خلاف استعمال ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان کي واقعي به قومي تحريڪ جي خلاف پرپور نموني سان استعمال ڪيو ويو. پرپوءِ اوچتو ئي اچتو ايم ڪيو ايم تي ڪاوڙ چڙهي وئي ۽ جيڪا اڄان تائين نٿي لهي، ۽ اها هڪدم ملڪ دشمن تنظيم بنجي پئي! جڏهن ته ان کان اڳ ۾ اها ساڳي تنظيم پنجابي اسٽئبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي جي اکين جو تارو هئي! پر 1992ع کان پوءِ ڦري سنڌ اکين جو چيندڙ ڪنڊو ٿي پئي. اسان کي ايم ڪيو ايم ۽ پنجابي اسٽئبلشمينٽ جي انهيءَ وچ واري ويڙهاند تي نگاهه رکڻي آهي ۽ ڏسڻو آهي ته آخر ايئن ڇو آهي ته ايم ڪيو ايم جا دهشتگرد جڏهن سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ماڻهن جو قتل عام ڪندا رهيا هئا، تڏهن اها سنڌن نور نظر هئي ۽ جڏهن کان انهيءَ ڪڏي ڪرتوت تان هٿ ڪنيون آهي، تڏهن کان اها سنڌن نفرت جو نشانو بنجي پئي آهي؟ جڏهن ته اسين "مٺا پر ۽ پنجن هيل" واريءَ رسم جا قائل ڪو نه آهيون.

انهيءَ لحاظ کان جيڪي سنڌي صحافي ۽ دانشور سنڌي ماڻهن کي پنهنجي لکڻين جي ذريعي اهو تاثر ڏياريندا رهن ٿا ته ايم ڪيو ايم هن وقت جهڙي سنڌين جي دشمن آهي؛ تهڙي ئي پنجابي اسٽئبلشمينٽ جي دشمن آهي اهي دراصل تاريخ جي اکين ۾ ڌوڙ وجهن ٿا؛ ڇاڪاڻ ته ڪا تنظيم ۽ ان جي سياست، هڪ ئي وقت

تي سنڌين جي بہ دشمن هجي ۽ ساڳي وقت پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي جي بہ دشمن هجي، اهو ناممڪن آهي، ائين نہ ڪڏهن ٿيو آهي ۽ نہ ڪڏهن ٿي سگهي ٿو.

اهو اسان جو ۽ سنڌ جي سيني گهڻ گهرن ماڻهن جو تجربو رهيو آهي تہ جيڪا پارٽي يا سياست سنڌ ۽ سنڌي عوام جي دشمن رهي آهي، اها پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ پنجابي مفادن جي سڄڻ رهي آهي، ۽ جيڪا سياست يا پارٽي پنجاب مخالف رهي آهي، سائي سنڌ ۽ ان جي مفادن جي سڄڻ رهي آهي. ظالمن ۽ ڦورن جو دوست، مظلومن جو دوست ٿي نٿو سگهي، اها ظالم ۽ مظلوم جي مفادن جي تقاضا آهي، متضاد مفاد، متضاد مخالفتن کي جنم ڏيندا آهن. ۽ ايم ڪيو ايم سان بہ اهوئي فارمولو لاڳو آهي ۽ رهڻ گهرجي.

ايم ڪيو ايم جڏهن پنهنجي اوائلي دور ۾ سنڌين سان ويجهڙائپ قائم ڪئي هئي؛ تڏهن اها ڪلم ڪلا پنجابين جي مخالف هئي؛ جنهنڪري انهيءَ جا پهريان ٽڪراءَ ۽ جهيڙا بہ پنجابين سان ٿيا هئا؛ ۽ ان کان پوءِ جڏهن ايم ڪيو ايم جا ماڻهو خاص ڪري 1988ع کان 1990ع تائين سنڌين سان دشمني اختيار ڪندي، سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ماڻهن جو قتلام ڪندا رهيا تہ اهو پورو عرصو ايم ڪيو ايم ۽ ان جا ماڻهو، پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي جي اکين جو نور هئا ۽ انهن جي مٿان سندن ٻاجهہ ڀريو هٿ ڦرندو رهيو. ايتري قدر جو پنجابي حڪمران طبقو ۽ سياستدان وڏي واڪ چوندا هئا تہ "مهاجرن پنهنجي پاڻ کي پاڪستان جي پنجين قوم ميرائي ورتو آهي، ويندي جنرل ضياءَ الحق پڻ هڪ ٻن هنڌن تي اهڙو ئي اظهار ڪيو هو. انهيءَ وقت ايم ڪيو ايم کي اهي سڀ رعايتون ۽ سهوليتون ڏنيون ويون هيون، جن جي زور تي ان جا ماڻهو سنڌي عوام سان وڙهندا هئا. الطاف حسين ۽ ايم ڪيو ايم جي ٻين اڳواڻن کي جيلن ۾ بہ ان وقت ۽ دور ۾ رکيو ويو هو، جڏهن انهن جو پنجابيــن سان ٽڪراءُ هلندڙ هو. پر پوءِ جيئن ئي 1988ع کان انهن جـو سنڌين سان ٽڪـراءُ شـروع ٿيـو تہ انهيءَ سڄي عرصي دوران ايم ڪيو ايم جي ڪنهن بہ سرگرم اڳواڻ کي جيلن ۾ نہ وڌو ويو. ويندي تيستائين، جيستائين انهن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان دشمنيءَتان هٿ نہ ڪنيون.

جڏهن کان ايم ڪيو ايم جو سنڌين ڏانهن وري نرم رويو ٿيو آهي؛ تڏهن کان پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي جو ايم ڪيو ايم ڏانهن رويو سخت ٿي ويو آهي، اهو ئي سبب آهي جو ايم ڪيو ايم جي سياسي تاريخ جو نئين سر

جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي ۽ ايم ڪيو ايم ڌانهن پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي موجوده سخت رويي جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

متحده ڪراچيءَ جي سرمائيدارن جو سياسي پليٽ فارم آهي:

ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ جي مهاجرن، ميمڻ ۽ ڪاٺياواڙي سرمائيدارن جي تنظيم آهي، جيئن نواز مسلم ليگ هن وقت پنجابي سرمائيدارن جي سياسي تنظيم آهي، يا جيئن پ پ پ پنجابي ۽ سنڌي جاگيردارن جي طبقاتي تنظيم آهي. هي ٽيئي پارٽيون پنهنجي پنهنجي گروهي ۽ طبقاتي مفادن جون سياسي تنظيمون آهن. جن جي سياسي پليٽ فارمن تي اهي گروهه پنهنجن طبقاتي ۽ گروهي مفادن جي جنگ لڙندا رهندا آهن. جڏهن به پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جي وچ ۾ جنگ لڳندي آهي ته اها ڪراچي جي سرمائيدارن ۽ پنجابي ۽ سنڌي جاگيردارن جي جنگ هوندي آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن پ پ ۽ نواز ليگ جي وچ ۾ جنگ لڳندي آهي، ته اها پنجابي سرمائيدارن ۽ پنجابي ۽ سنڌي جاگيردارن جي وچ جي جنگ هوندي آهي. ۽ اهڙيءَ طرح جڏهن مسلم ليگ ۽ ايم ڪيو ايم ۾ جنگ لڳندي آهي ته اها ڪراچي جي سرمائيدارن ۽ پنجابي سرمائيدارن جي جنگ هوندي آهي ۽ انهن جنگين، لڙاين ۽ ڇڪتاڻ جي پٺيان انهن قوتن جا پنهنجا طبقاتي معاشي مفاد شامل هوندا آهن. تاريخ طبقاتي مفادن جي جنگ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪانه آهي. انهيءَ ڪري ايم ڪيو ايم جي پ پ سان يا مسلم ليگ سان يا پنجابي اسٽيبلشمينٽ سان جنگ کي سنڌي مهاجر جنگ، پنجابي مهاجر جنگ يا هندستان ۽ پاڪستان جي مفادن جي جنگ جو تاثر ڏيڻ ۽ ڏيارڻ نه صرف غلط ۽ بي بنياد آهي پر مختلف گروهن جي معاشي مفادن جي اقتصادي قانونن کان اڻ ڄاڻائي به آهي.

اهڙي قسم جو تاثر پاڪستان جي پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي ميڊيا ۽ ذرائع ابلاغ جو اتاريل شوشو ٿي آهي ۽ سنڌي ۽ اردو اخبارن جي لکندڙ صحافين ۽ دانشورن مان گهڻا بلڪ اڪثريت پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين جي فل وقتي پگهاردار آهي ۽ اهي انهيءَ غلط موقف کي پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ اياري اصل حقيقتن تي پردي وجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ته جيئن ملڪ جي اصل اتحادي ۽ مخالف قوتن جو نه عوام ۽ نه سياسي ڌريون تعين ڪري سگهن.

هن وقت بلڪ 1992ع کان پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي جي ايم ڪيو ايم جي خلاف جنگ ٿي ان ڪري آهي ته اهي 1988ع کان 1990ع وانگر سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ماڻهن جو قتل عام چو نٿا ڪن؟ جيڪڏهن ايم ڪيو

ايم جي قيادت اِج بہ سندن اهو مطالبو تسليم ڪري ۽ سنڌ جي شهرن جي اندر وري سنڌي مالهن جي خلاف جنگ شروع ڪري تہ اِج جيڪا ايم ڪيو ايم ۽ ان جي قيادت ملڪ دشمن آهي، سا هڪدم ڦري محب وطن ۽ ملڪ ۽ قوم جي خير خواهہ ٿي پوندي ۽ اها اسان جي دعوا آهي.

پنجاب عسڪري، سياسي ۽ اقتصادي سامراج آهي:

پنجاب هن وقت عسڪري سامراج سان گڏ، سياسي ۽ اقتصادي سامراج بہ آهي؛ هن وقت پنجاب جي پوري پاڪستان تي عسڪري اجاريداري بہ آهي، سياسي (ووٽ جي پاور) اجاريداري بہ آهي تہ اقتصادي (ڪارخانا، بينڪون ۽ صنعتڪاري) اجاريداري بہ آهي. جڏهن تہ 1947ع جي ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان جي اندر پنجاب وٽ صرف عسڪري (فوجي قوت) اجاريداري هئي. ۽ انهيءَ عسڪري اجاريداريءَ جي زور تي 1971ع ۾ اوير پاڪستان جي ٽيهن لکن مالهن کي ماري، ان کي پاڪستان کان جدا ڪري ڇڏيو؛ جنهن جي نتيجي ۾ بنگال جي عوام واري سياسي سگهہ، پاڻ مرادو پنجاب ڏانهن منتقل ٿي وئي ۽ اهڙيءَ طرح ان کان پوءِ پنجاب پاڻ مرادو سياسي (ووٽ جي پاور جي) اجاريداريءَ جو سامراج ٿي ويو. جڏهن تہ 1971ع کان اڳ پوري پاڪستان جي صنعت جو 75 سيڪڙو ڪراچيءَ ۾ هو، جنهن تي هندستان مان آيل مهاجر، ميمڻ ۽ ڪاٺياواڙي قابض هئا، ۽ پنجاب انهيءَ اقتصادي طاقت کي ٻين قومن جي خلاف پنهنجو اتحادي رکيو آيو، جنهن جي ڪري پاڪستان جي مظلوم قومن جي عوام اندر "پنجابي- پناهگير مستقل مفاد" جو اصطلاح وجود ۾ آيو. پر بنگلاديش جي آزاديءَ کان پوءِ پنجابي سامراج کي پناهگير اقتصادي طاقت جي اتحاد جي ضرورت ڪانہ رهي؛ ان ڪري پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي پنهنجي عسڪري ۽ سياسي اجاريداريءَ جي زور تي مرحوم ڀٽي صاحب جي حڪومت ۾ هڪ خاص حڪمت عمليءَ تحت جاگيردارانہ سوشلزم جو هٽرادو نعرو هڻائي، مهاجرن، ميمڻن ۽ ڪاٺياواڙين کان اقتصادي قوت زوري کسي وٺي ۽ بينڪن ۽ ڪارخانن کي قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو. انهيءَ حڪمت عمليءَ ۾ جتي پنجابي سامراج جا پنهنجا پرماري مفاد شامل هئا، اتي مرنڊڙ جاگيرداريءَ جا پنهنجا طبقاتي مفاد شامل هئا. اهڙيءَ طرح فطري طور مرنڊڙ جاگيرداريءَ وڏيڪ پنجاهہ سال غير فطري عمر ماڻي ورتي، جيڪا ان کان اڳ پنهنجي سماجي بيهڪ ۽ بناوٽ جي لحاظ کان ڪمزور ۽ هيڻي ٿي چڪي هئي. جنهن کي پيپلز پارٽي جي جاگيرداري طبقاتي تنظيم جي سياسي قوت جي ٻي ساڪين تي وڏيڪ وقت جيارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

جنهن ۾ پنجابي فوج، پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيردارشاهيءَ جي ٽڪنڊي جو گڏيل مفاد شامل هو.

جڏهن مرحوم ڀٽي صاحب جي حڪومت جي دور ۾ مهاجرن، ميمڻن ۽ ڪاٺياواڙين ڪان ڪارخانا ۽ بينڪون ڪسيون ويون ته انهن سمجهيو ته ڪين اقتصادي طور تباهه ۽ برباد هڪ سنڌي وزيراعظم جي حڪومت ۾ ڪيو ويو آهي، ان ڪري انهن جي جنگ جو لازمي طور منهن ڀ ڀ سان گڏ سنڌي ماڻهن ڏانهن مڙي ويو. جيئن ڀٽي جي حڪومت ۾ بلوچستان ۾ فوجي قتل عام جي نتيجي ۾ بلوچ عوام جي نفرت کي پنجابين جي بجاءِ سنڌي ماڻهن ڏانهن موڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. تيئن مهاجرن جي اهڙيءَ نفرت جي لاڙي کي پنجاب جي بجاءِ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خلاف تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جنهن تي سنڌي ٻوليءَ واري بل عوامي سطح تي هيڪاري باهه تي تيل جو ڪم ڏنو. بلوچن ۾ اها سنڌ دشمنيءَ جي سازش ايتري ڪامياب ٿي ڪانه سگهي پر مهاجرن ۾ وقتي طور ڪامياب ٿي وئي. ڇو ته اهي اسلام ۽ پاڪستان پرست وڌيڪ هئا. اهائي پراڻي جنگ آهي، جنهن کي اڄ به ڪيترائي اردو ۽ سنڌي پڙهيل ڳڙهيل صحافي ۽ دانشور پنهنجي ڳچيءَ ۾ نه رڳو ڳهانگهي طور وجهي گهمن ٿا پر فخر به ڪن ٿا. جيڪا انهن جي دراصل معروضي اقتصادي مفادن ۽ مادي حالتن جي تضادن ڪان اڻ ڄاتائي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪيتريون شيون جيئن ظاهر ۾ نظر اينديون آهن، تيئن گهڻو ڪري نه هونديون آهن پر انهن جي پٺيان ڪي ٻيون محرڪ قوتون هونديون آهن، جيڪي انهن کي پتلين وانگر هلائينديون آهن، سنڌي مهاجر مسئلو به اهڙيءَ ئي نوعيت جو آهي.

مهاجر سرمائيدار ايان وڌيڪ پنجاب جي ويجهو اچي ويو:

بهرحال، مهاجرن جيئن ته ايئن سمجهي ورتو ته ساڻن، اهو سڀ ڪجهه، هڪ سنڌي وزيراعظم ڪيو آهي؛ جنهن ڪري مهاجرن جون مذهبي جماعتون، جيڪي ان وقت تائين اسلام ۽ پاڪستان سان گڏ مهاجرن جي مفادن جي نمائندگيءَ جي دعويداري ڪنديون آيون هيون؛ اهي هڪ ته پنهنجي مذهبي جوش ۽ جنون جي ڪري ۽ ٻيو مهاجر اقتصادي مفادن جي ڪري ۽ ٽيو پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي اشاري تي لڳي، ڀٽي صاحب جي حڪومت خلاف اٿي ڪڙيون ٿيون؛ ۽ پنجابي سياستدانن سان گڏجي نظام مصطفيٰ جي مذهبي نعري هيٺ ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرايو ۽ ملڪ جي مٿان جنرل ضياءَ جو فوجي راڄ قائم ڪرائي ڇڏيو ۽ ايئن ڪراچيءَ جي سرمائيدارن ڀٽي صاحب ڪان هڪ سنڌي وزيراعظم

طور پنهنجو پلانڊ ورتو.

پنّي جي حڪومت ڪان پوءِ فوجي راڄ مان مذهبي ٽريون بہ خوش هيون تہ مهاجر، ميمڻ ۽ ڪاٺياواڙي بہ راضي هئا. ڪين خوش فهميون هيون تہ پنّي جي حڪومت جي تختي اونڌي ٿيڻ کان پوءِ ڪين پنهنجا ڪارخانا ۽ بئنڪون واپس ملنديون. جنهن لاءِ نهاريندي نهاريندي سنڌن اکين جو پاڻي بہ سڪي ويو، پر وريو سريو ڪي بہ ڪونہ، رهندو رياست جي تحويل ۾ ورتل بئنڪن مان ڪين قرض ملڻ بہ بند ٿي ويا. ڪارخانا ۽ بئنڪون رياست وٽ هئا، ۽ رياست تي قابض پنجابي اسٽبلشمينٽ هئي. جنهن جي حقيقي نمائندگي جنرل ضياءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پنجابي فوجي حڪومت ڪري رهي هئي.

جڏهن 4 اپريل 1989ع تي پنّي صاحب کي فوجي راڄ ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو ۽ مهاجرن، ميمڻن ۽ ڪاٺياواڙين کي پوءِ بہ پنهنجا ڪارخانا ۽ بئنڪون نہ مليا، تہ انهن هيڏانهن هوڏانهن زور لڳائڻ شروع ڪيا پر نتيجو نل ۽ ٻڙيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونہ نڪتو بلڪ جنهن ڏيوالي نڪتل ڪارخاني لاءِ بئنڪن مان ڪين پنج لک بہ لون نٿي مليو، انهيءَ ڪارخاني کي جڏهن ڪنهن پنجابي سرمائيدار کي وڪرو ڪيو ٿي ويو تہ اهو انهيءَ تي پنج ڪروڙ قرض کڻي ڪارخاني کي چالو ڪري ڇڏيندو هو. رياست، پنجابي سرمائيدار کي تہ قرض ڏيندي هئي پر ڪراچيءَ جي سرمائيدار کي نہ.

پويل ٻيڙيءَ ۾ واڻيو ٻُڙو:

ڪراچي جي مهاجر، ميمڻ ۽ ڪاٺياواڙي سرمائيدارن، انهيءَ سڄيءَ صورتحال جو متبادل ڳولڻ شروع ڪيو ۽ انهن "مها سنڌ" جي نالي سان ڪراچيءَ جي سرمائيدارن جي هڪ تنظيم جوڙي ۽ انهيءَ جي پليٽ فارم تان رياست سان ڳالهيون ٻوليون ڪيون. پر رياست بجاءِ ساڻن ڪنهن سهڪار ڪرڻ جي گهڻن کي ابتن سبتن ڪيسن ۾ اڙائي جيلن ۾ وجهي ڇڏيو. واپاري ماڻهو، جيڪو اڳ ۾ ئي "ڪچي پنڌي". سو معافي ناما لکي ڏئي آزاد ٿي آيو. جنهن ڪان پوءِ انهن مان ڪن ٿورو گهڻو سنڌ جي قومي تحريڪ ڏانهن نهاريو تہ جيڪڏهن انهيءَ ۾ ڪو دمڪر هجي تہ ساڻن سهڪار لاءِ هٿ وڌائجي. پر اتي ڪين رڳي "ڪاريءَ وارا ڪک" ئي ڏسڻ ۾ آيا، انهيءَ وقت قومي تحريڪ تي سوشلزم جو ڀوت سوار هو. جنهن ڪري قومي تحريڪ جا ماڻهو جاگيردارن سان گڏ سرمائيدارن کي بہ گار جي ڳٽي لايو ويٺا هوندا هئا، جنهن ۾ گهڻو ٺلو دٻاءُ پاڪستان پرست ڪميونسٽن جو هوندو هو. جن مان گهڻا پنجابي اسٽبلشمينٽ جا پگهاردار، چاڙتا ۽ پاڙيتو

هوندا هئا. جن کي پاڪستان جي ٻاويهن سرمائيدار خاندانن کان هارون خاندان وڏو سرمائيدار لڳندو هو. جيڪي اتندي ويهندي ان کي گار جي لولي لايو ويٺا هوندا هئا. جڏهن ته پاڪسان جي ٻاويهن سرمائيدار خاندانن ۾ هارون خاندان جو آخري لسٽ ۾ به نالو ڪونه هوندو هو. بلڪ 1990ع تائين پاڪستان جا، جيڪي به وڏي ۾ وڏا سرمائيدار خاندان هئا، انهن ۾ به هارون خاندان جو نالو ڪونه هوندو هو. پر جيئن ته اهو پرائو سنڌي خاندان هو؛ ان ڪري پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي پڳهاردار بولڙين سوشلسٽن لاءِ انهيءَ سنڌي خاندان کي گاريون ڏيڻ لازمي ۽ فيشن هوندو هو. حڪمران قومون ۽ طبقا، مظلوم ۽ محڪوم قومن ۽ طبقن جي خلاف ڪنهن هڪ محاذ تي وڙهندا آهن پر تمام گهڻن مورچن تي جنگ لڙندا آهن. ان وقت سنڌ ۽ ڪراچي جا سرمائيدار مهاجر، ميمڻ، ڪانياواڙي ۽ هارون خاندان هوندا هئا، جن کان رياست اڳ ۾ ئي بينڪون ۽ ڪارخانا کسي ورتا هئا ۽ اهي ترين ير اچي ڪريا هئا. انهن جي جاءِ تي رياست جي ٻارن پنجابي سرمائيدارن کي اڀاريو ويو. انهيءَ صورتحال کي ڏسندي ۽ هر طرف جي مايوسيءَ ۽ نااميديءَ کان پوءِ مهاجر، ميمڻ ۽ ڪانياواڙي سرمائيدارن پنهنجي مفادن جي تابع رهندڙ سياسي تنظيم جوڙائي، جنهن کي ايم ڪيو ايم جو نالو ڏنو ويو ۽ انهيءَ کي مالي طور سگهارو ڪندا رهيا. اهي ڪراچي جا سرمائيدار، ان کان اڳ پاڪستان جي مذهبي جماعتن جي مالي مدد ڪندا هئا. جنهن ڪري ڪراچي ئي انهن جماعتن جو ڳڙهه هئي. جن سيني تي پنجابي قيادت ئي قابض هئي، جيڪڏهن ڪا مهاجر قيادت هئي به ته اها پاڪستان ۽ اسلام جي نظرياتي چڪر جو شڪار هئي ۽ سنڌن مفادن جو بچاءُ ڪرڻ کان لاچار هئي.

ايم ڪيو ايم جو ابرڻ ۽ ميدان ۾ اچڻ:

جڏهن مهاجر، ميمڻ ۽ ڪانياواڙي سرمائيدارن مذهبي جماعتن مان هٿ ڪڍي، بلڪ مايوس ٿي، ايم ڪيو ايم ۾ وڌا ته اها اوچتو ٽپ ڏئي سياسي ميدان جي وچ تي اچي بيٺي. جيئن ته اها تنظيم پنجابي سرمائيدارن جي خلاف ڪراچي جي سرمائيدارن جي مفادن لاءِ جوڙائي وئي هئي، ان ڪري انهيءَ جا شروعاتي جهيڙا جهڳڙا به پنجابين جي خلاف ئي لڳا هئا. جاڪاڻ ته ڪراچي جي سرمائيدارن توڙي عام ماڻهن جو اقتصادي ٽڪراءُ ۽ تضاد سنڌين سان نه پر پنجابين سان ٿئي ٿو ۽ انهيءَ تضاد جا مادي بنياد به پنجابي پناهگير سرمائيداري اقتصادي مفادن ۾ ڪتل هئا ۽ آهن. جيئن ڪراچي سميت سڄي سنڌي قوم جو بنيادي تضاد پنجاب ۽ پنجابين سان ٿئي ٿو.

جڏهن پنجابي اسٽيبلشمينٽ ڏٺو تہ ڪراچي جو سرمائيدار ايم ڪيو ايم جي سياسي پليٽ فارم تان ڪراچي جي اردو آباديءَ ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪري رهيو آهي؛ تہ انهيءَ جي توڙ پيدا ڪرڻ لاءِ انهيءَ هڪ طويل ۽ وسيع حڪمت عملي جوڙي ۽ پنجابي اسٽيبلشمينٽ جيئن ٻين سياسي پارٽين توڙي قومي تحريڪ جي اندر پنهنجا ماڻهو ۽ چاڙتا ڇڏيندي آهي؛ ۽ انهن ڪان وقت بہ وقت پنهنجي مفادن مطابق ڪم وٺندي آهي، تيئن انهيءَ ايم ڪيو ايم جي نهايت اهم عهدن تي عظيم طارق، آفاق احمد ۽ ٻين پنجابي لابيءَ جي ماڻهن کي داخل ڪري ڇڏيو. تہ جيئن ايم ڪيو ايم جي سياست کي پنجاب دشمنيءَ جي بجاءِ سنڌ دشمنيءَ لاءِ ڪتب آڻي سگهجي ۽ پوءِ ٿيو بہ ايئن تہ مئي 1988ع ۾ سنڌ قومي اتحاد قائم ٿيڻ کان صرف ٽن چئن مهينن جي اندر هڪ ٻئي جي پويان مسلسل اهڙا واقعا ڪرايا ويا، جن جي نتيجي ۾ سنڌي مهاجر ڪشيدگي وڏي رتوڇاڻ ۾ تبديل ٿي وئي.

بلديا حيدرآباد ۽ حيدر چوڪ جا واقعا:

هن سلسلي ۾ جتي جنرل ضياء کي هڪ هوائي حادثي ۾ اڏايو ويو؛ اتي ٻنهين طرفن کان قومي تحريڪ جي اندر توڙي ايم ڪيو ايم ۾ ويٺل سرڪاري ماڻهن جي معرفت سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ کي وڌائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون ويون، جنهن لاءِ هڪ طرف مهاجر آبادي جي طرفان وصيءُ مظهر ندوي (جيڪو ان وقت جي حڪومت ۾ وزير تعليم هو) ۽ سليم حيدر پاران مهاجرن کي پنجابين جي بدران سنڌين سان ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ لاءِ اخبارن ۾ مضمون لکيا ويا. ۽ حيدر چوڪ تي غير سنڌي پاڪستاني اڳواڻن جون تصويرون لڳرائي ڇڏيون. ٻيءَ طرف پليجي ۽ قمر ڀٽي جي قيادت ۾ بلديہ حيدرآباد جي واقعي کان پوءِ حيدر چوڪ کي مسئلو بنائي پيش ڪيو ويو. جيئن تہ تازي هڪ هٽ جي نہ وڃندي آهي، انهيءَ ڪري جتي انهيءَ سلسلي ۾ ايم ڪيو ايم جي اندر ويٺل پنجابي لابيءَ جي ماڻهن کي اهڙين حرڪتن ڪرڻ لاءِ همٿايو ويو. اتي قومي تحريڪ جي اندر ويٺل اهڙن ئي پنجاب پرست پڳهاردارن جي پشت پناهي ڪئي وئي ۽ ائين هڪ وڏي ممڻ مچائڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي.

ياد رهي تہ پليجو، قمر ڀٽي ۽ حميده کهڙو ئي هئا. جيڪي سنڌ قومي اتحاد ۾ مهاجرن جي ڪنهن بہ سياسي ڌر کي شامل ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪري رهيا هئا. جيئن تہ اهي پنجابي اسٽيبلشمينٽ جا ڇڏيل ماڻهو هئا. جن کي ڪم ئي اهو ڏنل هو تہ جيترو ممڪن ٿي سگهي، سنڌي مهاجر ويڇهڙائپ واري فضا کي خراب ڪرڻو آهي؛ انڪري انهن ٻچاڙيءَ تائين زور لاتي ۽ اتحاد مان نڪري وڃڻ

جون ڌمڪيون ڏنيون، مهاجرن جي ڪنهن به سياسي ڌر (ترقي پسندن سميت) کي سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ نه ڏنو. جو ته اهڙيءَ طرح سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ گهڻجي وڃي ها. بلڪ ممڪن هو ته مراڳو سنڌي مهاجر فساد ٿي نه ٿين ها.

30 سيپٽمبر جو واقعو:

رياست ۽ پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ انهن جي پگهاردار ڇاڙتن جي ايڏي وڏيءَ ڪوشش جي باوجود سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين وڌي ڪانه سگهي. انهيءَ مقصد جي لاءِ پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين هڪ سوچيل سمجهيل سازش سان قومي تحريڪ جي اندر ويٺل پنهنجي هڪ ياڙيتو ماڻهوءَ (قادر مگسيءَ) هٿان 30 سيپٽمبر 1988ع تي حيدرآباد شهر اندر هڪ تمام وڏي خونريزي ڪرائي. جنهن مطابق رات جو اٺين بجي ڌاري حيدرآباد جي مکيه چونڪن تي ستن اٺن ڪارن مان سخت قسم جي فائرنگ ڪرائي وئي، جنهن ۾ اٽڪل 300 کن سنڌي، مهاجر، پناڻ ۽ پنجابي گڏيل طورتي مارجي ويا. جن ۾ ان وقت جي اخباري خبرن مطابق اٽڪل 75 کن ننڍا وڏا سنڌي ماڻهو به مارجي ويا هئا.

اهڙيءَ طرح جيڪا سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ سرف حيدرآباد تائين محدود هئي، سا ساڳيءَ رات رتوڇاڻ جي صورت ۾ هڪدم ڪراچيءَ تائين پکڙجي وئي. ان وقت جي ذريعن جو چوڻ آهي ته حيدرآباد ۾ واقعي ٿيڻ کان پوءِ هڪدم ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس گهرايو ويو. انهيءَ اجلاس ۾ عظيم طارق ۽ آفاق احمد (موجوده ايم ڪيو ايم حقيقي جو سربراهه) جو سڄو زور انهيءَ ڳالهه تي هو ته حِدرآباد جي قتل عام جو بدلو، ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌين کان ورتو وڃي. جڏهن ته الطاف ۽ ان جي لابيءَ جو موقف هو ته اها سنڌي مهاجر فسادن ڪرائڻ جي هڪ گهري سازش آهي ۽ اسان کي سنڌي مهاجر جهيڙي کي گهٽو وڌائڻ نه گهرجي، پر جيئن ته ماحول تازو تتل هو. ان ڪري عظيم طارق ۽ آفاق احمد وارا رات جو ٽين چئين بجه ڌاري ايم ڪيو ايم جي سينٽرل ڪميٽي کان اهو فيصلو ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌين کان راتوڪي حيدرآباد واري واقعي جو پلاند ورتو وڃي. جنهن کان پوءِ رات جو چئين بجه ڌاري ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌين جو قتل عام شروع ڪيو ويو. ان کان اڳ ۾ پنجابي ايجنسين ۽ انهن جي ماڻهن سنڌين جي گهرن تي نشان هڻي پنهنجو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو هو ۽ پوءِ جيئن ئي ڪين فيصلي جي خبر پئي ته نه رڳو ايم ڪيو ايم جا دهشتگرد پر سول ڪپڙن ۾ پنجابي فوج ۽ ايجنسين جا اهلڪار به سنڌي ماڻهن جي قتل ۽ غارت گريءَ ۾ شامل ٿي ويا ۽ پوءِ شهرن جي اندر سنڌي ماڻهن جو

اهو قتل عام پورا ٻه سال مسلسل هلندو رهيو، پر ٻيءَ طرف کان ان جي خلاف ڪابه مزاحمت نه ٿي ڪانه سگهي. سڄيءَ حيدرآباد مان سنڌي ماڻهو ٽڙجي ۽ لوڏجي قاسم آباد جي ڪئمپن ۾ اچي رهيا. ۽ ڪراچي جي وچ مان سنڌي ماڻهو لڏي سنڌ جي ڳوٺن ۾ وڃي رهڻ لڳا. انهيءَ سڄي قتل عام جي پوري عرصي دوران 1988ع کان 1990ع تائين پنجابي اسٽيبلشمينٽ ايم ڪيو ايم کي پيپلز پارٽي جي حڪومت جو اتحادي بنائي، ان جي ڪلهي تي چاڙهي وهاري ڇڏيو هو. اهڙيءَ طرح ايم ڪيو ايم، پ پ پ جي حڪومت جي اتحادي به هئي ۽ ان جا ماڻهو سنڌي ماڻهن جو قتل عام به ڪندا رهيا. بلڪ انهيءَ سڄي عرصي دوران ايم ڪيو ايم ۽ ان جا دهشتگرد پنجابي اسٽيبلشمينٽ، پنجابي حڪمران طبقي ۽ پنجابي فوج ۽ سول ڪامورا شاهي جي اکين جو تارو هئا. ڇاڪاڻ ته انهيءَ سڄي عرصي دوران ايم ڪيو ايم تي پنجابي لابي قابض هئي ۽ ايم ڪيو ايم جي پنجاب نواز لابي پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي ڪلهن تي چڙهي سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ماڻهن جو قتل عام ڪندي رهي. ٻئي طرف سنڌ جي قومي تحريڪ اندر ويٺل پنجابي اسٽيبلشمينٽ جا پگهاردار پاڙيتو ۽ ڇاڙتا به اهو ساڳيو ڪردار ادا ڪندا ۽ سنڌي ماڻهن کي دهشتگردن کان مارائيندا رهيا ۽ موت ۾ وات جو سڪٽيون پيڪيون ڏيندا رهيا، تان جو حيدرآباد ۽ ڪراچي شهر سنڌين کان خالي ٿي ويا.

قيوم آباد ۽ پاڪلينڊ واقعن جو رد عمل:

۽ پوءِ 28 مئي ۽ 3 جون 1990ع وارين تاريخن تي به اهڙا اوچتا واقعا ٿيا، جن جي نتيجي ۾ سنڌ جي شهرن اندر سنڌي عوام جو قتل عام بند ٿي ويو ۽ جيڪو اڄ تائين وري نه ٿي سگهيو آهي. انهن واقعن مان هڪڙو قيوم آباد ۽ ٻيو پاڪلينڊ ڪراچي ۾، پناهگيرن سان پريل بسن ۾ پيش آيا، ۽ سڄين بسن جا سڀ ماڻهو مارجي ويا. 1988ع کان 1990ع تائين سنڌي مهاجر فسادن تي گهري نگاهه رکندڙ تجزيي نگارن جو خيال آهي ته 30 سيپٽمبر جو واقعو توڙي پهرين آڪٽوبر جو قتل عام، جيئن ته پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين جي پاران ڪرايو ويو هو ۽ پوءِ وارا ٻئي واقعا سنڌي ماڻهن جي برداشت ۽ سهپ جي انتها کان پوءِ لاچاري حالت جو ردعمل هئا، ان ڪري پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين کي 30 سيپٽمبر واقعي جي پس منظر جي پوري خبر هئي ته اهو واقعو ڪندڙ ماڻهو ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهن. جنهن ڪري انهن ٻيءَ تر کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو بلڪ ٻجي ڇڏيو ته سنڌي ماڻهن جي خلاف جيڪي ڪريو، سو ڪري سگهو ٿا، ٻئي طرف کان ڪا به وڏي مزاحمت ٿي ڪانه سگهندي. پر مئي ۽ جون 1990ع وارن واقعن کان پوءِ پنجابي

اسٽيبلشمينٽ، ايجنسيون ۽ خود ايم ڪيو ايم جي پنجابي لابي خونزده ٿي ويا ته انهن واقعن جي پويان خبر ناهي ته ڪهڙي پلاننگ ۽ رٿابندي آهي؟ جيڪڏهن انهن واقعن جي پويان واقعي ڪا منظم منصوبا بندي آهي ته انهيءَ جنگ ۾ سڄي سنڌي عوام جي ملوث ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري دهشتگرد پوئتي هٽي ويا ۽ سنڌي ماڻهن جو قتل عام هڪدم بند ٿي ويو، جيئن ته ان وقت جي سنڌي مهاجر فسادن تي منهنجي پنهنجي به پوري نظر هئي. ان ڪري مون ڏٺو ته 28 مئي 1990ع جي واقعي کان پوءِ ڪراچي جي اندر اڳ ۾، جيڪي سنڌي ماڻهن جا روزانو چاليهه پنجاهه لاش ڪرندا هئا، سي هڪدم گهٽجي پندرهن سورهن تي وڃي پهتا هئا، ۽ 3 جون جي واقعي کان پوءِ اهو قتل عام هڪدم بند ٿي ويو.

ايم ڪيو ايم تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش::

سگهوئي پوءِ 6 آگسٽ 1990ع تي پ پ پ جي حڪومت کي ڊاتو ويو، ۽ نئين سر چونڊون ڪرائي، نواز شريف ۽ آءِ جي آءِ جي حڪومت کي آندي ويو. جنهن حڪومت جي پڻ پ پ وانگر ايم ڪيو ايم لڳ ڀڳ ڏيڍ سال اتحادي رهي ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو پنجابي اسٽيبلشمينٽ ايم ڪيو ايم تي ڏمرجي پئي. جاڪاڻ ته پورا به سال گذري چڪا هئا پر سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ماڻهن جو قتل عام بند ٿي ويو هو، بلڪه ان جي بدران مخبريءَ جي آڙ ۾ ايم ڪيو ايم پنهنجي پارٽي جي اندر پنجاب نواز لابيءَ جي دهشتگردن جو صفايو ڪندي رهي. جنهن ڳالهه ظاهر آهي ته، پنجابي اسٽيبلشمينٽ، پنجابي حڪمران طبقي ۽ ايجنسين کي ايم ڪيو ايم جي قيادت جي خلاف ڪاوڙائي وڌو. جنهن ڪري اهي ايم ڪيو ايم کي مڪمل طور تي پنجابي لابيءَ جي قبضي ۾ ڏيڻ لاءِ الطاف گروپ جي خلاف ميدان ڪارزار ۾ لهي آيون.

پهرين 1988ع کان 1990ع جي عرصي دوران ايم ڪيو ايم جي اندر پنجابي لابيءَ کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ۽ هاڻ وقت اچي ويو هو ته ايم ڪيو ايم تي انهيءَ پنجابنواز لابيءَ کي قابض ڪرايو وڃي. پر انهيءَ سڄي صورتحال کان اڳ ۾، ايم ڪيو ايم جي سربراهه الطاف کي هن سڄيءَ صورتحال جي خبر پئجي وئي هئي، جيڪو به اڍائي مهينا اڳ ملڪ ڇڏي وڃي لنڊن ۾ ويهي رهيو ۽ اتان کان ئي ايم ڪيو ايم جي قيادت ڪرڻ لڳو ۽ اڄ تائين ڪندو رهي ٿو.

پنجابي اسٽيبلشمينٽ ايم ڪيو ايم تي قبضي ڪرڻ لاءِ عظيم طارق جي

چوند ڪري چڪي هئي، ڇاڪاڻ تہ ايم ڪيو ايم جي اندر مخبريءَ جي صفائي جي دوران آفاق ۽ عامر خان ۽ ان جا پنجاب نواز ساٿي پنجابي اسٽئبلشمينٽ جي سهڪار سان في الحال ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا هئا پر جڏهن ايم ڪيو ايم تي آپريشن ڪرڻ جو وقت پرجي آيو تہ کين انڪان ڏهہ پندرهن ڏينهن اڳ واپس ملڪ اندر گهرايو ويو. بلڪ جنهن ڏينهن 19 جون 1992ع تي ايم ڪيو ايم جي خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو. ان ئي ساڳي ڏينهن تي آفاق احمد ۽ عامر خان کي فوج جي ڪلهن تي چاڙهي ڪراچيءَ جي اندر لاٿو ويو. جن اچڻ سان ايم ڪيو ايم حقيقي جي نالي سان ايم ڪيو ايم الطاف جي آفيسن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ پنجابي فوج سان گڏجي الطاف گروپ جي ماڻهن کي بدرائڻ ۽ مارڻ شروع ڪيائون. بلڪ شهر جي اندر الطاف حسين جي تصويرن کي جوتن جا هار پارائي، سندس بوٽ تي پوندا چاپيا ويا ۽ ڪارنهن ملي وئي.

انهيءَ وچ ۾ ڪراچيءَ ۾ لاٿل پنجابي فوج، ايم ڪيو ايم جي بين اڳواڻن سان گڏ عظيم طارق کي ڪنيي ڪٿي وئي ۽ ان کي ڪجهہ وقت پاڻ وٽ رکي ٻيهر ناهي واپس ميدان ۾ آندو تہ جيئن اهو هڪ سوچيل مسجهيل رٿابندي تحت آفاق احمد وارن سان گڏجي ايم ڪيو ايم الطاف تي قبضو ڪري سگهي. پر جيئن تہ ايم ڪيو ايم اڳ ۾ ئي هڪ هشيارپند تنظيم هئي، ان ڪري جڏهن الطاف گروپ کي عظيم طارق جي غداريءَ جي خبر پئي تہ انهن ان جو "ڪم تمام" ڪري پنجابي اسٽئبلشمينٽ جي سڄي "ڪئي ڪمائي ڪٽ" ڪري ڇڏي. بلڪ موت ۾ عظيم طارق جي قتل جو الزام حقيقي وارن تي هٿي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ايم ڪيو ايم الطاف جي نہ رڳو عظيم طارق مان جان ڇٽي وئي پر اها هڪ وڏي ٽوڙ ڦوڙ توڙي يرغمال ٿيڻ کان بچي وئي. جنهن کان پوءِ پنجابي اسٽئبلشمينٽ ۽ ايجنسيون هيڪاري ايم ڪيو ايم الطاف جي خلاف چٽيون ٿي پيون.

پاڪيٽ تنظيمن پاران سنڌ جي ورهاڱي جا مطالبا؟

پنجابي اسٽئبلشمينٽ اڄ تائين ونا وس ڪري چڪي آهي تہ ڪيئن بہ ۽ ڪهڙيءَ طرح بہ مهاجرن کي ايم ڪيو ايم کان جدا ڪيو وڃي پر اها ان ڪم ۾ اڄ سوڌو ڪامياب ٿي ڪانہ سگهي آهي. جنهن لاءِ مهاجرن جون ڪيتريون ئي هٽرادو سرڪاري پاڪيٽ تنظيمون جوڙايون ويون آهن ۽ انهن کان وڏا وڏا سنڌ دشمنيءَ وارا نعرا هڻايا ويا آهن. سنڌ جي ورهاڱي ۽ مهاجرن جي هٽرادو حقن جا مطالبا ۽ گهرون ڪرايون ويون آهن. ايم ڪيو ايم حقيقي جي قيادت کي هڪ طرف ايم ڪيو ايم الطاف جي خلاف چيڪ ڇڏي ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي طرف سنڌ-

ترتيءَ جي ورهاڱي جا ڪلمر ڪلا نعرا ڏنا ويا آهن. ايترقدر جو نواز شريف جي موجوده سعد سماءَ جي صلاحڪار نصرت مرزا جي اڳواڻي ۾، ڪجهه سال اڳ ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽي (M.R.C) جي جاءِ تي مهاجر رابطا ڪائونسل (M.R.C) ٺهرائي وئي ۽ ان جي پليٽ فارم تان سنڌ جي ورهاست جا مطالبا ۽ ٺهراءَ پيش ڪيا ويا بلڪه انهيءَ مهاجر رابطا ڪائونسل طرفان سڏايل هڪ وڏي عام جلسي ۾ الطاف حسين ڪان ٽيليفون تي خطاب ڪرائي، ان ڪان پوءِ انهيءَ جلسي ۾ هڪدمر سنڌ جي ورهاڱي جا مطالبا ڪيا ويا ۽ نعرا لڳايا ويا. تہ جيئن مهاجرن توڙي سنڌين ۾ اهو عام تاثر پيدا ڪرايو وڃي تہ سنڌ جي ورهاست جو پروگرام اصل ۾ الطاف حسين ۽ ان جي ايم ڪيو ايم جو آهي.

متحده سنڌ جي ورهاڱي جي ڳهر نہ ڪئي آهي:

ايم ڪيو ايم الطاف جي پليٽ فارم تان سنڌ جي ورهاست جو ڪڏهن بہ نعرو نہ لڳو آهي؛ نہ ڪڏهن سائن لاڳاپيل سياسي دانشورن جي مضمونن يا تجزين ۾ اهڙي ڳالهہ ڪئي وئي آهي ۽ نہ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ديوارن تي ڪڏهن اهڙو نعرو يا مطالبو سامهون آيو آهي.

بلڪہ ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ مهاجرن جي ٻين اهڙين سرڪاري تنظيمن جي پاران وقت بہ وقت اهڙا نعرا لڳندا ۽ مطالبا ٿيندا رهيا آهن ۽ اخبارن ۾ مضمون ۽ جائزا لکجندا رهيا آهن؛ جن ۾ پنجابي اسٽبلشمينٽ، پنجابي حڪمران طبقا توڙي سرڪاري ڪالمنگار وقت بہ وقت اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن تہ اهو مطالبو ايم ڪيو ايم الطاف جو آهي. جڏهن تہ ايم ڪيو ايم الطاف پاران ڪڏهن بہ اهڙو مطالبو نہ ڪيو ويو آهي. بلڪہ حقيقت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي تہ سنڌ جي قومر پرست ۽ آزادي پسند تنظيمن ۽ ماڻهن جي پاران سنڌي مهاجر ڪشيدگيءَ ۽ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ ۾ ايتري گهٽي ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي آهي، جيڏو وڏو انهيءَ سلسلي ۾ 1992ع کان پوءِ ايم ڪيو ايم الطاف ڪردار ادا ڪيو آهي. ايتري قدر جو پ پ جي حڪومت جي پوئين دور ۾ الطاف حسين جي سڳي ڀاءُ کي نهايت ئي بيدرديءَ سان ماري لاش کي هڪ خالص سنڌي ڳوٺ جي پر ۾ جهنگ جي ٻوڙن ۾ اڇلايو ويو تہ جيئن ايم ڪيو ايم تي زور پوي تہ موٽ ۾ ردعمل ۾ اچي، نہ تہ ڏهن بہ هڪ ٻن يا ڇئن سنڌين کي ماريو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي مهاجر ڪشيدگيءَ کي هوا ڏياري فساد ڪرايا وڃن پر ايم ڪيو ايم ۽ خود الطاف انهيءَ قتل جي اهو ڇئي مزمت ڪري ڇڏي تہ اها سنڌين ۽ مهاجرن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي هڪ سازش ڪئي وئي آهي ۽ اسان جا ڪارڪن انهيءَ ۾ ملوث نہ ٿيندا.

سنڌي مهاجر فساد پنجابي سرمائيدارن ڪرايا هئا:

ايم ڪيو ايم الطاف بنيادي طور تي ڪراچي جي سرمائيدارن جي سياسي تنظيم آهي، انهيءَ تنظيم توڙي ڪراچي جي سرمائيدارن لاءِ سنڌي مهاجر ڪشيدگي ۽ فساد سندن مفادن ۾ ڪونه آهن. ڇاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم جي سنڌين سان جنگ خود ڪراچي.جي سرمائيدارن جي مارڪيٽ ۽ خريدارن جي خلاف جنگ ٿيندي. اها جنگ پنجابي سرمائيداري جي ته مفادن ۾ آهي پر ڪراچي جي سرمائيدارن جي مفاد ۾ ڪانه آهي. سنڌي ماڻهو ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مارڪيٽ ۾ خريداريءَ لاءِ جيترو گهٽ ويندو، ايتروئي ان مان پنجابي سرمائيدارن کي فائدو ٿيندو ۽ ڪراچي جي سرمائيدارن کي نقصان ٿيندو. جيڪڏهن سنڌي ماڻهو جديد صنعتي مصنوعات جي خريداريءَ لاءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مارڪيٽ ۾ نه ويندو ته اهو لازمي طور پنجاب جي شهرن ڏانهن ويندو. هن وقت پنجابي سرمائيدار، پنجاب جي اندر وڏي زور شور سان جديد صنعتڪاري ڪري رهيو آهي، ان ڪري ان کي پنهنجي صنعت جي نيڪال لاءِ وڏي مارڪيٽ جي ضرورت آهي. جڏهن 88 کان 1990ع تائين سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي مهاجر فساد هلندڙ هئا ته انهيءَ سڄي عرصي دوران توڙي ان کان پوءِ سنڌ جو اندروني واپاري سنڌ جي شهرن جي بجاءِ خريداري لاءِ فيصل آباد، ملتان، صادق آباد، لاهور ۽ ٻين پنجاب جي شهرن ڏانهن ويندو هو ۽ اڄان به ويندو رهندو آهي.

مارڪيٽ اڪانامي‌ءَ جي ڪن تجزيي نگارن جو چوڻ آهي ته حيدرآباد ۾ 30 سيپٽمبر وارو واقعو پنجابي سرمائيدارن جي سرمائي سان ئي ڪرايو ويو هو، ته جيئن سنڌ جي ٿوڪ جي واپارين لاءِ سنڌ جي شهرن جي اندر عدم تحفظ وارو ماحول پيدا ڪرايو وڃي ۽ اهو سنڌ جي شهرن جي بجاءِ پنجاب جي شهرن مان خريداري ڪرڻ وڃي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جو ناڻو بجاءِ سنڌ ۾ رهڻ جي پنجاب ڏانهن منتقل ٿيندو رهي ۽ پنجاب سنڌ لاءِ هڪ هٽي وارو سامراجي ڪردار ادا ڪندو رهي. جنهن ملڪ يا صوبي مان مسلسل ناڻو نڪرندو رهندو، اهو جيئن پوءِ تيئن سڃو ۽ سڪڙو ٿيندو ويندو ۽ جنهن ملڪ ۽ صوبي ۾ ناڻو مسلسل منتقل ٿيندو رهندو، اهو جيئن پوءِ تيئن شاهوڪار ٿيندو ويندو. اهو ناڻي جي وارڦير جو ڪرشمون ۽ اقتصادي اجاريداريءَ جو بنيادي منبعو آهي. هن وقت پنجاب پاڪستان اندر ٻين صوبن جي حوالي سان اهو ئي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جيڪو سرمائيدار ملڪ ٽين دنيا جي ملڪن لاءِ ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ پنجابي سرمائيدار، پنجابي اسٽيبلشمينٽ، ۽ پنجابي حڪمران طبقو وڏي چڙهي حصو وٺي

رهيا آهن. ۽ اهي سڀ انهيءَ سلسلي ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

پنجابي اسٽئبلشمينٽ جي متحده سان سنڌ نہ پر پنجاب جي جنگ آهي:

پنجابي اسٽئبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي جي ايم ڪيو ايم الطاف جي خلاف موجوده جنگ سنڌ دوستيءَ ۽ سنڌ دشمنيءَ جي بنياد تي نہ پر پنجاب دوستيءَ ۽ پنجاب دشمنيءَ جي بنياد تي لڙي پئي وڃي، پنجابي اسٽئبلشمينٽ متحده جي خلاف جنگ، ان ڪري ڪانہ ڪري رهي آهي تہ متحده سنڌ ۽ سنڌين جي خلاف آهي پر اها ان ڪري آهي جو متحده موجوده وقت ۾ پنجاب ۽ پنجابي مفادن جي خلاف ڪم ڪري رهي آهي.

ڪراچي جو سرمائيدار، مهاجر توڙي ميمڻ ۽ ڪاٺياواڙي هن وقت آمريڪا وٽ وڃي ويهي رهيو آهي ۽ انهيءَ تي زور آڻي رهيو آهي تہ ڪين پنجابي سرمائيدار جي سامراجي گرفت کان آزادي ڏياري وڃي ۽ متحده جيئن تہ انهن سرمائيدارن جي هڪ سياسي تنظيم آهي؛ ان ڪري پنجابي اسٽئبلشمينٽ پنجابي سرمائيدارن جي مفادن جي بچاءُ لاءِ انهيءَ سياسي قوت کي ٽوڙڻ لاءِ وڏا وس ڪري ۽ زور لائي رهي آهي. انهيءَ مقصد لاءِ پهرين ايم ڪيو ايم حقيقي وارن کي ميدان ۾ لاٿو ويو ۽ هاڻ وري خالد مقبول صديقي وارن کي ميدان ۾ آندو ويو آهي، جيڪي ايم ڪيو ايم حقيقي جي اڳواڻن جي وات ۾ نعرا ڏنا ويا هئا. هالوڪن همراهن کي ان کان وڌيڪ انتها پسند نوان نعره ڏنا ويا آهن. ڪنهن بہ مقبول عوامي تنظيم يا تحريڪ کي وڌيڪ انتها پسند نعرن ڏيڻ ڪانسواءِ ٽوڙي نہ سگهبو آهي. جيئن ايم ڪيو ايم حقيقي جي وات ۾ مهاجرن جي هٺرادو مفادن لاءِ سنڌ جي ورهاڱي جو نعرو ڏنو ويو آهي، ۽ هاڻ "ٽٽ فار ٽاٽ" جو نعرو ڏنو ويو آهي يا جيئن سنڌ جي قومي تحريڪ کي ٽوڙڻ لاءِ پهرين ڊاڪٽر ارباب ۽ پوءِ قادرمگسيءَ جي وات ۾ سنڌ جي آزادي جي جدوجهد لاءِ هٺرادو هٿياربند جدوجهد جو نعرو ڏنو ويو هو. انهيءَ انتها پسند نعري ڏيڻ ڪانسواءِ سنڌ جي قومي تحريڪ کي ٽوڙڻ ناممڪن هو. پر پوءِ اهي جڏهن قومي تحريڪ کان مڪمل طور تي جدا ٿي ويا تہ نہ رڳو قومي آزادي جي هٿياربند جدوجهد تان هٿ کڻي ويا پر مراڳو آزادي جي پروگرام تائين ڦري ويا. ان ڪري پنجابي اسٽئبلشمينٽ خالد مقبول وارن کي جيڪو وڌيڪ انتها پسند نعرو ڏنو آهي. انهيءَ جو مقصد متحده کي ٽوڙڻ ۽ ان ۾ ڏار وجهڻ آهي. جڏهن بہ اهي متحده کان جدا ٿي الڳ گروپ ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا تہ اهي ڪجهہ عرصو رکي انهيءَ انتها پسند نعري کي ترڪ ڪري مراڳو پنجابي

اسٽيبلشمينٽ جو حصو ٿي ڪم ڪندا ۽ سنڌ جي ورهاڱي جا نعرا هڻندا ۽ مطالبا ڪندا.

پنجاب اڄ به سنڌ جي ورهاست تي ڪم ڪري رهيو آهي، اهو رڳو متحده ۽ مهاجرن ڪان ٻنل آهي ته اهي انهيءَ تي قبضو ڪري ويندا. انهيءَ ڪري پنجاب سنڌ جي ورهاست لاءِ پ پ وانگر پنجاب نواز مهاجرن جي تنظيم ٺاهڻ گهري ٿو. جيڪا پنجابي مفادن لاءِ ڪم ڪري سگهي، هن وقت متحده جي خلاف پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي سڄي جنگ انهيءَ باري ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن به ايم ڪيو ايم پ پ پ سان اتحاد ڪندي آهي يا انهيءَ سان حڪومت ۾ شريڪ ٿيندي آهي، ته سنڌي مهاجر ڪشيدگي وڌڻ لڳندي آهي، ڇاڪاڻ ته پ پ سنڌ جي بجاءِ پنجاب جي مفادن لاءِ ڪم ڪندي آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ جو لازمي ٽڪراءُ مهاجر سرمائيدارن سان ٿي پوندو آهي، پ پ جي حڪومت جي دوران نصيرالله بابر جي متحده جي خلاف جنگ سنڌ دوستيءَ جي بنياد تي ڪانه هئي بلڪ اها خالص پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي جنگ هئي، جيئن هن وقت نوازشريف جي حڪومت ۾ متحده جي خلاف پنجابي مفادن جي جنگ لڙي پئي وڃي. جيڪي سنڌي ۽ اردو صحافي ۽ دانشور انهيءَ حقيقت کي نٿا سمجهن، يا ان جي تهه تائين نٿا پهچن، سي يا ته سياسي تجزيي نگاريءَ جو سائنسي نقطه نظر وڃائي وينا آهن يا پنجابي اسٽيبلشمينٽ جا پگهاردار، ڇاڙتا ۽ پاڙيتو آهن. جنهن جي ڪري اهي حقيقي تجزياتي ڳالهين کي اڳيان آڻڻ جي بجاءِ سنڌي عوام ۽ سياسي ڪارڪنن کي اوندهه ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهي پنهنجي تجزين جو بنياد اقتصادي مفادن ۽ تضادن جي بجاءِ سطحيت ۽ ڇسپائي تي رکندا آهن، ۽ پنجابي مفاد پرستيءَ جي موقف کي ورجائيندا رهندا آهن. ته جيئن ماڻهو ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ سمجهي، حقيقت کان غافل رهن ۽ پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي جوٽيل نار ۾ وهندا رهن. اهڙا صحافي ۽ دانشور پنهنجي تخليقي تجزياتي شعور جي روشنيءَ ۾ نه پر پنجابي حڪمران طبقن جي مادي مفادن جي شعوري وهڪري ۾ لڪندا آهن.

هڪڙي "ڪاري ڏاند جا ڇور":

ٽوڙ ڦوڙ مسلم ليگ واري هجي، پ پ واري هجي، متحده واري هجي يا قومي تحريڪ واري هجي. اها تڏهن ڪرائي ويندي آهي، جڏهن انهيءَ تنظيم يا تحريڪ جي پنجابي اسٽيبلشمينٽ کي گهرج نه رهندي آهي، يا اها پنجابي ڦرمار وارن مفادن جي خلاف ڪم ڪرڻ لڳندي آهي. مسلم ليگ ۾ قيوم ليگ جو

ڪردار هجي، پ پ ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي جي اين پ پ جو ڪردار هجي، قومي تحريڪ ۾ قادرمگسيءَ ۽ پليجي جو ڪردار هجي يا متحده ۾ حقيقي وارن ۽ ٻين جو ڪردار هجي؛ اهڙي سڄي ٽوڙ ڦوڙ جي پويان پنجابي اسٽبلشمينٽ جو لڪل ۽ ڳجهو هٿ هوندو آهي، اهي ماڻهو پنجابي اسٽبلشمينٽ جي اشاري ۽ حڪم تي ئي اهڙو غداري وارو ڪردار ادا ڪندا آهن. انهن ماڻهن جو ڪردار فلسطيني تحريڪ اندر احمد شڪيريءَ جهڙو هوندو آهي، ڏکڻ آفريڪاجي قومي تحريڪ اندر "پان آفريڪن ڪائونسل" جهڙو هوندو آهي. قومي تحريڪ جي اندر سرڪاري ڇاڙتا ۽ ڀاڙيتو جتي ڪٿي موجود هوندا آهن، اهو قومي ۽ انقلابي تحريڪن توڙي پارٽين جي اندر حڪمران طبقن جو جديد ترين حربو آهي. جنهن مطابق ڪنهن به قومي تحريڪ ۽ پارٽي جي اندر سڀ کان پهرين جائز تنقيد جو سوال اڀاريو ويندو آهي ۽ انهن جي ڪمين ڪوتاهين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي ويندي آهي ۽ پوءِ ان جو بهانو بنائي مراڳو تنظيم ۽ تحريڪ کي ٽوڙيو ويندو آهي. ٽوڙڻ کان پوءِ پهرين جدوجهد ۽ پوءِ پروگرام تان هٿ ڪنيو ويندو آهي. يعني قومي ۽ انقلابي تحريڪن ۽ پارٽين جي پاليسين تي جائز ۽ ناجائز تنقيد ڪري پهرين انهن کي ڪمزور ڪيو ويندو آهي. ڪمزور ڪرڻ کان پوءِ انهن کي ٽوڙيو ويندو آهي ۽ پوءِ پروگرام ۽ نظرياتي لائين کي خداحافظ ڪيو ويندو آهي، اهڙن ماڻهن کي اهڙو ئي ڪم سونپيل هوندي آهي، جنهن تي اهي اول کان آخر تائين عمل ڪندا آهن پوءِ اهو پليجو هجي، قادرمگسي هجي، غلام مصطفيٰ جتوئي هجي، ممتاز ڀٽو هجي، آفاق احمد ۽ عامر خان هجي يا ڪو ٻيو هجي. سڀ هڪڙي ئي ڪاري ڏاند جاچور هوندا آهن.

متحده جو موجوده سنڌ دوست ڪردار:

هن وقت متحده جي سنڌ دوستيءَ جو ڪردار اهو آهي تہ انهيءَ جا قومي توڙي صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر، اسيمبليءَ جي فلورن تان سنڌي ۽ پ پ جي ميمبرن کان وڌيڪ سنڌ جي حقن ۽ مفادن لاءِ ڳالهائين ٿا. انهيءَ حوالي سان گهٽ ۾ گهٽ پ پ کان وڌيڪ. متحده جو سنڌ دوست ڪردار جڙي ٿو. اڳتي وقت ئي ثابت ڪري، سنڌ جو جاگيردار طبقو سنڌ جي مفادن لاءِ وڌيڪ ٿو ويڙهہ ڪائي يا متحده جو شهري وچولو طبقو سنڌ جي مفادن لاءِ وڌيڪ ٿو ويڙهہ ڪائي! انهيءَ لحاظ کان سنڌي اخبارن جي صحافت جيڪڏهن واقعي بہ سنڌ ۽ سنڌي قوم سان سچي آهي تہ پوءِ ان کي پ پ جي جاگيردارن جو ٻچ لٽڪائو نہ ٿيڻ گهرجي ۽ ڪين پ پ جي جاگيردارن ۽ پنجابي اسٽبلشمينٽ جي هٿن ۾ ڪيڏڻ جي

بجاءِ سنڌ جي مفادن جي جنگ ڪرڻ گهرجي. اهڙو سنڌي کهڙي ڪم جو جيڪو کهڙي، جناح ۽ پنهنجي جو روپ ڌاري سنڌ ۽ سنڌين کي پنجاب سامراج جو مستقل طور تي غلام بنائي ڇڏي، انهيءَ کان اهو مهاجر ۽ ميمڻ يا ڪاٺياواڙي وڌيڪ، سنڌ دوست آهي، جيڪو سنڌ جي مفادن جي مستقل مزاجي سان جنگ لڙي ٿو.

جناح، کهڙي ۽ پنهنجي قوم ۽ ان جي ووٽ کي پنجابين وٽ وڪڻي ڪرسي حاصل ڪئي هئي، ان ڪري اهي سنڌ ۽ سنڌي قوم جا غدار آهن ۽ غدار رهندا. انهن جي پيٽ ۾ جيڪڏهن متحده سنڌ جي مفادن لاءِ پنجاب سامراج سان اکيون اکين ۾ ملائي وڙهي ٿي ته اها ڳالهه سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مفاد وٽان آهي. حقيقت ۾ اها آهي ته هن وقت سڀني سنڌي سياسي پارٽين کان وڌيڪ متحده ئي رياست ۽ پنجاب سامراج جي خلاف وڙهي رهي آهي ۽ قربانيون ڏئي رهي آهي، جنهن کي، "مجھ مراد آهي." ڏک دشمن جو به نه وڃائجي "لٽ پلي ياءَ ياران ڪٽجي، پر شاهدي خدا ڪارڻ ڏجي" ڪڏهن ڪڏهن تاريخ دشمن کي دوست ۽ دوست کي دشمن بنائي ڇڏيندي آهي، غدار کي وطن دوست ۽ وطن دوست کي غدار بنائي ڇڏيندي آهي. چوندا آهن ته وڙهي دوست ٿيڻ جهڙي سگهاري دوستي ٻي نه سگهندي آهي، منفي ۽ مثب هڪ ٻئي ۾ تبديل ٿيندا رهندا آهن. دشمن تضاد دوست تضاد ۾ ۽ دوست تضاد دشمن ۾ بدلجندا رهندا آهن، اهو فطرت، سماج ۽ انساني فڪر جو جدلياتي قانون آهي، جنگ مفادن جي هوندي آهي، مفاد تبديل ٿيندا آهن ته جنگ جا رخ به تبديل ٿي ويندا آهن. ڪالهوڪو دشمن اڄوڪو دوست ٿي پوندو آهي ۽ ڪالهوڪو دوست اڄوڪو دشمن ٿي پوندو آهي. بلڪل ائين، جيئن اسيءَ جي ڏهاڪي جي اول ۾، جيڪا ايم ڪيو ايم پنجابين جي مخالف هئي، سا اسيءَ جي ڏهاڪيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌين جي دشمن ٿي پئي ۽ اها ساڳي ايم ڪيو ايم 1992ع کان وٺي پنجابين جي اکين جو ڪنڊو ٿي پئي آهي، تضاد به هڪ ٻئي ۾ ايئن مٽجندا سٽجندا رهندا آهن ۽ منفي ۽ مثبت به ائين هڪ ٻئي ۾ تبديل ٿيندا رهندا آهن. اها هاڪاري ۽ ناڪاري تضادن جي سائنس آهي، رڳو صراط مستقيم کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

(هي جائزو ڪن سببن جي ڪري ڪٿي به ڇپجي نه سگهيو.)

سنڌي شاونزم جو شڪار سنڌي صحافت

ڏهن ٻارهن سالن جي نئين نويل سنڌي صحافت پنجاب سامراج جي مفادن جي دلاليءَ تي ايترو تڪڙي ڇو لٿي آهي؟ جيڏو ان جو تنديڙو پيٽ آهي، اها ايڏي ئي سستي اگهه تي وڪامڻ لڳي آهي ۽ پنهنجيءَ قوم ۽ وطن جي مستقبل کي ٻوڙي ۾ وجهڻ لاءِ سنڌرو ٻڌي بيهي رهي آهي.

سنڌ جو مردار جاگيردار طبقو ته ڏيڍ ٻن سئو سالن کان وڪري جو مال آهي ۽ اهو پنهنجن ذاتي ۽ طبقاتي مفادن لاءِ پاڻ سان گڏ قوم ۽ وطن جو نيلام ڪندو رهيو آهي پر وچولي طبقي جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ اڄوڪي سنڌي صحافت، جنهن اڃان پيرڙا ڪڍڻ مس شروع ڪيا آهن، سا ائين وچ بازار ۾ رنڊيءَ وارو رول ادا ڪري رهي آهي، جنهن کي نه ننگ وطن آهي، نه ننگ قوم آهي ۽ نه حيا آهي ۽ نه شرم آهي؛ وطن ۽ قوم فروشيءَ جا سڀ ليڪا لتاڙي وڃي پار پئي آهي، جيئن جيئن پنجاب سامراج جون گهڻ گهريون ايجنسيون، ان کي نڪ ۾ نوڙي وجهي گهمائين، ڦيرائين ۽ هلائين ٿيون، تيئن پٽلين وارو ناچ نچي رهي آهي.

مارڪس جي چوائي؛ ”جڏهن به ڪي نظريا ۽ خيال يا ٻي ڪا سماجي ۽ سياسي قوت عوام تي اثر انداز ٿيڻ لڳندي آهي؛ ته اها وڪامڻ به لڳندي آهي ۽ ان جو حڪمران طبقن وٽ اگهه ٿيڻ لڳندو آهي. جڏهن کان سنڌي صحافت سنڌي عوام تي اثر انداز ٿيڻ لڳي آهي؛ تڏهن کان اها پنجاب سامراج جي گهڻ گهرين ايجنسين وٽ اگهامڻ کان پوءِ وڪامڻ به لڳي آهي؛ ڇاڪاڻ ته هاڻ ان جو سنڌي عوام ۽ قوم جي راءِ عام ناهڻ ۽ ان کي گمراهه ڪرڻ جو هڪ ڪردار جڙي پيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي هر طبقي جو ماڻهو وڪامڻ لڳو آهي؛ چاليهن جي ڏهاڪي ۾ ڪري ۽ سنڌي جاگيردار طبقي جو اگهه ٿي پيو؛ جيڪو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ وڪامي ويو ۽ هو پاڻ سان گڏ قوم ۽ وطن جي مفادن کي به نيلام ڪرڻ لڳو، سٺ جي ڏهاڪي ۾ ون يونٽ جي خلاف ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ جدوجهد جي نتيجي ۾ سنڌي اديب ۽

دانشور وڏي ميجتا ۽ مهانتا حاصل ڪئي ۽ ان جو بہ اگهہ ٿهي پيو. جيڪو ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ ستر جي ڏهاڪي جي دوران ڀٽي صاحب جي حڪومت ۾ وڪامي ويو ۽ ان پاڻ سان گڏ وطن ۽ قوم جي مفادن کي نوڪريءَ ۽ چوڪريءَ تي تين وال ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ ستر جي ڏهاڪي ۾ قومي جدوجهد ڪرڻ ۽ 1973ع جي آئين خلاف مزاحمت ڪرڻ جي نتيجي ۾ شاگردن سنڌي عوام ۽ قوم وٽ عزت ۽ احترام واري حيثيت حاصل ڪئي، ۽ اهي بہ اڳهامڻ جهڙا ٿي پيا، جيڪي وري اسيءَ جي ڏهاڪي دوران جنرل ضياءُ الحق جي فوجي راڄ ۾ ايجنسين وٽ وڪامڻ لڳا ۽ پاڻ سان گڏ قوم ۽ وطن جي قومي جدوجهد جي پنيءَ ۾ ڇُرا هڻڻ لڳا ۽ اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ سنڌي- مهاجر فسادن دوران وچولي طبقي جي ليڊرشپ ابري آئي ۽ انهيءَ بہ پنهنجو اگهہ ڇاهي ورتو. جيڪا نوي جي اوائل ۾ وڪامي وئي ۽ جيڪا پوءِ پاڻ سان گڏ قومي تحريڪ کي ڪيش ڪرائي بيهي رهي، اهڙيءَ طرح نوي جي شروعات ۽ وچ ڌاري سنڌي صحافت ۽ پرنٽ ميڊيا ڪالا باغ ڊيم جي خلاف جدوجهد جي نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن ۾ هڪ وڏي شهرت ماڻي ۽ حڪمرانن وٽ ان جو بہ هڪ چڱو خاصو اگهہ پيدا ٿي پيو. جيڪا نوي جي آخر کان 2000ع جي ايندي ئي مڪمل طور تي وڪري جو مال ٿي پئي ۽ جنهن پاڻ سان گڏ سنڌ وطن ۽ سنڌي قوم جي وجود کي بہ داءُ تي لڳائي ڇڏيو آهي، نتيجي ۾ پنجاب نواز ايجنسيون سنڌ دشمنيءَ جي حوالي سان جيڪو بہ ميڊيا ٽرائل ۽ ڊس انفارميشن ڏاهي سنڌن ٽيبل تي رکن ٿيون، ان کي اکيون پوري انن ڪالمن جي هيڊ لائين ۾ ڇاپي ڇڏين ٿيون.

سائين جي. ايم. سيد جي (جنوري 2000ع) سالگرهہ ۾ هڪ لک ماڻهن جي شرڪت هئي ۽ سڄي ڏينهن جي هلندڙ جلسي ۽ تقريرن جي خبرن کي صرف ٽن ڪالمن ۾ هلايو ويو، جاڪاڻ تہ قومي تحريڪ بابت خبرن جو تعين، هن وقت سنڌي اخبارن جا ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر ۽ صحافي پاڻ نہ پر ايجنسيون ڪن ٿيون ۽ هي مڱٿهار صحافي انهيءَ کي آمنا ۽ صدقنا ڪري ۽ اکيون پوري جيئن جو تيئن ڇاپي ڇڏين ٿا. اهو نہ ڏسندا آهن تہ انهيءَ ۾ سنڌ دوستي آهي يا سنڌ دشمني آهي. ڇاڪاڻ تہ موجوده سنڌي صحافت ايجنسين جي آڪيڙن ۾ اچي سنڌ دوستيءَ ۽ سنڌ دشمنيءَ جي ساڃاهہ وڃائي چڪي آهي. اهو هاڻ سنڌ دوست ۽ خاص ڪري ساڃاهہ وند ماڻهن جو ڪم آهي تہ اهي موجوده سنڌي صحافت کي سنڌ دوست ڪئمپ جو حصو سمجهن يا سنڌ جي جاگيردار طبقي ۽ هٿي ويڪائو

مال سان گڏ، سنڌ دشمن ڪئمپ جو حصو سمجهن. ان ڪان پوءِ سنڌ دوست قوم پرست قوتن کي بہ اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ سنڌ جي مردار جاگيردار طبقي کان پوءِ سنڌ جي وچولي طبقي جي سنڌي صحافت هن وقت ڪنهن جيءَ ڪئمپ جي جنگ لڙي رهي آهي، سنڌ جي چوڻڪاري ۽ آزاديءَ جي يا سنڌ جي مڪمل طور غلامي جي؛ سنڌي قوم ۽ عوام جي يا پنجاب سامراج جي مستقل مفادن جي جنگ لڙي رهي آهي؟؟؟

1970ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌ جي مردار جاگيردار طبقي سنڌ جي قومي تحريڪ جو گهاٽو پڳو هو، 1980ع جي ڏهاڪي ۾ وچولي طبقي جي موقعي پرست قوم پرست قيادت قومي تحريڪ جو ڪنڌ مروڙيو هو. ۽ 1990ع واري ڏهاڪي کان سنڌي صحافت ۽ پرنٽ ميڊيا قومي تحريڪ جي گردن مروڙي رهي آهي. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي هيلوڪيءَ سالگره ۽ ورسيءَ کان پوءِ سنڌي صحافت ۽ پرنٽ ميڊيا پنجابي شاونسٽ ايجنسين جي ماني ملهائڻ لاءِ قومي تحريڪ جو مڪمل ميڊيا ٽرائل شروع ڪري ڇڏيندو آهي.

هن ڪان اڳ رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي پهرين ورسيءَ ڪان پوءِ پنجاب سامراج جي اڳيان ٻيچ لوڏيندڙ پليجي صاحب سنڌي اخبارن ۾ سائين جي ايم سيد جي خلاف باهوڙ لائي ڏني هئي ۽ سنڌي اخبارون ۽ پرنٽ ميڊيا ان کي وڏي چڙهي قسطوار ڇاپينديون رهيون. پرسال سائين جي ايم سيد جي ورسيءَ کان پوءِ عاشق جوڻيجي جي قتل جو هٽرادو ڊراما رچائي سنڌي اخبارن پورا ڇهہ مهينا جيئي سنڌ ۽ قومي تحريڪ جو ميڊيا ٽرائل ڪيو هو، نہ ڪو شرم ڪيو ويو ۽ نہ ڪو حيا ڪيو ويو. سوال آهي تہ ڇا تعليمي ادارن ۾ ٿيندڙ اهڙن ہين واقعن تي بہ سنڌي اخبارون ۽ صحافت اهڙي ئي ٻنڍي ٻارينڊي آهي؟

سال کن اڳ پليجي صاحب جي پارٽيءَ جي ماڻهن ميهڙ مان جيئي سنڌ قومي محاذ جا ڪارڪن اغوا ڪيا هئا. ۽ ڪجهہ وقت اڳ سانگهڙ ضلعي ۾ عوامي تحريڪ جي ضلعي صدر ڪن پاٿاريدارن ۽ ڌاڙيلن سان گڏجي هڪ مسڪين ماڻهوءَ جي گهر ۾ گهڙي، ان جي چوڏهن سالن جي معصوم نياڻيءَ کي جنڊن مان جهلي گهليندا ڪڍي ويا ۽ اهڙيءَ طرح پر سال هڪ نوجوان کي ترقي پسند هاٿوس ۾ ماريو ويو ۽ ان ڪان سگهو ئي پوءِ ايل ايم سيءَ ۾ پنج سال پورا ڪندڙ نوجوان شاگرد ڊاڪٽر کي صرف پندرهن روپين جي بدلي ۾ قتل ڪيو ويو. ڇا انهن جي خلاف بہ سنڌي اخبارن، پرنٽ ميڊيا ۽ صحافت اهڙي ئي ٻنڍي ٻاري هئي يا

هڪڙي ڏينهن خبرون هلائي، ٻئي ڏينهن ماٺ تي ويون هيون.

چوندا آهن: "نوريٽڙي جي مهماني ٻه ٻير." سنڌي صحافين جي ايجنسين جي اهلڪارن وٽ مهماني "ڪڙهائي ۽ بوتل آهي". يا وڌ ۾ وڌ پنج ڏهه هزار ماهوار پگهار آهي ۽ اخبار وارن مالڪن جي مهماني اشتهار آهن. پوءِ اهي قومي مفادن جي گهر تي تاندي رکڻ لاءِ به تيار تي وڃن ٿا. وڏيري جو وڏو اگهه وزارت تائين آهي ۽ ننڍيري جو ننڍو اگهه نوڻن تائين آهي.

"جهڙو ماڻهو، تهڙو ناڻو. هرڪو ماڻهو پنهنجي اگهه اگهائو."

ڳالهه نه مهاڙ، نهي، نه نهي، زور خبرن ناهڻ تي آهي ۽ انهن کي اٺ ڪالمي هيڊ لائين هٽي، ڇاپڻ تي آهي. ته الطاف حسين ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ لاءِ هٿيارٻند جدوجهد جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. الطاف حسين ته چئي ته اسان سڀ هن ڌرتيءَ جا ڄاوا آهيون ۽ هيءَ ڌرتي اسان سڀني جي ماءُ آهي ۽ اسين سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيون. شاهه لطيف اسان سڀني جو رهبر آهي. اسان سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ هڪ ئي ڌرتيءَ تي رهون ٿا. ۽ ان تي ئي مرون ۽ دفن ٿيون ٿا ۽ ان ڌرتيءَ کي پنجاب سامراج پنجاهه سالن کان پنهنجي ڪالوني ۽ بيٺڪ بنايو وينو آهي. اچو ته سڀ سنڌي گڏجي پنجاب سامراج جي ظلم، ڏاڍ ۽ ڦرمار جي خلاف جدوجهد جو اعلان ڪريون؛ ڇاڪاڻ ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجاب سنڌ ۽ ان جي رهواسين کي غلام بنائي ڇڏيو آهي ۽ جاگيردار طبقي کي پنهنجو دلال ۽ ايجنٽ بنائي ڇڏيو آهي.

اهڙيءَ طرح هڪ پاسي هو سنڌ دوستيءَ جو هٽ وڌائي رهيو آهي ۽ ٻئي پاسي جهالت جي کُن ۾ ڪريل سنڌي اخبارون ۽ صحافت پنهنجي ئي وطن ۽ قوم سان دشمني اختيار ڪندي، ايجنسين جي تيار ڪيل ڊس انفارميشن وارين خبرن کي وڏين اٺ ڪالمي سرخين ۾ هلائي پنهنجيءَ قوم جي عوام کي گمراهه ڪرڻ جي بيڪار ڪوشش ڪن ٿيون ۽ سنڌ ۾ هڪ ڀيرو وري سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ هٽرادو ويڇا وڌائي، فسادن واري باهه تي تيل هارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪن ٿيون. ڪيڏي نه وڏي بدنصيبي آهي جو خسيس مفادن جي خاطر سنڌي پرنٽ ميڊيا ۽ صحافت دشمن سان گڏجي ۽ ٻٽ ٿي پنهنجي ئي قوم جا پنهنجيءَ ڌرتيءَ تان پير اکيڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. اها اڻڄاڻائي واري ناداني آهي يا موقعي پرستي ۽ مفاد پرستي آهي، جيڪا به آهي، پنجاب سامراج جي سامراجي مفادن جي حڪمت عمليءَ کي جامي پهرائڻ جي ڪوشش آهي. ڇاڪاڻ

تہ اخبارن جا اشتهار حڪمران قوم جي هٿن ۾ آهن، ان ڪري نئين جاول سنڌي صحافت پنهنجي ئي پيرن تي پاڻ ڪهاڙي هڻڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي. جڏهن تہ الطاف حسين جي سڄي بيان ۾ ڪٿي بہ ۽ هڪ دفعو بہ ڪراچي کي ڌار ڪرڻ جو ڪو لفظ بہ شامل ڪونہ آهي.

سنڌي اخبارون سنڌ ڌرتيءَ جي خلاف ايجنسين جي ڊس انفارميشن وارين هيرين ڦيرين سان جوڙيل خبرن کي تہ اٺ ڪالمي ڪري هلائين ٿيون پر سنڌ وطن جي جياپي جي جدوجهد ڪندڙ (سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ) هزارين ماڻهن جي خبر کي ٽن ڪالمن کان مٿي نٿيون هلائين، ان ڪري سنڌي ماڻهن کي ۽ قومي ڪارڪنن کي سنڌي صحافت جي سنڌ دوستيءَ ۽ سنڌ دشمنيءَ جي ڪردار تي لاڳيتو ۽ چڱيءَ طرح نظر رکڻ جي ضرورت آهي، تہ ڪيئن سنڌي عوام جي پئسي تي هلندڙ سنڌي اخبارون قوم ۽ وطن جي مفادن جي خلاف اسان جي دشمن جي ڪئمپ ۾ وڃي بيٺيون آهن ۽ اسان جي پئسي تي اسان جي ئي خلاف ڊس انفارميشن ڦهلائي رهيون آهن، دشمن کي سرخرو ۽ مان وارو ڪري رهيون آهن ۽ پنهنجي عوام ۽ قوم کي گمراهہ ۽ بتال ڪري رهيون آهن ۽ اهڙيءَ طرح اهي دشمن جي رڳو ماني ملهائي رهيون آهن ۽ اسان جي قومي وجود تي وار ڪري رهيون آهن. "ڪوريءَ جو ڪتو سوٽر جو ساٿاري."

جيتوڻيڪ ڪجهہ وقت کان سنڌي صحافت ۽ اخبارون قومي تحريڪ جي باري ۾، نہ حمايت ۽ نہ مخالفت وارو رويو اختيار ڪيو ويٺيون هيون پر هاڻ ايجنسيون ڪانئن انهيءَ روزي کي ٽوڙائڻ گهرن ٿيون ۽ قومي تحريڪ جي خلاف ميڊيا ٽرائل ڪرائڻ گهرن ٿيون. انهيءَ لاءِ اهي سڀ کان اول سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ جيڪا ويجهڙائي ۽ هم آهنگيءَ واري صورتحال پيدا ٿي رهي آهي، انهيءَ ۾ نفرت ۽ نفاق واريون ديوارون کڙيون ڪرڻ گهرن ٿيون؛ ڇاڪاڻ تہ جڏهن کان سنڌ جي ٻنهي آبادين ۾ ويجهڙائي پيدا ٿيڻ لڳي آهي ۽ خاص ڪري الطاف حسين جي سنڌ دوستيءَ واري خط کان پوءِ پنجاب سامراج، ان جي حڪمران طبقن ۽ ايجنسين جي ڇاڙتن سرور اعوان کان قادر مگسيءَ تائين سيني جي پيٽ ۾ اچي ولهوٽ پيو آهي؛ جن سنڌن روزگار تي لت اچي وئي آهي، جنهن لاءِ اهي اخبارن ۾ ابتيون سبتيون، ۽ بي بنياد ۽ غلط سرخين واريون خبرون ڇاپرائي سنڌي ماڻهن کي 1988ع وانگر خانہ جنگيءَ جي وڏي ڪنهن آڙاهہ ۾ اڇلائڻ جون تياريون ڪرڻ لڳي ويون آهن.

اهڙي نموني سنڌ دشمن ماحول جي فضا پيدا ڪرڻ لاءِ اهي وڏي چڙهي پاڻ پتوڙي رهيون آهن، ۽ ان ڄاڻ ۽ جاهل صحافي ۽ ڪالمنگار انهيءَ تي وڌيڪ تيل هاري رهيا آهن ۽ اهڙو اٿولنڌڙ ماحول، انهيءَ تنظيم ۽ ماڻهوءَ جي خلاف پيدا ڪيو پيو وڃي، جيڪو وڏيءَ بهادريءَ سان سڀ کان اڳ پهلڪاري ڪري، سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي وچ ۾ رواداري، ڀائيچاري ۽ پنهنجائپ جو هٿ وڌائي رهيو آهي.

چوندا آهن تہ: "لٺ ٻلي ڀاءُ ٻاران ڪٺجي پر شاهدي خدا ڪارڻ ڏجي." حق ۽ سچ اهو آهي تہ اها پهلڪاري اسان اصل سنڌين کي ئي ڪرڻ گهربي هئي- جو تہ اسان ئي ڌرتيءَ جا ڌڻي آهيون ۽ اهڙو فرض اسان تي ئي عائد ٿو ٿئي، پر اسان ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيا آهيون، سڀ ڪجهہ هن ئي ڪيو آهي. 1988ع-1990ع وارن فسادن ۾ ٻنهي ڌرين جا ماڻهو ماريا ويا هئا. جنهن ۾ اڳرائي سنڌين ئي ڪئي هئي، 30 سيپٽمبر جي واقعي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ ڪوبہ سنڌي مهاجر فساد ڪونہ هو، جنهن کي بہ الطاف وارا ئي روڪيندا آيا هئا، پر حيدرآباد ۾ سوين ماڻهن جي هڪ ئي رات ۾ مارجي وڃڻ کان پوءِ ايم ڪيو ايم جا ماڻهو ايجنسين جي اشاري تي پنهنجيءَ تنظيم جي چيئرمين عظيم طارق جي اڳوائيءَ ۾ الطاف جي ڪنٽرول مان نڪري ويا هئا، جيئن قادر مگسي ۽ ان جا ماڻهو جيئي سنڌ تحريڪ جي ڪنٽرول مان نڪري ويا هئا، ڇاڪاڻ تہ صورتحال ئي اهڙي پيدا ڪئي وئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ نہ اسان پنهنجي ماڻهن کي قبضي ۾ رکي سگهياسون ۽ نہ هو رکي سگهيا، تنهن هوندي بہ 1990ع ۾ فسادن جي بند ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجي "پارٽي صفائي" جي دوران سنڌين جا قاتل سڀ ماري ڇڏيا، ٻيا سنڌن پارٽي ڇڏي ڀڄي ويا. ويندي پارٽيءَ جي چيئرمين کان وٺي عام ڪارڪن تائين جيڪي بہ پنجابي لابيءَ جا ماڻهو هئا ۽ جن جن جا بہ سنڌين جي خون ۾ هٿ رڱيل هئا، انهن سڀني جو هن چونڊي چونڊي صفايو ڪري ڇڏيو، تہ جيئن اڳتي هلي وري نہ پنجاب جون ايجنسيون فساد ڪرائين. الطاف ۽ متحده جا ماڻهو 1992ع کان وٺي اڄ تائين پنجاب سامراج جي مار ئي ان ڪري کائين پيا، ڇاڪاڻ تہ ايجنسيون ۽ پنجابي حڪمران سمجهن ٿا تہ هن سندن سڀني ڇاڙتن کي ماري ختم ڪري ڇڏيو آهي.

حقيقت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي تہ جيڪو ڪم اسان نہ ڪري سگهيا آهيون، اهو هن ڪري ڏيکاريو آهي، اسان جي ماڻهن مان جن بہ ايجنسين جو

الاڪار ٿي سنڌ ترقيءَ ڪي خون ۾ وهنجاريو، اهي سڀ اڄ ڀي آزاديءَ سان گهمندا ڦرندا ۽ ٽاڙهون ڏيندا وتن ٿا. انهن ڪان ڪوبہ پڇڻ ڳاڇڻ وارو ڪونہ آهي ۽ نہ ڪانئن ڪو حساب ڪتاب وٺڻ وارو آهي ۽ نہ اسان اهڙيءَ ڪنهن پوزيشن ۾ آهيون. انهيءَ ڪري سنڌ جي سيني محب وطن مائهن، قوم پرست ۽ وطن دوست سياستدانن ۽ ترقي پسند اديبن، دانشورن ۽ صحافين کي الطاف حسين جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي، جنهن سنڌ ترقيءَ کي محبت ۽ پيار جو گهارو بنائڻ لاءِ اڳتي وڌي ۽ پهلڪاري ڪري ڇڪتاڻ واري فاصلي کي گهٽائڻ جي هيڏي وڏي عاليشان ڪوشش ڪئي آهي.

(هيءَ جائزو، ڪن سببن ڪري ڪٿي بہ ڇپجي نہ سگهيو.)

متحده، پونم ۽ اردو آباديءَ جو مستقبل

اڄڪلهہ سنڌ ۾ سياسي بحث جو وڏو موضوع متحده جي پونم ۾ شموليت جو آهي تہ متحده کي پونم جي سيٽ اپ ۾ شامل ڪجي يا نہ. پونم ۾ وينل ڪن ڌرين جو ايم ڪيو ايم ڏانهن نرم رويو آهي ۽ ڪن ڌرين جو بنهہ سخت آهي. ايم ڪيو ايم پونم ۾ شامل ٿئي ٿي يا نہ، ۽ ان کي پونم ۾ شامل ڪرڻ گهرجي يا نہ، اهو هڪ وطن دوست آزادي پسند قوم پرست سياسي ڌر يا پارٽيءَ جي مٿي جوسور هجڻ گهرجي يا تہ، اها هڪ جدا ڳالهہ آهي. پر اها هڪ ڪلي حقيقت آهي تہ متحده جيڪڏهن پونم ۾ شامل ٿيندي تڏهن بہ ۽ جيڪڏهن نہ ٿيندي، تڏهن بہ سنڌ اندر سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچهي ٿيڻ واري مسئلي ۾ ڪهڙي مدد ملي سگهندي يا سنڌي ۽ اردو آبادي جي تضاد ۾ ڪهڙي گهٽتائي ايندي. اسان کي انهيءَ ڳالهہ تي بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي؟ ڇاڪاڻ تہ پونم ۾ وينل سنڌي قوم پرستن جي اڪثريت، نہ وطن دوست آهي ۽ نہ آزادي پسند آهي، ان ڪري پونم جي سنڌي قومپرستن جو متحده سان يا اردو آباديءَ سان اتحاد نہ فطري آهي ۽ نہ ممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ گذريل سٺن اٺن سالن جي سياست جي تاريخ ڏيکاري ٿي تہ متحده جيئن پوءِ تيئن پنجاب دشمنيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي ۽ ساڳي ڏاڍي ثابت قدميءَ سان وڌي رهي آهي. ان جي ابتڙ پونم ۾ وينل سنڌي قوم پرستن جي اڪثريت جي سياست جو بنياد ئي پنجاب دشمنيءَ جي بجاءِ مهاجر دشمنيءَ تي بدل آهي. انهيءَ ڪري اهي آزادي پسند ۽ وطن دوست قوم پرست سياست جي بجاءِ لساني ۽ ثقافتي قوم پرستيءَ کان سواءِ ڪابہ اهڙي سياست ڪرڻ نہ ٿا گهرن. جنهنجي نتيجي ۾ سنڌ جي قومي جدوجهد حقيقي پنجاب دشمنيءَ وارو رخ اختيار ڪري سگهي. ان ڪري هي ماڻهو صرف اهڙيءَ سياست ۾ عملي طور حصو وٺي سگهن ٿا، جيڪا پنجاب دشمنيءَ کي ڪمزور ڪري سگهندي آهي ۽ ظاهر آهي تہ پنجاب دشمنيءَ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ مهاجر دشمني ضروري آهي. جنهن لاءِ پليجو صاحب ۽ ان جي قبيل وارا ماڻهو 1988ع کان اڄ تائين اهو سنڌ قومي اتحاد هجي يا پونم هجي، پنجاب دشمنيءَ جي بدران مهاجر دشمن سياست

ڪندا رهيا آهن ۽ بنيادي تضاد جي بدران ثانوي تضاد کي اڀاريندا رهيا آهن.

اسان کي تاريخ جو تجزيو ٻڌائي ٿو تہ اردو آبادي اڄ کان 30 سال اڳ پنجاب سامراج جي مڪمل اتحادي هئي ۽ ان کان پوءِ ڪيترو عرصو، انهيءَ جي سامراج نواز پاليسي جو مهرو ٿي ڪتب ايندي رهي هئي ۽ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خلاف گهات گهڙيندي رهي هئي. ظاهر آهي تہ اها ان وقت جي اردو آباديءَ جي پنجاب سان لاڳاپيل اقتصادي مفادن جي مجبوري هئي، جنهن لاءِ "پنجابي پناهگير مستقل مفاد" جو اصطلاح وجود ۾ آيو. پر 1971ع جي سياسي ۽ جاگرافيائي وايو منڊل جي ڦيري کان پوءِ اها صورتحال اڳ وانگر ساڳي ڪانہ رهي سگهي آهي، جنهن جا سياسي ۽ اقتصادي بنيادي سبب آهن. انهن ٿي بنيادي سببن جي ڪري اردو آباديءَ جي سوچن ۽ روين ۾ اجوڪي تبديلي آئي آهي. قومن، آبادين يا ماڻهن جي سوچن ۽ روين ۾ راتو رات تبديلي نہ ايندي آهي. پر اها هڪ خاص عرصي جي تجربن جو نتيجو هوندي آهي.

جيئن پاڪستان بابت پنجاهہ سالن کان پوءِ سنڌي قوم جي سوچ ۾ تبديلي آئي آهي. تيئن سنڌ جي اردو آباديءَ ۾ گذريل ٽيهن سالن جي تجربي کان پوءِ نہ صرف سنڌي قوم ڏانهن سوچ ۽ رويي ۾ تبديلي آئي آهي پر "ٻہ قومي نظريي" بابت بہ تبديلي آئي آهي ۽ اها هڪ وڏي ۽ تمام تڪڙي تبديلي آهي. جنهن ڪري انهن پنهنجو اڳوڻو غلط تاريخ مخالف موقف ڦيرائي سنڌ دوستيءَ ڏانهن ڪيو آهي. جيستائين اردو آباديءَ جو پاڪستان نواز رويو رهيو هو، تيستائين انهن جو سنڌ دشمن موقف بہ موجود رهيو هو. پر جڏهن کان انهن پاڪستان بابت پنهنجو موقف بدلايو آهي ۽ هٽرادو ۽ جڙتو ٻہ قومي (پوءِ اهو مسلماني قوم جو هجي يا پاڪستاني قوم جو هجي) نظريي کي رد ڪيو آهي. تڏهن کان انهن سنڌ دوست ۽ وطن پرست رويو اختيار ڪيو آهي ۽ اهو انهن جي تاريخ ساز رويي جو رخ آهي، جنهن جي ڪري نہ صرف پنجاب سامراج ۽ ان جي حڪمران طبقي پر پليجي ۽ ان جي قبيل جي ماڻهن جي بہ متن وڏي ڪاوڙ ٿي پئي آهي. اصل ۾ اهائي ڳالهہ آهي ۽ اهوئي تاريخ جو جبر آهي، جنهن کين پنجاب جو مخالف ۽ سنڌي قوم جو فطري اتحادي بنائي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اها پنجاب دشمني ٿي آهي، جنهن کين لازمي طور سنڌ دوستي اختيار ڪرائي آهي. ۽ اهڙيءَ طرح اها پنجاب دوستي ٿي هئي، جيڪا کين سنڌ دشمني ڪرائيندي رهي هئي. اها ڦورو ۽ ڦرجندڙ ۽ سامراجي ۽ غلام قومن جي جدليات آهي. جڏهن تہ سنڌ جا شاونسٽ قوم پرست ۽ سياسي

بازيگر اردو آباديءَ جي موقف ۾ هيڏي وڏي ڦيري کي سمجهڻ جي صلاحيت وڃائي ويٺا آهن. جنهنڪري اهي سنڌ وطن جي ازلي دشمن پنجاب سامراج جي راند جا مهرا ٿي پيا آهن ۽ هٿ وٺي ۽ زور ڪري، جيئن پوءِ تيئن سنڌي مهاجر تضاد کي هوا ڏئي وڌائي رهيا آهن. ته جيئن سنڌ ۾ سدائين جي لاءِ خانه جنگيءَ ۽ گهرو ويڙهاند وارو ماحول جاري ۽ ساري رهندو اچي؛ ۽ انهيءَ سنڌي مهاجر تضاد جي بنياد تي سندن سياسي دڪانداري چمڪندي رهي. جيڪا ڳالهه ٿي پنجاب سامراج، ان جو حڪمران طبقو ۽ پالتو ايجنسيون قائم رکڻ گهرن ٿيون ۽ اها ساڳي ڳالهه وطن ۽ قوم جا ڏڪاريل ۽ ٺوڪاريل ماڻهو سنڌي عوام جي جڙتو ۽ شاونزم سان تعلق همدرديءَ جي سياسي پليٽ فارم تان ڪرڻ گهرن ٿا. ته جيئن اهي سنهنجي ذهني شاونزم جي بنياد تي متحده جي اڳواڻن کان اهڙا غير ضروري مطالب ۽ شهرون ميرانن سڀني [illegible] جي پٺ تي نيبيجي ۽ اردو آباديءَ جي اڪثريت متحده جي موجوده سنڌ دشمن سياسي پليٽ فارم تي [illegible] ۽ سنڌ دشمن ۽ پنجاب نواز سياست ڪندي ۽ سنڌ جو ورهاڱو گهرندڙ ۽ شهر مهاجر پرست سياست ڪندڙ سياسي تنظيم جي ور چڙهي وڃي.

ٻئي طرح حڪمران طبقو، هڪ پاسي هنن ماڻهن جي ذريعي متحده کان اهڙن غير ضروري مطالبن جي ميرانڻ جي راند رچرائڻ گهري ٿو ۽ ٻئي طرف اهڙين ڪٽر مهاجر پرست سياسي تنظيمن کان مٿن اردو آباديءَ سان غداريءَ جو "هوريو هوريو" ڪرائڻ گهري ٿو ته متحده سندن مفادن تان ڦري وڃي آهي. اها پنجاب سامراج ۽ ان جي پڳهاردارن جي هڪ وڏي ۽ گهري سازش آهي. جنهن کي نه صرف سنڌي ماڻهن کي سمجهڻو پوندو پر متحده ۽ ان جي قيادت توڙي اردو آبادي کي به سمجهڻو پوندو ته پونم ۾ وڪيل سنڌي شاونزم جو پرچار ڪندڙ قوم پرست سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي ويڇوڙائي واري ماحول کي ثبوتاز ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي راهه ۾ رڪاوٽون ڪڙيون ڪرڻ لاءِ ڪيڏي نه وڏي سنڌ دشمني اختيار ڪري رهيا آهن.

"عبرت فورم" ۾ پليجي کان ابرار قاضي تائين ۽ قادر مگسيءَ کان يوسف لغاري تائين سنڌي اردو آباديءَ بابت جيڪا ٻولي ڳالهائي وئي آهي. اها انهن ٻنهي آبادين کي هڪ ٻئي جي قريب آڻڻ ۾ ڪوبه مثبت ڪردار ادا ڪري نٿي سگهي ۽ نه وري اها ڪا سنڌ دوستيءَ واري ٻولي آهي ۽ نه سنڌي ۽ اردو آبادين جي گڏيل مفاد ۾ آهي. اها ٻولي هڪ تنگ ذهن ۽ شاونسٽ قوم پرست جي ٻولي ته ٿي

سگهي ٿي پر هڪ وطن دوست ۽ آزادي پسند قوم پرست جي ٻولي ٿي ٿي سگهي بلڪہ اسان جي نظر ۾ اها پنجاب سامراج ۽ ان جي ايجنسين جي پڙهايل ۽ سيڪاريل ٻولڙين جي ئي ٻولي ٿي سگهي ٿي.

سنڌ جي اردو آباديءَ جي خلاف اها ٻولي انهن ماڻهن ڳالهائي آهي. جيڪي سنڌي هجڻ جي باوجود اڄ تائين سنڌ جي جاگرافيائي آزاديءَ جا مڪمل طور تي منڪر آهن ۽ سنڌ ۽ سنڌي قوم کي اجان بہ پنجاب سامراج جي قرمار لاءِ پاڪستان ۾ واڙي رکڻ جا حامي آهن. جڏهن تہ انهيءَ ساڳي عبرت فورم ۾ ايم ڪيو ايم جو نمائندو آفتاب شيخ اڳ ۾ سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي مفاهمت بابت ڏاڍيون بهتر ۽ ڪارائتيون ڳالهيون ڪندي واضح طور چئي ويو آهي تہ:

"سنڌو درياهہ جو پاڻي پيئون ٿا، هرڪوئي (اسان کي) چئي ٿو تہ توهان جو قدرتي اتحاد سنڌين سان نهي ٿو... جڏهن اسين ماضيءَ ۾ ويندا سين تہ ٻنهي طرفن ڏي گهڻو ئي حساب ڪتاب نڪرندو. پر ماضيءَ ۾ اسان نہ هٿاسون... اسان کي ويڙهائيندڙ ٻيون قوتون هيون. مان توهان کي صرف اهو چوڻ آيو آهيان تہ متحده تي اهو الزام غلط آهي. تہ ان ماضيءَ ۾ ڪو سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ ڪئي آهي، ڪڏهن بہ نہ ڪئي آهي. اسان جو اصولي موقف آهي تہ اسان سنڌ جو ورهاڱو نٿا چاهيون... اسان هتي 1947ع کان آيل آهيون، پر 1947ع کان 1971ع تائين ايم ڪيو ايم جي نالي سان ڪابہ شئي ڪانہ هئي. مهاجر جماعت اسلامي، نوراني ۽ ٻين سان گڏ هوندا هئا. جڏهن تہ "مهاجر سياست" جو سلسلو 1978ع کان پوءِ ٿيو آهي. اسان جو نواب مظفر جي سياست سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي.

سوال آهي تہ (ان کان پوءِ) مهاجر سياست ڇو ٿي آهي؟ دراصل پاڪستان جو "سرمايو" ڪراچيءَ مان اسلام آباد ڪجي ويو. اسان جا ادارا نيشنلائيز ٿيا تہ ڪراچيءَ جا ڪيترائي ادارا بہ نيشنلائيز ٿي ويا ۽ پوءِ سرمايو اسلام آباد ڪجي ويو. برابر سنڌين ون يونٽ جي مخالفت ڪئي پر مهاجرن سنڌين جو ساٿ نہ ڏنو، ۽ سنڌين کي ان جو ڏک آهي. اهڙيءَ طرح 1983ع جي تحريڪ ۾ اسان چپ رهياسون ۽ سنڌ جو ساٿ نہ ڏنوسون، ان جو بہ سنڌي ڀائرن کي ڏک آهي. اسان پنهنجون اهي غلطيون مڃون ٿا ۽ اِئين اوهان جون بہ غلطيون آهن.

مان اڄ توهان جي سامهون تمام اهم پاليسي بيان ٿو ڏيان ۽ ذميواريءَ سان چوان ٿو تہ سنڌ ۾ رهندڙ صرف سنڌي آهن، جيڪو بہ سنڌ ۾ رهي ٿو، اهو

سنڌي آهي. اسان جي بنيادي سڃاڻپ سنڌ آهي. اسان ڇئون ٿا تہ اسان مهاجر سنڌي آهيون... يا بلوچ سنڌي آهيون. تہ اهو توهان کي خوشيءَ سان قبول ڪرڻ گهرجي. اسان سنڌي بہ آهيون ۽ سنڌ جو هڪ ثقافتي يونٽ بہ آهيون... اسان جي پهرين سڃاڻپ سنڌي آهي ۽ مهاجر ان جي ذيلي سڃاڻپ آهي... اسان کي سنڌي هجڻ تي فخر آهي. اسان جا وڏا هتي دفن ٿيا، اسان هتي دفن ٿينداسين ۽ اسان جو اولاد هتي دفن ٿيندو... مان واضح طور چوان ٿو تہ سنڌ ۾ ٻي ڪابہ قوميت ڪانہ آهي. سنڌ جا وسيلا سنڌ جا آهن؛ اسان اهو قبول نٿا ڪريون تہ تيل نڪري هتان ۽ انڊسٽري لڳي اسلام آباد ۾. سنڌي زبان جي قومي زبان تي اسان کي ڪو اعتراض ڪونہ آهي. اردو تہ سڄي پاڪستان ۾ رابطي جي زبان آهي، اهڙيءَ طرح جيتري قدر ڪوٽا سسٽم ۽ ٻهارين جي مسئلي جو تعلق آهي تہ اهو اسان جو سياسي اشوز آهي، انهيءَ تي بہ گڏ ويهي ڳالهائي سگهجي ٿو ۽ ڪونہ ڪو حل ڪڍي سگهجي ٿو."

هيءَ آفتاب شيخ جي عبرت اخبار جي فورم ۾ ڏنل انٽرويو جو اقتباس آهي ۽ اها هڪ وڏي حقيقت آهي تہ 1992ع کان پوءِ متحده انهن سالن جي اندر سنڌ بابت پنهنجي موقف ۾ جيڪا تبديلي آندي آهي ۽ سنڌي ۽ اردو آبادي کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي؛ ايڏو وڏو ڪردار سنڌ جي ڪابہ سياسي ۽ قوم پرست پارٽي يا تنظيم ادا ڪري ڪانہ سگهي آهي. انهيءَ ڳالهہ تي پنجابي اسٽيبلشمينٽ ۽ ان جي ياڙيتو ماڻهن کي چيڙائي ۽ مچرائي وڌو آهي. جنهن لاءِ پنجابي اسٽيبلشمينٽ سڀ کان پهرين متحده ۾ ٽوڙ ڦوڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اردو آباديءَ کي ان کان علحده ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻئي نمبر تي متحده جي قيادت تان الطاف کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان جي جاءِ تي پنجاب نواز ۽ سنڌ دشمن ڪٽر مهاجر پرست قيادت کي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سلسلي ۾ پنجابي اسٽيبلشمينٽ مڪمل طور تي ناڪام وئي آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي دعويٰ آهي تہ جيڪڏهن متحده ۽ ان جي قيادت اڄ بہ پنجاب سامراج جي پوٺلڳي ڪندي 1988ع کان 1990ع واري سنڌ دشمني اختيار ڪري تہ پنجابي حڪمران طبقي ۽ ايجنسين لاءِ متحده ۽ الطاف حسين اڳ وانگر سنڌن مٿي جا موڙ ٿي پوندا. ۽ ڪين ڪلهن تي چاڙهي سنڌ جي شهرن ۾ آندو ويندو ۽ ننڍي وڏي پنجابي حڪمران طبقي جو اڳ جيان وات پيو لڳندو تہ ايم ڪيو ايم دهشتگرد نہ پرُ هڪ سياسي تنظيم آهي ۽ مهاجرن پنجين

قوميت تسليم ڪرائي ورتي آهي، جيئن هن وقت سنڌن ٻاجهه پريو هٿ اير ڪيو اير حقيقي جي مٿي تي آهي؛ ڇاڪاڻ جو اها ڪلم ڪلا سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه به ڪندي رهي ٿي ۽ سنڌين سان هٿيارٻند جنگ جا اعلان به ڪندي رهي ٿي. ان ڪري ٿي اها تنظيم پنجاب سامراج ۽ ان جي سنڌي پڇ لٽڪائو چاڙس جي سي جو موڙ ۽ اکين جو نور نظر ٿي پئي آهي، پر متحده تي موچڙو ايو آهي.

سنڌي قوم کي هن وقت وسيع ۽ ويڪري ٿيڻ جي ضرورت آهي. سنڌي قوم کي محدود ۽ سوڙهي ڪرڻ جي ڪوشش سنڌ ۽ سنڌي قوم سان دشمني آهي. اردو آبادي سنڌي ٿيڻ جي ويجهو اچي پهتي آهي؛ ان جي سنڌي قوم ۾ ضم ٿيڻ جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهڻ سنڌ دشمني آهي. عبرت فورم ۾ آفتاب شيخ جي هاڪاري ۽ سنڌ دوست موقف جي خلاف پليجي، قادر مگسي، يوسف لغاري ۽ ابرار قاضيءَ جيڪا ٻولي ڳالهائي آهي، وطن دوست قوم پرستي نه پر سنڌي شاونزم آهي؛ اها هڪ اهڙي سنڌي قوم پرستي آهي؛ جيڪا نه صرف سنڌي قوم جي وجود جي ويري آهي پر سنڌ وطن جي جاگرافيائي سرحدن جي انڪاري به آهي. جهڙيءَ طرح هي ماڻهو پاڻ سنڌ وطن جي جاگرافيائي سرحدن جي آزاديءَ جا انڪاري آهن، تهڙيءَ طرح هنن ماڻهن جي فرقيوار قوم پرستي وطن دوستيءَ جي انڪاري آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙي قوم پرستي سنڌ وطن جي جاگرافيائي ورهاست کان سواءِ ٻيو ڪي به ڏئي ڪانه سگهندي. اهو موقف پنجاب سامراج ۽ ان جي دلالن جو ته ٿي سگهي ٿو پر ڪنهن به وطن دوست سنڌي ماڻهوءَ جو ٿي نٿو سگهي بلڪ اهو موقف هر انهيءَ ماڻهو جو ٿي سگهي ٿو جيڪو ٻه قومي نظرئي جو حامي آهي؛ ۽ جيڪو جناح جا حوالا ڏئي سنڌ دشمن ٻه قومي نظرئي جو پرچار ڪري ٿو. ٻه قومي نظريو مسلماني قوم جي تصور وارو هجي يا پاڪستاني قوم جي تصور وارو هجي، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي لاءِ هڪجهڙو هاڃيڪار ۽ زهر قاتل آهي.

هڪ طرف آفتاب شيخ، متحده ۽ اردو آبادي آهي، جيڪي ٽيهه سال اڳ ٻه قومي نظرئي جا زبردست حامي هئا ۽ اڄ اهي ان کي ٺوڪاري ڦٽي ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ ٻئي پاسي پليجو ۽ ٻيا پنجاب جا پڇ لٽڪائو سياسي گرگ آهن، جيڪي سنڌ وطن ۽ قوم جي وجود جا انڪاري ٿي ٻه قومي نظرئي جا پرستار ٿي پيا آهن. ڇا انهيءَ کان مٿي به ڪا ٻي سنڌ دشمني ٿي سگهي ٿي.

دراصل هي ماڻهو ٻهرين ڏينهن کان ولي ٻين ڪن قوتن جي اشارن تي

سياست ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي جو پهرين تہ پليجي، قادر مگسي توڙي يوسف لغاريءَ يڪ آواز تي متحده جي پونم ۾ شامل ٿيڻ جي مخالفت ڪئي ۽ اهڙا تڪڙا تڪڙا اخباري بيان بہ جاري ڪندا رهيا، پر پوءِ جڏهن افضل بنگش ڪين دڙڪو ڏنو تہ هو راضي ٿين يا نہ ٿين، متحده کي پونم ۾ اڪثريت راءِ جي فيصلي مطابق شامل ڪيو ويندو تہ همراهن جا ڍير ڍرا ٿي ويا ۽ هائوڪار ڪري ويهي رهيا پر جڏهن فيصلي کان پوءِ "ڪين ڪاري ڏاند جي ڏٿين" طرفان دٻ آئي ۽ ڳجها هٿ حرڪت ۾ آيا تہ پهرين پليجو، پوءِ يوسف لغاري ۽ آخر ۾ قادر مگسي بہ متحده جي پونم ۾ شموليت جي وڏي چڙهي مخالفت ڪرڻ لڳو يعني هي ماڻهو هڪ ڏينهن هڪ ڳالهہ ۽ ٻئي ڏينهن ٻي ڳالهہ ڪرڻ جا تہ اڳ ۾ ئي هيراڪ آهن. چوڻ وارن جو چوڻ آهي تہ متحده جي پونم جي فيصلي کان پوءِ جڏهن ڪين مالڪن وٽان موٽ نہ ملي تہ همراهہ موقف تان ئي منهن موڙي ويا، جتي پليجي ۽ قادر مگسيءَ کي پنجاب نواز ايجنسين جو اشارو مليو، اتي يوسف لغاري ۽ ابرار قاضي کي هڪ وڏي سنڌي بيوروڪريٽ جي هدايت ملي تہ متحده کي پونم ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ شامل ڪرڻو ڪونہ آهي ۽ نہ اها ڳالهہ مالڪن جي مفاد وٽان آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي مهاجرن کي سنڌين جي خلاف ۽ سنڌين کي مهاجرن جي خلاف ويڙهہ کي اجهان جاري رکڻ گهرن ٿا.

اها پنجاب سامراج جي پهرين ڏينهن کان وٺي حڪمت عملي رهي آهي تہ اهو مظلوم قومن مان دلال خريد ڪندو ۽ هڪ ٻئي سان ويڙهائيندو رهيو آهي ۽ واري واري سان سيني قومن جي عوام کي مارون بہ ڪڍندو رهيو آهي ۽ انهيءَ جي حق ۾ ٻين کان تاڙيون بہ وڄرائيندو رهيو آهي. جڏهن 1971ع ۾ بنگالي عوام تي موچڙا ماري ڪئي وئي تہ پنّي جهڙي سنڌي پڙوي جي معرفت انهيءَ جي حق ۾ سنڌين کان تاڙيون وڄرايون ويون، پوءِ 1973ع ۾ جڏهن پنّي جي هٿان بلوچن کي مارايو ويو تہ پليجي جي هٿان تحريڪ رسالي معرفت سنڌي عوام جي طرفان بغليون وڄرايون ويون تہ سنڌين جي حڪومت جي خلاف بلوچن بغاوت ڪئي آهي، ان ڪري بلوچن جو قتل عام اصل ۾ سردارن ۽ نوابن جي ڀاڙ پٽڻ جي لاءِ آهي، اهڙيءَ طرح جڏهن 1983ع ۽ 1986ع ۾ سنڌي ماڻهن کي مار ڪڍي وئي تہ مهاجرن ۽ پنجابين کان تاڙيون وڄرايون ويون تہ سنڌي پاڪستان جا دشمن آهن ۽ هاڻ جڏهن 1992ع کان اردو آبادي تي موچڙي جو زيپٽ آهي تہ سنڌين کان ڪڳيون هٿايون پيون وڃن تہ انهن کان سنڌين جو پلاند ٿو ورتو وڃي.

پاڪستان ۾ مظلوم قومون پنجاب سامراج جي هٿان وقت بوقت مارون به کائينديون رهيون آهن ۽ انهيءَ مار ۽ موچڙي جي خوشيءَ ۾ هڪڙي قوم ٻئي قوم جي خلاف ڏاڍا بغل به وڄائيندي رهي آهي ۽ اهي بغل ڪڏهن ڀٽي جي پڙوت وڄرايا آهن، ڪڏهن پليجي جي پيچ لوڏ وڄرايا آهن ۽ ڪڏهن عظيم طارق ۽ آفاق جهڙن پنجاب جي پگهاردارن وڄرايا آهن ۽ اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ وارئيل مظلوم ماڻهن ڪي هڪٻئي جي خلاف پينگ تي ويڙهايو به ويو آهي ۽ سندن ڪل لهرائڻ جي خوشيءَ ۾ ڪڇيون به هڻايون ويون آهن.

اڻون اردو آباديءَ جو پاڪستان کان پوءِ سراسري طور سياسي ۽ اقتصادي ۽ تاريخي جائزو پيش ڪرڻ گهران ٿو، ڇاڪاڻ ته متحده وارن جڏهن کان سنڌ جي شهرن اندر پنجاب سامراج جي اشاري تي سنڌي ماڻهن جي خلاف دهشتگردي ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي، ان کان پوءِ پنجاب نواز ايجنسيون انهيءَ جي خلاف ڇتيون تي پيون آهن؛ ۽ انهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏا هٿ پير هڻي رهيون آهن. ته جيئن سنڌ جي شهرن اندر هڪ ڀيرو وري اردو آباديءَ کي سنڌي آبادي جي خلاف جنگ جي ميدان ۾ لاهي سگهجي، جيتوڻيڪ انهيءَ جي تفصيلي جائزي وٺڻ لاءِ هڪ ڊگهي داستان جي ضرورت آهي. جنهن تي جيڪڏهن لکبو ته اهو هڪ وڏو ڪتاب ٿي پوندو. انهيءَ لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي ته جتي سنڌ جي شهرن اندر سنڌي ماڻهن جي خلاف ايم ڪيو ايم جي پليٽ فارم تان دهشتگردي ٿي هئي، اتي اردو آباديءَ جي خلاف جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تان به دهشتگردي ڪرائي وئي هئي ۽ اها جن ماڻهن ڪئي ۽ ڪرائي هئي؛ اهي آفاق احمد ۽ قادر مگسيءَ، ڊاڪٽر سليم حيدر ۽ رسول بخش پليجي جي صورت ۾ اڄ به موجود آهن. پر جيئي سنڌ ۽ متحده سان گڏ ڪونه آهن.

جيڪڏهن وقت مليو ته انهيءَ سڄي پس منظر جو جائزو وٺي قومي ڪارڪنن ۽ سنڌي ماڻهن جي اڳيان پيش ڪبو، ته ڪهڙيءَ طرح پنجاب سامراج ۽ ان جي خفيه ادارن متحده ۽ جيئي سنڌ جي پليٽ فارمن تان سنڌ جي شهرن جي اندر سنڌ جي ٿي رهواسين جو قتل عام ڪرايو هو، ۽ خونخوار دهشتگرديون ڪرايون هيون. اهو داستان به هڪ ڏينهن ماڻهن جي اڳيان آڻبو، پر هن وقت جيڪي ماڻهو سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ مفاهمت واري ماحول جي خلاف واويلا ڪري رهيا آهن؛ جيڪڏهن انهن ماڻهن جون هڪٻئي سان ڪڙيون جوڙيون ته اهي انهن ڪڙين سان وڃي ملنديون؛ جيڪي سنڌي ماڻهن جي انهيءَ قتل عام

۽ دهشتگرديءَ جون ڪڙيون اڄ بہ ملائي ۽ جوڙي رکڻ گهرن ٿا. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ۽ اردو آبادي جي مفاهمت جي خلاف پليجي ۽ قادر مگسيءَ ٻنهي ۽ سرور اعوان جي ٻولي ساڳي آهي. پوءِ جي انهن ماڻهن کي اها ڳالهہ پسند ڪانہ آهي ۽ نہ وري تہ سنڌي ۽ اردو آبادي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي تہ اها ڪانشن اگهہ رياست ۽ پنجاب سامراج کي پسند ڪانہ آهي جنهن ڪري انهن ٻنهي سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي مفاهمت جي خلاف اهڙيون پنهنجي پڳهاردارن جون ٺيڪاريون ڇڏي ڏنيون آهن، جيڪي سڄو ڏينهن ٻنهي آبادين جي وچ ۾ لساني منافرت وارو زهر اوڳاڇينديون رهن ٿيون ۽ پنهنجن آقائن کي خوش ڪنديون رهن ٿيون.

اصل ۾ اهي سڀ قومي تحريڪ جي خلاف ڇڏيل ٺيڪاريون آهن، اگر اها ٺيڪاري رڳو رسول بخش پليجي جي وات ۾ هجي؛ هاڻ اها قادر مگسيءَ ۽ ابرار قاضيءَ جي زبان ۾ بہ ڏني وئي آهي، ڪم ساڳيو آهي نالو ۽ پليٽ نمبر بدليل آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ اڳوڻو آڙيڪاپ وانگر ٿي پيو آهي؛ ان ڪري نون گڏهن تي نوان آٽر وجهي ميدان ۾ لاٿا ويا آهن.

اصل ڳالهہ اردو آباديءَ ڏانهن سنڌي آباديءَ جي ۽ سنڌي آباديءَ ڏانهن اردو آباديءَ جي روين سڌارڻ جي آهي ۽ انهن جي هم آهنگي جي آهي. ۽ انهيءَ مفاهمت ڪان پوءِ سنڌ جي ٻنهي آبادين جي هڪ ٻئي ڏانهن روين جي آهي ۽ هاڻ اها هم آهنگي تمام گهڻو تڪڙي اڳتي وڌڻ لڳي آهي ۽ وڌي رهي آهي، جيڪا ٿي ڳالهہ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي گڏيل مفاد ۾ آهي. باقي لکيت ۾ ڪيڏا بہ اتحاد ڪجن، ۽ هڪ ٻئي کي لکي پڙهي صحيحون ڪري ڏجن، جي نيت صاف نہ هوندي ۽ هڪ ٻئي ڏانهن رويا سڌريل نہ هوندا ۽ هڪ ٻئي جي مفادن ۾ هم آهنگي پيدا نہ ٿيندي، تہ اهڙا اتحاد ۽ مفاهمتون ڪي بہ نتيجا ڏئي نہ سگهنديون.

هن وقت سنڌ جي اردو آباديءَ جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ڏانهن ڏاڍو هاڪاري رويو پيدا ٿيو آهي. ويندي انهن ۾ پنجاب سامراج جي خلاف ۽ سنڌ جي قومي آزاديءَ جي حق ۾ رويا ۽ رجحان پيدا ٿي رهيا آهن. بلڪ ڪيترن اردو ڳالهائيندڙن ڪان اهو نعرو بہ ٻڌو ويو آهي تہ "ڪونہ توڙي گا پاڪستان- الطاف ڀائي اور بشير خان" اردو آباديءَ ۾ اهو رجحان ۽ لاڙو آزاد سنڌو ديش جي حمايت لاءِ وڌي رهيو آهي ۽ في الحال اهوئي ڪافي آهي. ڇاڪاڻ تہ اردو آباديءَ جي اڄوڪي انهيءَ رويي جي تاريخي، سماجي ۽ اقتصادي پس منظر کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. جيڪو ڪين سنڌ جي اصل آباديءَ جي ويجهو آڻي رهيو آهي. اها اسان ڪان وڌيڪ

انهن جي جديد سرمائيدار اقتصادي مفادن جي تاريخي مجبوري آهي. ۽ جنهن کي اسان ”تاريخي جبر“ چئون ٿا ۽ اهو تاريخي جبر ئي اردو آبادي کي سنڌ ڌرتي جي ڌلي ٿيڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي.

پاڪستان ڪان پوءِ، ان جي حڪمرانيءَ جو هڪڙو ٽڪنڊو ٺهيل هو؛ جتي عسڪري قوت پنجاب وٽ هئي؛ اتي سياسي قوت بنگال وٽ هئي ۽ اهڙيءَ طرح اقتصادي قوت اردو آباديءَ وٽ هئي. پاڪستان ٺهڻ سان انهيءَ ٽڪنڊي جي وچ ۾ اقتدار جي جنگ شروع ٿي وئي. جنهن ڪري پنجاب سامراج سياسي ۽ جمهوري قوت (بنگال) جي خلاف پناهگير اقتصادي قوت سان اتحاد ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي حڪمرانيءَ تي في الحال ”پنجابي پناهگير مستقل مفاد“ حاوي ٿي ويو. پر پوءِ 1971ع ۾ بنگلاديش جي پاڪستان ڪان آزاد ٿي وڃڻ ڪان پوءِ بنگال واري سياسي ۽ جمهوري قوت پنجاب وٽ پاڻ مرادو هلي وئي ۽ پنجاب ڀٽي مرحوم جي حڪومت ۾ پناهگيرن جي اقتصادي قوت کي تباهه ڪرڻ لاءِ انهن جي مڙني ڪارخانن، ۽ بئنڪن کي رياست جي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ۽ پوءِ اڳتي هلي جنرل ضياءَ الحق جي حڪومت جي دوران رياست جي تحويل ۾ ورتل بئنڪن جي ذريعي پنجابي سرمائيدارن کي پيدا ڪري آندو ويو. جنهن ڪري پنجابي ۽ پناهگير مفادن ۾ لازمي طور ٽڪراءُ پيدا ٿي پيو. جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ پناهگير سرمائيدارن اردو آبادي جي سياسي تنظيم وجود ۾ آندي ته جيئن سياسي پليٽ فارم تان اردو ڳالهائيندڙ سرمائيدارن جو تحفظ ڪري سگهجي. جنهن لاءِ ايم ڪيو ايم جا پهريان جهيڙا ۽ جهڳڙا به پنجابي آباديءَ سان ٿيا هئا. جنهن ڳالهه کي شدت سان محسوس ڪندي ۽ ڏسندي پنجاب نواز ايجنسين ايم ڪيو ايم ۽ جيئي سنڌ ۾ پنهنجا ڪرائي جا قاتل داخل ڪري ڇڏيا ته جيئن سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي وڏي پئماني تي عوامي سطح تائين خانه جنگيءَ ۾ لاهي سگهجي. پر جتي سنڌ ڌرتيءَ جي صوفيانئي سماجي مزاج ۽ ذهني رواداريءَ انهن فسادن کي عوامي سطح تائين خانه جنگي ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو؛ اتي انهن فسادن مان اقتصادي نقصان سنڌين کان وڌيڪ اردو آباديءَ جو ٿيو؛ ڇاڪاڻ ته انهن جي سڄي شهري اقتصادي مارڪيٽ تباهه ٿي وئي ۽ پوءِ ڪراچي جي سرمائيدار جي زوردار دباءَ تي ئي ايم ڪيو ايم سنڌ جي شهرن ۾ ڀرپور ڪوشش ڪري سنڌي مهاجر فسادن کي روڪيو آهي ۽ جيڪي به سنڌن ماڻهو فسادن ۾ ملوث هئا، تن سڀني کي مخبريءَ جي نالي ۾ ختم ڪيو ويو. ويندي سنڌن اهم ماڻهو عظيم طارق کي به نه ڇڏيو

ويو. ڇاڪاڻ ته اهو ايم ڪيو ايم جي اندر پنجاب نواز ايجنسين جو خاص ماڻهو هو ۽ ڪين رپورٽ هئي ته سنڌ جي شهرن ۾ فسادن ۾ انهيءَ جو سڀ ڪان وڏو هٿ هيو ۽ پوءِ 1992ع ڪان اڄ تائين اهو ڏينهن، اڄوڪو ڏينهن شهرن ۾ سنڌي ۽ اردو آبادي جي وچ ۾ وري فساد نه ٿيا آهن، جيڪا ڳالهه ظاهر آهي ته پنجاب نواز ايجنسين کي ڏاڍي ڏکي لڳي هئي. ان ڪري اهي ايم ڪيو ايم ۽ الطاف جي خلاف ٿي پيون ۽ انهن جو بي دردي‌ءَ سان آپريشن ڪري رهيون آهن. ڇاڪاڻ ته ڪين چڱيءَ پر خبر آهي ته متحده وارن سنڌن ماڻهن کي رستي تان هٽائي، سنڌن ڪٿي ڪمائي تي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي.

ان ڪان پوءِ ايم ڪيو ايم پنهنجو خالص لساني نالو بدلائي متحده قومي موومينٽ رکيو آهي، ۽ پنهنجي اڳوڻي موقف ۾ وڏي تبديلي آندي آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ويجهو اچي رهي آهي. اسان کي انهيءَ حقيقت کي تسليم ڪرڻو پوندو ته سنڌي اردو آباديءَ کي ويجهي آڻڻ ۾ جيترو ڪردار متحده ۽ الطاف حسين جو آهي، سنڌ جي ٻيءَ ڪنهن به سياسي تنظيم ويندي جيئي سنڌ به ايترو ڪردار ادا نه ڪيو آهي. چوندا آهن ته "ڏک دشمن جو به نه وڃائجي" سو اهو ڪريڊٽ واقعي متحده جو آهي. مڇڻ مراد آهي ته انهن پاڻ مان سنڌ دشمنيءَ واري عنصر کي تمام تڪڙو تڙي ڪڍيو آهي. جيتوڻيڪ پنجاب سامراج ۽ ان جي ايجنسين پوءِ به تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌ جي شهرن ۾ وري سنڌي مهاجر فساد ٿين، پر انهن کي متحده وارن ئي ناڪام بڻايو آهي. اها ڳالهه اسان جي وس کان ٻاهر هئي ۽ نه اسان وٽ ايترا وسيلا آهن، جو پنجاب سامراج جي سازشن کي منهن ڏئي سگهون. پوءِ به جيڪڏهن ڪو اردو ۽ سنڌي آباديءَ جي مظاهمت جي خلاف واويلا ڪندو ۽ اجائي سجائي پروپيگنڊه ڪندو رهي ٿو ته اسان جي خيال ۾ ته اهو دشمن جي محاذ جو ئي ماڻهو ٿي سگهي ٿو.

(ماهوار ساڃاهه، نومبر ڊسمبر 2000ع)

الطاف جي سنڌ دوستي ۽ تاريخ جو ترقي پسند عمل

8-1-2001ع تي حيدرآباد ۾، متحده جي سربراهه الطاف حسين جي سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ صحافين کي ٽيليفونڪ خطاب- خاص ڪري سنڌ جي قوم پرست سياست ۾ هڪ تهلڪو مچائي ڇڏيو آهي. الطاف حسين پنهنجي خطاب ۾ واضح نموني سان چيو آهي تہ ”اسان جي سياست ۽ اُن جي عمل مان جيڪڏهن سنڌين جي دل آزاري ٿي آهي تہ آئون انهيءَ جي معافي ٿو وٺان ۽ اسان سنڌي ٻوليءَ کي پهريون ۽ اردوءَ کي ٻيو نمبر ٻولي قبولڻ لاءِ تيار آهيون. سنڌ ڌرتي هڪ وڻ جي مثال آهي، ۽ اسين اردو ڳالهائيندڙ ۽ توهين سنڌي ڳالهائيندڙ، ان وڻ جون ٻہ ٽاريون آهيون. اسان جا مفاد ۽ جياپو ساڳيو آهي. جيڪڏهن توهان کي مهاجر لفظ تي اعتراض آهي، تہ اسان کي اردو ڳالهائيندڙ سنڌي سمجهڻ گهرجي. ماضيءَ ۾ اسان کان زيادتيون ۽ بي انصافيون ٿيون آهن يا اسان جي وڏن پنجابين سان گڏجي سنڌين جو استحصال ڪيو آهي تہ آئون ان لاءِ معذرت ٿو ڪريان ۽ ماضيءَ کي وساري پيار، محبت ۽ ڀائيچارو قائم ڪرڻ ٿو گهران. جيڪڏهن اسان جو ماضيءَ جو نظريو غلط هو ۽ ان ۾ ڪنهن قسم جي تبديليءَ جي ضرورت آهي، تہ ان ۾ بہ تبديلي آڻڻ لاءِ تيار آهيون.

دنيا ۾ تحريڪون ارتقا جي مرحلن مان گذرنديون آهن؛ ايم آر ڊيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙن، سنڌين جو ساٿ نہ ڏئي غلطي ڪئي هئي؛ ۽ پوءِ جڏهن اردو ڳالهائيندڙن جي خلاف آپريشن ٿيو تہ سنڌين بہ ساٿ نہ ڏنو. اٿين اسان کي سدائين هڪٻئي جي خلاف ويڙهايو ويو آهي. بينظير ۽ پيٽي پنهنجن ٻنهي حڪومتن ۾ ۽ سنڌين ۽ سنڌ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو آهي ۽ نہ قوم پرست ئي ڪجهہ ڪري سگهيا آهن. جيڪڏهن سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ متحد ٿي سنڌ جي حقن لاءِ اُٿندا، تہ پنجابي فوج کي هٿيارن ڦٽي ڪرڻ جو موقعو بہ ڪونہ ملندو. ٻهارين اوڀر پاڪستان ۾ بنگالين جي خلاف پنجابي فوج جو ساٿ ڏنو هو ۽ انهن کي هاڻ پنجاب ۾ ئي گهرائي رهايو ويو آهي. ڏکڻ آفريڪا وانگر ٽرٿ اينڊ ريڪنسلئيشن قائم

ڪرڻ قبول آهي پر پوءِ هڪبٽي تي اجايون الزام تراشيون ڪرڻيون پونديون.
جيڪڏهن ٻ پ خودمختياريءَ ۽ سنڌ جي حقن ۽ 1940ع جي ٺهراءَ جي حمايت
ڪري ته ان سان ٻه اتحاد ٿي سگهي ٿو. ۽ اي آر ڊيءَ ۾ هاڻ صرف ان صورت ۾
رهنداسين، جڏهن اهي 1940ع جي ٺهراءُ کي اتحاد جي پروگرام ۾ شامل ڪندا."

الطاف حسين پنهنجي خطاب کان اڳ ۾ سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن ۽
صحافين کي سنڌيءَ ۾ پليڪارڊ ڪندي، شاهه لطيف جا بيت پڙهيا. ۽ ان جي
خطاب دوران ۽ ان کان پوءِ سنڌي گيت مور ٿو ٽلي هلندو رهيو ۽ آخر ۾ سنڌي
اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ صحافين کي سنڌي اجرڪون پارايون ويون. الطاف حسين
جي انهيءَ خطاب کان پوءِ هڪ دوست تبصرو ڪندي چيو ته الطاف حسين پنهنجي
انهيءَ خطاب ۾ رڳو آزاد سنڌو ديش جي ڳالهه ڪانه ڪئي آهي، باقي سنڌ جي
حقن بابت اهي سڀ ڳالهيون ڪري ويو آهي؛ جيڪي سنڌ جون ٻيون سڀ
قومپرست پارٽيون اڄ تائين ڪنديون رهيون آهن. هڪ ٻئي دوست چيو ته اسان
ايم ڪيو ايم وارن کان سنڌ ۽ سنڌين جي حق ۾، جن ڳالهين جي گهر ڪندا
رهندا هئاسون، الطاف پنهنجي هن خطاب ۾، انهن ڳالهين کان ٻه گهٽ اڳتي نڪري
آيو آهي. جيڪڏهن متحده ۽ الطاف جو اهو موقف ۽ پاليسي رهي ته اهو ڏينهن پري
ڪونه آهي، جڏهن هو ۽ ان جي پارٽي سنڌ جي آزاديءَ جي به ڳالهه ڪندي ۽
انهيءَ لاءِ جدوجهد ۾ لهندي ۽ اهڙيءَ طرح ڏسندي ئي ڏسندي، ڪئي سنڌ جون
قوم پرست پارٽيون پوئتي نه رهجي وجن، جنهن تي مون موٽ ۾ چيو ته جڏهن
قادر مگسي جيل مان نڪري آيو هو؛ ۽ اچڻ سان سنڌ جي آزاديءَ تان هٽ ڪئي،
آزاد سنڌو ديش جي مخالفت ڪرڻ لڳو هو ته مون ڪيس هڪ رات ڊگهي بحث
دوران چيو هو ته تنهنجي آزاديءَ تان موٽ هڪ رجعت پرست عمل آهي، ۽ مرتضيٰ
ڀٽي جي قوم پرستيءَ ڏانهن واڌ ترقي پسند عمل آهي. ڇاڪاڻ ته تو سياسي طور
پوئتي موٽ کاڌي آهي ۽ مرتضيٰ ڀٽو سياسي طور اڳ کان اڳتي وڌيو آهي، ان
ڪري تنهنجي موٽ رياست ۽ ان جي حڪمرانن کي خوش ڪندي پر مرتضيٰ ڀٽي
جو اڳتي وڌندڙ قدم رياست ۽ ان جي حڪمرانن کي ڌڪيو پوندو. ڇاڪاڻ ته
جڏهن ٻه ڪا سياسي قيادت يا پارٽي پلي سياسي طور تي تري ۾ ڪريل هجي، پر
جي اها انهيءَ مان هڪ قدم ٻه اڳتي وڌائي ٿي ته اهو، ان جو ترقي پسند قدم
هوندو آهي. پر ڪا سياسي قيادت يا پارٽي سياسي طور پلي ڪيڏيءَ ٻه چوٽيءَ تي
بيٺل هجي پر جي اها هڪ قدم ٻه پوئتي هٽائي ٿي ته اهو ان جو زوال ڏانهن قدم

هوندو آهي ۽ اها ان جي رجعت پرستي آهي. جيئن چوندا آهن ته پلي ڪو ماڻهو ڪيڏو به ڪوهجي ۽ ٺڪجي پيو هجي، پر جي اهو هڪ قدم به اڳتي وڌائي ٿو ته اهو مڙس ماڻهو آهي، بقول ڀٽائي جي ته:

ڪُهي جان ڪنيائين، تنهن وِکَ ويجهي ڪئي،
چڪي چنائين، پند مُڙيو ئي پِرَ جو.

۽ اهڙيءَ طرح ڪو ماڻهو ڪيڏو به تازو توانو ۽ ٿلهو ٿيرو هجي، پر جي اهو هڪ قدم به پوئتي هٽي ٿو ته ان کي پاڙيو سمجهيو ويندو آهي. اهو تاريخي عمل جي ارتقا جو هڪ مقولو به آهي. انهيءَ لحاظ کان پليجو ۽ قادر مگسي سنڌ جي قوم پرست سياست ۾ رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي آزاد سنڌو ديش جي پروگرام کي ڇڏڻ کان پوءِ سنڌ جي سياست جي تحت السرا ۾ وڃي ڪريا آهن؛ پر متحده ۽ الطاف حسين مهاجر قوميت جهڙيءَ لساني سياست کي ترڪ ڪري پهرين سنڌ جي حقن ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي قومي آزاديءَ ڏانهن اڳتي وڌي رهيا آهن ۽ تمام تڪڙو اڳتي وڌي رهيا آهن، انهيءَ لحاظ کان متحده ۽ الطاف سياست جي تحت السرا مان ٽپ ڏئي باهر نڪري آيا آهن، ان ڪري سنڌن اهو نه رڳو هڪ سنڌ دوست پر ترقي پسند تاريخي عمل آهي. ٻئي طرف متحده ۽ الطاف جي موجوده سنڌ دوست پاليسي اختيار ڪرڻ کان پوءِ پ پ جي حقيقي سنڌ دشمني پڌري ٿي پئي آهي. ڇاڪاڻ ته پ پ 1988ع ۾ ايم ڪيو ايم سان اتحاد، ان ڪري ڪيو هو ته جيئن اها اقتدار جي ڏاڪڻ چڙهي سگهي ۽ ايم ڪيو ايم سان انهيءَ اهو اتحاد، ان وقت ڪيو هو، جڏهن اها پنجاب سامراج ۽ پنجاب نواز ايجنسين جي هٿن ۾ ڪيڏي رهي هئي ۽ ان جي پليٽ فارم تان 1988ع کان 1990ع تائين مسلسل به سال سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جو بنا ڪنهن ناغي جي ڪوس ٿيندو رهيو هو. پر آزادي پسند ۽ وطن دوست قوم پرستن جو ان وقت ايم ڪيو ايم ڏانهن سخت موقف هيو. ۽ هاڻ جڏهن متحده پاڻ تان لساني قوميت جو نالو لاهي صرف ڏهن سالن جي اندر مڪمل طور تي سنڌ دوست موقف اختيار ڪري آئي آهي ته ان ڏانهن آزادي پسند قوم پرستن جو موقف نرم آهي پر پ پ جو موقف سخت ٿي ويو آهي، ۽ ان جو اهو سخت موقف به اقتدار جي لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته متحده وارن اي آر ڊيءَ ۾ اهو چئي ويهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ته انهيءَ اتحاد جي پروگرام ۾ صوبائي خودمختياريءَ ۽ 1940ع جي ٺهراءَ کي شامل ڪيو وڃي ته متحده ان ۾ شامل ٿيندي نه ته اها انهيءَ اتحاد ۾ نه ويهندي،

۽ متحده جو اهو بلڪل ۽ سڌو سنئون سنڌ دوست موقف آهي، پر پ پ ۽ ٻين متحده مخالف پارٽين جو سنڌ دشمن موقف چٽو ٿي پيو آهي.

تاريخ پ پ کي جيئن پوءِ تيئن رجعت پرستيءَ ڏانهن ڌڪيندي رهي ٿي ۽ انهيءَ مناسبت سان انهيءَ جي سنڌ دشمنيءَ کي به ظاهر ڪندي رهي ٿي. ٻئي طرف تاريخ متحده جي سنڌ دوستيءَ کي جيئن پوءِ تيئن ترقي پسند تاريخي عمل ۾ شامل ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ ته پ پ بنيادي طور جاگيردار طبقي جي تنظيم آهي، جيڪو سماجي عمر جي لحاظ کان هڪ مردارطبقو ٿي چڪو آهي ۽ جيڪو پنهنجي طبعي عمر ڪائي پوڙهو ٿي چڪو آهي، ان ڪري انهيءَ مان نه صرف قومي مزاحمت جو مادو ختم ٿي چڪو آهي پر اهو هر قسم جي مزاحمت جي قوت وڃائي چڪو آهي. اهو هاڻ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي وجود لاءِ هڪ لعنتالو آهي ۽ قومي ڪردار ادا ڪرڻ جي لائق ئي نه رهيو آهي.

ٻئي طرف متحده بنيادي طور سنڌ جي سرمائيدار طبقي جي تنظيم آهي؛ جيڪا پنجاب سامراج سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ ڪان پوءِ تاريخي طور تي ترقي پسند ۽ وطن دوست ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ان ڪري ئي اها هن وقت پنجابي سامراج ۽ ان جي پرماري طبقي جي اکين ۾ ڪنڊو بنجي چڀي رهي آهي، نتيجي ۾ انهيءَ جي اها پنجاب دشمني، سنڌ دوستيءَ جو روپ اختيار ڪري رهي آهي. اهو جديد قومي سرمائيدار طبقي جو تاريخي رول آهي؛ جيڪو ان کي سنڌ جي حقن جي ويڙهاند ڪان وٺي ان جي قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ وٺي اچي رهيو آهي ۽ انهيءَ جو اهوئي تاريخي عمل سنڌ جي جاگيردار طبقي کي سنڌي هجڻ جي باوجود سنڌي عوام جي اڳيان اگهاڙو ۽ ننگو ڪري رهيو آهي.

الطاف حسين جو اهو اعتراف ته اردو آباديءَ ڪان سنڌ ۽ سنڌين جي باري ۾ وڏيون غلطيون ٿيون آهن ۽ اسان جو دشمن اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائيندو رهيو آهي؛ ڪا ننڍڙي يا جهڙي تهڙي ڳالهه ڪانه آهي پر تاريخ جو هڪ تجربو آهي، دراصل اها اعتراف جي سياست جي سنت، رهبر اعظم سائين جي. ايم. سيد جي سنت آهي. سائين جي ايم سيد واحد سنڌي سياستدان آهي، جنهن پنهنجين سياسي غلطين جو وڏي واڪ لکيتن ۾ اعتراف ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح الطاف حسين جو سنڌ ۽ سنڌين جي باري ۾ اهو اعتراف ته اسان ماضيءَ ۾ سنڌين جو ساٿ نه ڏئي وڏي غلطي ڪئي آهي، هڪ وڏي ڳالهه آهي ۽ اهو ان جي مستقبل جي سياسي بصيرت ۽ جرئت جو مثال آهي. ڪوبه تنگ دل ۽ دماغ ماڻهو، پنهنجي سياسي

غلطين جو ڪڏهن به اعتراف نه ڪندو آهي، صرف سائين جي ايم سيد جهڙا عظيم انسان ئي ماڻهن جي اڳيان پنهنجي گناهن جو چٺو کولي ويهندا آهن. اٿين اهو ماڻهو ڪندو آهي، جيڪو سچيءَ دل ۽ ايمانداريءَ سان محسوس ڪندو آهي ته هن هيستائين جو ڪجهه ڪيو آهي؛ اهو ان جي پنهنجيءَ قوم، عوام ۽ وطن جي مفادن ۾ ڪونه ويو آهي.

ٻئي طرف پ پ جي سياسي پليٽ فارم تي سنڌ جي جاگيردار طبقي بنگلاديش جي واقعي کان پوءِ، جيڪو سنڌ ۽ سنڌي قوم کي نقصان ڏنو آهي؛ ان جو انهيءَ هن ڪڏهن به کليءَ دل سان اعتراف نه ڪيو آهي. پر اڄ به اهو ڏاڍيءَ نَڪَ جي پڪائيءَ سان ور ور ڪري ورجائي رهيو آهي ته پ پ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي ڏاڍي ڪا خدمت ڪئي آهي. جڏهن ته پ پ جي سياست سنڌي ماڻهن کي سياست جي تحت السرا ۾ اچلائي ڇڏيو آهي، ۽ مڪمل طور تي پنجابي سامراج جو غلام بنائي ڇڏيو آهي، پر پوءِ به "چري ڪيٺن، جي ويران وير وڏ" ب ب وارا پاڻ ته سنڌ جي مفادن ۽ حقن جي سياست ڪرڻ ٿا گهرن. پر جيڪڏهن الطاف ۽ متحدا وارا سنڌ جي قومي مفادن ۽ حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرن ٿا ته اقتدار جي ڪرسيءَ جي حاصلات جي انڌي گهوڙي تي چڙهي ويهڻ لاءِ اهي انهن جي نڪ ۾ به اي آر ڊيءَ جهڙيءَ وفاق پرست سياست جي نياڳي نوڙي وجهڻ ٿا گهرن، ۽ جي متحده ائين نه ٿي ڪري ته ان تي پنهنجي پگهاردار وائن قلمڪارن جي بوڇاڙ ٿا ڪرائين ۽ ڪين سنڌ جي مفادن ۽ حقن جي مطالبن تان هٽ ڪئائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ٿا ڪن يعني ڪين "مکڻ پٽي مٿو ٿو تپي" جيئن اڄ کان ٽيهه سال اڳ انهيءَ ساڳيءَ پارٽي جي اڳواڻ جو شيخ مجيب جي ڇهن نقطن مان "مکڻ پٽي مٿو ٿي تپيو" نتيجي ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جاگيردار طبقي جي ڪرسيءَ جي عيوض ۾ پنجاهه سال پنجاب سامراج جي غلام بنجي وئي.

جاگيردار طبقي کي ڇٽن ڏينهن جو اقتدار ملي ۽ پوءِ پنجابي فوج ڀلي ڪيس ڪُٺيءَ واري لت هٺي اقتدار جي ڪرسيءَ تان لاهي ڦو ڪري ڇڏي، ته به اهو ان کي قبول آهي پر جي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پنهنجن قومي حقن ملڻ جو ڪٿان ڪو رڳو امڪان ئي پيدا ٿئي ٿو ته اهو هن مردار طبقي کي قبول ڪونه آهي.

هيءُ منهن ڏٺي ٻَنِ، تون وِهه ڪاني نه مرين،
تہ ڪر تر چائون، تو سين سگَ نہ ڪن،
تون ڪيٺن منجهان تن، پاڻ ڪونائين مارئي.
(شاهه)

دراصل متحده ۽ الطاف جي موجوده سنڌ دوست موقف اختيار ڪرڻ کان پوءِ

”سنڌي، مهاجر دشمنيءَ“ جي بنياد تي سياسي دڪانداري چمڪائيندڙ لساني فرقيوار قوم پرستيءَ جي سياست ڪندڙن جي ديڳڙي چلهه تان لهي وئي آهي، پوءِ اهي وفاق جي سياست ڪندڙ هجن يا سنڌ جي سياست ڪندڙ هجن. انهن مڙني سياست ڪندڙن جو در بوٽجي ۽ ٽيو اونڌو ٿي ويو آهي، ان ڪري پونم ٻه پونئن پساهن ۾ وجي رهيو آهي ته پ پ ٻه پنهنجي پڳ بچائڻ ۾ پوري آهي. هن وقت صرف اهي سياسي قوتون ئي سنڌ جي سياسي ميدان ۾ قائم رهي سگهن ٿيون، جيڪي سڌي سنئين پنجاب دشمنيءَ جي سياست ڪنديون ۽ سنڌ جي مڪمل قومي آزاديءَ جي جدوجهد ڪنديون. ٻيون سڀ تاريخ جي ڪاباڙي خاني جو ڪاچ ٿي وينديون ۽ تاريخ جي هڪ ئي اوڳرائي انهن کي ڳڙڪائي هضم ڪري ڇڏيندي. ڇاڪاڻ ته جيڪا سياست تاريخ جي تقاضائن تي پوري نه لهندي، اها تاريخ جي لتاڙ جو اولڙ بنجي ويندي ۽ تاريخ جي لتاڙيل اولڙ مان ڪابه پيداواري سگهه پيدا ٿي ڪانه سگهندي، تاريخ کي تازو توانو فڪر کپي ۽ انهيءَ فڪر جي بنياد تي سياسي جدوجهد کپي. سائين جي. ايم. سيد جي قومي فڪر، سموري رجعت پرست فڪر جي قبر کوٽي ڇڏي آهي، ان ڪري انهيءَ رجعت پسنديءَ کي جيترو دير سان دفن ڪبو، اها اهو ايتري گهڻي سماج جي اندر ڌپ ڪندي؛ ڇاڪاڻ جو سنڌ جو قومي وجود ان کي قبولڻ لاءِ تيار ڪونه آهي.

جيئي سنڌ قومي محاذ- متحده قومي موومينٽ جدوجهد خلاف پوسراهٽ جا بنيادي سبب

جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده قومي موومينٽ جي اپيل تي 18 اپريل واريءَ ڪامياب هڙتال ۽ اي آر ڊيءَ جي پهرين مئي جي ناڪام جلسي کان پوءِ وفاق پسند ۽ جاگيردار دوست دانشورن ۽ صحافين ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده قومي موومينٽ جي پنجاب مخالف اتحاد ۽ جدوجهد خلاف هڪ قسم جي پوسراهٽ پيدا ٿي پئي آهي، اهڙيءَ پوسراهٽ وارو ڪالم منصور جي نالي سان 3 ۽ 4 مئي 2001ع جي ناماياري اخبار ’عوامي آواز‘ ۾ ڇپيو آهي. پهرين ڏينهن واري ڪالم جو سِرو آهي تہ ”ڪير ڪنهن کي استعمال ڪري رهيو آهي“ ۽ ٻئي ڏينهن واري ڪالم جو عنوان آهي تہ ”جسقم ۽ متحده کي انتها پسنديءَ واري پاليسيءَ تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي.“ پهرين مضمون ۾ اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ متحده جو موجوده سنڌ دوست موقف اصل ۾، اسٽيبلشمينٽ جي اردو لابيءَ جي چال آهي ۽ متحده پنهنجن مقصدن لاءِ جيئي سنڌ قومي محاذ کي استعمال ڪري رهي آهي ۽ ٻئي ڏينهن جي مضمون ۾، خاص ڪري جسقم ۽ ان جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي صلاحن ۽ مشهورن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

جيئي سنڌ قومي محاذ پارٽي (جسقم) قومي فڪر جي لحاظ کان هڪ نظرياتي تنظيم آهي؛ ان ڪري ان جو سنڌ جي قومي تحريڪ، سنڌ جي سياست ۽ سنڌ جي اردو ۽ سنڌي آباديءَ جي اتحاد ۽ يڪجهتيءَ بابت هڪ خاص نظرياتي نقطہ نظر آهي. جيڪڏهن ڪنهن صحافي، ليکڪ يا سياسي ڌر کي ان جي انهيءَ نقطہ نظر يا موقف جي باري ۾ ڪو اختلاف آهي ۽ انهيءَ حوالي سان هو ڪا تنقيد يا ٽيڪاٽپڻي ڪرڻ چاهي ٿو يا ڪا صلاح ۽ مشورو ڏيڻ چاهي ٿو، تہ اهو انهيءَ جو حق آهي پر موٽ ۾ اسان کي بہ حق آهي تہ اسان انهيءَ کي قبول ڪريون يا نہ ڪريون يا مراڳو رد ڪري ڇڏيون ۽ انهيءَ بابت پنهنجي عوام ۽ ڪارڪنن جي ڪا اڳيان وضاحت ڪريون تا تہ اهو بہ اسان جو حق آهي، پوءِ اها وضاحت، پارٽيءَ جي پاليسيءَ بابت هجي يا پروگرام بابت هجي.

اسان جو نظرياتي موقف آهي تہ قومي شعور، جاگيرداري ثقافتي شعور کان وڌيڪ اقتصادي ۽ شهري شعور آهي؛ ثقافتي شعور اڪثر ڪري، جاگيرداري ۽ قوميتي شعور جي عڪاسي ڪندو آهي؛ ان ڪري ان ۾، ثقافتي شاونزم ۽ قومي محدودپڻو وڌيڪ هوندو آهي ۽ جديد قومي شعور، قوم جي پنجين فيڪٽر يعني سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جي شعور جي عڪاسي ڪندو آهي، ان ڪري ان ۾، وطن دوستي ۽ قومي وسعت پڻو وڌيڪ هوندو آهي. اهڙيءَ طرح جاگيرداري شعور ۽ قومي شعور، سماجي ۽ تاريخي تقاضائن جي لحاظ کان هڪ ٻئي جي متضاد مفادن جي عڪاسي ڪندا آهن ۽ ٻن هڪ ٻئي کان متضاد ۽ مخالف سماجي ۽ اقتصادي نظامن جي نمائندگي ڪندا آهن؛ ان ڪري انهن جو پاڻ ۾ دائمي ۽ مستقل اتحاد ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪو ٿيندو بہ آهي تہ اهو عارضي ۽ وقتي اتحاد ٿي ٿيندو آهي. انهيءَ جو واضح مثال؛ سنڌ جو جاگيردار ۽ وڏيرو آهي، جيڪو پنجاب، پختون ۽ بلوچستان جي جاگيردارن، سردارن ۽ نوابن سان قوم پرست نوزی وفاق سند اتحاد ۾ وهڻ لاءِ تہ تيار آهي پر بشير خان قريشي ۽ الطاف حسين سان گڏجي سند جي سياست ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهي.

جاڪاڻ تہ (جاگيردار ۽ وڏيرو) قوم پرست هجي يا وفاق پسند، قومي مفادن کان جاگيردار طبقاتي مفادن کي نہ صرف اهم سمجهي ٿو پر ترجيح بہ ڏئي ٿو. سنڌ جي قومي تحريڪ جو اهو هڪ الميو آهي تہ اها منڍ کان ئي قومي بنيادن کان يعني اقتصادي مادي حالتن کان ڪٽيل ۽ ويڳاڻي رهي آهي، انهيءَ ڪري ئي سنڌي قوم ۾ جديد سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جو حقيقي شعور، وسيع تر قومي شڪل اختيار ڪري نہ سگهيو آهي ۽ قومي تحريڪ جي اها ويڳاڻي حالت، خاص ڪري ورهاڱي کان وٺي اڄ سوڌي قائم رهندي اچي ٿي. نتيجي ۾ قومي تحريڪ ۽ ان جي سڄي پورهيي کي جاگيردار طبقو، وري وري هائجيڪ ڪندو رهيو آهي. جاڪاڻ تہ جاگيرداري سماجي شعور جي ثقافتي اثر انگيزي، جتي عام سنڌي ماڻهوءَ کي جاگيرداري مفادن سان وفاداري ڪرڻ تي مجبور ڪندو رهي آهي، اتي اها پڙهيل ڳڙهيل باشعور، دانشورن ۽ صحافين کي بہ جاگيرداري ثقافتي شاونزم جو شڪار بنائيندي رهي آهي ۽ جديد قومي شعور جي حاصلات ۾، رڪاوٽ جو سبب ٿيندي رهي آهي ۽ وطن دوستيءَ جي آفاقي شڪل کي سمجهڻ ۾ نااهليت جو ثبوت ڏيندي رهي آهي.

جيئن تہ عوام. پنهنجي سماجي شعور سان وفادار رهندو آهي؛ ان ڪري جيڪو سماجي ۽ اقتصادي نظام حاوي هوندو آهي. عوام جي اڪثريت بہ انهيءَ نظام جي سماجي شعور سان وفادار رهندي آهي. انهيءَ ۾ ڪنهن عربيءَ فارسيءَ جي ضرورت ڪا نہ آهي. اصل ۾ اهو ئي سبب آهي جو 1970ع کان وٺي اڄ تائين پيپلز پارٽيءَ جي سياسي پليٽ فارم تي سنڌي عوام پنهنجي دور جي جاگيرداري شعور سان وفاداريءَ جو اظهار ڪندو رهيو آهي ۽ قومي مفادن کان بيگانگي اختيار ڪندو ۽ منهن موڙيندو رهيو آهي ۽ انهيءَ قومي شعور جي ڪميءَ جي سبب ئي، سنڌي ماڻهو. قومي مفادن جي هم آهنگيءَ جي نظرياتي ترجماني ڪندڙ قومي نعري "جيئي سنڌ" کي ڇڏي، خالص جاگيرداري خانداني ذاتي ملڪيت جي تصور جي نمائندگي ڪندڙ غير قومي ۽ غير جمهوري شخصي نعري "جيئي ڀٽو" جي جوڏاري ڦيريون پائيندو ۽ متحد ٿيندو رهيو آهي. نتيجي ۾ پورن ٽيهن سالن ۾ قومي مفادن جي حق ۾ ڪا بہ پراپت پلئہ ڪانہ پئي آهي، پر رهندو اقتصادي ۽ مادي توڙي ذهني ۽ روحاني طور قومي نقصان ئي ٿيو آهي. ويندي اسان جيءَ قوم جو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو توڙي دانشور ۽ ليکڪ بہ انهيءَ جاگيرداري ثقافتي شاونزم جو شڪار ٿيندو رهيو آهي ۽ قوم جي جديد سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جي شعور جي جدليات کي سمجهڻ کان قاصر رهيو آهي. اصل ۾ اها ئي جاگيرداري ثقافتي شاونزم جي اثر انگريزي آهي، جيڪا انهيءَ کي قومي تحريڪ ۽ قومي مفادن کان بيگانو ڪندي رهي آهي ۽ جاگيرداري سياسي وفاداريءَ تي مجبور ڪندي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهو اڄ بہ قومي مفادن لاءِ ٿيندڙ جدوجهد تي ارهائي ۽ پوسراهت تو محسوس ڪري ۽ وفاقي مفادن لاءِ ٿيندڙ جدوجهد تي خوشيءَ ۽ سرهائيءَ جو اظهار تو ڪري ۽ پوءِ انهيءَ جي حق ۾ موضوعي ۽ خيالي قسم جا تجزيا پيش ڪري پوري قوم کي گمراهہ ڪرڻ جي ۽ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش تہ ڪري.

اهڙيءَ جاگيرداري ثقافتي شاونزم جو شڪار عام سنڌي ماڻهو بہ آهي ۽ سنڌي اديب، دانشور ۽ صحافي بہ آهي، تہ پراڻو متروڪ ٿيل ڪامريڊ ۽ قدامت پسند ڪميونسٽ بہ آهي؛ جنهن ڪميونزم جو انسان دوست ۽ پورهيت پرور پاسو تہ ڇڏي ڏنو آهي پر قوم پرست ۽ وطن مخالف سوشل شاونسٽ رويو ترڪ نہ ڪيو آهي. جيئن فطرت جي جدليات جا قانون دريافت ڪندڙ عظيم جرمن فلسفي هيگل جمهوريت دشمنيءَ ۾، جرمن شهنشاهيت پرستيءَ جي رجعت پرستيءَ جو

شڪار ٿي ويو هو. تيئن اسان جيءَ قوم جا دانشور ۽ ليکڪ تاريخي شعور جي ڪميءَ جي ڪري قومي شعور جي جديد حقيقت پسند آگاهي حاصل ڪري نہ سگهيا آهن ۽ اڄ بہ جاگيرداريءَ جو دَمُ پرينڊڙ رجعت پرستيءَ جو شڪار آهن.

جيڪو ماڻهو، تاريخي شعور جي سچائي تئو رکي، اهو نہ صرف قومي جدوجهد جو تعين تئو ڪري سگهي پر قومي شعور جي حقيقت کان ڏاڍو منڊل بہ ٿئي ٿو: ڇاڪاڻ تہ انهيءَ اڄان تاريخي شعور جي لحاظ کان قوم جي جديد سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ کي پوريءَ ريت سمجهيو ٿي نہ هوندو آهي، ان ڪري اهو هڪ باشعور ۽ روشن خيال انسان جي هوندي بہ قومي مفادن جي سياست ۽ جدوجهد کي نظر انداز ڪرڻ تي مجبور هوندو آهي ۽ جاگيرداري وفاق پسند ۽ مرڪزيت پسند سياست ۽ جدوجهد کي اهميت ۽ ترجيح ڏيندو آهي. سندس سياسي ۽ سماجي تجزيا حقيقتن کان هٽيل ۽ بتال هوندا آهن، سندس اڳڪٿيون وري وري رد ٿينديون رهنديون آهن ۽ ڪيس انهن بابت نہ صرف ترديد ڪرڻي پوندي آهي پر منهن جي کائڻي بہ پوندي آهي بلڪہ ايڏن تجربن جي باوجود اهي جاگيرداري ثقافتي شاونزم جي اونداهي کوهہ مان نڪرڻ جي نہ ڪندا آهن ۽ کوهہ جي ڏيڏر وانگر "ٽان ٽان ڪندا، ورائي ورائي اهي ئي ڳالهيون ڪندا آهن، جيڪي سندن موضوعيت پسنديءَ جو موضوع هونديون آهن.

جاگيرداري سماجي شعور نہ صرف مها رجعت پرستيءَ جو شڪار هوندو آهي پر جديد سماجي شعور جي سچائيءَ کان مڪمل طور تي انڌو ۽ اکين پور بہ هوندو آهي: انهيءَ کي شين کي ڏسڻ جي سائنسي اک نہ هوندي آهي، ان ڪري انهيءَ لحاظ کان جيڪي بہ جائزا ورتا ويندا آهن، سي انهيءَ ماڻهوءَ جي مثال هوندا آهن، جيڪو وڻ جي ڏار جي مٿين پاسي کان چڙهي ويهي منڍ کان وڍڻ جي ڪندو آهي ۽ پوءِ ڏار جي ڪيچي هيٺ ڪرڻ سان پاڻ بہ اچي ڦهڪو ڪندو آهي.

جاگيردار طبقاتي مفاد، قومي مفادن جي متضاد ۽ منافي هوندا آهن، ان ڪري جيڪو ليکڪ ۽ صحافي جاگيرداري سماجي شعور سان وفاداري رکندو آهي، اهو قوم جي جديد اقتصادي ۽ سياسي مفادن جي قومي هم آهنگيءَ جي صحيح سڃاڻپ ڪري نہ گهندو آهي ۽ اوڳيءَ ڏاڇيءَ وانگر جيڏانهن ڪنڌ ڪندو آهي، اوڏانهن پنڌ پوندو آهي. ڪيس خبر نہ پوندي آهي تہ اڳيان ڪو کڏو کوهو يا اوجهڙ ۽ آوڙاهہ آهي. رڳو واڪيندو ويندو آهي، جيسين وڃي ڪٽي منهن پر نہ ڪرندو آهي. ائين تاريخي شعور کان ڪورا دانشور رڳو دل جي ڏيءِ تي تجزيا ڪندا

آهن ۽ شعور جي سجائي کان ڪوهين ڏور هوندا آهن. اهڙن ئي "نيم حڪمر خطري جان" دانشورن سنڌي قوم کي وطن دوست قومپرستي اختيار ڪرڻ جي بجاءِ وفاق پسند ۽ مرڪزيت پسند سياست جي اونداهيءَ رات جو راهي بڻي ڀٽڪائي ڇڏيو آهي.

(2)

منصور صاحب پنهنجي پهرين ڏينهن واري مضمون جي ابتڙ ٻئي ڏينهن جي مضمون ۾ ،جيئي سنڌ قومي محاذ جي قيادت کي منٿن ميڙين ڪرڻ ۽ صلاحن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؛ ۽ اهڙيءَ طرح هن هڪ نفسياتي حربي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس تجزئي نگاريءَ مان واضح ٿئي ٿو تہ هو صاحب ذهني طور موجوده حڪومت، اقتداري قوتن ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردار طبقي جي وفات پسند اتحاد ۽ مرڪزيت پسند سياست جو حامي ۽ گهڻ گهرو آهي، اهو ئي سبب آهي جو هن کي سنڌ جي اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ وچولي طبقي جي قومي قوتن جو موجوده اتحاد ۽ ٻڌي ۽ گڏيل جدوجهد ڏاڍي ڏکي لڳي آهي. جنهن لاءِ هن صاحب اهي ٻئي مضمون هڪ ٻئي جي بلڪل متضاد هجڻ جي باوجود ڏاڍيءَ سوچ ويچار کان پوءِ لکيا آهن، ڇاڪاڻ تہ ڪيس قوم پرست قوتن جي وڌندڙ جدوجهد ۽ جاگيردارن جي وفاق پسند اتحاد جي ڪرندڙ ساک جي بہ ڏاڍي ڳڻتي آهي.

سنڌ جي قومي سياست جي ناڪاميءَ جو الميو ئي اهو آهي تہ سنڌ جي معاشي قوت تي قابض سنڌي جاگيردار طبقو، پنهنجي ترقي پسند ۽ وطن دوست عمر ڪائي پوڙهو ٿي چڪو آهي، ان ڪري اهو خاص ڪري گذريل پنجاهہ سٺ سالن کان سنڌ جي ابرندڙ قومي قوت کي ٽوڙيندو ۽ ٽارڻين سامراج جي هٿان ڪچلرائيندو رهيو آهي. ۽ هو اهو صرف پنهنجن مرندڙ طبقاتي مفادن کي سهاري ڏيڻ لاءِ ڪندو رهيو آهي.

پاڪستان کان اڳ ۽ پوءِ انهيءَ طبقي، مرندڙ جاگيرداريءَ ۽ اسرندڙ سرمائيداريءَ جي خطري ۽ تاريخي تضاد کي هندو مسلم مذهبي رجعت پرستيءَ جي تضاد جي شڪل ڏياري، سنڌي قوم جي وڌندڙ قومي ارتقا جي راهہ روڪي ڇڏي. ان کان پوءِ سنڌ جي قومي وجود کي ون يونٽ جي پنجوڙ ۾ ڦاسائي ابرندڙ وچولي طبقي کي رڻ ۾ رلائي ڇڏيو ۽ جڏهن جڏي سڏي سنڌي وچولي طبقي ٻين مظلوم قومن جي محب وطن ۽ ترقي پسند قوتن سان گڏجي ون يونٽ جي ڪاري

ڪوٽ ڪي ڪرائي ڇڏيو تہ هن مردار طبقي ڪي ڦڦڙي ورائي وئي: جنهنڪري اهو سنڌي قوم جي قومي خودمختياري جي اڳيان ديوار بڻجي بيهي رهيو ۽ مظلوم قومن جي قومي قوتن سان اتحاد ۽ ٻڌي ڪرڻ جي بدران حڪمران قوم جي جنرل شاهيءَ جي ڪڇ ۾ وڃي ويهي رهيو. ۽ مظلوم ۽ محڪوم قومن جي قومي ۽ جمهوري حقن جي طرفداري ڪرڻ جي بجاءِ مضبوط مرڪز جي علمبرداريءَ جو ڪاٺ ڪلهي تي کڻي بيهي رهيو. نتيجو اهو نڪتو تہ هڪ طرف مظلوم ۽ محڪوم قومن جون وطن دوست اتحادي قوتون هيون ۽ ٻئي طرف پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيردار طبقي جون وفاق پسند اتحادي قوتون هيون جيڪي 1971ع جي چونڊن جي دوا هڪ ٻئي جي خلاف زور آزمائي ڪندين رهيون ۽ چونڊن کان پوءِ انهن جي وچ ۾ اقتدار جي رساڪشي ۽ ڇڪتاڻ ايتريقدر وڌي وئي جو مظلوم بنگالي قوم پنهنجا لکين ماڻهو مارائي، پاڪستان جي پنجوڙ کي ٽوڙي آزاد ٿي وئي ۽ مظلوم سنڌي قوم پنجاب جي اڪثريتي سامراج جي غلام بڻجي وئي ۽ پوءِ اهو ڏينهن، اڄوڪو ڏينهن اهو مردار جاگيردار طبقو وفاق جي نالي ۾ سنڌ جي قومي مفادن کي مسلسل نيلام ڪندو رهي ٿو ۽ سنڌ جي ابرندڙ قومي طبقي جي ارتقا جي راهہ ۾ روڙا اٽڪائيندو رهي ٿو. ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺاڻي عوام جي اتحاد ۽ ٻڌيءَ کي مختلف حربن سان ٽوڙيندو ۽ ٿبوتاز ڪندو رهي ٿو.

جيئن سنڌي جاگيردار طبقو اڳ ۾، سنڌ جي هندو شهري وچولي طبقي جي قومي ابار کان ڏنل هو. تيئن اهو هاڻ سنڌ جي شهري وچولي طبقي جي قومي ابار کان خوفزده آهي. اهوئي سبب آهي جو اهو ستر جي ڏهاڪي کان وٺي، سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي وچ ۾ مصنوعي ۽ هٿرادو تضادن کي اڀاريندو رهي ٿو ۽ سنڌن قومي اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي سگهہ کي ٽوڙيندو ۽ پاڻ ۾ ويڙهائيندو رهي ٿو. ۽ پوءِ انهي جي بنياد تي پاڻ کي سنڌي عوام جو قومي قائد ۽ سرواڻ سڏائيندو رهي ٿو ۽ سنڌن قومي ووٽ کي اقتدار جي لال ڪنوار لاءِ وڪڻندو رهي ٿو ۽ ائين هو ڏاڍيءَ آسانيءَ سان ڪندو رهي ٿو، ڇو تہ سنڌي قوم ۾ حقيقي قومي طبقو، مقداري لحاظ کان ڪمزور رهندو اچي ٿو پر هاڻ جڏهن ٿوري عرصي کان سنڌ ۾ هڪ چڱو خاصو شهري وچولو طبقو پيدا ٿيڻ ۽ وڌڻ لڳو آهي ۽ اهو هڪ نئين اسرندڙ قومي طبقي جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳو آهي ۽ سنڌي عوام صدين جي جاگيرداري سماجي غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙي، انهيءَ نئين وچولي طبقي جي

قيادت قبولي اڳتي وڌي رهيو آهي تہ جاگيردار ۽ وڏيري جي پراڻي سماجي حيثيت بہ متاثر ٿيڻ لڳي آهي ۽ ڪين اندر ئي اندر بہ ڦقڙي ورائي وئي آهي، جن سنڌي اخبارن ۾ ويٺل پنهنجن وفادار مگٺهار ۽ دهلاري دانشورن ۽ صحافين کي اشارو ڏئي ڇڏيو آهي، جيڪي سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي خلاف وچت ۾ شروع ٿي ويا آهن ۽ منجهن شڪن ۽ شبهن جي فضا پيدا ڪرڻ لاءِ لساني فرقيواريت ۽ ثقافتي شاونزم جو پرچار ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي آباديءَ کي اردو آباديءَ جي خلاف ۽ اردو آباديءَ کي سنڌي آباديءَ جي خلاف اڀارڻ جي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي؛ جنهن لاءِ سنڌي عوام جي اڳيان اردو آباديءَ جي 1971ع کان اڳ واري پاڪستاني شاونزم کي اڀاري آندو پيو وڃي ۽ ان کي نئين سر نوان ويس وڳا پارايا پيا وڃن.

سنڌي جاگيردار طبقو، پاڻ کي قومي طبقي ۾ بدلائي نہ سگهيو آهي، ان ڪري کيس ايرندڙ وچولي طبقي جي قومي اتحاد ۽ ٻڌيءَ کان جيڪو بيهودو خوف ورائي ويو آهي؛ اهو ان جي مدي خارج جاگيرداري نفسياتي خوف جو اولڙو آهي؛ جاڪاڻ تہ ان کي پنهنجيءَ سياسي نااهليءَ ۽ قومي بزدليءَ جو پورو پورو احساس بہ آهي ۽ ادراڪ بہ آهي تہ هو هاڻ سنڌي قوم جي قومي قيادت ڪرڻ جي اهليت وڃائي چڪو آهي. جنهن لاءِ هو 1970ع کان وٺي اڄ تائين پنهنجن طبقاتي مفادن جو بچاءُ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردار طبقي جي وفاق پسند ۽ مرڪزيت پسند اتحاد ۾ ڳوليندو رهيو آهي ۽ ان جي عيوض ۾ پ پ ۽ مسلم ليگ جي سياسي پليٽ فارم تي ٿرتيءَ جا مفاد وڪرو ڪري اقتدار ۾ انڌي منڊي شرڪت جو سواد حاصل ڪندو رهيو آهي.

اهڙيءَ طرح هڪ طرف جاگيردار طبقو، اقتدار ۾ انڌيءَ منڊيءَ شرڪت لاءِ وڙهي ٿو، انهيءَ ڪري جو ان کان سواءِ هو زنده رهي نٿو سگهي ۽ ٻئي طرف سنڌ جو وچولو طبقو، قومي ۽ جمهوري حقن جي آزاديءَ لاءِ وڙهي ٿو، انهيءَ ڪري جو ان کان سواءِ هو اڳتي وڌي نٿو سگهي ۽ نہ مڪمل قومي ٿي سگهي ٿو. هيستائين انهيءَ قومي طبقي جي ڪميءَ جي ڪري ئي قومي تحريڪ نڌڪي رهندي آئي آهي، نتيجي ۾ ان کي جتي جاگيردار طبقو، ”سنڌ ڪارڊ“ ڪري استعمال ڪندو رهيو آهي، اتي وچولو طبقو، اقتصادي طور پاڻ پيري نہ هجڻ ڪري حقيقي قومي مفادن جي هم آهنگيءَ کي سمجهي بہ نہ سگهيو آهي؛ جنهن ڪري قومي تحريڪ کي گروپن ۽ گروهن ۾ ورهائيندو ”ڏيڍ سو“ جون ننڍيون وڏيون ٽانگا پارٽيون

جوڙيندو، حڪمرانن کان مراعتون حاصل ڪندو ۽ ڪرپشن جو شڪار ٿيندو رهيو آهي.

تاريخ جي ستم ظريفي ڇئجي جو سنڌي جاگيردار ۽ وچولو طبقو پاڻ کي جديد اقتصادي قوت ۾ بدلائي نہ سگهيو آهي، ان ڪري اهو پاڻ کي قومي قوت ۾ بہ بدلائي نہ سگهيو آهي، جنهن ڪري سنڌي سماج جي هڪ غير پيداواري قوت طور تنگ نظر قوم پرستيءَ ۽ ثقافتي شاونزم ۾ پناهہ ڳوليندا رهيو آهي. پر حقيقي وطن دوست قوم پرستي اختيار ڪري نہ سگهيو آهي، جيڪا نہ رڳو سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جي شعور لاءِ ضروري آهي پر قومي اتحاد ۽ يڪجهتيءَ لاءِ بہ ضروري آهي. پوءِ بہ اهو تاريخ جو جبر چئجي يا تاريخ جي ڪا ڀلائي آهي، يا سنڌي قوم جو تاريخ جي روز حساب ۾ "ڪو لولو اڳهاڻل آهي"، جو جيئن تاريخ جي هڪ وڏي جبر پنجاهہ سالہ اڳ اسان کان اسان جي قوم جو شهري وچولو طبقو ڦري ورتو هو، تيئن ئي تاريخ جي هڪ ٻئي وڏي جبر اسان کي اهو شهري وچولو طبقو، هڪ ٻيءَ حيثيت ۾ موٽائي ڏنو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تاريخ قومن تي رحم بہ ڪندي آهي، جيئن هن وقت اِها سنڌي قوم تي ڪرم نوازي ڪري رهي آهي.

اي آر ڊيءَ وارا ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهن، ٻهرين مئي واري جلسي سندن سچي پت وائکي ڪري ڇڏي آهي تہ ڪين هاڻ سنڌي عوام جي اڳوڻي حمايت حاصل ڪانہ رهي آهي، جنهن تي پ پ وارا سدائين پڏندا هئا ۽ اقتدار جي عشق جو چلو پچائيندا هئا. سندن حالت اها آهي جو پنهنجي اباڻي شهر لاڙڪاڻي ۾ بہ هڙتال ڪرائي ڪو نہ سگهيا آهن، ٻئي طرف سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ ۽ پنجاب جي ظلمن جي خلاف جسقم ۽ متحده جي گڏيل اپيل تي سڄيءَ سنڌ ۾ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين مڪمل ڪامياب هڙتال ٿي چڪي آهي. انهيءَ لحاظ کان جيڪڏهن جسقم ۽ متحده جي گڏيل جدوجهد وڏي وڃي ٿي، ۽ اها عوامي شڪل اختيار ڪري وڃي ٿي تہ اي آر ڊيءَ وارن جي آئي باقي حيثيت بہ ڪا نہ رهندي ۽ ڪين جنرل مشرف سان اقتدار ۾ شرڪت جي آخري اميد بہ ختم ٿي ويندي، ان ڪري ان کان اڳ ۾ جو اهڙي ڪا صورتحال پيدا ٿئي، جنرل وٽ ليلهڙاٽ پيا پون تہ واروڪر اقتدار ۾ شريڪ ڪر نہ تہ ملڪ ٽو وڃي؛ چاڪاڻ تہ وٽن ئي ملڪ جي بچاءَ جي چاٻي آهي، جيڪا ئي سنڌي عوام کي سنڌو ديش جي پروگرام کان ڦيرائي سندن پيرن ۾ جهڪائي سگهي ٿي.

سنڌي جاگيردار ۽ وڏيرو سدائين پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي رکي هلندو آهي ۽ اقتدار جي مومل ماڻيندو آهي. هاڻ بہ ڪين جسقم ۽ متحده جو ٽورائتو ٽيڻ گهرجي، جيڪي سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ خلاف جنگ جوٽيو بيٺا آهن ۽ لنيون ۽ بانا جهلي مٿا ڦاڙائي رهيا آهن. ٻئي طرف سنڌي جاگيردار ۽ وڏيرو اقتدار جي آسري تي پاڻيءَ جي مسئلي کي هينئر ئي وساري وينو آهي. پر جڏهن جنرل سان گڏجي اقتدار ۾ وهندا تہ علي مير شاهہ صاحب وانگر اکيون پوري ڇڏيندا ۽ چوندا تہ برف ڪا نہ ڳري آهي، ان ڪري پاڻيءَ جي ڪوٽ پيدا ٿي پئي آهي ۽ سنڌو درياهہ کي شاهہ لطيف پٽيو آهي، ان ڪري سڪي ويو آهي، ويندي ڪالا باغ ڊيم جي ٺاهڻ جي بہ اجازت ڏئي ڇڏيندا تہ اڳ وانگر بجيٽن ۾ ڏوڪڙ پئسا بہ رکي ڇڏيندا، هن وقت ڪين رڳو پڪو ڪيو پيو وڃي تہ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ڪائنن جيڪو بہ سنڌ دشمن بچڙو ڪم ورتو وڃي، اهو بنا ڪنهن چون چران جي چپ چاپ ڪري ڇڏين.

سنڌي جاگيردار ۽ وڏيري جي وات ۾ اقتدار جي چوسٽي ڏئي ڇڏڻ کان پوءِ ان کان دنيا جهان جو هرڪو ڪنون ڪم ڪرائي سگهجي ٿو. جيئن هن کان اڳ انهن کان سنڌو درياهہ مان پاڻي ڪڻ لاءِ چشما جهلم ڪئنال، تل لنڪ ڪئنال ۽ تونسا بند يا جناح بئراج وغيره ٺهرايا ويا آهن ۽ 1991ع جي ٺاهہ کي ريٽڻ لاءِ 1994ع ۾ ڪائنن تاريخي معاهدو ڪرايو ويو تہ ڪجي بہ ڪو نہ سگهيا ۽ هڙ پينگ ڪرائي بيهي رهيا. هن وقت بہ زمينون سنڌي جاگيردارن ۽ وڏيرن جون سڪن ۽ سڙن پيون ۽ پورهيو سنڌي هاريءَ جو برباد ٿئي پيو پر پاڻيءَ لاءِ پنجاب جون لنيون ۽ بانا آفتاب شيخ ۽ بشير قريشي ڪائين پيا ۽ جيلن جون هوائون نسرين جليل، شيخ لياقت، شبير جمالي ۽ غلام نبي ڪانيو ڪائين پيا ۽ نثار کهڙو ۽ خورشيد شاهہ، مخدوم امين فهيم جنرل مشرف سان اقتدار ۾ شرڪت لاءِ ڪرڙيون هڻن پيا. ڇاڪاڻ تہ جنرل مشرف سان ليکو چوکو ڪرڻ سولو آهي پر پنجاب سان وڙهڻ ۽ سنڌ جو پاڻي ڇڪي وٺڻ ڏکيو آهي، پهرين ويڙهہ مالڪ جي ملازم سان آهي ۽ ٻي جنگ خود مالڪ سان آهي؛ ملازم سان وڙهڻ سولو آهي پر مالڪ سان جنگ جيءَ کي جوکي ۾ وجهڻو آهي؛ اها ڳالهہ هي ڇڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا تہ اقتدار ۾ حصيداريءَ جي جنگ جنرل مشرف سان آهي ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جي جنگ پنجاب سامراج سان آهي، جيڪو ئي اقتدار ۽ اختيار جو ڪل مختيار آهي، ان ڪري مشرف دشمني ڪرڻ سولي آهي پر پنجاب دشمني ڪرڻ لاءِ ڪپي ٿو؛

مشرف جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کان بچي سگهجي ٿو، پر پنجاب جو ڏمر ڏکيو آهي.

اهڙيءَ طرح اقتدار جي مفادن جي ويڙهه بہ سولي آهي پر سنڌ جي مفادن جي ويڙهہ ڏاڍي ڏکي آهي. اها جنگ قوم جو قومي طبقو تہ وڙهي سگهي ٿو پر جاگيردار ۽ وڏيرو وڙهي نٿو.سگهي ۽ خاص ڪري سنڌي وڏيري ۽ جاگيردار وٽ تہ هاڻ اهڙي ڪا اهليت بہ ڪا نہ رهي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اهو پنهنجي قومي قوت گهڻو اڳ وڃائي چڪو آهي، اهوئي سبب آهي جو سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردارن جي وفاق پسند اي آر ڊي جي اتحاد مان سنڌ جي قومي مفادن جي ڪا جيتري بہ اميد رکڻ ٻبرن کان ٻيرن گهرڻ جي برابر آهي، جيڪا وطن دوست قوم پرستن ڪي نہ اڳ هئي ۽ نہ هاڻ آهي.

(23-24 مئي 2001ع عوامي آواز)

سنڌ کي ڪھڙيءَ جمھوريت جي ضرورت آھي؟

5 مئي 2001ع جي ڪاوش اخبار ۾ جاويد قاضي صاحب جو ”جمھوريت جي سفني“ جي نالي سان ڪالم ڇپيو آھي؛ جنھن ۾ موصوف سنڌ ۾ پارٽيءَ جي ڪوٽ جي خلاف جسقم ۽ متحده جي گڏيل جدوجھد کي اي آر ڊيءَ جي جدوجھد ۽ جمھوريت جي خلاف ايم ڪيو ايم ۽ قوم پرستن جي سازش قرار ڏنو آھي ۽ سوال ڪيو آھي تہ ”ھاڻي اھو سوال قطعي واضح آھي تہ ڪير ڪنھن جي ھٿن ۾ ڪيڏي رھيو آھي؟“ ۽ اڄ سنڌ جا قوم پرست اي آر ڊيءَ کان علحده بيٺل آھن تہ ڇو؟ جيڪڏھن 1973ع وارو آئين صوبائي خودمختياريءَ کي برقرار ڪو رکي سگھي تہ موجوده صورتحال وري ڪھڙي چڱي آھي؟“

اسين اظھار جي آزاديءَ جا حامي آھيون، ان ڪري سنڌن انھيءَ تنقيد جي آجيان تا ڪريون، پر اسان کي خوشي تڏھن ٿيندي، جڏھن موجوده وقت جي سنڌي اخبارن ۾ مختلف سياسي مڪتب فڪرن تي مبني اھڙا بحث مباحثا ٿيندا، ۽ انھن جي آجيان انھيءَ شرط تي ڪري سگھجي ٿي تہ اھڙن سياسي ۽ فڪري بحثن مباحثن جا موقعا ھر ھڪ ڌر کي ھڪ جيترا ڏنا ويندا. ائين نہ ٿئي تہ ڪنھن ھڪ خاص ڌر جي نقطہ نظر کي تہ اڳيان آندو وڃي ۽ ساراھيو بہ وڃي ۽ ٻين جي پاليسين ۽ پروگرامن تي رڳو تنقيدون ڪيون وڃن پر جوابي موقف پيش ڪرڻ تي سينسر عائد ڪئي وڃي، جيڪا صحافتي ديانتداري نہ ٿيندي، اھو ائين ٿيندو تہ ڇڏائڻ جي ٻھاني سان ھڪ ڌر کي جھلي ٻيھي رھجي، جيئن ڪيس ٻي ڌر تيستائين ناھوڪي ڦيھ ڪڍي وٺي.

اسان سمجھون ٿا تہ موجوده سنڌي اخبارن کي ھاڻ اھو رويو ترڪ ڪرڻ گھرجي ۽ اھڙي تنگ دائري واريءَ پاليسيءَ کان ٻاھر نڪرڻ گھرجي، تہ جيئن اسان جي معاشرتي ۽ روحاني زندگيءَ ۾ وسعت پيدا ٿي سگھي، سڀ جي رجحان کي ھٿ ملي سگھي ۽ اظھار جي آزاديءَ جو سچو پچو ماحول جڙي سگھي ۽ فڪري رواداريءَ ۽ روشن خياليءَ جي فضا ۾ سدا سڌير ڪندڙ ساھہ کڻي سگھجي.

اظهار جي آزاديءَ جي اهڙيءَ ئي حجت رکندي ۽ ان جو حق استعمال کندي، آئون بہ پنهنجو جڏو سڏو موقف پيش ڪرڻ گهران ٿو ۽ اميد ٿو ڪريان تہ ان کي وڏيءَ دل ۽ وسعت نگاهيءَ سان پڙهڻ ۽ برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي تہ آئون پنهنجي لاءِ ڪرم نوازي سمجهندس.

هاڻ اها ڪا گهڻي عربي فارسيءَ واري ڳالهہ نہ رهي آهي تہ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردار طبقي جو اتحاد پيپلز پارٽيءَ جي سياسي پليٽ فارم تي هجي يا مسلم ليگ جي پليٽ فارم تي هجي يا ايم آر ڊيءَ ۽ اي آر ڊيءَ جهڙن وفاق پسند ۽ مرڪزيت پسند اتحادن ۾ هجي پر مرڪزي اقتدار ۾ شرڪت جو اعزاز پيپلز پارٽيءَ ۽ مسلم ليگ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن پارٽيءَ کي نصيب ٿي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ هي ٻئي پارٽيون، اقتداري قوت جي وڏيري جون هڪڙيون اهڙيون ٻہ زالون آهن، جن کي پاڻ ۾ وڙهڻ، جهڙڻ ۽ جندا پٽڻ جي مڪمل موڪل هوندي آهي، پر وڏيري جي ڪوٽ مان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نہ هوندي آهي.

هنن ٻنهي پارٽين وٽ هڪ اهڙو مها مرڪزيت پسند پروگرام آهي، جنهن مان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي ڪڏهن بہ ڪا هڙ حاصل نہ ٿي آهي ۽ نہ ٿيڻ جي ڪا اميد آهي. اهي پنجابي پرماري مفادن جو پورائو ڪندڙ پروگرام کان هڪ پير بہ پري هٽڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهن، انهيءَ لحاظ کان انهن کي هاڻ هرڪو ننڍو وڏو سنڌي ماڻهو، سڃاڻي ۽ سمجهي ويو آهي. تہ انهن پارٽين جي پروگرامن جي ٻج ۾ هڪ اهڙو زهريلو ڏنگ پيريل آهي، جنهن سان، اهي وڇونءَ وانگر سنڌ ۽ سنڌي قوم کي ڏنگينديون ئي رهنديون. سنڌيءَ ۾ چوندا آهيون تہ "آزمائي کي آزمائي، ڏوڙ منهن ۾ پائي" سائنس ۽ فلسفي ۾ آهي تہ جيڪو تجربو ٿي دفعا ساڳيا نتيجا ڏي؛ سو قانون ٿي ويندو آهي. پ پ جي ٽن دفعن جي حڪمرانيءَ ۽ مسلم ليگ جي ٻن دفعن جي حڪومت ثابت ڪيو آهي تہ اُهي پارٽيون نہ صرف سنڌ دشمن آهن پر عوام دشمن ۽ جمهوريت دشمن بہ آهي. هي پارٽيون قومي ۽ بورزوا جمهوريت تہ پري رهي، جاگيردار جمهوريت سان بہ سچيون ڪو نہ آهن. هي اصل ۾ اقتداري قوتن جي ڏائي هٿ تي نچندڙ ٽپندڙ ڪٺ پتليون آهن. هنن جي جمهوريت جي دعوي ۽ ان لاءِ جدوجهد هڪ نوراڪشتي هوندي آهي. جنهن ۾ نوري فقير جو ڪردار پارٽين جي قيادت ادا ڪندي آهي؛ ۽ لنين جهلڻ وارو ڪردار عوام کان ادا ڪرايو ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ ڪنيو تہ قيات ڪائي ويندي آهي ۽ ڊيڪي دهلاري دانشور ۽ مڱڻهار صحافي وڃائيندا رهندا آهن.

پاڪستان جي سياسي تاريخ جي ايڏي تجربي کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪو باشعور ماڻهو سمجهي ٿو ۽ توقع رکيو ويٺو آهي تہ ايم آر ڊي يا اي آر ڊيءَ جهڙن اتحادن جي جدوجهد سان پاڪستان ۾ بااصول جمهوريت قائم ٿي سگهندي، تہ اها هڪ خيالي خوش فهمي آهي. اهڙن اتحادن نہ اڳ ڪڏهن فوجي راڄن کي هٽائي جمهوريت قائم ڪئي آهي ۽ نہ هن کان پوءِ اهڙو ڪو امڪان آهي. هن کان اڳ جنرل ايوب خان ۽ جنرل ضياءَ الحق جا بہ وڏا فوجي راڄ ٿي گذريا آهن، تن کي نہ مسلم ليگ جي مختلف ڌڙن وارو فاطمہ جناح جو اتحاد ۽ نہ 14 جماعتن وارو ايم آر ڊيءَ جو اتحاد هٽائي سگهيو هو. پر انهن کان مظلوم ۽ محڪوم قومن جي قومي جدوجهد ئي اقتدار جون ڪرسيون ڇڏرايون هيون. ايوب خان کي مظلوم قومن جي ون يونٽ جي خلاف قومي جدوجهد ۽ بنگالي قوم جي قومي تحريڪ پڄائي ڪڍيو هو ۽ جنرل ضياءَ الحق جي فوجي راڄ کي 14 جماعتن وارو ايم آر ڊيءَ جو اتحاد يارهن سال زور لائي بيهي رهيو پر ڪيس رڳو لوڏي بہ ڪونہ سگهيو پر جڏهن 20 مئي 1988ع تي سن ۾ سائين جي. ايم. سيد جي قيادت ۾ سنڌي قوم جي ننڍين وڏين پارٽين ۽ تنظيمن جو گڏيل "سنڌ قومي اتحاد" ٺهيو تہ پنجابي حڪمرانن کي ڦڦڙي ورائي وئي؛ جنهن ڪري پهرين اٺن ڏينهن اندر محمد خان جوڻيجي جي حڪومت کي ڊاٿو ويو ۽ غير جماعتي چونڊن جو اعلان ڪيو ويو؛ جڏهن ڏٺو ويو تہ اڃان بہ ڪم نٿو ٿهي تہ ٽن مهينن اندر ضياءَ الحق کي ئي ذمرق ڏنو ويو ۽ 17 آگسٽ 1988ع تي هڪ هوائي حادثي ۾ سندس سڄيءَ سنگت جو جنازو ڪنيو ويو ۽ هڪدم جماعتي بنيادن تي چونڊن جو اعلان ڪيو ويو تہ جيئن چونڊن جي جوڳي تي سنڌي جاگيردار ۽ وڏيرا جي. ايم. سيد جي قيادت ڇڏي چونڊن جي پـر اچي وڃن، ۽ پوءِ ٿـيو بہ ائين تہ. نہ صرف جاگيردار ۽ وڏيرا پر ڪامريڊ ۽ ڪميونسٽ بہ ديڙهو ڪري وڃي پڳا ۽ سنڌ قومي اتحاد کي هڪ گار لاهڻ لڳا تہ بي چاڙهڻ لڳا. چاڪاڻ تہ سائين جي. ايم. سيد قومي سياست جو مرڪز هو ۽ سنڌ انهيءَ مرڪز تي گڏ ٿي رهي هئي ۽ اها پنجاب سامراج کي خبر هئي تہ جيڪڏهن وڏيرن جي معرفت ئي سهي، سنڌ هڪ دفعو جي. ايم. سيد وٽ، سن جي مرڪز تي متحد ٿي وئي تہ پوءِ اها اُتان ڪڏهن بہ ڪونہ موٽندي، ان ڪري ان کان اڳ جو سنڌ جي. ايم. سيد وٽ وڃي گڏ ٿئي، جنرل ضياءَ الحق جو جنازو ڪڍڻ ضروري هو.

هاڻ بہ اي آر ڊيءَ جو اتحاد جنرل مشرف کي هٽائي نٿو سگهي ۽ نہ اهو ان

کي هٿائڻ ٿو گهري. اي آر ڊيءَ وارن جو زور رڳو انهيءَ تي آهي ته کين به اقتدار ۾ شريڪ ڪيو وڃي، پوءِ ڀلي مشرف پاڻ ئي صدر ٿي ويهي رهي، کين ڪو اعتراض ڪو نه آهي. ويندي ڪيس حڪومتن کي گهر موڪلڻ وارا اختيار به ڏيڻ لاءِ تيار آهن. پر جنرل صاحب سندن ڪا به ميڙ منٽ مڃڻ لاءِ تيار ڪونه آهي.

اها پاڪستان جي جمهوريت آهي، جنهن لاءِ پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيردارن جي وفاق پسند اتحاد جا حامي دانشور ۽ صحافي اخباري ڪالم ڪارا ڪري رهيا آهن ۽ سنڌ جي قومي ۽ جمهوري حقن تان هٿ کڻڻ لاءِ به تيار ٿي ويا آهن. جيڪڏهن پنجاب کي گڏيل هندستان ۾ هندو عوام جي اڪثريت واري جمهوريت قبول ڪا نه هئي ۽ پاڪستان کان پوءِ هڪ ئي ملڪ ۾ گڏ رهندي بنگالي عوام جي اڪثريت قبول ڪا نه هئي ته پوءِ اسان کي به پنجابي اڪثريت واري جمهوري سامراجيت قبول ڪا نه آهي. ڇاڪاڻ ته تاريخي طور بااصول جمهوريت، صرف هڪ قومي رياست ۾ ئي تڪميل ماڻي سگهندي آهي ۽ حق بجانب به ٿيندي آهي. گهڻ قومي ياست ۾، هڪ ماڻهو، هڪ ووٽ وارو جمهوري طريقو نه ڪارگر ٿي سگهي ٿو ۽ نه ڪامياب ٿي سگهي ٿو ۽ نه حق بجانب آهي. جيڪڏهن ڪٿي ۽ ڪڏهن اهو ڪامياب ويو به آهي ته اها هڪ استثنا آهي، جيئن آمريڪا يا سوئٽزرلينڊ وغيره جو مثال آهي؛ ڇو ته اهو جمهوريت جي ترقي ڪرڻ ۽ پروان چڙهڻ جو ڪو قانون ڪو نه آهي؛ اهو جمهوري قانون صرف هڪ قومي رياست سان لاڳو ٿي سگهي ٿو.

هڪ گهڻ قومي رياست ۾، صرف اهڙو بااصول جمهوري طريقو ڪامياب ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ ننڍيءَ ۽ وڏيءَ قوم کي برابري وارو ووٽ هجي. ايوان بالا توڙي ايوان زيرين ۾ هڪ جيتريون سيٽون هجن. پوءِ به ڪي ٻه ٽي يا ٻن کان وڌيڪ قومون اتحاد ۽ ٻڌي ڪري، ٻين قومن جو استحصال ڪري سگهن ٿيون ۽ کين محڪوم بنائي سگهن ٿيون. انهيءَ لاءِ اهڙيءَ گهڻ قومي رياست ۾ هر هڪ قوم وٽ ويٽو جو حق ضروري آهي ته جيئن اهڙيءَ صورت ۾ اهي پنهنجي قومي مفادن جو تحفظ ڪري سگهن، ته ڏهن به ڪا هڪ يا وڌيڪ توسيع پسند قومون قومي شاونزم جو شڪار ٿي، ويٽو جي حق کي ٻين قومن جي قومي مفادن جي خلاف استعمال ڪري سگهن ٿيون. جتي به اهڙو امڪان هجي ٿو، اتي قومون، هڪ ئي رياست اندر گڏجي رهي نٿيون سگهن؛ ۽ پوءِ قومن لاءِ مڪمل قومي آزادي لازمي ٿي پوندي آهي ۽ پاڪستان؛ هڪ اهڙي ئي گهڻ قومي رياست آهي، جنهن ۾ قومن

جي گڏجي رهڻ ۽ انهن جي قومي مفادن جي تحفظ جو ڪو امڪان ڪو نہ آهي، ان ڪري قومن لاءِ قومي آزادي ضروري ۽ لازمي آهي، ڇاڪاڻ تہ گهڻ قومي رياستون، جاگيرداري شهنشاهي سلطنتن جي باقياتي شڪل ٿين ٿيون، ان ڪري اهي پنهنجي جوهر ۾ سامراجي رياستون ٿين ٿيون، جيئن هر طبقاتي نظام ۾ هڪ طبقو لازمي طور ٻين طبقن جو استحصال ڪندو آهي، تيئن هر گهڻ قومي رياست ۾ ڪا ﻧہ هڪ قوم لازمي طور ٻين قومن کي محڪوم ۽ غلام رکڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

(2)

سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ خلاف ڪراچيءَ جهڙي بين الاقوامي شهر ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده قومي موومينٽ جي بڪ هڙتالن ۽ مظاهرن کان پوءِ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين سڄيءَ سنڌ ۾ شٽر بند ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال جي ڪاميابيءَ ۽ 18 پارٽين جي اي آر ڊيءَ جي وفاق پسند اتحاد جي پهرين مٿي جي جلسي جي ناڪاميءَ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردارن جي وفاق پسند اتحادي قوتن کي جڻ تہ مچرائي ڇڏيو آهي، جيڪي واڻي توائي وقلڻ ۽ لافازنيون ڪرڻ لڳيون آهن.

اها وقل ۽ لاف زني ڪنهن اهڙيءَ ڳجهي قوت جي اشاري تي ٿي رهي آهي؛ جيڪا سنڌ ۾، سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي اتحاد ۽ هم آهنگيءَ تي خوش تہ ڪانہ ٿي آهي پر رهندو ڏاڍي ڪا ڪاوڙجي پئي آهي ۽ انهيءَ جي پيٽ ۾ وڏي ڪا پوسراهٽ پيدا ٿي پئي آهي. ۽ اندر ۾ ڪينو ۽ ڪروڌ پرجي ويو آهي، جيڪو آهستي آهستي جاگيردار- دوستيءَ ۽ وفاق پسنديءَ جي شڪل ۾ دهلاري دانشورن ۽ سرڪاري صحافين جي دل ۽ دماغ جون دريون ٽوڙي اخباري ڪالمن ۾ ڪاهي پيو آهي.

اهڙو هڪ ڪالم 10 مئي 2001ع جي ڪاوش اخبار ۾ نامياري صحافي عاجز جماليءَ جو "سنڌ جي حقن جي گارنٽيءَ جي ڪارڊ جو سوال" ڇپيو آهي، جنهن ۾ اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ جسقم ۽ متحده جي پاڻيءَ جي ڪوٽ خلاف جدوجهد ۽ هڙتال جي پٺيان اسٽئبلشمينٽ جي اردو حصي جو هٿ آهي؛ جنهن جي سرپرستي جنرل مشرف جي اردو ڳالهائيندڙ لابي ڪري رهي آهي ۽ جيڪا وري ايم ڪيو ايم جي ڇوهڻ تي ڪراچيءَ جي شهري حڪومت تي عمل ڪري رهي آهي وغيره وغيره.

انهيءَ تجزئي نگاريءَ جو تَتُ اهو آهي تہ اي آر ڊيءَ جي جمهوريت جي بحاليءَ جي جدوجهد هجي يا جسقم ۽ متحده جي پارٽيءَ جي ڪوٽ خلاف جدوجهد هجي؛ اصل ۾ پنجابي- پناهگير اسٽيبلشمينٽ لابين جي هڪ ٻئي کي نيچي نوائڻ جي جنگ آهي، جيڪي پنهنجن مقصدن ۽ مفادن لاءِ سياسي ڌرين کي استعمال ڪري رهيون آهن. جڏهن تہ اسين سمجهون ٿا تہ اٿين قطعي ڪو نہ آهي بلڪ اهو هڪ اخباري دنيا لاءِ ڇڏيل شو شو آهي، ۽ اهو خود اسٽيبلشمينٽ جي انهيءَ حڪمت عمليءَ جو حصو آهي، جيڪو سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو آبادين جي اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي ٽوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ ڇڏيو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ پاڪستان جي موجوده اسٽيبلشمينٽ ۾ سواءِ هڪ طاقتور ۽ ڪل مختيار پنجابي لابيءَ جي ٻي ڪا بہ لابي ڪا نہ آهي ۽ جنرل مشرف جي اردو ڳالهائيندڙ جي حيثيت اهڙي ئي آهي؛ جهڙي معين حيدر جي آهي، جيئن پناڻ هجڻ جي ناتي نصير الله بابر جي هئي يا سنڌي هجڻ جي ناتي محمد خان جوڻيجو ۽ بينظير جي هئي يا وڌ ۾ وڌ پِٺي صاحب جي هئي، پر تاريخ ۽ تجربو ٻڌائي ٿو تہ اهي سيئي پنجاب جا ڪٺ پتليون حڪمران هئا ۽ اٿين جنرل پرويز مشرف بہ آهي.

سائين جي. ايم. سيد وانگر الطاف حسين ڪيڏو نہ وڏو سچ چيو آهي تہ "پاڪستان جي موجوده سسٽم ۾ جنرل مشرف جي اقتدار واريءَ ڪرسيءَ تي جيڪڏهن هو پاڻ وهندو، تڏهن بہ اهو ئي ڪندو، جيڪو هن وقت تي رهيو آهي يا جيڪو جنرل صاحب ڪري رهيو آهي يا هن کان اڳ بينظير ۽ نواز شريف ڪري رهيا هئا. سوال رڳو اقتدار تي يا اسٽيبلشمينٽ ۾ ويهڻ جو ڪو نہ آهي، پر اصل سوال اختيارن جو آهي، جيڪي هن وقت صرف پنجابي اسٽيبلشمينٽ جي اختيار ۾ آهن. اهو ئي سبب آهي جو جنرل مشرف فوجي حڪمران هجڻ جي باوجود، چاهيندي بہ سنڌ کي پنجاب کان 1991ع جي ناهہ مطابق پاڻي ڏياري نٿو سگهي. اسان جو هڪ دوست چوندو آهي تہ پنجاب واري واري سان حڪمرانن جي شڪل ۾ ڪو نہ ڪو ٽوڪدان رکي ڇڏيندو آهي، ۽ پوءِ هرڪو عوام دشمن بيڙو ڪم انهيءَ کان ڪرائيندو آهي ۽ عوام جي ٿٽڪار بہ ان تي ئي وسندي رهندي آهي ۽ جڏهن اهو ٽوڪدان ٿٽڪارن ۽ لعنتن ملامتن سان پرجي ويندو آهي تہ ان کي هٽائي، ان جي جاءِ تي ٻيو رکي ڇڏيندو آهي، جيئن ايوب خان کي رکيو ويو هو يا يحيٰ خان ۽ ضياءُ الحق کي رکيو ويو هو ۽ هاڻ هن کي رکيو ويو آهي.

بر ٿوري وقت لاءِ فرض ڪري، سنڌي صحافت جي انهيءَ نقطہ نگاهہ کي

قبول بہ ڪٿي ڪجي تہ موجوده پاڪستان جي ڪوٺ خلاف توڙي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد اصل ۾، پنجابي- پناهگير اسٽيبلشمينٽ جي لابين جي هڪ ٻيءَ جي خلاف ويڙهہ جي هڪ شڪل آهي ۽ جسقم ۽ متحده ڪي پاڪستان جي ڪوٺ خلاف ۽ 1940ع جي قرارداد جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد جي بهاني سان اسٽيبلشمينٽ جو اردو ڳالهائيندڙ حصو استعمال ڪري رهيو آهي ۽ ٻئي طرف انهيءَ جي مقابلي ۾ اسٽيبلشمينٽ جو پنجابي حصو سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردارن ڪي اي آر ڊيءَ جي اتحاد تي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد جي بهاني سان متحد ڪري رهيو آهي، تڏهن بہ جسقم ۽ متحده جي جدوجهد سنڌ جي مفادن وٽان وڌيڪ آهي، جاڪاڻ تہ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردارن جي وفاق پسند اتحاد مان سنڌ جي قومي مفادن کي ايترو فائدو پهچي نٿو سگهي، جيترو سنڌ جي سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچولي طبقي جي پنجاب مخالف ۽ سنڌ دوست اتحاد ۽ ٻڌيءَ مان پهچي سگهي ٿو. انهيءَ نقطہ نظر کان ٿي اسان جي سنڌي دانشورن ۽ صحافين کي سوچي سمجهي طئي ڪرڻو پوندو تہ ڪين سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردارن جي وفاق پسند اتحاد سان وڌيڪ همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ گهرجي يا سنڌ جي سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچولي طبقي جي پنجاب مخالف ۽ سنڌ دوست اتحاد ۽ ٻڌيءَ سان وڌيڪ وفادار رهڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ ڪين جاگيردار دوست وفاقي مفادن جو نگهبان ٿيڻ گهرجي يا سنڌ ڌرتيءَ جي قومي مفادن جو ترجمان ٿيڻ گهرجي. انهيءَ مان خبر پوندي تہ اسان جو ضمير ۽ شعور جاگيردار دوست آهي يا قوم دوست آهي.

ٻهرين تہ اهو هڪ خيالي ۽ هٿ ٺوڪيو تجزيو آهي، انهيءَ کي هڪ ميڊيا ٽرائل چئي سگهجي ٿو، جيڪو سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي اتحاد ۽ هم آهنگيءَ جي خلاف ڊِس انفارميشن جو حصو آهي. جيڪڏهن اسان جو سوچيندڙ حلقو، انهيءَ کي اکيون پوري قبوليندو تہ ظاهر آهي تہ نقصان ۾ ئي ويندو.

مون کان هڪ دوست سوال ڪيو تہ سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي وچ ۾ جيڪا اجوڪي ويجهڙائپ واري پيش رفت ٿي رهي آهي ۽ اردو آباديءَ جي نمائنده تنظيم متحده واضح طور سنڌ دوست موقف اختيار ڪري، انهيءَ تي پير کوڙي عمل بہ ڪري رهي آهي؛ ۽ ٻين مڙني قوم پرست پارٽين کي ڇڏي صرف جيئي سنڌ قومي محاذ سان گڏجي جدوجهد ڪري رهي آهي. جڏهن تہ هن کان اڳ بہ انهيءَ جي سخت ضرورت هئي؛ انهيءَ جا ڪهڙا سبب آهن ۽ اها ڳالهہ هن کان اڳ ڇو نہ ٿي سگهي هئي؟؟ مون ڪيس تجزيو ڪندي ٻڌايو تہ انهيءَ جا معاشرتي سبب آهن. هن کان اڳ اسان جي خالص سنڌي معاشري، قومي معاشري جي شڪل

اختيار نہ ڏني هئي، اهو اهڙو هڪ جاگيرداري معاشرو ٿي هو، جنهن جا جديد شهري معاشري سان ثقافتي تضاد هئا، جيڪي جاگيرداري علحدگيءَ ۽ تنگ نظريءَ جو شڪار هئا. تنهن ڪري اهي سنڌي معاشري کي هڪ جديد قومي معاشري سان هم آهنگ ٿيڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيا هئا ۽ جاگيردار طبقو، پنهنجي طبقاتي جيابي لاءِ قوم جي انهيءَ غير قومي معاشرتي زندگيءَ کي اجان ٿي وڌيڪ پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ۽ انهيءَ جاگيرداري معاشرتي ثقافتي ويڳاڻپ کي جديد دور جي وسعت اختيار ڪندڙ شهري زندگيءَ سان غير ضروري تضادن ۾ وچڙائي ۽ الجهائي رهيو هو، جيڪا ڳالهہ نہ رڳو جاگيرداريءَ جي عمر کي وڌيڪ زنده جي رکڻ لاءِ ضروري هئي. پر سامراجي ڦرمار واري سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ بہ ضروري هئي ۽ اهي ٻئي ڌيهي ۽ پرڏيهي استحصالي قوتون گڏجي سنڌي ۽ اردو آباديءَ ۾ غير ضروري مصنوعي تضادن کي وڌائي رهيون هيون.

پر هاڻ جڏهن سنڌي معاشرو، جيئن جيئن شهري ٿي رهيو آهي، تيئن تيئن اهو وڌيڪ قومي بہ ٿي رهيو آهي ۽ قومي مفادن ۾ وڌيڪ هم آهنگيءَ بہ پيدا ڪري رهيو آهي؛ ۽ پنهنجي ئي پيداواري قوتن جي پيٽ مان هڪ نئون شهري قومي (وچولو) طبقو پيدا ڪري رهيو آهي. ۽ انهيءَ نئين سنڌي قومي (وچولي) طبقي جا مفاد، اردو آباديءَ جي شهري وچولي طبقي جي مفادن سان هڪ نئين قومي هم آهنگي پيدا ڪري رهيا آهن، جيڪي هن کان اڳ جاگيرداري معاشرتي مفادن سان لاڳاپيل هئا ۽ جديد قومي مفادن سان خود بہ ٽڪراءَ ۾ هئا، جنهن کي پنجاب ۽ سنڌ جو جاگيردار طبقو ۽ پنجابي اسٽيبلشمينٽ گڏجي ۽ اتحاد ڪري پ پ ۽ مسلم ليگ جي وفاق پسند سياسي اتحاد تي اجان ٿي وڌيڪ تضادن ۽ ٽڪرائن جا روپ ڏياريندا ۽ پوئتي ڌڪيندا رهندا هئا. اها ئي پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيرداري استحصالي ۽ سامراجي مفادن جي گهرج هئي، تہ جيئن سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺائي آباديءَ کي هڪ ٻئي کان پري بہ رکيو وڃي ۽ گڏيل قومي مفادن جي هم آهنگي پيدا ٿيڻ بہ نہ ڏني وڃي. انهيءَ لاءِ ٻنهي آبادين جي وچ ۾ مصنوعي تضادن جي هڪڙي اهڙي ديوار کڙي ڪئي وئي، جيڪا ديوار برلن جو ڪم ڏئي رهي هئي، پر هاڻ انهيءَ ديوار برلن کي متحده ۽ جسقم جي اتحاد جي هٿوڙن هٿي باهي وڌو آهي.

پنجاب جي پرماري مفادن جي ضرورت هئي ۽ آهي تہ سنڌ ۾ اردو آباديءَ کي سنڌي آباديءَ کان ۽ سنڌي آباديءَ کي اردو آباديءَ کان پري رکڻ کان سواءِ ان جي نہ جارحانہ ڦرمار جاري رهي سگهندي. ۽ نہ بالادستي ۽ حاڪميت قائم رهي سگهندي ۽ اڻين ئي سنڌي جاگيردار ۽ وڏيري جي طبقاتي مفادن جي بہ

ضرورت هئي ۽ آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي آباديءَ کي اردو آباديءَ کان ۽ اردو آباديءَ کي سنڌي آباديءَ کان الڳ ۽ جدا رکڻ کان سواءِ انهن جي طبقاتي گرفت قائم رهي ڪانہ سگهندي ۽ نہ سنڌي عوام تي سنڌن صدين جي پراڻي غلامي قائم رهي سگهندي. اهڙيءَ طرح سنڌي عوام ڏيهي طبقاتي رجعت پرستيءَ ۽ پرڏيهي سامراجي توسيع پسنديءَ جي قرمار جو شڪار گاهہ ٿيندو رهيو؛ اهو سبب آهي جو هن وقت نہ پنجابي حڪمران طبقو، سنڌي جاگيردار طبقي مان مڪمل طور تي هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار آهي ۽ نہ سنڌي جاگيردار طبقو، پنجابي حڪمرانن سان اڪيون اکين ۾ ملائڻ لاءِ تيار آهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جي ڏاڍي سنگين صورتحال ٿي وئي آهي؛ سنڌي جاگيردارن ۽ وڏيرن جون زمينون ريگستان جو ڏيک ڏئي رهيون آهن، ۽ سنڌي هاريءَ جي بازن جو پورهيو برباد ٿي رهيو آهي، پر پاڻيءَ جي لاءِ پنجاب سامراج جون لٺيون ۽ بانا آفتاب شيخ ۽ بشير خان کائي رهيا آهن ۽ پنهنجا مٿا ڦاڙائي رهيا آهن، نہ سنڌي جاگيردار ۽ وڏيرو جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ نہ سنڌي هاريءَ کي قومي شعور آهي.

قومي مفادن جي هم آهنگيءَ جو شعور جيڪڏهن آهي تہ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ قومي ۽ وچولي طبقي کي آهي ۽ تاريخ انهيءَ طبقي جي ڪُلهن تي قومي آزاديءَ جو بار آڻي وڌو آهي، ان ڪري اهو ئي قومي تحريڪ جي حقيقي قومي قيادت ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ اهو انهيءَ جو تاريخي فرض بہ آهي ۽ حق بہ آهي. رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد پيشنگوئي ڪئي هئي تہ "هڪ ڏينهن سنڌ جي اردو ڳالهائيندڙ آبادي، سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندي." اهو تاريخ جو سڏ آهي، جيڪو موجوده وقت ۾ سنڌي قوم ۾ پڙاڏو بڻجي گونجي رهيو آهي ۽ انهيءَ گونج جي آواز تي سنڌ جي سنڌي ۽ اردو آبادي لبيڪ چئي، سنڌ جي قومي ۽ جمهوري حقن جي آزاديءَ لاءِ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين هڪ ٿي اٿي ڪڙي ٿيڻ واري آهي، جنهن ۾ سنڌ جي قومي ۽ جمهوري رياست جي بحاليءَ جو تصور بہ سمايل آهي ۽ آزاد ۽ خودمختيار قومن جي بين الاقواميت جو پيغام بہ پنهان آهي.

پڙاڏو، سو ئي سڏ، وَرُ وائيءَ جو جي لهين،
هـٿـا اڳ ۾ گـڏ، ٻـڌڻ مـنـجهـہ ٻـہ تـيـا.

(شاهہ)

(14-25 مئي 2001ع ڪاوش)

سنڌي ۽ اردو آباديءَ جو اتحاد ۽
قومي ارتقا جي ضرورت

سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ خلاف جسقم ۽ متحده جي هڙتالن، مظاهرن ۽ هڪ وڏيءَ ڪامياب هڙتال کان پوءِ، ان جي حمايت ۽ مخالفت ۾ مختلف سنڌي اخبارن ۾ مضمون، ڪالم ۽ جائزا ڇپجي رهيا آهن. اهڙو هڪ مختصر مضمون 13 مئي جي تعمير سنڌ ۾، مجيد تهيم جو "انيڪ سوال اجان جواب طلب آهن" جي سِري سان ڇپيو آهي، جنهن ۾ سوال اٿاريو ويو آهي تہ "جڏهن سوال سياست جو هجي، قوم جي مفادن جو هجي، تڏهن توهان کي ماضي، حال ۽ مستقبل تي گهري نظر رکڻ جي انتهائي ضرورت هجي ٿي ۽ ان جي سيني پاسن کي جانچڻ جي ضرورت پئي ٿي" وڌيڪ چوي ٿو، "ڇا اهي سمورا معاملا اتحاد جي تڪڙيءَ خوشيءَ ۾ معاف ڪرڻ جهڙا آهن يا وري الطاف حسين بابت چوي ٿو تہ "تازو لطيف جي نانءَ تي فنا في الا ٿيڻ جو واءُ ڪيئن وريو آهي؟"

مجيد صاحب جو اهو ڪالم، جيئن تہ الطاف حسين جي تعمير سنڌ ۾ آيل انٽرويو بابت بہ آهي ۽ جسقم ۽ متحده جي اتحاد جي خلاف بہ آهي، ان ڪري آئون مناسب سمجهان ٿو تہ ڪيس صحيح ۽ سچيءَ صورتحال کان آگاهہ ڪيو وڃي ۽ سندس ذهني خوف جو ازالو ڪيو وڃي ۽ ٻڌايو وڃي تہ اهي ڪهڙيون سياسي، سماجي ۽ تاريخي حالتون هيون ۽ آهن؛ جن سنڌ جي اردو آباديءَ کي سنڌي ٿيڻ ۽ سنڌ دوستي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي.

انسان ويچاري جي اها مجبوري هوندي آهي تہ هو اڻ ڄاتل ۽ اڻ واقف قوتن کان يا خوف کائي ٿهندو رهندو آهي يا ڪا مافوق الفطرت قوت سمجهي، انهيءَ کي پوڄيندو آهي. پر جڏهن فطرت جي اهڙين ظالم ۽ انڌين قوتن کان واقف ٿيندو آهي تہ انهن جي تسخير ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندو آهي ۽ پنهنجي انساني مفادن لاءِ استعمال ڪندو آهي. دراصل ايم ڪيو ايم جي ماضيءَ جي ڌهڪاءَ پسنديءَ کان اسان سنڌي ماڻهو بہ ڪجهہ اهڙيءَ طرح خوفزده ۽ متشڪي آهيون، پر جڏهن اسان سنڌ جي اردو آباديءَ ۽ ايم ڪيو ايم جي واقعي بہ ماضي، حال ۽ مستقبل

جي تاريخ تي گهرائي سان نظر وجهنداسين تہ اسان کي خبر پوندي تہ نہ صرف اردو آباديءَ ۽ انهن جي نمائنده تنظيم ايم ڪيو ايم کان خوف ختم ٿي ويندو پر ان جو موجوده سنڌ دوست موقف، ڪيترين سنڌي سياسي ۽ قوم پرست تنظيمن کان وڌيڪ سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ تي ٻڌل نظر ايندو. پر افسوس آهي جو اڻون انهيءَ سچيءَ صورتحال جو هتي تفصيلي جائزو پيش ڪري نٿو سگهان، ڇو تہ اخباري ڪالمن ۾ ايتري گنجائش نہ هوندي آهي، ان ڪري مجبوراً نهايت ئي مختصر ۽ سرسري جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪندس. تہ جيئن ٿوري ۾ گهڻو ڪجهہ پيش ڪري سگهجي.

اسان جڏهن سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي اتحاد بابت، تاريخي، سماجي ۽ اقتصادي لحاظ کان سچو پچو ۽ سائنسي نقطہ نظر کان جائزو وٺنداسون، تہ انهيءَ جو مختصر طور نقشو هن طرح جڙندو. 1947ع جي ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان جي حڪمرانيءَ جو هڪڙو ٽڪنڊو ٺهي پيو هيو؛ جنهن مطابق عسڪري قوت پنجاب وٽ هئي، سياسي ۽ جمهوري قوت بنگال وٽ ۽ اقتصادي قوت ڪراچيءَ جي اردو آباديءَ وٽ هئي، جنهنڪري پاڪستان جي وجود ۾ ايندي ئي، انهيءَ ٽڪنڊي جي وچ ۾ اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي رساڪشي شروع ٿي وئي. پنجاب پنهنجيءَ عسڪري قوت جي زور تي بنگال جي سياسي ۽ جمهوري قوت جي خلاف اردو آباديءَ جي اقتصادي قوت سان اتحاد ڪري (1971ع تائين) اقتدار جي سرچشمي تي قابض رهيو ۽ جڏهن 1971ع ۾ بنگال پنهنجا لکين ماڻهو مارائي پاڪستان کان آزاد ٿي ويو تہ بنگال واري سياسي ۽ جمهوري طاقت پاڻ مرادو پنجاب جي حصي ۾ اچي وئي؛ جنهن کان پوءِ ڀٽي صاحب جي حڪومت جي دور ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي جاگيردار طبقي اتحاد ڪري، هڪ خاص حڪمت عمليءَ تحت اردو آباديءَ جي سرمائيدار طبقي جي اقتصادي قوت کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ سندن بئنڪون ۽ ڪارخانا رياست جي تحويل ۾ ورتا ويا. اڳتي هلي جنرل ضياءَ الحق جي فوجي راڄ ۾ رياست جي تحويل ۾ ورتل بئنڪن جي ذريعي پنجابي سرمائيدار کي پيدا ڪري آندو ويو، جنهن ڪري "پنجابي- پناهگير مستقل مفاد" جي اتحاد ۾ نہ صرف ڏار پئجي ويا پر پناهگير سرمائيدار طبقو، پنجاب جي ويساهہ گهاتيءَ کي بہ سمجهي ويو، ان ڪري انهيءَ هيو ڪو چارو نہ ڏسي ڪراچيءَ جي اردو آباديءَ جي ايم ڪيو ايم جي نالي ۾ سياسي تنظيم جوڙي تہ جيئن انهيءَ جي سياسي مورچي تان ڪراچيءَ جي سرمائيدارن جي مفادن جو تحفظ ڪري سگهجي.

ٻئي طرف پنجاب، اردو آباديءَ جي اهڙي سياسي پلٽي کي شدت سان محسوس ڪندي، پنهنجن خفيہ ادارن جي معرفت ايم.ڪيو ايم ۽ جيئي سنڌ اندر ڪرائي جا قاتل داخل ڪري ڇڏيا. جيڪي ٻنهي تنظيمن جي پليٽ فارمن تان 1988ع کان 1990ع تائين پورا ٻہ سال سنڌ جي شهرن ۾ خونريز فسادن ۾ ملوث رهيا. تہ جيئن اردو ۽ سنڌي آباديءَ جي وچ ۾ عوامي سطح تي خانہ جنگي ممڪن ٿي سگهي پر جتي سنڌ جي صوفيائي مزاج ۽ رواداريءَ انهن فسادن کي عوامي سطح تي خانہ جنگيءَ ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو. اتي انهن فسادن مان اقتصادي نقصان سنڌي آباديءَ کان اردو آباديءَ جو وڌيڪ ٿيو. ڇاڪاڻ تہ انهن فسادن جي ڪري سنڌ جي سڄي شهري مارڪيٽ تباھ ٿي وئي ۽ پوءِ انهيءَ اردو آباديءَ جي واپاري ۽ سرمائيدار طبقي جي زوربار تي ئي ايم ڪيو ايم جي قيادت پهلڪار ڪري سنڌ جي شهرن ۾ نہ صرف فسادن کي روڪي ڇڏيو پر جيڪي ماڻهو فسادن ۾ ملوث هئا، تن جو پنهنجيءَ تنظيم مان صفايو بہ ڪري ڏيو. پوءِ اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن، شهرن ۾ وري سنڌي مهاجر فساد نہ ٿيا. جيڪا ڳالهہ ظاهر آهي تہ پنجاب ۽ ان جي حڪمرانن کي پسند ڪانہ هئي؛ ان ڪري انهن ايم ڪيو ايم جو آپريشن شروع ڪيو تہ فساد بند ڇو ڪيا ويا آهن ۽ ايم ڪيو ايم جي تنظيم مان سندن ماڻهن جو صفايو ڇو ڪيو ويو آهي؟ پر پوءِ بہ متحده ۽ ان جي قيادت کي شاباس آهي، جن ايڏي وڏي آپريشن جي باوجود، نہ صرف پنهنجيءَ تنظيم جو لساني نالو بدلائي متحده قومي موومينٽ رکيو آهي پر پنهنجي اڳوڻي موقف ۾ تمام گهڻي ۽ بنيادي تبديلي بہ آندي آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ سنڌ دوستي بہ اختيار ڪري رهي آهي. اهو منهنجو مراد آهي تہ سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي ويجهي ڪرڻ ۾ جيترو ڪردار متحده ۽ ان جي قيادت جو آهي، ايترو ٻئي ڪنهن بہ سنڌي سياسي تنظيم، ويندي جيئي سنڌ قومي محاذ جو بہ ڪو نہ آهي. انهي متحده جي اهڙيءَ پيش رفت جي رڳو اڳتي وڌي اڄيان ڪٿي آهي تہ اها چڱي ڳالهہ آهي ۽ سنڌ جي گڏيل قومي مفادن وٽان آهي.

اصل ۾ اسان جي حالتن تي ايتري گهري ۽ ڳوڙهي نظر نہ هوندي آهي پر عام سرسري نظر هوندي آهي، ان ڪري اسان جي عام سطحي ذهن جي اڳيان، جيڪي حالتون آنديون وينديون آهن، اسان انهن تي ئي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهندا آهيون ۽ انهيءَ مطابق سوچيندا بہ آهيون ۽ انهيءَ مطابق انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندا آهيون پر اها حقيقت آهي تہ معروضي حالتون، اسان جي

موضوعي خيالن ۽ سوچن جون محتاج نہ هونديون آهن ۽ نہ انهن مطابق حل ٿيڻ جوڳيون هونديون آهن. ڇاڪاڻ تہ اسان جي ڪميونيڪيشن ڏاڍي محدود ۽ سوڙهي هوندي آهي؛ جيڪا اسان کي کوهہ جو ڏيڏر بنائي ڇڏيندي آهي ۽ اسان سمجهندا آهيون تہ دنيا اِهائي آهي، جيڪا اسان جي سامهون موجود آهي؛ ان کان ٻاهر نہ دنيا جو ڪو وجود آهي ۽ نہ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو ڪو ڪارج آهي. جڏهن تہ شيون گهڻو ڪري ائين نہ هونديون آهن. جيئن اسان انهن کي ڏسندا ۽ سمجهندا آهيون؛ ان ڪري ٿيندو ڇا هي تہ اسان پنهنجيءَ موضوعي دنيا جا مريد بڻجي ويندا آهيون ۽ چاهيندا آهيون تہ سياسي پارٽيون ۽ قوم پرست تنظيمون بہ ائين ئي عمل ڪن؛ جيئن اسان ڏسڻ چاهيون ٿا.

اهڙيءَ طرح ظاهر آهي تہ سنڌي ۽ اردو آباديءَ يا جسقم ۽ متحده جي اتحاد بابت، جيڪي خدشا ۽ خوف مجيد صاحب کي آهن، سي ممڪن آهي تہ جسقم جي قيادت کي بہ هجن ۽ ان تي انهن اڳ ۾ ئي سوچيو ۽ ويچاريو بہ هجي، بلڪ ان کان وڌيڪ خدشن ۽ خوفن تي بہ سوچيو ۽ ويچاريو هجي ۽ گهڻيءَ سوچ ويچار کان پوءِ اهڙو سنڌ دوست قدم کنيو هجي. ڇاڪاڻ تہ اها سنڌ جي هڪ وطن دوست ۽ آزادي پسند پارٽي آهي، اِها انهيءَ معاملي ۾ مجيد صاحب کان وڌيڪ محتاط بہ ٿي سگهي ٿي، ۽ وڌيڪ ذميوار ۽ سنجيده بہ ٿي سگهي ٿي، مجيد صاحب جي سوچ هڪ فرد يا وڌ ۾ وڌ هڪ ليکڪ ۽ صحافيءَ جي ٿي سگهي ٿي، جيڪا شخصي ۽ موضوعي ٿي سگهي ٿي پر هڪ آزادي پسند انقلابي پارٽيءَ جا خيال ۽ سوچون شخصي ۽ موضوعي نہ هوندا آهن ۽ نہ هئڻ گهرجن. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جي ڪلهن تي سڄيءَ قوم ۽ وطن جو بار هوندو آهي ۽ اها انهن ڏانهن ئي جوابدار هوندي آهي، ان ڪري انهيءَ جا خيال ۽ سوچون اجتماعي ۽ گڏيل بلڪ سڄيءَ قوم ۽ عوام جي مفادن سان ڳنڍيل ۽ هم آهنگ هوندا آهن. اهي قومي مفادن سان بہ هم آهنگ هوندا آهن تہ قومي مفادن جي هم آهنگيءَ جي شعور جي عڪاسي بہ ڪندا آهن. بهرحال تنقيد جو ۽ صلاحن ۽ مشورن ڏيڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي ۽ موت ۾ اهڙوئي حق اسان کي بہ آهي.

(2)

30 مئي ۽ 3 جون 2001ع جي روزانہ تعمير سنڌ ۾ بہ مضمون ڇپيا آهن، هڪ ذوالفقار علي گراماڻيءَ جو ۽ ٻيو حيدر ڪوسي جو آهي. پهرين مضمون ۾ گراماڻي صاحب اعتراض واريو آهي تہ 1988ع ۾ بينظير صاحبہ نائين زيرو تي وڃي

ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪري، ڪين پنهنجيءَ حڪومت ۾ شريڪ ڪيو هو تہ انهيءَ تي انهن ساڳين قوم پرستن اعتراض ڪندي چيو هو تہ نائين زيرو سان اتحاد ناممڪن آهي ۽ اڄ اهي ئي قوم پرست الطاف ۽ متحده سان اتحاد ڪري نائين زيرو جا چڪر ٿا ڪاٽين تہ اهو سنڌ دوست اتحاد ڪيئن ٿي پيو آهي؟

اهڙي طرح حيدر ڪوسي صاحب پنهنجي مضمون ۾ خدشو ڏيکاريو آهي تہ الطاف جو اوچتو سنڌي ٿي پوڻ ۽ پاڻ کي ۽ مهاجرن کي اردو ڳالهائيندڙ سنڌي چوڻ هڪ وڏي خطرناڪ سازش آهي ۽ اسان کي شڪ کان وڌيڪ پڪ آهي تہ جسقم وارا متحده ۽ اردو ڳالهائيندڙن سان اتحاد ڪري اهڙي ئي غلطي ڪري رهيا آهن، جهڙي انهن 1940ع جي نهراءَ واري پاڪستان جي حمايت ڪري غلطي ڪئي هئي، جنهن جو اڄ سوڌو ڪيتو لوڙيون پيا ۽ جيڪڏهن سياڻ اردو آبادي يا متحده وارا ڦيري ڪاٽي اردو سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ ڪن تہ انهيءَ کي منهن ڪير ڏيندو ۽ انهيءَ جي ضمانت ڪنهن کان ورتي وئي آهي: "سو اسان اوهان ۽ (جسقم) اوهان جي ساٿين تي اعتبار ۽ اعتماد نٿا ڪري سگهون."

هي بئي مضمون اهڙا تہ سطحي قسم جا آهن، جو انهن جي جواب ڏيڻ جي ضرورت بہ ڪا نہ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اهي پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور ماڻهوءَ کي قطعي متاثر ڪرڻ جهڙا ڪو نہ آهن، پر جيئن تہ اخبارن ۾ ڇپجندڙ مضمونن کي رڳو اعليٰ مطالعاتي ماڻهو ئي ڪو نہ پڙهندا آهن پر اڪثريت اهڙن پڙهندڙن جي هوندي آهي، جيڪي گهٽيءَ گهرائيءَ ۾ وڃڻ جي زحمت ڪو نہ ڪندا آهن، جنهنڪري اهي عام سطحي پروپيگنڊه کان متاثر ٿي غلط سلط موقف جوڙي ڇڏيندا آهن.

جيئن تہ هڪ سياسي، نظرياتي ۽ انقلابي پارٽيءَ جو واسطو رڳو پڙهيل ڳڙهيل باشعور ماڻهن يا پنهنجي پارٽي ڪارڪنن سان ئي نہ هوندو آهي، بلڪ عام ماڻهن سان بہ هوندو آهي، ان ڪري اها وقت بوقت پنهنجي موقف کان عام ماڻهن کي بہ واقف ڪرڻ ضروري سمجهندي آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ اهڙن محض مخالفت براءِ مخالفت وارن مضمونن ۽ جائزن جو جواب ڏيڻ بہ ضروري سمجهندي آهي.

سوال آهي تہ جيڪڏهن 1988ع ۾ پ پ پ جي ايم ڪيو ايم سان اتحاد تي قوم پرستن کي اعتراض هو تہ هاڻ جسقم ۽ متحده اتحاد خوش فهمي جو شڪار ڇا جي لاءِ آهي؟ جيتريقدر رڳو سڪٽي اتحاد جو تعلق آهي تہ پوءِ اها ڳالهہ سئو سيڪڙو صحيح ۽ حق جانب آهي، پر ڇاڪاڻ تہ ائين ڪو نہ آهي، ان ڪري 1988ع ۾ ايم ڪيو ايم ۽ پ پ پ جي اتحاد ۽ اڄوڪي جسقم ۽ متحده جي

اتحاد جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي، جنهن کي ئي اسان کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. مون کان انهن ڏينهن ۾ ٿي پ پ جي هڪ اهم ماڻهو جڳديش ملاڻي مرحوم پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جي اتحاد جي اعتراض جي جواب ۾ سوال ڪندي چيو هو تہ "ڇا توهان جيئي سنڌ وارا ايم ڪيو ايم وارن سان ڪڏهن بہ اتحاد ڪونہ ڪندا ۽ سدائين هڪٻئي سان وڙهيل رهندا ۽ اها ڳالهہ سنڌ جي مفادن وٽان آهي؟" مون کيس چيو تہ "هائو! اسان جو ايم ڪيو ايم سان اتحاد ممڪن آهي پر اهو تڏهن جڏهن ايم ڪيو ايم "مهاجر قوميت" تان هٿ ڪڻندي ۽ اردو آباديءَ کي سنڌ ۾، سنڌي ٿي رهڻ جو چوندي ۽ سنڌ جي مفادن ۾ پنجاب جي خلاف جدوجهد لاءِ تيار ٿيندي. وڌي ڳالهہ تہ پاڪستان جي "بہ قومي نظريي کي ترڪ ڪندي تہ پوءِ اسان جو ايم ڪيو ايم، الطاف ۽ اردو آباديءَ سان بلڪل اتحاد ٿي سگهي ٿو ۽ اهي شرط اسان جا هوندا، جيڪي الطاف، ايم ڪيو ايم ۽ اردو آباديءَ کي قبول ڪرڻا پوندا. پر توهان جو اتحاد ايم ڪيو ايم جي شرطن تي ٿيو آهي ۽ اسان جو اتحاد سنڌ ڌرتيءَ جي شرطن تي ٿيندو، توهان جو اتحاد حڪومتي سطح تي آهي ۽ اقتدار جي شرڪت بابت آهي، جنهن ۾ ايم ڪيو ايم توهان کان پنهنجا شرط شروط ميڃرايا آهن، پر توهان سنڌ جي مفادن لاءِ انهن کان ڪو بہ شرط شروط نہ ورتو آهي، توهان جي انهيءَ اتحاد ۾ اقتدار جو مفاد آهي ۽ اسان جي اتحاد ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جو اجتماعي قومي مفاد هوندو. توهان جي اتحاد مان سنڌ کي نقصان آهي ۽ اسان جي اتحاد مان سنڌ کي فائدو پوندو. ڇاڪاڻ تہ توهان ايم ڪيو ايم سان جاگيردار طبقاتي مفادن لاءِ اتحاد ڪيو آهي؛ جڏهن تہ اسان انهن سان سنڌ جي اجتماعي قومي مفادن لاءِ اتحاد ڪنداسين، ان ڪري توهان جي اتحاد ۽ اسان جي اتحاد ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي.

اصل ڳالهہ آهي تہ 1988ع ۾ پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جي اتحاد تي اعتراض سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي قومي مفادن سان مشروط هيو ۽ جسقم ۽ متحده جي اتحاد تي اجوڪي هاٺوڪار بہ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي قومي مفادن سان مشروط آهي، منهنجي خيال ۾ پڙهندڙ منهنجيءَ انهيءَ ڳالهہ کي چڱيءَ ريت سمجهي ويا هوندا ۽ اتحاد براءِ اتحاد جي مخالفت ۽ اتحاد براءِ سنڌ دوستيءَ جي حمايت جي فرق کي بہ سمجهي ويا هوندا. ڇاڪاڻ تہ موجوده وقت ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي صورتحال ئي اهڙي ٿي وئي آهي، جو اسان کي ۽ هر سنڌ دوست ماڻهوءَ کي يا سياسي پارٽي ۽ تنظيم کي جيڪا بہ ڳالهہ ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪا بہ

سياست ۽ جدوجهد ڪرڻ گهرجي يا اتحاد ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي قومي مفادن کي اوليت ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجي موضوعي ۽ ذاتي پسند ۽ ناپسند کي پاسيرو رکي شين ۽ مسئلن کي سنڌ جي معروضي سياسي ۽ سماجي حالتن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرجي.

جيتريقدر حيدر ڪوسي جي مضمون جوتعلق آهي تہ اهو خوفن ۽ خدشن سان ڀريل هڪ جذباتي جائزو آهي؛ جيتوڻيڪ شروعات ۾ سڪٽي لفاظيءَ طور سائنسي حقيقت جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي پرانهيءَ ۾ اهڙي قسم جي ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ آهي. ۽ نہ وري ڪو بهتر ۽ ڪمائتو دليل يا منطق ڏنل آهي. رڳو منهنجي تعمير سنڌ ۾ ڇپيل مضمون جي آخري حصي تي اعتراض واري ان جي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ شڪ ڏيکاريو ويو آهي تہ سياڻ جيڪڏهن هيئن ٿي پئي تہ ان جي ضمانت ڪير ڏئي سگهي ٿو؟ چوندا آهن تہ "شڪ جو علاج لقمان حُڪيم وٽ بہ ڪو نہ هو." ڇاڪاڻ تہ شڪ اڻ ڄاڻائيءَ جي پيداوار هوندو آهي، ۽ شڪ کان پڪ تائين صرف سائنسي مشاهدو ۽ مطالعو پهچائي سگهي ٿو.

مون پنهنجي اڳئين مضمون ۾ چيو هو تہ "سنڌي ٿيڻ اردو آباديءَ جي تاريخي مجبوري آهي." سنڌي نہ ٿيندا تہ هن ترقيءَ تي رهي بہ نہ سگهندا. اها ڳالهہ هو چڱيءَ طرح سمجهن ٿا؛ ڇاڪاڻ تہ اهي معاشرتي شعور جي لحاظ کان اسان کان گهڻو اڳتي نڪري چڪا آهن. اسان اڃان جاگيرداري شعور جي سنگهرن ۾ سلهاڙيل آهيون ۽ قومي شعور جي هم آهنگيءَ جي لحاظ کان پسماندگيءَ جو شڪار آهيون. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي جاگيردار طبقو، پنجابي جاگيردار طبقي جو اتحادي بنجي، گذريل ٽيهن سالن کان وٺي، پنهنجا طبقاتي مفاد بچائيندو ۽ سنڌ جا قومي مفاد نيلام ڪندو رهيو آهي ۽ اسان بحيثيت قوم جي ان جي اهڙي قوم دشمن عمل کي روڪي نہ سگهيا آهيون. رهندو "ڇري ڪيئن جي ويران وير وڏ" وانگر ان جي پنيان پٽڪندا ۽ پنهنجي پينگ ڪندا رهيا آهيون. اسان جي قوم ۾ قومي شعور جي هم آهنگيءَ جي ڪمي آهي. انهيءَ ڪري اسان سنڌي قوم جي قومي تڪميل ڪندڙ پنجين فيڪٽر جي تقاضائن ۽ گهرجن کي سمجهي ڪو نہ سگهيا آهيون ۽ نہ انهيءَ جي حاصلات جي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

اردو آباديءَ 1971ع کان اڳ پنجاب سامراج جي اتحاديءَ طور سنڌي قوم جي وڏ ۾ وڏ جاگيرداري ثقافتي شناخت کي نقصان پهچايو آهي پر پنجاب سامراج

سنڌي قوم جي جديد قومي تڪميل کي نقصان پهچايو آهي ۽ اسان جي تاريخي عمل جي تخليقي سرچشمي کي روڪي ڇڏيو آهي. سنڌي قوم، جڏهن بہ قومي تڪميل جي پنجين فيڪٽر يعني سياسي ۽ اقتصادي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪئي آهي تہ انهيءَ کي هڪ طرف وڏ ۾ وڏ پنجاب سامراج ڏکيو آهي ۽ ٻئي طرف سنڌي جاگيردار ۽ وڏيري ڏکيو آهي. پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيردار طبقي جو پ پ جي پليٽ فارم تي اتحاد اصل ۾ سنڌي قوم جي سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي هم آهنگيءَ جي خلاف اتحاد آهي، اها پنجاب سامراج جي بہ ضرورت آهي تہ جاگيردارطبقي جي بہ ضرورت آهي.

هڪ اهڙي ئي شڪي دوست جي سوال جي جواب ۾ مون کيس چيو تہ توهان ۽ اسان يا سنڌي قوم، جيڪڏهن سنڌ جي اردو آباديءَ کي سنڌ مان لوڏي ڪڍي سگهون ٿا ۽ انهن کي سمنڊ ۾ نہ تہ ڏهن بہ پنجاب، سرحد يا هندستان ڏي واپس موٽائي سگهون ٿا تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ان کان وڌيڪ بهتر ٻيو ڪو بہ آپشن (رستو) ڪو نہ آهي. تہ چيائين تہ "اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ٿي نٿي سگهي ۽ اهي سنڌ ۾ ئي رهندا." مون کيس چيو تہ پوءِ ٻيو رستو گڏجي رهڻ جو آهي ۽ گڏجي رهڻ لاءِ ڪي ڳالهيون هُنن کي ڇڏڻيون پونديون ۽ ڪي ڳالهيون اسان کي ڇڏڻيون پونديون. جيستائين ٻئي ڌريون ڇڏ ڇوٽ نہ ڪنديون ۽ ڪُس ڪسر نہ ڪائينديون، تيسين گڏجي رهي ڪو نہ سگهنديون. مثال طور جيڪڏهن ڪين چئون ٿا تہ سنڌي ۾ سنڌي ٿي رهن ۽ سنڌ جي قومي مفادن لاءِ پنجاب جي خلاف اسان سان گڏجي جدوجهد ڪن تہ اسان کي ڪين سنڌي قوم جو اردو ڳالهائيندڙ حصو تسليم ڪرڻو پوندو ۽ ٻولي پرستيءَ يا ثقافتي شاونزم تي زور نہ ڏيڻو پوندو ۽ اهڙا مطالبا اسان ٿي ڪانئن سدائين ڪندا رهندا آهيون ۽ اهي اسان جا ئي انهن کان مطالبا هئا ۽ هاڻ جڏهن انهن اسان جا اهي مطالبا غير مشروط تسليم ڪيا آهن ۽ پاڻ کي سنڌي سڏائڻ شروع ڪيو آهي ۽ سنڌ جي ڪيترين ئي پارٽين کان وڌي چڙهي پنجاب جي خلاف جدوجهد ڪرڻ شروع ڪئي آهي تہ ڦيري ڪائي اهو چئون تہ هنن ايترو جلديءَ ۾ سنڌي سڏائڻ شروع ڇو ڪيو آهي، انهيءَ ڪري اسان کي منجهن شڪ ٿي پيو آهي، تہ اها اسان جي نہ صرف هڪ ناداني ٿيندي پر قومي ۽ ثقافتي شاونزم بہ ٿيندي.

اسان جي هڪ پياري دوست شوڪت سانيل کي ڪنهن اهڙي ئي دوست ٽوڪزني ڪندي چيو تہ "متحده سان اتحاد ڪرڻ کان اڳ ۾، سنڌ اسيمبليءَ جي

ديوارن تي سنڌين جي خلاف لکيل نعرا نہ ڊهرائي اچو؟" اسان جي دوست ڪيس جواب ڏنو تہ جڏهن سنڌي مهاجر فساد ٿي رهيا هئا. تڏهن انهن جهيڙن ڪي منهن بہ اسان ئي ڏنو هو، توهان تہ ڳوليا بہ ڪو نہ ليندا هئا. توهان ماڻهو تہ جهيڙو مچائڻ کان پوءِ پچ لڪائي پٺي ويندا آهيو. "توهان نہ وڙهي ڄاڻو ۽ نہ نهي ڄاڻو" اسان جيڪڏهن نهون ٿا تہ وڙهي بہ ڄاڻون ٿا. مڙس ماڻهو اهو آهي، جيڪو ويڙهہ جي ميدان ۾ مڙس ٿي وڙهندو آهي ۽ نهڻ مهل پنهنجن شرطن تي نهي بہ ڄاڻندو آهي پر ٻاڙيو ماڻهو رڳو فشريون ڪندو ۽ ٻرنديءَ تي تيل هاريندو آهي ۽ وقت اچڻ تي پچ لڪائي پٺي ويندو آهي. جن ماڻهن جهيڙن مچائڻ لاءِ ڪلاشن ڪوفن جون سلاميون ورتيون هيون، سي جهيڙي ٿيڻ کان پوءِ ڪي ملڪ ڇڏي منيلا هليا ويا تہ ڪي لنڊن ۽ آمريڪا وڃي سانتيڪا ٿيا، ۽ موٽي اچي پاڪستان جي ٽي وي تي انٽرويو ڏيڻ لڳا تہ اسان نہ اردو جي خلاف آهيون ۽ نہ اردو ڳالهائيندڙن جي خلاف آهيون ۽ پاڪستان ۾ پاڪستاني قوم ٿي گڏجي رهڻ چاهيون ٿا ۽ هاڻ بہ اهي ماڻهو سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي اتحاد جي خلاف واويلا ڪري رهيا آهن.

سوال آهي تہ جيڪڏهن سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو آباديءَ کي پاڻ ۾ نهي ۽ اتحاد ڪري گڏجي رهڻو بہ ڪو نہ آهي ۽ ڪين سنڌ مان لوڏي ڪڍڻو بہ ڪو نہ آهي تہ پوءِ ٽيو رستو ڪهڙو آهي؟ جنهن کي اختيار ڪري انهيءَ مسئلي جو حل ڳولي سگهجي؟ يا وري ٽيو رستو (موقف) ايم ڪيو ايم حقيقيءَ جي آفاق احمد ۽ عامر خان ۽ ڊاڪٽر سليم حيدر ۽ پليجي صاحب جو آهي تہ اردو آباديءَ کي مراڳو سنڌي ئي تسليم نہ ڪجي ۽ ڪين "مهاجر قوم" سڏائڻ تي مجبور ڪجي، جيڪو موقف سڌو سنئون سنڌ جي ورهاڱي ڏانهن وڃي ٿو ۽ پنجاب ۽ ان جو حڪمران طبقو ۽ ان جا ڇاڙتا اهو ئي چاهين ٿا. پر اسان اهڙي ناداني نٿا ڪري سگهون ۽ نہ ڪرڻ گهرجي.

اسان وطن دوست قوم پرست آهيون ۽ وطن دوست قوم پرستي صرف اها هوندي آهي، جيڪا پنهنجي وطن جي جاگرافيائي حدن جو تعين ڪندي آهي، جيڪا قوم پرستي پنهنجي قومي وطن جي جاگرافيائي حدن جو تعين نہ ڪندي آهي، اها يا توسيع پسند ۽ سامراجي قوم پرستي هوندي آهي يا جارحيت پسند ۽ نسل پرست قوم پرستي هوندي آهي. اسان اهڙي منفي قوم پرستيءَ جي خلاف آهيون ۽ ان کي مڪمل طور تي رد ڪريون ٿا. ڇاڪاڻ تہ اسان سنڌ وطن جي جاگرافيائي حدن جو تعين ڪرڻ کان پوءِ ان جي قومي نجات جي گهر بہ ڪريون

ٿا ته جدوجهد به ڪريون ٿا. جيڪو ان جي خلاف آهي، ان جون اڪيون ڪڏي ڪانگن کي ڏينداسين. باقي رهي ڳالهه سنڌ ۾ پنجابين ۽ پٺاڻن جي سنڌي ٿيڻ جي ته انهيءَ لاءِ اسان کي اها ڳالهه سمجهڻي پوندي ته اهي ڪنهن تاريخي جبر يا وڏي تاريخي سانحي تحت سنڌ ۾ اچي آباد ڪو نه ٿيا آهن. يا اهي سنڌي قوم جي هڪ حصي يعني سنڌي هندن جي لڏ پلاڻ جي بدلي ۾ اسان جي ڳچيءَ ۾ اچي ڪو نه پيا آهن. جو ڪين سنڌي قبول ڪريون ۽ سنڌ ۾ رهڻ جي اجازت ڏيون. انهن کي پنهنجا پنهنجا وطن آهن. اسان کي ڪين اوڏانهن واپس موٽائڻو پوندو، ته جيئن هر ڪو پنهنجيءَ ترقيءَ ۽ وطن ۾ خوش ۽ آباد هجي. ٻيءَ ڪندي به انهن مان جيڪڏهن ڪي هن ترقيءَ کي پنهنجو وطن سمجهي، انهيءَ سان وفاداريءَ جو سچو پڇو وچن ڪن ٿا ۽ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي قومي مفادن لاءِ پنجاب جي بالادستيءَ ۽ پرماريت جي خلاف سنڌي ماڻهن سان گڏجي ۽ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿين ٿا، ته انهن جي سنڌي شهريت تي سوچي سگهجي ٿو.

جاڪاڻ ته هڪ پاسي پنجاب ۽ ان جو حڪمران طبقو، سنڌي قوم کي ٻاهرينءَ آبادڪاريءَ جي مسلسل يلغار جي ذريعي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪري رهيو آهي ۽ ٻئي طرف ظاهري طور خالص "سنڌي سنڌيءَ" جي لبادي ۾، مجرد ۽ ٻُج "سنڌي سنڌي" جو ورد ڪري، سنڌي قوم جي وسيع ٿيڻ جي تاريخي ارتقا جي حق جي نفعي ڪئي پئي وڃي ۽ ان جي وڌڻ، ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جي تاريخي عمل جا رستا ۽ رَاهون روڪيون پيون وڃن. اهڙيءَ طرح سنڌي قوم جي ارتقا جي تاريخي حق جو انڪار هجي يا ٻاهرين آبادڪاريءَ جي يلغار هجي، ٻئي سنڌي قوم کي اقليت ۾ ڪرڻ واريءَ هڪ ئي سازش جا ٻه پاسا آهن.

سنڌي قوم تاريخي لحاظ ڪان وڌڻ ويجهڻ ۽ جذب پزيريءَ جي عمل مان گذري وسيع ٿيڻ چاهي ٿي ۽ ان جي ارتقا جو اهو تاريخي حق آهي، جيڪو "جذب پزيريءَ" جي عمل کي محدود ۽ سوڙهي ڪرڻ سان ڪسجي وڃي ٿو؛ جاڪاڻ ته اڄ سنڌي قوم هڪ اهڙي ٻواٽي تي اچي بيٺي آهي، جتي هڪ پاسي ان جي وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جون راهون کلن ٿيون ۽ ٻئي پاسي ان جي سُڪڙجي سوڙهي ٿيڻ جو مرحلو شروع ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري سنڌي قوم کي فيصلو ڪرڻو آهي ته يا جديد "جذب پزيريءَ" جي تاريخي عمل کي جاري رکي ۽ وڌي، ويجهي ۽ ترقي ڪري، هڪ عظيم قوم بنجي وڃي يا جاگيرداري رجعت پرستيءَ جي جموديت ۽

محدوديت جو شڪار ٿي اقليت ۾ بدلجي وڃي؛ سنڌي قوم ۾ اردو آباديءَ جي "ضم" ٿيڻ ڪان پوءِ دنيا جي ڪا بہ طاقت ان کي اقليت ۾ بدلائي ٿي سگهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن سنڌي قوم جي "ضم" ٿيڻ جي صلاحيت کي ہُنجي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي يا ان جي "جذب پزيريءَ" جي تاريخي عمل ۾ رڪاوٽ وڌي وئي تہ پوءِ سنڌي قوم جي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جا دروازا کلي ويندا.

سنڌي قوم اڳتي وڌڻ چاهي ٿي، ترقي ڪرڻ چاهي ٿي ۽ وسيع ۽ ويڪري ٿيڻ چاهي ٿي، اها ان جي تاريخي ضرورت آهي ۽ ان ۾ ئي ان جو جياپو آهي. انهيءَ تاريخي ضرورت ئي سنڌي قوم ۾ "جذب پزيريءَ" جي صلاحيت پيدا ڪئي آهي، جنهن تحت سنڌي قوم، سنڌ ۾ رهندڙ مختلف لساني ۽ ثقافتي حصن کي پاڻ ۾ "ضم" ڪري رهي آهي ۽ اهو ان جي قومي ارتقا جو تاريخي حق آهي، ان کي ان تاريخي حق کان محروم ڪرڻ، ان سان وڏي ۾ وڏي دشمني آهي. سنڌي رڳو اهو ڪو نہ آهي، جنهن جي زبان سنڌي آهي، ٻين ڪيترين ئي مادري ٻولين ڳالهائڻ وارا بہ سنڌي آهن. رڳو مادري زبان ڪنهن قوم جي قوم هجڻ جو تعين نہ ڪندي آهي. هڪ قوم ۾ شامل ڪيترين ئي مادري زبانن ڳالهائڻ وارا هوندا آهن؛ سنڌي قوم خود انهيءَ جو وڏو مثال آهي؛ جنهن ۾ بلوچي بہ آهن، بروهي بہ آهن، سرائڪي بہ آهن، ڪڇي بہ آهن ۽ ٿري بہ آهن ۽ راجستاني ۽ گجراتي بہ آهن تہ ٻين ڪيترين ئي مادري ٻولين ڳالهائڻ وارا بہ آهن، جن سيني کي ماءُ سنڌي ٻوليءَ ۾ لولي نہ ڏيندي آهي پر اهي سڀ جڏهن پنهنجن گهرن کان ٻاهر نڪرندا آهن تہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. ڪنهن قوم جي قومي زبان اها ئي هوندي آهي، جيڪا مختلف مادري ٻولين جو مجموعو هوندي آهي، ان ڪري ڪنهن قوم کي يا قومي زبان کي مادري ٻوليءَ تائين محدود ۽ سوڙهو ڪرڻ ڪو سائنسي نقطہ نظر ڪو نہ آهي پر نسل پرستي آهي ۽ اها نسل پرستي، سياست جو هڪ اهڙو مڪروه مهاندرو جوڙيندي آهي، جيڪڏهن اتي ئي عمل ڪبو تہ سنڌي قوم هڪدم اقليت ۾ تبديل ٿي ويندي. انهيءَ سياسي نقطہ نظر موجب، سنڌي رڳو اهو ٿي سگهندو، "جنهن کي جمڻ وقت ڪن ۾ عربيءَ ۾ "ٻانگ" ڏيڻ جي بدران شاهہ لطيف جو بيت پڙهي ٻڌايو وڃي، اها لفاظي ۽ لباڙ آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي جذباتي طور متاثر تہ ڪري سگهي ٿي پر ان جو حقيقت جي دنيا سان ڪو واسطو ڪو نہ آهي. سنڌي قوم جي اهڙي سڃاڻپ ڪرائڻ نہ رڳو غير عقلي ۽ غير سائنسي آهي پر بيوقوفيءَ ۽ چريائپ آهي ۽ سنڌ دوستيءَ جي ويس ۾ سنڌ

دشمني آهي، جيڪڏهن سنڌي قوم جي سڃاڻپ اهڙن معيارن تي مقرر ڪئي ويندي تہ پوءِ سنڌي قوم لازمي طور اقليت ۾ تبديل ٿي ويندي.

سنڌي قوم جي مخالفن جو مقصد بہ اهو ئي آهي جنهن لاءِ اسان جا ڪيترائي جذباتي مخلص ماڻهو بہ لاشعوري طور ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح اهي سنڌي قوم کي اقليت ۾ ڪرڻ واريءَ انهيءَ سازش کي هٿ وٺي عملي جامو پهرائي رهيا آهن ۽ سنڌي قوم کي محدود ۽ سوڙهي ڪرڻ ۽ وڌڻ، ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جي صلاحيت کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، تہ جيئن اها هڪ طرح جي جاگيرداري رجعت پرستيءَ ۽ ثقافتي شاونزم جي جمود جو شڪار ٿي، پنهنجي قومي ارتقا جو تاريخي حق وڃائي ويهي، اها هڪ نسلي ۽ ثقافتي شاونزم آهي، جيڪا جديد اقتصادي ۽ سياسي مفادن جي قومي هم آهنگيءَ جي انڪار تي ٻڌل هوندي آهي، انهيءَ کان جيترو پري رهجي ايترو چڱو آهي.

(21 مئي ۽ 22-23 جون 2001ع تعمير سنڌ)

ليکڪ جا ٻيا ڇپيل ڪتاب

1. وطن ۽ قوم جي سياست (ڇهن جلدن ۾)
2. رياست ۽ آزادي
3. سماجي تاريخ جو ثقافتي رخ
4. ذات ۽ ذاهپ جي ڏيهه ۾ (ادبي مضمون)
5. مرڪزيت پسندي ۽ حق خوداراديت
6. دنيا ۽ سماج ذي سمجهڻ جا ٻه طريقا
7. قومن جو تنقيدي جائزو ۽ حق خوداراديت (ترجمو)
8. واڌو پورهيو ڇا آهي
9. جانب جو جمال (شاعري)
10. جت آهه نہ ناهه ڪا (شاعري)
11. آتم ڪٿا (پهريون جلد)



ليکڪ جا ڇپيل ڪتاب

1. آزاد گهرجي وطن (طويل نظم)
2. اِيءُ خاڪيءَ جو خيال (شاعري)
3. ڪيڏارو (شاعري)
4. آسڻ جن اريج ۾ (طويل نظم)
5. قومي سوال جو نظرياتي جائزو
6. ترقي پسند ادب جا معيار
7. ڪاٻي ڌر جي موقعي پرستي
8. ويڳاٽپ جو فلسفو (ترجمو)
9. پنجابي دانشور ۽ مظلوم قومون
10. قومي علحدگي جو جمهوري حق
11. قومي سوال جو تنقيدي جائزو (ترجمو)
12. بيٺڪيت ڇا آهي
13. انقلاب جي واٽ
14. پارٽي ڪارڪنن لاءِ تدريس ڪورس
15. ڦريا پسي ڦِيڻ
16. عشق- حب الوطني ۽ انسانيت
17. سنڌ ۾ اردو آباديءَ جو مستقبل

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٿو، ياجوڪَڙُ ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)